
اڻڪُت پيالو
بندو پت
ترجمو:
ڪلاڌر مُتوا

# اَٽڪُت پيالو

(ناول)

## ليکڪا : بندو ڀٽ

## سنڌيڪار : ڪلاڌر متوا

ڊجيٽل ايڊيشن :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (267) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. ناول **”اَڪُٽ پيالو“** هند جي ليکڪا **بندو يٽ** جو لکيل آهي. هن ناول جو سنڌيڪار ڪڇ-ڀُڄ هندستان جي علائقي ”ٻني“ جي ڳوٺ پناهواري جي سنڌي دوست ڪلاڌر مُتوا ڪيو آهي.

ٿورائتا آهيون مانواري ڪلاڌر متوا جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ شيئر ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# گذارش

منهنجو پهريون ننڍڙو ناول ”ميران ياگنڪ جي ڊائري“ 1992 ۾ شايع ٿيو. گجراتي ساهتيہ جي نئين جهوني پيڙهيءَ جي انيڪ ودوانن انهيءَ کي ساراهيو ۽ مخلاصانہ رايا بہ ڏنا. اخبارن سيمينارن ۾ ان بابت بحث مباحثہ بہ هلندا رهيا. ان ڪان پوءِ بہ ساهتيہ سرجن تہ جاري ئي رهيو. پر الڳ الڳ سوَروپن ۾. ناول بابت هيڏو لمبو وقفو روا نہ هو. ميران ياگنڪ جي ڊائريءَ بابت ”سنديش“ ۾ رگهووير پائي لکيو تڏهن ان جي ڪلاتمڪتا ۽ سوَروپ بابت نوٽس وٺندي آخر ۾ چهنبڙي پاتائين تہ ' ميران ياگنڪ کي اڳتي وڌٽو پوندو.'

هنن جو اهو جملو منهنجي لاءِ هڪ نئين ڏِس ڳولهڻ جو پريرڪ بڻجي ويو! رچنا پرڪريا جي حساب سان بلڪل الڳ چيڙي تي وچي ساماجڪ واستو جي پس منظر (پرشٺ يوميءَ) تي ڪنچن با جي ڪردار کي مرڪز ۾ رکي هيءُ ناول لکڻ لاءِ سوچيم. هتي بہ مرڪز ۾ هڪ استري آهي. جنهنجو دائرو سماج جي مختلف ڪُندن تائين ڦهلجي اهڙي ڪوشش ڪئي اٿم.

منهنجي ستاسي سالن جي ڏاڏي پوتڪال اورينڊي هجي جنهن کي ٻڌي ائين ٿئي تہ هڪ ئي جنم ۾ ماڻهوءَ کي ڪهڙا ڪهڙا نہ اوتار وٺڻا تا پون! پارت جو ورهاڱو ٿيو ان وقت هنن  جيڪو يوڳيو آهي جنهن جا زخم اجا پريا ڪونہ آهن. انهيءَ ۾ بہ گذريل سال وڏي ياءُ جي اوچتي موت جو آگهات هاٽي ڪيس زمان - مڪان پلائي ڇڏي تو. ماضي حال ۽ هرديہ جي اونهي دک جي ڪارڻ هوءَ بار بار ڪراچيءَ وارن ڏينهن ۾ گم تي ويندي آهي.

هن ڪتا جي شروعات وارن بابن وارو ڪافي ڪجهه مصالحو مونکي ڏاڏيءَ وٽان ۽ هنن سان گڏ ڪراچيءَ ۾ رهيل رشتيدارن، پاڙي وارن جي يادن مان مليو آهي. ائين لڳي تو جڻ ڪنچن با اسان سان هيترو وقت گڏ ئي هئي. ڪنهن سجڻ جي وڃڻ تي جيئن گهر خالي لڳندو آهي اهڙو ئي محسوس ٿئي تو. آخرين باب ياءُ جي پهرين ورسيءَ تي لکجيو اهو بہ هڪ سنجوگ آهي!

هيءُ ناول هونئن تہ 95 ۾ لکڻ شروع ڪيو هيم. 97 ۾ گجراتي ساهتيہ پريشد جي اڌيويشن ۾ ناول ' سوَروپ ' واري بيٺڪ ۾ هن ناول بابت بہ چدي پادي ڳالهہ نڪتي. بيٺڪ ختم ٿيندي ”جنم يومي - پرواسي“ جي سمپادڪ تروبين ڪجاريا گهُر ڪئي. پر ڪافي عرصو گذري ويو ۽ تروبين بار بار گهرندي رهي. 98 جي نومبر ۾ هُن نئين سال تي هيءَ

پيتا ڏيڻ لاءِ مونکي جڻ ٻڌي ڇڏيو. سندن اسرار ۽ پيار مونکي لکڻ لاءِ ويهاريو. مان سندن لاءِ دلي آڀاري آهيان.

شرعات وارا ڇهہ باب يڪ مشت لکجي ويا ۽ پوءِ وارا باب قسطوار لکندي رهيس. منهنجي لاءِ اهو هڪ طرح جو آزمودو هو، جوکمي بہ هو! پنهنجي پرڪرتيءَ جي ابتڙ هلڻ وارو اهو آزمودو البت مون لاءِ سڦلو ثابت ٿيو. لکندي لکندي منهنجي سرجڪتا جو، منهنجي ذات ۽ ذات جو هڪ نئون ئي عڪس ظاهر ٿي بيٺو.

هن سڄي سفر دوران شري پولاپائي پٽيل جا آشيرواد مونکي مسلسل حوصلو ڏيندا رهيا. شري دليپ راڇپورا، ڊاڪٽر ڪنوپائي جاني، ڪوي شري هري ڪرشن پانڪ جهڙن ساهتڪارن جي راين مونکي پروتساهت ڪيو. پياري سکي شريفا ٻجلي والا پناڻي اگهراٽي ڪري قسطون پڙهيون ۽ ضروري لڳن اتي تنقيد بہ ڪئي. شريمتي پرگيابين انتاڻي، پالچندر ترويدي، رسِڪ چنداراڻا ۽ شريمتي پارتي اوجها جهڙا ساهتڪار دلداري ڏيندي هم سفر رهيا. مانواري ڊيروپائي پٽيل جا اپيننڌن تہ منهنجي لاءِ موڙيءَ مثل آهن. ناول جي هر هڪ باب جي تعريف ڪندي منهنجي جيون ساٿي هرشد ترويديءَ جي چاهت ڪي تہ ويَڪت ڪندي لفظ ئي ساٿ نہ پيا ڏين! هر باب لاءِ منهنجي ڪاليج جي پٽيوال شري شِوا پائيءَ جي سائيڪل زيراڪس، ڪُريئر لاءِ ڊوڙندي رهي. سندس آڀار نہ مڃان تہ ڪيئن هلندو؟ شري چندرڪانت پٽ اُلڪو رکي پروف جانچي ڏنا ، ايترو ئي نہ اتساهہ سان پنهنجا رايا بہ ڏنا جنهنجي مونکي خوشي آهي.

”اکي پاتر“ (اڌکُت پيالو) شايع ڪرڻ جي لاءِ مربي شري پيگت پائي سيٺ، ۽ پائي شري چِنتن جي بہ شڪرگذار آهيان.

3 اگسٽ 1999

## ـــــ بندويت

# پيڙا جي امرت جو اٽڪت پيالو

## ـ منسُک سلا

بندو پٽ جو لکيل ناول ”اکي پاتر“ (اٽڪُت پيالو) هڪ ناري جيون جي پيڙا جي، اٽڪت پيالي جي ڪٿا آهي. جيئن اڪشيه پاتر ۾ ڪڏهن شيءِ ڪٽندي ناهي تيئن ڪنچن با جي جيون ۾ پيڙا جون لهرون هڪ مٿان ٻي اينديون ئي رهنديون آهن. پر اگر اها پيڙا ئي هن ناول جو مرڪز هجي ها ته جيڪا اونهاڻ ۽ گهرائي حاصل ٿي آهي، ڪنچن با جي جيون ۾ سجاڳي ۽ پٿارت جي نراميتا پرگهٽ ٿي آهي، اها ممڪن نه ٿئي ها.

ڪنچن با جي انهتر سالن جي عمر، پيڪو گهر ٻه ڏهه سال اڳ وڪامجي ويو آهي اهڙي ڳوٺ جساپر ۾ اچي ڪري ٽن ڏينهن جو اُشنان ڪري ٿي. انهن ٽن ڏينهن ۾ هوءَ اڪيلي آهي پر نويڪلي ناهي. هن جي من سان جڙيل سمرتي ڪٿا جي ساڪي آهي شڪتي ماتا. هوءَ شڪتي ماتا جي مندر ۾ ٽي ڏينهن رهي ٿي، ۽ گذريل وقت ڪي يادن ۾ آٽي سامهون ٻيهاري ٿي. پر اها صرف سمرتي ڪٿا ناهي. ماضيءَ جي يادن کي ناول جي روپ ۾ ذڪر ڪرڻ جي هڪ ريت آهي. هتي انهيءَ ريت جو استعمال ٿيل آهي. پر خوبي اها آهي ته هن ريت ۾ ڪيتري سوڪيمتا اچي سگهي ٿي، ڪيتري اونهاڻ اچي سگهي ٿي اهو هتي ماپيو ويو آهي. انهيءَ ڪري ياترا جيتري ٻاهريان جي آهي اوتري ئي اندر جي ٻه آهي.

وري پيڙا جو ئي صرف ذڪر هجي ها ته هيءُ ناول شايد ايڏي اونچائيءَ تي نه پهچي سگهي ها. پيڙا ڪنچن با کي جرڪايو آهي، چمڪايو آهي. پيڙا کان متانگري ٿي هوءَ سمجهه واري ڪردار ۾ استر ٿئي ٿي. جنهن لاءِ ضروري اهڙو وچون رستو هوءَ پراپت ڪري سگهي آهي. بندو پٽ ناول جي هلندڙ سوَروپ جو انوکو پريوگ ناهي ڪيو ، بلڪ انهيءَ سوَروپ کي انوکي طريقي سان استعمال ڪيو آهي اها هن جي خوبي آهي.

ڪٿا پرواهه ۾ ماضي حال جي اٽت واري ٽيڪنڪ پريچت آهي. پر هتي ان جي ارٿ گهٽتي ۽ هڪ ٻئي کي جرڪائيندڙ گهٽنائن جي اٽت، ننڍين ننڍين چاٽڪارين ، ڪريائن، منوڀاون يا استل سندرين مان تلاءَ ۾ پتر اڇلائجي ۽ لهرون اٿنديون رهن تيئن ڀاوسنويدنائون جاڳنديون ـ ڦهلجنديون رهن ٿيون. پنهنجي وجود کي نئين سر ڏسندي ڏسندي، ماضيءَ جي گهٽنائن کي نون سندرين ۾ يادن سامهون آڻيندي گهٽنا جي پيڙا کان

متانگرو ٿيڻ واري نايڪا ڪنچن با جي جستجو آهي. يعني حال جي ڏار تي بيهي ماضيءَ طرف منهن ڪري وري حال ڪي نئون ڪري پٽارت ڪي حاصل ڪرڻ جي هيءَ ڪٿا ـ هار جهڙي سونهن پائڻ ۾ ڪامياب ٿي آهي جنهن جي لاءِ بندو پٽ اپيننڊن جي اڌيڪاري آهي.

هونئن ڏسجي ته ڪنچن با جساپر ۾ داخل ٿئي ٿي اتان کان ڪٿا جي شروعات ٿئي ٿي ۽ ٽن ڏينهن جي انشنان بعد ڳوٺ ڇڏي ٿي اتي ڪٿا پوري ٿئي ٿي. وقت جو پاهريون عرصو تمام مختصر آهي. پر انهيءَ ۾ ادا ٿيندڙ جيون ليلا انهتر سالن جي آهي. جنهن ۾ قدم قدم تي ڪنچن با جي حصي ۾ آيل پيڙائن جو آزمودو ڪيسي خرچي ٿيو آهي.

جساپر نِواس ڪنچن با جي جيون ۾ ٽن طبقن ۾ وڪسِت ٿيو آهي. 1 بالڪپڻ جي يادن سان جڙيل گهر. 2 ڪراچيءَ مان خالي هٿين پڄي جساپر ۾ ورتل آسرو، جتي رُڪي پاپيءَ جو ڏنل پيالو سندس پَوساگر جي بيڙي بڻيو. 3 هميشهه جي لاءِ ڇڏڻ بعد، پتيءَ جي موت جي خبر بعد، پيسن لاءِ پٽ چندرڪانت طرفان ڪيل وشواس گهات ۽ پوءِ جا ڇڏڻ جا ڪٽڻ واري سوچ ويچار ۾ ٽن ڏينهن جي لاءِ انشنان ڪرڻ آئي هئي اهو جساپر. ٽنهي دفعي سندرپ، سنبنڌ ، پومڪا ۽ نتيجا الڳ الڳ آهن. انهيءَ طرح ليکِڪا هڪ ئي ڪيندر ڪي مختلف طرحن سان وڌايو آهي. اهائي سهيڙ ناول ڪي اونچائي ڏيارڻ ۾ مددگار ثابت ٿي آهي. هن جي سندرين ڪي وياپڪتا ڏيڻ ۾ ملڪ جي ورهاڱي واري گهٽنا آفت ٻڌجي وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. ورهاڱي استول ملڪيتون ئي ڪونه ڪسيون آهن، هڪ جي پويان هڪ پنهنجا وڃائڻا پيا آهن. پارت پهچندي سمنڊ ڪناري جنسي زيادتيءَ جو شڪار ٿئي ٿي ۽ اها سڄي گهٽنا پرمپرا جي پريٽام جهڙي اپنگ پٽ ڪارتڪ کي جنم ڏئي ٿي. هو نه صرف شخصي طور بلڪ سڄي ديش جي ورهاڱي جي نتيجي جو نشان آهي. ورهاڱو هن ناول ڪي وسعت ڏيندڙ اسباب آهي. جنهن جو پاڇو آخرين گهٽنا تائين پنهنجو دائرو وڌائيندو رهي ٿو. پاهران سنئين سڌي هلندڙ ڪٿا جي اها اٿت ان جي آنترڪريا ۽ نتيجن کي جنهن ريت ڏيکاري ٿي اها هن ناول جي خوبي آهي.

ليکڪا جيڪا گهٽنا ۽ گهٽڪ پسند ڪيا آهن تن مان ڪنچن با جو پاوَلوڪ اجاگر ٿيندو وڃي ٿو. پيڪي ڳوٺ مان هميشهه جي لاءِ ويل ڪنچن با واپس اچي ٿي تڏهن مقامي ماٺهن جي منودشا ڇُري اٿي ٿي. جنهن جا پيار پريا ۽ سنڪوچت چتر چٽجيا آهن. سمرتي ڪٿا ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ حقيقي جڳت ڪيس ماضيءَ طرف ڌڪيندو رهي ٿو.

سندس جهونو گهر هاڻي شڪتي ماتا جو مندر آهي. بس اسٽئنڊ کان مندر پهچندي وچ ۾ رُڪي پاپيءَ کي ڏسندي ڪنچن با جي چهري تي مرڪ آئي ۽ وڪون ڪجهه تيز ٿيون،

پر رُڪي با تائين پهچندي اها مشڪ ڏنڏلي ٿي ويئي ۽ قدم سست. ڳراٽڙي پائڻ لاءِ اُتسڪ رُڪي با جي هٿن کي بنهي هٿن جي ترين ۾ جهلي هن هڪ ڪڻ لاءِ سڄي اتسُڪتا کي ويڙهي ورتو. پل پر هڪ ٻئي ۾ اٽيل آڱريون ڳالهائينديون رهيون. اکيون ٻڌنديون رهيون (پيج - 3) هيءَ گهٽنا سڄي ناول جي چال کي سامهون آڻي بيهاري ٿي.

ڪنچن با جهوني گهر جي سامهون بيهي سوچي ٿي ' ڏهن سالن کان پوءِ ڳوٺ ۾ پير رکيم ۽ مونکي ٿيو ته جهڙو ڇڏي ويئي هئس سڀ ڪجهه اهڙو ئي ساڳيو هوندو ( پيج -5) پاڙي ۾ پير رکندي اندر مان سرسر ڪندي سرواٽي ڦٽڻ لڳي ٿي! هاٽي ئي چاٽيءَ تي پيل پهڻ اٿلائي اٿندي! نه اهو نيڪ ناهي. جنهن کي خوش ٿي ڇڏيوسين انهيءَ لاءِ موهه! آهستي سان ڪنهن جا هٿ هٽائيندي هجي ائين هن نظر ڪئي ( پيج - 6) هن جي منودَشا جي سوچڪ تصوير اهائي آهي جيڪا انت تائين ڦهلجندي رهي ٿي.

ستي ماتا جي اوٽي سامهون ويهي ڪنچن با چوي ٿي ' هيءَ ستي ماتا ساکي آهي مون ڪڏهن آگ ڏيڻ ۾ ڪُپت ناهي ڪئي، پر تون ٻڌاءِ هاٽي مون مٿان ڪڏهن لهندي اها آگ؟ انهيءَ جي باوجود به توکي مونکي آزمائڻو هجي ته بس هڪ شرط تي. مونکي شڪتي ڏي (پيج - 6) ويساهين ڪٽڻ لاءِ نم جي ٿڙ وٽ ويئي تڏهن هوءَ ٿڙ جي ٽيڪي سان ويني. پنيءَ تي نم جي ڪُهرن چوڏن جو چهاءُ جڻ گهر جي ڪنهن محنت ڪش وڏڙي جو چهاءُ ( پيج - 7) وري ڪنچن با جي سامهون اچي وڃي ٿو هڪ بيو منظر. سڄي عمارت جي اڏاوت ۾ رنگ ڪافي بدلجي چڪا آهن پر ڪليون جهونيون ئي آهن. انهن ڪلين ۾ ٻارن جا اسڪول بيگ، فانوس، ڇٽي، ۽ ٽُوال لٽڪندا رهندا هئا. اڄ سپيئي ڪليون خالي هيون( پيج - 8)

اڱڻ ۾ ايندڙ ڇيلو سندس چندر ڪانت جي ننڍي پٽ ٽيڪوءَ جي ياد کي تازو ڪري ٿو. ' هو مونکي ڳوليندو هوندو، رات جو ڪنهن جي پاسي ۾ سمهيو هوندو؟ (پيج - 13). سکي هري پريا گذريل سال گذاري ويئي پر پٽ چندر ڪانت وڃڻ نه ڏنس. ' اسان جو هن ۾ ڇا وڃي ؟ هوءَ ڪٿي اسان جي برادريءَ مان آهي جو ...، رُت ئي ڇو ؟ ڪنچن با کي ٿيو هاٽي سڀ ڪجهه بدلجي ويو آهي. پيالي مان چانهه مان نڪرندڙ دونهين کي ڏسي ڪنچن با کي ڪهانمل (ڪراچي) جي اڱڻ وارا قوهارا ياد اچي ويا. ۽ ڪڏهن ڪنچن با کي لڳي ٿو ته پاڻ ڪا ڪلي آهي. جيڪو ٿو اچي اهو پنهنجي ڪا نه ڪا پوٽلي لٽڪائي ٿو وڃي! ..... پاڻ شيتلا ساتم واري وارتا ۾ ايندڙ ڏيراٽي آهي. جيڪو ٿو ملي اهو هڪ هڙ ٿمائي ٿو ڇڏي. (پيج - 44). انهي پومڪا بعد ڪنچن با جي سمرتي ياترا شروع ٿي ٿئي.

بالڪپڻ جا، ڪنچن ۽ سندس پاءُ  وشونات جا چٽ هوبهو ۽ پرتيڪش آهن. ڪنچن سويل ماني ڪائي وني تہ وشونات ڪيس سامهون ويهاري ۽ چويس مون جيان منهن چور تہ مان ماني ڪائيندس. پاڙي جون ڏيئر ڪنچن با ڪي وشونات جي نالي چيڙائينديون هيون. ' تنهنجي هن پچ ڪي ڏاجي ۾ ڪٽي وجج.' اهو وشونات ڪراچيءَ ۾ رڪڙي بڌائڻ لاءِ بہ نہ ترسيو هو ۽ هميشہ جي لاءِ وڃائجي ويو هو. انهي سهہ اپستتيءَ جي ڪري گهٽنائن جي مارمڪتا وڌي تي وجي.

پيءُ ڪنچن، وشونات ۽ ماءُ ريوا ڪي ڪراچيءَ وني ويو. ڏاڏي جي گذاري وڃڻ تي وري جساپر آيو. ريوا ڪي ڏاڏايءَ وٽ ڇڏي ڪراچي واپس ويو ۽ ڪنچن ڪتي جلي نہ وجي انهي ڊپ ڪان پٽس ڪيس رسوئي ڪرڻ بہ نہ ڏيندو هو. پر سندس پاڳ ۾ قائم جلڻ لڪجي ويو. ماٽس جي بيماريءَ بعد ڪنچن جو نہ صرف اسڪول ڇٽي ويو بلڪ بالڪپڻ بہ هليو ويو. ماءُ جي غيرحاضريءَ ۾ هوءَ پال گهرڌياٽي تہ بڻي ئي هئي. هاٽي گهر جو سڄو بار سرڪي هن جي متي تي اچي وجي تو. اسڪول وارو ڪوَچ ڇتو تہ ڪنچن غير محفوظ تي ويئي. ( پيج - 97).

ڪنچن جي اسپاوڪ سمجھ جيڪو ڪجھ ڏنو هو تنهن ڪان وڌيڪ ڏڪويو هو. ڪنچن با جي اوائلي (شروعات واري) زندگيءَ ۾ اهو سڀ ڄڻ هڪ هڪ نئين ارٿ ۽ معني جو اضافو ڪري تو. ڪراچي وڃڻ ويل گاڏي ۾ صبوح جو سويل بنيءَ ۾ ڪوڪنڌڙ ڪوئل ڪي جواب ڏيڻ لاءِ اُتسُڪ ڪنچن ماءُ - پيءَ جا اداس چهرا ڏسي گونگي تي ويئي هئي. (پيج - 61).

گاڏيءَ ۾ ڪاڪوس خاني وٽ ميليل سيليل ماڻهو جي چادر هٽاءِ ڏيکاريل بيهودو منظر ننڍڙيءَ ڪنچن با جي من ڪي اُبڪو ڏياري تو ڇڏي. انهيءَ جو پال مانس تي پيل اثر پلي تبصري ڪان پاهر هجي پر انهيءَ جو اثر گهرو ئي هوندو. ۽ ڪراچيءَ مان موٽندي هن تي  بلاتڪار ٿيو، اتي ڄڻ دائرو مڪمل ٿئي تو. انهن يادن جي سفر ۽ استول گهٽنائن جي اٿٽ بٽٽ سان سڄي ڪتا ۾ ارٿ جو دائرو وڌندو رهي تو.

ڪنچن جو امرت سان ٿيل مڱڻو ۽ الپ جهلپ سکن جي چانو ڪان پوءِ وِواهت جيون ڪي پقي لوڏي ڏوڏي تي ڇڏي. پقيءَ جو چهرو ڏسندي ئي ڪنچن ڪي 'اونهاري ۾ سڪي ويل تلاءُ جو تر ياد اچي وجي تو. شاديءَ جي نائين سال وِڌوا ٿيل پقي ابهم ڪنچن جي وِواهت جيون جي رج رج جي جاڻ حاصل ڪري اترپت من جي ترپتي سوَپنَ شيل دَشا ۾

يوڳي ٿي. ڪنچن جڻ صرف ماڌيم ئي بڻجي رهي ٿي. پتي ۽ پڦيءَ جي وچ ۾ ڪنچن کي لڳندو هو تہ ' هوءَ مزدور جيان صرف شِفٽ ئي بدلاءِ ٿي.'

ٺان جَيا لليتا جي اتساهڻ تي هنسڪ ڪارروواين ۾ سڪريہ ٿئي ٿي، ۽ هڪ رات گهر ڇڏي ٿي وڃي. ميئر ۽ هر طرح جي آسائشن - آرامن جو ڏٽي اهڙو سُهرو ديوشنڪر شڪل چت ڪتو ٿي وڃي ٿو. ۽ ورهاڱي جو اوڙاهہ پڙڪي اٿي ٿو. امرت يوڳاندا وجڻ جي تياري ڪري ٿو. ڪنچن ڪراچي ڇڏيندي ڇا ڪٽجي ڇا ڇڏجي انهي متاڪُٽ ۾ آهي. هن جي آڪيري جو هڪ هڪ ڪک الڳ ٿيندو پيو ٿو وڃي. پتيءَ کي ڇڏيو، پاٽس جي گهر ۾ آڳ لڳي، ڪير بچيو تنهن جي بہ خبر ناهي. پاٽيءَ جي جهاز تائين پهچندي موٽر مان لهي ويل پُٽ گوتم کي هميشہ جي لاءِ وڃائي ڇڏيو.

جهاز طرف ويندڙ انساني سمنڊ، جهاز ۾ جڳهہ والارڻ لاءِ ڊوڙادوڙي، هڪ عورت جو ويم، ۽ چت ڪتي سُهري کي سنڀالڻ جي جوابداري اهو سڄو حصو جيترو حقيقي آهي اوترو ئي مارمڪ آهي. جيترو ڳتي شيل آهي اوترو ئي سوڪيم آهي. ليکڪا جي نثري سگهہ کي جيترو ساراهجي اوترو ئي صبر بہ هتي واڪاڻ جوڳو آهي.

ڪجهہ نندڙا واقعا بہ ڏاڍا دل کي ڇهندڙ آهن. ديو شنڪر کي ڪو هوش ڪونهي. وينو هوندو آهي اتي ئي ڌوتي پسائيندو آهي. اڄ تائين تہ وڏو پٽ گوتم ڪپڙا بدلائيندو هوس ، هاڻي اها جوابداري بہ ڪنچن جي مٿان اچي وڃي ٿي. ابهم بار جهڙي سُهري جي ڌوتي بدلائي ڳنڍ تہ ڏني. پوءِ بيو چيڙو ڪٽي ڳارڻ لاءِ ديوشنڪر جي پويان ويئي. چيڙو ڳاريندي ڪنچن ديوشنڪر جي پنيءَ سان ڇهتي روئي پيئي. انهن سڏڪن ۾ هوءَ ڳولهي رهي هئي، پيءَ جي هنج ۽ پتيءَ جي ڇاتي، پاءُ جو هٿ ۽ پٽ جو ڪلهو. ناپر ۾ ايندي هن طيءِ ڪيو، هاڻي جيڪو سمجهو سو مان ئي آهيان. هاڻي مونکي اڪيلي ئي هيءُ پوساگر تري پار ڪرڻو آهي (پيج - 126).

جهاز ۾ ماڻهن ديوشنڪر جا هٿ پير بڌي ڇڏيا. آخرڪار ڪنچن اهي ڪولي تي ڇڏي. ' ديوشنڪر جا هٿ پير ڪوليندي هن ڪان سڏڪو تو نڪري وڃي. چرڪي جاڳيل ديوشنڪر ڪنهن ڊنل بار جيان ڪيس ڇهتي پيو. هن جي اٽين وارن ۾ ڳهمندڙ ڪنچن جي اڱرين مان ممتا وهي رهي هئي.' (پيج 142). انهي سُهري کي بہ ڪنچن وڃائي ٿي. ليکڪا هتي هڪ چتر رکي ڇڏي ٿي. 'سمنڊ ڪنهن روئي روئي تڪل اڪ جهڙو ماٿ ۾ هو. ليکڪا اهڙين ڳهٽنائن ۾ جيڪو ضابطو رکيو آهي، جذبات جي آليڪن کي ضابطي ۾ رکي، سوڪيمتا،

سنڪيتن ذريعي پرتيڪاتمڪ طور سان اظهاريو آهي جنهن جي ڪري اهو وڏيڪ اثردار ٿي اڀريو آهي.

جساپر اچڻ بعد رُڪي ياپيءَ جو پيالو پلي ورتو. پر ڪنچن سنئين بيهي سگهي ٿي. پٽ چندرڪانت جڏهن احمدآباد پڙهڻ وڃي ٿو تڏهن پٽ کي جڻ هميشه جي لائي وڃايو هجي اهڙو احساس ڪنچن کي ٿئي ٿو انهي ۾ مستقبل جا اشارا آهن. جڻ هيءَ سڄي ڪٿا وڃائڻ واري ڪٿا آهي ۽ هر موڙ تي ڪنچن با بانس جي ٻوٽي جيان وري وري ڦُٽي ڪڙي ٿئي ٿي.

ڏيءَ اروٽا کي وڪاس گرهه ۾ داخل ڪرائڻ وقت تلڪ چند تورو ڪوڙ ڳالهائڻ لاءِ چويس ٿو تڏهن ڪنچن اهو سهي نٿي سگهي. نابري واري چڙي ٿي. گرهه ماتا ذرينا اهائي نٽان جَيا آهي اهو ڄاڻندي ڪنچن جو آواز ڪنهن کپڙي کي ايو چيرجي ائين چيرجي ويو. سالن بعد جو اهو مِلن هردي کي ڇهندڙ آهي. ڏيءَ اروٽا جَيا وٽ رهي پڙهي تيار ٿئي ٿي. جيا پرديس وڃڻي هئي تڏهن ممبئي ۾ ايئر پورٽ تي هن کان موڪلائيندي ڪنچن کي انيو ٿئي ٿو ته جڻ نٽان کي هميشه جي لاءِ ڇڏي رهي آهي. ۽ حقيقت ۾ ائين ئي ٿئي ٿو. پوءِ جَيا کي آسرو ۽ سهارو ڏيندڙ انيس سان جيون جوڙيندي هوءَ هميشه جي لاءِ دبئي هلي ٿي وڃي تڏهن ڪنچن جو هڪ سنيهه آڌار ڪسجي ٿو وڃي.

انهن سيني تڪليفن ۽ ڏکن جي وچ ۾ به ڪنچن جي جيون جو هڪ آڌار هو ته امرت: چاهي ڪتي به هجي پر جيئرو آهي. ايو جي خط ذريعي هن کي ڄاڻ پوي ٿي ته ايوَ سان شادي ڪئي اٿس. سندس ڪيوون نالي پٽ به آهي. ڪار حادثي ۾ امرت جو موت ٿئي ٿو. هن جي وراثت جي رقم ڏيڻي آهي. هن گهڻنا جي ڪري ڪنچن جي جيون بيڙيءَ جو ڪوهو ئي ٽٽي پيو. خط پورو ٿيندي ليڪڪا لکي ٿي ' امرت جي جيون جو گرنٿ پورو ٿيو ۽ ڪنچن جي جيون جو هڪ باب شروع ٿيو (پيج - 209). انگريزيءَ ۾ خط لکيل هو انهيءَ ڪري ڪنچن جي پياري سکي هري پريا جي مڙس پلاپائي اهو خط پڙهي ٻڌايو. ڪنچن ٽتل ول جيان ڇٽي پيئي. ان ٽاڻي پلاپائي ڪنچن کي چوي ٿو ' اٿ سکي، تون ئي ائين پڇي پونديئءَ ته ...... پويان لفظ هن جي نڙيءَ ۾ اٽڪي رهيا. ڪنچن اٿي، پلاپائي کي هين نراس ٿيندو ڏسي پاڻ کي سنڀالي ورتو.( پيج - 211) جيون جا تمام ڏکيا پل، صرف " سکي" لفظ سان رشتن کي سنيَم سان اظهار ڪرڻ جي لاءِ ليڪڪا جي قابليت هتي داد جي مستحق آهي. اهو هڪ ئي جملو ڪيڏي نه ويَنجنا جي گولائي والاري ٿو؟

امرت جي موت بعد ڪنچن چندرڪانت کي وِڏي وِڏان ڪرڻ کان منع ڪري ٿي. ماٽهن جو ڊپ ڪونه ٿي رکي. ڏک اڪيليءَ ئي سنو. 'نندڙي پُٽ ڪارتڪ جو پيءُ ڪير ؟'

جو ڪنچن جو جواب اندر جي سچائيءَ کي اجاگر ڪري ٿو: ' مونکي لڳي ٿو ته تون منهنجي جيون جي آخرين سک پري گهڙين جو سنتان آهين، ۽ گڏوگڏ منهنجي جيون جي سڀ کان پينڪر گهتنا جو پڻ سنتان آهين. تون ته نندو هئين، اڻ سمجهو هئين. تنهنجو پيءُ ڪير آهي ۽ ڪير ناهي انهي اٽڻ ۾ مون ڪيترين ئي راتيون ڦتڪندي گذاريون آهن. آخرڪار مونکي منهنجي اندر مان هڪ ئي جواب مليو آهي ۽ اهو جواب آهي ته تون منهنجو سنتان آهين. ۽ مان تنهنجي جنني آهيان. '

هتي ستيه ڪام جاٻال واري ڪٿا جو سمرڻ ٿيو آهي. ڪارتڪ جي من جو ڪندو نڪري ويو. هن پنهنجو نالو ڪارتڪ امرت لال شڪل مان بدلي ڪارتڪ ڪنچن با ڪري ڇڏيو. جيون جي تمام نازڪ، دک پري پل کي ماءُ پٽ جي سامهون جنهن طريقي سان کولي ٿي انهيءَ ۾ ڪنچن با جي جيون جو چٽ ڏسي سگهجي ٿو.

ڏيءَ اروٽا شادي ڪرڻ نٿي چاهي. انهي ڳالهه تي بحث ڪندي ڪنچن چوي ٿي : 'مان هڪ استري آهيان، خالي هڪڙي ڪک کي آکيرو سمجهي مون ۾ جيئڻ جي شڪتي آهي. ان ڪري ئي ته قدرت مونکي ماءُ بڻجڻ جو وردان ڏنو آهي. (پيج ـ 242) اها سمجهه مان نڪتل آهي. انهيءَ ڪري شادي شدهه، طلاق نه ٿيل شانتا سان گڏ ڪارتڪ ٻن سالن کان رهي ٿو. اهو ڄاڻي هوءَ شانتا جي ويَتا کي سمجهي سگهي ٿي. امان کي ڪونه وٽندو ائين ڏاري ڪارتڪ شانتا کي ٻين جي گهر ڇڏي اچي ٿو.ڪنچن اڌ رات جو وڃي هن کي وٺي آئي ۽ هن جو سويڪار ڪيو. ڪنچن جڻ جيون جي هڪ هڪ ڏاڪڻ چڙهندي ٿي وڃي. سندس اهو چِنتن ڪنچن جو آئندو به آهي. جيئڻ جيئڻ واستوِڪتا جو انيَو ٿيندو وڃي تيئن تيئن ماڻهو کي مضبوط ٿيڻ کپي. هر طرف کان ڪٽجندي ڪنچن با اڪيلائپ ۾ به سمپورڻ پرڪاش پراپت ڪري ٿي.

پٽ سان گڏ رهڻ جي لاءِ پيڪو گهر وڪڻي ڇڏڻ جو طيءِ ٿئي ٿو تڏهن ڪنچن کي احساس ٿئي ٿو ته ' اهو گهر ڇڏڻ معني ڪنچن با لاءِ هڪ ڪل لاهي ٻي پائڻ جهڙو هيو. نانگ لاءِ ڪل لاهڻ ضروري آهي ، نه ته انهي ڪل جو تهه اکين کي به ڍڪي ڇڏي ٿو. هو انڌو ٿي وڃي ٿو. وقت جي هڪ تقاضا هوندي آهي. پاڻ کي پيڙائن جي ڪندن تي چاڙهٽو پوي ٿو، رهڙجڻو پوي ٿو، پر ان مان آجو ٿيڻ ضروري آهي. (پيج 265).

امرت جي موت بعد چندرڪانت ماءُ جي نالي ڪوتو دستخط ڪري ايوَ کي خط لکي ٿو. رقم حاصل ڪرڻ جو انتظام ڪري ٿو. ايو امرت وارن ڏيڍ لک روپين ۾ ٻيا پنجاهه هزار وجهي به لک روپيا ڪري موڪلي ٿو. پٽ جي انهي ڪيل وشواس گهات سان ڪنچن

ڪي لڳي ٿو تہ ' چندرڪانت جڻ هن جي پيرن هينان  بيهڻ وارو آڌار بہ کسڪائي ورتو آهي. گوڏن هينان ٽنگون صفا ڳپ جهڙيون ٿي ويئون. پتيءَ بي شادي ڪري پتنيءَ جي انتظار کي بي معني ڪري ڇڏيو هو. پٽ ڪوڙ ڪري پهاڄ جي مدد ورتي هئي. جيون جا پنجاهہ سال بيڪار ويا. هوءَ چندر ڪانت کي چوي ٿي: چندرڪانت تو پُل ئي نہ پر اپراڌ ڪيو آهي. .... تو منهنجي تِج لڄائي آهي. .... منهنجا سنتان منهنجو نالو روشن ڪندا اهو منهنجو برهم هيو. ( پيج ـ 271) جڻ ڪنچن با جو چندرڪانت جي گهر سان ناتو ئي ڪٽجي ويو هو. هوءَ وڻ مان متجي بُند ٿي ويئي هئي. ڪنچن با پنهنجو پاڻ سان چٽي ٿي ويئي هئي. ' ڪٿي رهجي اهو وڏو سوال ڪونهي، ڪيئن رهجي اهو ئي اهم آهي.' (پيج ـ 272) ۾ هوءَ جساپر اچي ٿي. تن ڏينهن جو انشنان ڪري ٿي. انشنان دوران هوءَ پوت ڪان مڪت ٿيڻ وارو اڪشيہ پاتر ملڻ جي انيوتي ڪري ٿي. شڪتي ماتا هن جي لاءِ اپنائڻ واري پون آهي. ول آهي، سنجيوني بوٽي آهي. هن کي لڳي ٿو يادون هم سفر ٿي ويئون آهن ... هاڻي منهنجي من ۾ ڪو ياو ـ ڪُياو ناهي. وٽند اٽوٽند ناهي. اڄ هڪ پيرو وري مونکي نئين سر مسافري شروع ڪرڻي آهي. منزل تي پهچي ويئي آهيان اهو تہ منهنجو برهم هيو.'

' فرسٽ ڪروسيفڪيشن ڏين رِسريڪشن ' اهو بائيبل تتو ڪنچن با جي جيون ۾ چرتارٿ ٿئي ٿو. ورتمان جي سوالن مان هوءَ پوتڪال جي پيڙائن جي اڪشيہ پاتر کي سمتا پوروَڪ ڏسي سگهي ٿي. هاڻِي ٻڌڻ وارو، روڪڻ وارو ڪجهہ ناهي. سنتانن، رشتيدارن، سڄاڻپ وارن سيني ڳالهين ڪان مٿ پري اوستا پراپت ٿئي ٿي. منشيہ ديهہ ۾ منهنجي پٽي جو پوت انت تائين لڳل رهي ٿو، انهيءَ مان ڇٽڻ جو اهو پرپ آهي. ويَتا جو اڪشيہ پاتر مڪتيءَ جو اڪشيہ پاتر ٻڻجي وڃي ٿو. ويدنا جو، يٿارٿ جو سهج سويڪار اهو ئي سندس بل ٻڻجي وڃي ٿو. اها بي طرفداري، اها سمجهہ، يٿارٿ کي سڄاڻڻ اهائي مڪتي آهي. انهي ڳيان بعد ڪنچن با جيون جي اهڙي موڙ تي اچي بيهي ٿي جتان آئندي جي اٽڇتائيءَ ۾ بہ هوءَ سُتِ سمجهہ سان داخل ٿي سگهي ٿي. هن جي لاءِ اهو نئون جنم ( رِسريڪشن) آهي. ناول جو اهو ڪيندر بندو آهي. هن گوٿ ڇڏيو. ٽيمپو ۾ ويهي رهي. ' خالي بس اسٽئند، خالي رستا ۾ خالي سيم ۾ ٽيمپو جو آواز گونجندو رهيو.'( پيج ـ 276)

هيءُ هڪ ڪرداري ناول آهي. بيا ڪردار جڻ ڪنچن با جي شخصيت کي، آنتروشواس کي وڌائيندڙ آهن. ننڍڙن ڪردارن ۾ هري پريا، رُڪي پاپي، جَيا، امرت، ڪارتِڪ، سُهري ديوشنڪر جا ڪردار سُريڪ ۾ شخصيت وارا نهي سگهيا آهن. ليکڪا استري جيون، ڪٽنب جيون جا انيڪ چٽ، تمام باريڪيءَ سان چٽيا آهن. هتي خوبي اها

آهي ته تفصيل ڪردار جي منوگت کي اجاگر ڪن اهڙيءَ ريت استعمال ٿيا آهن. استري ليڪڪا جون خوبيون هتي اپڪارڪ ثابت ٿيون آهن.

ليڪڪا نثر ۾ سگهاري آهي. سوراشٽر جي ٻوليءَ جو لهجو ۽ خصوصي جملن ۽ لفظن جو استعمال ليڪڪا جي هٿ ۾ يا ڪٽي چئجي دل وٺان آهي.

ورڻن ۾ ليڪڪا جي ڀاشا سگهاري ۽ اوتري ئي اشارن واري آهي: رُڪي ٻا جو اشوڻ جي لاءِ ڀاو : ' ڄڻ زندگي ڀر هو ڪنهن جي ڪيت ۾ ساٿي - ڏهاڙيي طور ڪم ڪندو هجي ائين سڄي جوابداري ڪنئي. نه زمين، نه ٻج، نه ڦل. ڪجهه ٻه پنهنجو نه. .... پتيءَ جي غير حاضريءَ ۾ جيڪا جيئي ٿي ، سهي ٿي انهيءَ جي لهس ته جڳ ڪتي ڏسي سگهي ٿو؟ هتي نثر جي طاقت ۽ خوبصورتيءَ جو احساس ڪري سگهجي ٿو.

حال ماضيءَ جي روئداد جي روپ ۾ هلندڙ تخليق ۾ جيڪو ڪردار جي چت ۾ يا ياد ۾ هجي اوترين ئي گهٽنائن جو ذڪر ڪرڻ ممڪن هوندو آهي. هن ناول ۾ ڪجهه هنڌ اهڙا آهن جن جو ذڪر ڪنچن ٻا جي من ۾ هُئڻ ممڪن ناهي. مثال طور ايو جو خط پڙهڻ بعد ڪنچن گهر وڃي ٿي تڏهن پويان پلاپائي ۽ هري پريا جيڪي ڳالهيون ڪن ٿا انهن جي ڪنچن ٻا کي ڪيئن خبر پيئي اهو هڪ سوال رهي ٿو. ائين ئي اروٽا جي من جو تذڪرو (پيج - 253) ڪرڻ وقت هيءَ سڄي ڪٿا ڪنچن ٻا جي سمرڻ ياترا آهي اهو وساريو ويو آهي. اها ساوڌاني رکڻ ضروري هئي. اڳيان پويان سلسلا جوڙي انهي کي ڪنچن ٻا جي يادگيرين جو حصو ٻڻاءِ سگهجيو ٿي. ائين ئي ڪجهه چوٽيون ۽ سنواد ناول جو حصو ٻڻجي نه سگهيا آهن، نه سنتو - ريهه جيئڻ انتر پاڳ نٿا ٿين انهيءَ تي ليڪڪا کي وري ويچار ڪرڻ جي ضرورت آهي.

پهرئين ناول کان ڏيان ڇڪائيندڙ بندو يٽ ٻئين ناول ۾ انيڪ پاسن کان اونچائي حاصل ڪري سگهي آهي اها نوتس وٺڻ جهڙي ڳالهه آهي. هڪ سرجڪ طور سندس وڪاس لاشڪ خوشي ڏيندڙ آهي.

# اڻڪُٽ پيالو : ناريءَ جو سَت

**- چندرڪانت ٽوپي والا**

بندو ڀٽ جي پهرئين شايع ٿيل ڊائريءَ واري شيليءَ ۾ پريوگ ٿيل ناول ”ميران ياگنڪ جي ڊائري“ 1992 جو تعلق هُونئن ته آڌونڪتاوادي شخصي چيتنا سان هو، تنهن جي باوجود انهيءَ جي سجاتيءَ سنسڪار جي ڪري اهو ڪٿي ڪٿي انوآڌونڪتا (ناريوادي) ڪي ڇهندو هئو؛ پر بندو ڀٽ جو ٻيون ناول ”اکي پاتر“ (اڻڪُٽ پيالو) 1999 ويهين صديءَ جي پڇاڙيءَ واري حصي جي ٻن ڏهاڪن جي انوآڌونڪ ناريوادي، دلتوادي، ڊيشيوادي پرواهن جي نتيجن کي ساڻ رکي صاف طور سان ساماجڪ چيتنا سان تعلق رکي ٿو. هتي ذڪر ٿيل ساماجڪ چيتنا جي اڌاريومي پارت جي ورهاڱي واري وشيہ جي آهي.

گجراتي ساهتيہ ۾ پارت جي وڀاجن کي ورلي ئي ڪنيو ويو آهي. اردو پنجابي ڪٿا ساهتيہ ۾ ڀيشم سهاني جي ”تمس“ امرتا پريتم جي ”پنجر“، راجندر سنگھ بيديءَ جي ”لاجونتي“، قرت العين حيدر جي ”آگ ڪا دريا“، جهڙين رچنائن ۾ ورهاڱي واري آفت جنهن طريقي سان برابر مرڪز ۾ رهي اجاگر ٿي آهي اها اسان وٽ ڪشن سنگھ چاوڙا جي ”اسمت“ يا ڪملابين پٽيل جي ”موڙ سوتان اُڪڙيلان“ (پاڙن سميت اکوڙيل) 1979 جهڙين رچنائن ۾ ڪٿي ڪٿي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ”اکي پاتر“ ناول ۾ پارت جي ورهاڱي کان ورهاڱي جي ڪارڻ ڪردارن جي بدلجندڙ ڀاڳ جو تذڪرو آهي، چتار آهي. ۽ انهن ڪردارن جي ڪيندر ۾ ڪنچن يا جو ناري ڪردار آهي.

ناول جي روپ ريکا ڪجھ هن طرح جي آهي: جساپر ڳوٺ ۾ وڏي ٿيل برهمڻ ڪنيا پتا جي ڏنڌي جي ڪارڻ ڪراچي پهتي، پتا جي سيٺ جي پٽ امرت سان شادي ٿئيس ٿي پر ورهاڱي جي هنسڪ واتاورڻ جي ڪري امرت کان جدا ٿي وڃي ٿي، ۽ راحت چاوٽي ۾ جنسي زيادتيءَ جو شڪار ٿئي ٿي. آخرڪار ٻن ٻارن سان گڏ جساپر ۾ خالي پيل پيڪي گهر ۾ آسرو وٺي ٿي. استري هئڻ جي باوجود برهمٽڪو ڪم ڪري چندرڪانت ۽ اروٽا کي پنهنجي ٻانهن جي ٻر تي سانڍي پالي ٿي. گڏوگڏ پتيءَ جو گرڀ آهي يا بلاتڪاريءَ جو، ستت انهي اٽتڻ ۾ ڪارتڪ کي ٻہ پالي ٿي. ڪنچن يا جي ڳوٺ سان هلندڙ چڪتاڻ دوران چندرڪانت احمدآباد وڃي پڙهي ڪري وشاڪا سان گڏ ٿانئيڪو ٿئي ٿو. ته اروٽا وڪاس

گرهه ۾ پڙهي آخر ۾ گانڌينگر پسند ڪري ٿي. اروٽا جي وڪاس گرهه واري موقعي تي ڪنچن با کي سالن بعد انقلابي ٺٺان جَيا جو ذرينا جي روپ ۾ پيٽو ٿئي ٿو. ته ممبئي واري موقعي تي ڪنچن با کي ڪنهن پرٽيل شانتا سان ڪارتڪ جيون جيئڻ جو طيءِ ڪري چڪو آهي انهي جو سامنو ڪرڻو پوي ٿو. پنهنجي پنهنجي نصيب مطابق ڏار ٿيندڙ ڪردارن جي درميان آفريڪا مان آيل خط ذريعي پٽي امرت جي پيءُ شاديءُ جي، هن جي حادثي ۾ ٿيل موت جي ۽ هن جي ڪيل وراثت جي خبر خوددار(سوَماني) ۽ پاڻ تي ڀاڙڻ واري ڪنچن با کي لوڏي ڏوڏي ڇڏي ٿي.

جرمن شاعر گيوتي جو چوڻ آهي ته ' جيڪو جيئي ٿو انهيءُ جو جيون آهي، ۽ جيڪو جيئي ٿو انهيءُ کي بدلاو لاءِ تيار رهڻ گهرجي ' ڪنچن با جو ڪردار بدلاو هيٺ جيئي ٿو ۽ آخر ۾ بدلاو لاءِ تيار رهي ٿو اهڙي احساس جي آسپاس هتي ڪٿا اٽيل آهي. ڪٿا جي جغرافيا دبئي، ڪمپالا جي ذڪر سميت خاص طور سان جساپر ڳوٺ سان تعلق رکي ٿي. ويجهن شهرن ڪانپ (سُريندر نگر) ، ڪراچي، ۽ ممبئي ـ احمدآباد تائين ڦهلجي ٿي. تنهن جي باوجود 78 سالن جي مکيه ڪردار ڪنچن با جا احمدآباد وارا ڏهه سال ڪيندي چاليهارو ڪن سال جساپر ۾ گذاريا آهن. ڪنچن با جو اهو سميه سفر ڪٿا جي گهٽنا مالها کي اڳتي وڌائي ٿو پر انهي گهٽنا مالها جي ورتمان بندو مٿان ڪنچن با جي ٽٽندڙ ۽ جڙندڙ سمرڻ ڪٿا جي روپ ۾ ٿيل آميزش ڪٿا کي دلچسپ بڻائي ٿي. ايترو ئي نه پر پٽ ڪارتڪ جي گرپ بابت وارو شڪ، پٽيءُ جي ٻي پٽني ايوَ جي آيل خط مان، ايو جي پٽ ايوون جي تار سان ۽ پنهنجي جاڻ ٻاهر پٽ چندرڪانت ايوَ وٽان حاصل ڪيل سهاءِ جي ڪري ڪٿا ۾ ايندڙ گتي ورڌڪَ، رهسين کي ظاهر ڪندي ڪٿا جي ڪرامت کي مسلسل جوڙي رکن ٿا.

ناول جي شروعات ڪنچن با جي داخلي سان ڳوٺ ۾ ٿيل هلچل سان ٿئي ٿي ۽ ناول جو انت ڪنچن با ٽن ڏينهن ڪان پوءِ ڳوٺ ڇڏي ٿي، انهيءُ سان اچي ٿو. مندر سميت پيڪي گهر کي وڪٽي ڇڏڻ بعد ڏهن سالن بعد چندرڪانت ڪان ڏنل آگهات ڪان آنترڪ سنتولن حاصل ڪرڻ لاءِ آيل ڪنچن با ٽن ڏينهن ۽ ٽن راتين جو انشنان ڪري ٿي. انهي دوران سمرڻ ڪٿا ۽ سمرڻ ڪٿا جي اندر به ڪيترين ئي ڪٿائون ويَڪت ٿينديون ٿينديون ڪنچن با کي وجهي ٻالڪپڻ تائين وٺي آخر ۾ ورتمان حالت تي آڻي ڇڏين ٿيون. جنهنجو ڪٿاپٽ ڳوٺ جي درٻارن، برهمڻن، واڻين، پٽيلن، دلتن سان رشتن ۾ اٽجندڙ سماج ڪارڻ، راج ڪارڻ، ارٿ ڪارڻ کي به ظاهر ڪندو رهي ٿو. انهيءُ لاءِ چوٽين ، پهاڪن، رسمن ۽

رواجن سان مخصوص لهجي ۾ ادا ٿيل آنچلڪ لفظن واري ڳالهہ ٻولهہ جو سواد ۽ ڪڏهن ڪڏهن نثر جو مخصوص استعمال ڪاريہ شيل رهيو آهي. ڪنچن ٻا جي من جي حالت ڪي ڏيڪاريندڙ ٻاهرين عڪسن ڪي ڏسو:

“ڪونيءَ مٿان مٿيءَ وارو ڍڪ لاهي ڏنائين تہ پراڻي پاٽيءَ مٿان سينور تري رهي هئي. ڍنڪي هلائي هن پاٽي کڻڻ جي ڪوشش ڪئي ڳچ دير ڪان پوءِ پاٽي آيو. ٻُڪ ۾ وني ڳُرڙي ڪئي. پاٽي ٿورو ٻاڙو هو. پنيان گهمندي هن جي نظر مندر جي پوئين پٽ تي پيئي. هن جي پوڪيل ڪرڻ هئي اها جيئري هئي ۽ ٻہ چار گلابي گل ٻہ هئا. ڪنچن ٻا جي هردي کي آٿت مليو ( پيج ـ7)”

فرينچ ڊائريڪٽر انگبار برگمين جي فلم “ وائلڊ اسٽروبيري” ۾ ماضي حال جي جدا ڪندڙ ٻن تصويرن کي ڏيکاريندڙ منظرنگاريءَ جو آڪرشڪ نتيجو ڏسو:

“ تہ پوءِ ڇا مون منجهان ئي هڪ ٻي ڪنچن جدا ٿي رهي آهي؟ ڪڏهن ڪڏهن لڳندو آهي تہ هوءَ مون مان نڪري ڏور ٻانهون ٻڌي بيٺي آهي ۽ مونکي، هن ننڍڙيءَ ڪنچن کي ڏسندي رهي آهي. پر ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ مان ڀڃان ٻہ سهي ۽ ڪوري رهي ڏور ڀڃڻ ڏسان ٻہ سهي؟ (پيج ـ 59) تي ڦهليل اُپماچتر دواران اٽجندڙ سنويدن پٽ ڏسو:

“ اهو وڻ آهي نہ! منهنجو هميشہ جو ويساهين ڪاڻ جو هنڌ! پر هڪ ڏينهن توهان مٿي تي بار ڪٽي ٻنپهرن جو ٿنهڻ اُس ۾ پهچو ۽ نظر اچي ننهن چوٽيءَ تائين لٽل ڪل وارو نوڙهو وڻ! تمام آسرا ڀڃي پور ٿي وڃن، هڪ ليٽو پئجي وڃي هينئين ۾ ۽ مٿي تي رکيل بار ۽ تر واري تپش ڳري وڃي انهي ليٽي ۾ (پيج ـ 90)

اڳڻ ۾ بيٺي امرت کي نهاريندڙ ڪنچن جي اک جو ڪئميرا جهڙو Partial view ڏسو:

“ ڏور باغ ۾ وينل امرت جا پير ڏسجي رهيا هئا. ڪيس ڪاري پتلون پاتل هئي. گوڏن تي ٽيڪيل هٿن ۾ سفيد رومال هو. (پيج ـ 92)

ورهاڱي بعد ماڻهن جي انبوهہ جو جيئرو آتنڪ ڏسو:

“ ڪياماڙي بندر تي سڄي شهر جا ماڻهو هئا. اگر هڪ ٿالهي گهمندي ڇڏي ڏجي تہ ماڻهن جي مٿن تي گهمندي رهي هيٺ نہ ڪري. شهر جي الڳ الڳ ڪُنڊن مان هڪ دهشت، هڪ آتنڪ جو ريلو ٽڙندو، ٿاٻڙجندو ، ڇڪجندو اچي رهيو هو. ۽ هتي بندر جي ڏڪي تي جمع ٿيندو پئي ويو. پولار ۾ شورغل ۽ رڙين واڪن جي پرت ٿلهي ٿيندي پئي ويئي. (پيج ـ 121).

خاص ته پهريون پيرو ريلوي جڳت کي نهاريندي ڪنچن ۽ وشونات جي ٻال سرشتيءَ جو وِسميه ستيه جيت ري جي " پاٿير پانچالي" جي ٻال سرشتيءَ واري وِسميه کي يادگيرين ۾ ڪينچي اچي ٿهڙو جيونت آهي. پنهنجي 78 سالن جي ڏاڏيءَ وٽان ۽ ڏاڏيءَ جي ڪراچيءَ جي رشتيدارن، پاڙيسرين جي يادگيرين مان ڪراچيءَ بابت جيڪو ڪجهه مال ليکڪا کي مليو آهي انهيءَ جو سمجهه ۽ حساسيت پريو سندرپ ۽ پُنرگهٽن به ڏيان چڪائي ٿو. هڪ طرح سان ڏسون ته آزاديءَ کان اڳ واري ڪال کان آزادي کان پوءِ واري وقت جو بدلجندڙ مزاج هتي ڪامياب طريقي سان چٽجي سگهيو آهي.

انهيءَ جي باوجود هن ناول ۾ جيڪي ڪجهه مشڪلاتون سامهون آيون آهن اهي هن جي پهريون پيرو ٿيل پرڪاشن جي ريت سان جڙيل آهن. هيءُ ناول جيئن ليکڪا ڄاڻائي ٿي تيئن چهن بابن تائين مسلسل ۽ پوءِ قسطوار لکيو ويو آهي ۽ نومبر 1998 کان "جنميومي پرواسي" ۾ شايع ٿيندو آيو آهي. قسطوار لکيل ناول ، جڏهن ڪتابي روپ ۾ پريس ۾ وڃي تڏهن انهيءَ کي پورو پنروانچن ۽ انهيءَ جي گهربل سار لهڻ گهرجي. ناول قسطن ۾ لکجندو آهي تڏهن اڳيان وڃڻ بعد بابن ۾ گهربل تبديلي ڪري نه سگهبي آهي. گهڻي دفعي وقت جي دٻاو جي ڪري اڻ ڄاتل چڪون پڻ داخل ٿي وڃن ٿيون. ڪڏهن ڪڏهن اڳ اچي چڪيل بيڪار اهڙا جملا به وري اچي وڃن ٿا. قسط جي قد کي ڌيان ۾ رکندي بيڪمي تولهه کي به وڌائڻو پوي ٿو. پاٺڪن جي سولائي لاءِ ڪري بي معني ڄاڻ به ڏيڻي پوندي آهي. هيءُ ناول قسطوار شايع ٿيڻ بعد هن جي مڪمل طور سهيڙ نه ٿي هئڻ جو آزمودو ڪرائي ٿو. ڪنچن ٻا جي سمرڻ ڪٿا جو آليکن ڪٽڪ ۽ ڪنچن ٻا جي پرسپر مُنجهندڙ آوازن ۾ ٿيو آهي. اگر ڪنچن ٻا جي سمرتي ڪٿا هجي ته انهيءَ ۾ رحمت ڊرائيور جو ڪنچن ٻا کي بندر تي ڇڏي وڃڻ بعد وارين وگوڙن جو يا ڏاڏي واري ناناچند ڪاڪي وٽان لڪايل يٿاتٿ ڪاڳر پيش ٿيڻ کي ڪا جڳهه ئي ڪانهي. پيج 131 تي ترٽيتر جي ميلي جو ذڪر، پيج 253 تي اک مان آنسن سان گڏوگڏ تير جيان چٽندڙ پريم آنند ڏيندڙ ڳالهه ٻولهه، پيج 255 تي استري اڏيڪاري وارو، 147 تي جسو ٽپاليءَ وارو، ر. و. ڊيسائيءَ جهڙو تبصرو - دور ڪري سگهجي ٿيئن آهي. توري ۾ هن ناول ۾ سنگهٽن آهي ستاپتيه آهي پر ٻچت جي ڪڏهن ڪڏهن ڪمي محسوس ٿئي ٿي.

نه ته، ' مان هڪ عورت آهيان. هڪڙي ئي ڪک کي آڪيرو سمجهي جيئي وڃڻ جي مون ۾ شڪتي آهي.' جهڙا جملا جيئري ويڙهاڪ نائيڪا جي، جرمن ۾ جنهن کي وڪاس نول ( Bildungsroman) چوندا آهن اهڙو وڪاس نول آهي. ٻين کي پنهنجي لڳي تنهنجي

باوجود ٻه پنھنجي دنيا ۾ سامھون واري ماڻھوءَ کي پرويش نه ڏيندڙ نائيڪا ڪنچن با لاءِ ڪتي رھڻو انھيءَ ڪان وڏيڪ ڪيئن رھڻو اھو اھم آھي. ۽ انھي ڪري برھمڻڪي ڪم واري اٽڪُٽ پيالي کي ھن جيئڻ جو جھونجڻ جو آڌار ٻڌايو آھي. پيالو انھي طرح سوڪيم پرتيڪاتمڪتا ڌارڻ ڪري ٿو. ناول جو " اڪي پاتر " (اٽڪُٽ پيالو) عنوان انھي سنگھرش کي ته وائڪو ڪري ئي ٿو پر انھي ئي سنگھرش جي ڪارڻ مسلسل ايندڙ ويتا کي ٻه سامھون آڻي ٿو.

"اڪي پاتر" (اٽڪُٽ پيالو) ناول آخرڪار ڪنچن با جي پيڙا جو اٽڪٽ پيالو آھي. انھيءَ ۾ آخر ۾ نئين ناريءَ جي انااياس تصوير ايري آھي. ويھين صديءَ جي پوين ٻن ڏھاڪن جي شروعات ۾ مليل ايلا عارب مھتا جي " بتريس پوتڙي ني ويدنا" (ٻٽيھن پتلين جي ويدنا) 1982 ۽ ڪندنيڪا ڪاپڙيا جي " سات پگلا آڪاش مان" (ست قدم آڪاش ۾) 1984 جھڙي ناري سنويدنا ڪيندري ناولن جي سامھون ويھين صديءَ جي انت ۾ آيل ھيءُ ناول ناري چيتنا کي وڏيڪ ڪلاتمڪ اظھار جي گنجائش بخشي ٿو، انھيءَ ۾ شڪ ناھي.

# 1

بس اسٽئنڊ ڪان ڪنچن با (”با“ لفظ گجراتيءَ ۾ ”امڙ“ جي لاءِ استعمال ٿيندو آهي) ڳوٺ پهتي، تنهن ڪان اڳ ۾ ئي بازار ۾خبر عام ٿي ويئي.

” ڪنچن با آئي آهي .“ مانڊٽيءَ واري اڳيان پنجن جو سڪو اُڇلائيندي ويريڊر چيو.

” ٻہ مصالحا.“

” چا! ائين نہ هوندو باپو.“ آواز سان گڏوگڏ هريش ٻہ متاهون ٿي ويو. هريش جي ڪلهي تي هٿ رکندي هن ڪي هيٺ ويهاريندي ويريڊر چيو.

” چا، ماڻڪچند؟ ٿي نٿو سگهي!“ ڪلندي ڪلندي اڳيان چيائين.

” ادا هن جي پيءُ جو ڳوٺ آهي. تو وانگر ٿوري آهي؟“

پوئين جملي ڪي ڳرڪائيندي هريش چيو.

'پر پونگا پيٽيون وڪٽي ويا تنهن کي ٻہ اڄ ڏھ سال ٿي ويا. هيل تائين هڪ پيرو ٻہ ڪونہ آيا آهن. ۽ هي ساوڻ ٻہ تہ سڄو ويو متان اڏڪ وارو ساوڻ ٻہ اڌ گذرڻ تي آهي. هاڻي وري چا ونڻ جي لاءِ ايندي.؟'

” اڙي توهان واپارين جو اهو ئي تہ ڏک آهي! چا جي لاءِ ايندي؟ اڙي اچي ٻہ تہ تنهن ۾ توکي ڪهڙو ڏک ؟ تنهنجي مان تہ ڪو اڌ ڪونہ ورهائي ويندي. نقصان ٻہ تہ هن جڳي برهمڻ کي . تون تہ ڪانپ جا ڦيرا ڪندو رهُ ۽ وينوجلسا ڪر.“ ڪانپ جو نالو ٻڌندي ئي ڦوڪٽي مان هوا نڪري وڃي تيئن هريش ڍلو ٿي ويو.

ڪانپ معني سُريندر نگر. ڪانپ انهيءَ جو جهونون نانءُ. انگريزن جي دور ۾ هتي لشڪر جي ڪئمپ هوندي هئي. ڪئمپ کي ماڻهو ڪانپ چوندا هئا. ضلعي جا لڳيڳ سيئي ماڻهو سامان سڙو، وکر واپار، دوا - دارون يا ڪورٽ ڪچهريءَ جي ڪم ڪار لاءِ ڪئمپ وڃن. هريش جو ناناڻڪو چئو يا وطن، سيئي ڪانپ ۾. ماءُ - پيءُ ٻئي تمام ننڍپڻ ۾ گذاري ويا. اولاد لاءِ سڪندڙ ماميءَ وڏو ڪيُس.

جساپر ۾ هريش جو سهرو تلڪ چند گذاري ويو انهيءَ ڪري ڪيس گهر، ڪيت ۽ ڏنڊو سنڀالڻ جي لاءِ هت اچڻو پيُس. تلڪ چند کي هڪ ئي ڏيءَ پاونا. پاونا کي هريش ڪافي سمجهايو پر هوءَ ڪئمپ ڇڏڻ لاءِ تيار نہ ٿي. هن جساپر ۾ رهڻ جو فيصلو ڪيو ۽ هريش

ڪي چيو“ تو پلي ڪئمپ ۾ رهُ، هفتي اندر اچج. دڪان جو مال بہ ڪٽندو اچجانءِ. مان هتي سڀ ڪجھ سنڀالي وٺنديس” لوڪ لڄ خاطر هريش هت رهڻ قبوليو.

“هريش ڪمار، ذرا پنج سو گرام ويجيٽيبل گيھ تہ ڏج.” چوندي رُڪي پاپي آئي.

“امڙ، توکي ويجيٽيبل گيھ هلندو؟”

“ مونکي تہ پهڻ بہ پچي ويندا آهن. اهو تہ سياڻي ايڪادشي آهي انهيءَ لاءِ سامان سيڊو ڏيڻو آهي. ” چوندي رُڪي دڪان جي اوٽي تي ويهي رهي.

“ تہ چا اڌڪ جي ايڪادشيءَ تي ساهيڙين کي نج گيھ ۾ ناهيل لڏون ڪونہ کارائيندينءَ؟”

“ اڙي، چو نہ کارايان، پر منهنجي ڪا ساهيڙي بہ هجي تڏهن نہ!”

“ هوڏانهن ڏس هوءَ پئي اچيو.” هريش دور ناڪر مندر طرف آڱر کڻندي چيو.

رُڪيءَ اکين متان هٿ جي ڇڄي ناهي نهاريو. هڪ استري آڪار ناڪر مندر جي ڏاڪڻ وٽ پراهون منهن ڪيو بيٺو هو. رڪيءَ کي لڳو، شايد چمپل پائي رهي آهي. ويس تہ اهو ئي آهي. اها ئي اچي ساڙهي ۽ هٿ ۾ ٿيلهي. تي سگهي ٿو هي ناني مشڪري بہ ڪندو هجي. جيئن ئي هن مائيءَ پير پريو تہ رڪي اٿي بيٺي. اها ئي هڪ هٿ ۾ ٿيلهي ۽ ٻئي هٿ ۾ ساڙهي ٿوري متاهين پڪڙي هلندڙ ڪنچن با. وچولي قد ڪاٺي ۽ سنهڙو سرير.

اڄ کان پنج سال پهريان وارو وقت هجي ها تہ رڪي ڊوڙ پائي ها. پر هينئر چيلھ جي سور ڪيس حيران - پريشان ڪري ڇڏيو اٿس. ۽ هوءَ بہ قدم اڳيان هلي. ڪنچن با هن کي ڏٺو. ' ڪيڏي نہ بدلجي ويئي آهي رڪي پاپي. مُنهن ۾ ڏند بہ ناهن ۽ چيلھ کان تورو جهڪي بيهڻوتو پئيس ' ڪنچن با جي مُنهن تي مرڪ اچي ويئي، ۽ پير تورا تڪڙا هلڻ لڳا، پر رڪي پاپيءَ وٽ پهچندي مرڪ مرجهائجي ويئي ۽ وکون بہ ڍيميون پئجي ويون.

پاڪر پائڻ جي لاءِ بي صبري رڪي پاپيءَ جي هٿ کي ٻنهي هٿن ۾ زور سان جهلي هن هڪ ڪڻ لاءِ سڄي سک کي ويڙهي ورتو. ڪڻ پل هڪ ٻئي ۾ گُتيل آڱريون ڳالهائينديون رهيون، اکيون ٻڌنديون رهيون. رڪي پاپيءَ جي ڳالهائڻ لاءِ کُلندڙ چپن کي ڏسي ڪنچن با هن جي سارن سوالن کي ڏُتاريندي پير وڏايا ۽ چيو:

“ مان ذرا سَتي ماتا جي آستاني جا درشن ڪري وٺان، پوءِ ڳالهايون ٿيون.

هريش جلد بازيءَ ۾ پنهنجي حاضري ڳڻائيندي چيو:

“ جي ناراڻ، گوراٽي ماءُ.”

“ جي ناراڻ ، چوندي ڪنچن با دربار گد طرف هلي ويئي.

ڪنچن با جي وڃڻ بعد رکي با به هلڻ جي ڪئي.

“امڙ، گيهه ناهي ونٺو؟ ” هريش پويان رڙ ڪئي.

“ توري رکج. شام جو سنجيوَ کي موڪليانو ٿي.”

هريش جي من ۾ هيو ته رُکي با به دربارن واري گڏ واري واٽ وٺندي. پر هن ته پنهنجي گهر جي يعني سُتهڙن واري پاڙي جو رخ ڪيو.

رُکي با جون وکون ڍليون هيون پر من ۾ ته الائي ڪيترا ئي گهوڙا ڊوڙيا پي. 'ڏهن سالن بعد هيئن اوچتي؟ جو آئي هوندي ڪنچن با؟ پل پر بيني به ڪانه ۽ ڳالهايائين به ڪونه؟ ڇا هوندو؟ ڪجهه فڪر جهڙو ته ڪونهي نه! چندرڪانت يا سندس زال سان جيهڙو تيو هوندس؟ خبر ناهي، اڄ ڪلهه جي ماڻهن جو ڪجهه چئي نٿو سگهجي! هونئن ته شوق سان ونني ويا هئا ڪنچن با کي. احمدآباد جهڙي شهر ۾ گهر جهڙو گهر. زال مڙس ٻئي سرڪاري نوڪريءَ ۾ ۽ پٽ جي گهر به به پٽ. ڪهڙو نه صاف سٿرو مزيدار علائقو! پريو پڇن ڪرڻ ۽ ٻارن کي سنڀالڻ، هن عمر ۾ هاڻي ٻيو گهرجي به ڇا؟ پر ايشور جاڻي! ڪجهه چئي نٿو سگهجي. هن ڊيڪيل ڪَپار جي پلا ڪنهن کي ڪلَ! '

گهر جي چانئٺ چڙهندي رکي باَ جي منهن مان شوڪارو نڪري ويو.

“ جو با اڄ توکي دير ٿي وئي؟” تيار ٿيندڙ سمِتا پڇيو.

“ڪنچن با آئي آهي.”

“ ڪيس وٺي نه آئينءَ؟”

“هاڻي ئي اچي ٿي، ستي ماتا جي درشن لاءِ ويئي آهي.”

ڪلهي ۾ پرس لٽڪائيندي سمِتا تکڙ ۾ حويليءَ جو در کوليو ۽ ويندي ويندي چوندي وئي:

“ مان اسڪول وڃان ٿي، سَنجيو دير سان ايندو. توهان کائي ونجو.”

“ها، اما.” رکيءَ پاٽ تي پير ڊگهيريا. چيلهه کي ذرا سنو لڳو، ٿورو آرام محسوس ٿيس.

ڳوٺ جو دربار گڏ معني دربارن جي گهٽي. جنهن جي پڇڙ ۾ ڪنچن با جي پيءُ جو گهر. هڪڙو ئي برهمڻ جو گهر. هتان کان شروع ٿئي ڪڙمين جو پاڙو. پيڙهيون اڳ ڳوٺ جي ناڪر صاحب ڪنچن با جي مائٽن کي زمين ڏني هئي. هئن ته ستي ماتا واري آستاني واري جڳهه به هنن جي حوالي هئي. گهٽ ۾ گهٽ ڏيو ٻرندو رهندو هو. اڱڻ ۾ داخل ٿيندي ئي ساڄي پاسي نم جو وڻ ۽ ان جي هيٺان ستي ماتا جو استانڪ. سنڌُر سان

رڱيل پٽر تي استريءَ جي چوڙن واري هٿ جو نشان. ڪافي سال اڳ دربارن جي خاندان ۾ اڪي ٻڌي ڪيڏندڙ چوڪري ستي ٿي هئي. اجا تہ مگٽوئي ٿيو هئسءَ سندس ٽيندڙ مڙس ڳوٺ جي ڳانين ڪي جهنگ مان وارڻ ويو ۽ اتي ئي ڪپي ويو. اڄ بہ ڳوٺ ۾ نات يلي ڪا بہ هجي ، چوڪري يا چوڪريءَ جو مگٽو ڪن تہ ستي ماتا جي اڳيان ناريل ضرور پيچين. ڏيساور يا ٻاهر هجن تہ گهٽ ۾ گهٽ مني آرڊر ذريعي ناريل جا پيسا موڪلي ڇڏين.

حويليءَ وٽان لنگهندڙ ٺاڪر صاحب جي هاري جيوي ڪنچن ٻا کي ڏسي ورتو.

" جي ناراڻ ٻا."

"جي نارانڻ ابا."

" ترسندينءَ نہ؟"

" هاءِ ابا." ڪنچن ٻا هلندي هلندي ئي جواب ڏنو.

جيوو ٺاڪر صاحب جو هاري. مُند ۾ ڪيت جوتي ۽ ٻاقي وقت ۾ چوويهہ ئي ڪلاڪ ٺاڪر صاحب جي حويليءَ تي حاضري پري.ايڪو جوڙي پاٽيءَ جو ڊرم ڪوهہ تان پري اچڻ ڪان وني حُقو، چلم ۽ چانهہ پاٽي سڀ ڪجهہ ڪري ڏئي. هن جو پيءُ بہ ٺاڪر صاحب جو دوست ماٺهوهو. چوندا هئا ' جيوي جي پيءُ تہ ٺاڪر صاحب لاءِ جنم ورتو آهي.' جيوي کي ولايتي صاحب يعني پروين سنگهہ دربار پگهار ٻڌي ڏني هئي ۽ رهڻ لاءِ گهر بہ ڏنو هو. جيوي جي زال ڪيسر ڪنچن ٻا جي چيلي. ڪنچن ٻا کي ٿيو 'ڪيسر کي خبر پوندي تہ هوءَ گهڙي بہ ڪونہ ترسندي.'

جهوني گهر جي سامهون اچي بيٺي تہ ڪنچن ٻا کڻ لاءِ گمانجي وئي. ' هي مان ڪٽي اچي وئي آهيان!' خاطري ڪرڻ لاءِ هن آسي پاسي نهاريو. ' نڪو، ڳلي تہ اهائي آهي.' ياد ايندي هن جي منهن مان امالڪ نڪري ويو . ' اڙي رام رام! مان بہ ڪهڙي نہ اياٽي آهيان. ڏهن سالن کان پوءِ ڳوٺ ۾ پير رکيو اٿم ۽ لڳيم پيو تہ جهڙو ڇڏي وئي هئس اهڙو ئي سڀ ڪجهہ اجا هوندو. اڙي چري، موهہ ۾ اهو بہ پلجي ويس تہ گهر تہ ٺاڪر صاحب خريد ڪري ورتو آهي.' پنهنجي ذات سان ٽيندڙ ڳالهين کي ٻنجو ڏيندي هن وري نظر ڊوڙائي. ٺاڪر صاحب جي سالن کان تمنا هئي تہ ستي ماتا جي استانڪ وٽ شڪتي ماتا جي بہ جڳهہ هئڻ گهرجي. اها جڳهہ نهي راس تي تنهن کي بہ اڄ ست سال ٿي ويا .

ڪنچن ٻا نهاريو. سامهون آسماني رنگ سان رڱيل لوهي گيٽ هو. حويلي ۽ گهر جي چوءطرف متاهين ديوار ڪڙي ڪري چئني طرفن کان تارَ جي واڙ ڪيل هئي. واڙ متي ولايتي مهندي چاڙهڻ جي بہ جهڙي تهڙي ڪوشش ڪيل ڏسجي رهي هئي. اڳي تہ هڪ

اوسري ۾ ٻہ ڪمرا هئا. پري ڪان ڄاريدار اوسري ڏسجي رهي هئي. هن گيٽ کولي اندر پير رکيو. هڪ پل لاءِ هن جا پير ڏرتيءَ سان چهٽي ويا. انتر مان سَر سَر ڪندي سَرواٽي اچڻ لڳي! هاٽي ئي ڇاتيءَ مٿان رکيل پٿرن کي هٽائيندي ٻاهر نڪري ايندي! 'نہ اهو نيڪ ڪونهي، جنهن کي راضي ٿي ڇڏيوسين تنهن لاءِ موهہ !' ڇڻ ڪنهن جي هٿ کي پاسيرو ڪري رهي هجي تيئن هوريان هوريان هن نظر هٽائي، پوءِ آسرو ڳولهيندي هجي تيئن هوءَ ستي ماتا جي استانڪ طرف وڌڻ لڳي. استانڪ جي آس پاس پڪين سرن ۽ تارَ جي واڙ ۾ ننڍي ڄاري. درشن لاءِ هڪڙو ننڍڙو دروازو. ڄاري ۾ دروازو ٻئي سائي رنگ سان رڱيل. ٽن فوٽن جيتري اونچي ڄاري ٻڪرين - ڪتن کي روڪڻ لاءِ ڪيل ٿي ڏسجي، پر هِت هُت سندس حاضريءَ ۾ نشان ڏسجي رهيا هئا. دروازو هجي تہ ڍنگ سان بند ٿيندو رهندو هجي ۽ اهو بہ عام جاءِ تي! ائين مڃي ونڻ اهو بہ نيڪ ڪونہ ٿو لڳي.

ستي ماتا جي مڙهيءَ اڳيان وهندي سوالي نظرن سان ڪنچن ٻا ڇيو: هيءَ ستي ماتا ساکي آهي، مون ڪڏهن بہ آڳ ڏيڻ ۾ ڪُپت ناهي ڪئي پر ماتا تون ئي چئہ، هاٽي ڪڏهن لهندي منهنجي مٿان اها آڳ؟ جيئن تيئن ڪندي ٻن سالن بعد تہ اسي سال پورا ٿي ويندا. هاٽي گهٽو نيائي سگهبو؟ تنهن جي باوجود بہ اگر منهنجي منڙي ماءُ مونکي آزمائڻو اٿيئي تہ هڪڙي شرط تي. مونکي سگهہ ڏي، شڪتي ڏي. وچايل پلوءَ ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور پيو هوندو انهي اميد سان هوءَ اٿي بيٺي. ۽ دَرڙو کولي اچي نم جي اوٽي تي ويهي رهي.

آسمان ۾ بادلن جي اچ - وڃ جي ڪري پل ۾ اس پئي لڳي تہ پل ۾ ڇانو. پر آسي پاسي جي ماحول کي ڏسڻ سان لڳي رهيو هو تہ ٻپهري ٿي رهي آهي.نم ڏاڍو پراٽو هو جنهن جي ٻور ۾ پوپٽ آڪيرا ناهيندا هئا.انهن مان هينئر ڪن ايڪڙ ٻيڪڙن جا آواز اچي رهيا هئا. ڪنهن نم جي ٽاريءَ ۾ نِڪر لٽڪائي ڇڏيو هو. نم جي گهاٽي ڇانو کي ڏسي ڪنچن ٻا جي من ۾ ٿيو ، ذرا ساهي پٽي ونان. هوءَ ٿُڙ کي ٽيڪ ڏئي ويهي رهي. پٽيءَ تي ڪُهري ڪلَ جو ڇهاءُ ڇڻ گهر جي ڪنهن محنت ڪش بزرگ جو اسپرش هجي!. هوءَ هٽي وئي. هن سوچيو 'هينئر ئي هي نم خبرون ڇارون ڪندو تہ هن جو مقابلو ڪيئن ڪبو؟' ڪنچن امڙ اٿي ويئي ۽ پويان واڙي ڏانهن هلي وئي. واڙو ڪافي ڪشادو هو. ٻيون بہ ٻہ ڄڳهيون نهي سگهن ايترو موڪرو هو. ماضيءَ ۾ ڪنچن ٻا کي اهو سوچيندي مزو ايندو هو تہ وڏي پٽ چندر ڪانت کي اڳيان رهائيندي ۽ ننڍي ڪارتِڪ کي پويان گهر نهرائي ڏيندي. هن کي اها بہ خبر هئي تہ پرَ ايندي جساپر وارو آڪاس سندن ناني جيان پٽن کي بہ

سوڙهو لڳندو. واڙي جي هڪ ڪنڌ ۾ ڪپهه جا ڪانا ستيل هئا. 'ڪنهن جا هوندا؟' جنهن جا هوندا تنهن جا هوندا، تنهن ۾ پنهنجو ڇا؟ هڪ ڪڏ ڪوٺيل هئي. ڪچرو اڇلائڻ جي لاءِ. ڪن پل لاءِ سندس چهرو ٻهڪي پيو.هتي ڪنهن ڪي صفائي سترائيءَ جو اونو هجي اهڙو لڳي ئي ڪونہ ٿو. گهٽي هفتي ۾ مڻ ٻهاري ڏسندي هوندي. هڪ طرف ڊنڪي ۽ موري هئي، پاسي ۾ وڏي ڪوني هئي. ڪونيءَ متان ڍڪڻ لاهي ڏٺائين تہ پاڻي گندو هو متس سينور ڄميل هئي. ڊنڪيءَ کي هلائي هن پاڻي ڪڍڻ چاهيو. ڪافي دير بعد ٿورڙو پاڻي آيو. ٻُڪ ۾ پري هن گرڙي ڪئي. پاڻي ڪجھ ٻاڙو هو. پويان گهمندي هن جي نظر مندر طرف ويئي. هن جو پوڪيل ڪرَڻ جو ٻوٽو اڃا جيئرو هو. جنهن تي ٻہ ٽي گلابي گل بہ آيل هئا. ڪنچن ٻا جي دل کي راحت رسي.

(2)

پنج ڏاڪٽيون چڙهندي ڪنچن با مندر جي ورانڊي وارو لوهي دروازو کوليو. صرف ڪڙو ئي ڏنل هو. اوٽي جي بلڪل سامهون شڪتي ماتا جي مندر جو مکيہ دروازو هو. جيڪو بند هو. جنهن جي اڳيان اڌ حصي ۾ اسٽيل جي شيخن مان ٺهيل ڄاري هئي. ڄاريءَ جي چوءطرف گل بوٽا اڪريل هئا. ٻميي جي ساڄي ۽ کاٻي ٻنهي پاسن کان ٻہ ڪڏيون هيون. جن جي مٿان ڪاراڻ لڳل هئي. جتي ڏِيا رکيا ويندا هئا. ڪڏين جي ٻنهي طرفان ڪانيءَ جا ٽي ٽي ڪلا ڪتل هئا. ڪنچن با کي ياد آيو تہ سڄي عمارت جي اڏاوت ۾ رنگ ڪافي بدلجي چڪا آهن، پر ڪلا اڃان اهي ئي جهونا آهن. هنن ڪلن ۾ چوکرن جا پڙهائيءَ وارا تيلها، ڏوتي، چٽ، قنديل لٽڪيل هوندا هئا. اڄ ٽيئي ڪلا خالي هئا.

ڪنچن با پنهنجي هٿ واريون ٿيلهيون انهن ڪلن ۾ لٽڪايون چني ۾ بيهي نظر ڊوڙائي. مٽي ڄارا ۽ هيٺ دز ڄميل هئي. ڄاريءَ ۾ ڪجيءَ جي ڦڙن مان ناهيل ڪتل ٻهاري هنيل هئي. ' ڪو پجاري تہ رکيو هونداٺون، پر ڪيس پگهار کان علاوه مندر ۾ دلچسپي نہ هوندي. ڳالهہ بہ سچي آهي، ائين آسانيءَ سان ڏرتيءَ سان جڙاو ٿورو ئي ٿيندو آهي! لاڳاپو جيئڻ جلدي ٿيندو ناهي تيئن تڪڙو ٽٽندو بہ ناهي. ڏسو نہ هيترن سالن بعد اڄ بہ مان ڪو سڀ ڇڏي سگهان ٿي؟ ٿورو من مٿي ٿيو ۽ ياد اچي ويو مائٽاڻو گهر!' ڪنچن با ٻهاري کڻي ٻهارو ڏيڻ لڳي.

" ائي الاءِ مان تہ تنهنجي واٽ پيئي نهاريان، ۽ تون وينئي هٿ ڄارا صاف ڪرين."

رُڪي با جي آواز مان ٿورڙي ناراضگي ٻکي رهي هئي.

" شڪتي ماءُ جا درشن اڃا بند آهن، من ۾ ٿيم ٿوري ويهڻ جوڳي تہ ڄاءِ ڪري ڇڏيان. " ڪن ڪچرو ٻُهاريندي ڪنچن با چيو.

" اهو جڳديش تہ شام جو آرتي ڪرڻ ايندو. تنهن کان اڳ درشن ڪونہ ٿيندا."

" کهڙو، رامپر واري ترپُون جو پٽ.؟

"ها، تون هلي وئينءَ تہ هن کي لاڳ لڳي ويو. ڪاليج ڪئي اٿس. ۽ ماسٽر ٿيڻ جيترو پڙهيو بہ آهي. پر اڄ ڪلهہ اسڪول ۾ پاٽي پيارڻ واري نوڪري بہ ڪٿي ائين ئي پيئي آهي؟ وري ان جا بہ باقاعدي ياوَ پيا هلن! هي پنهنجا دربارَ ڏاڍا پلا ماٺهو آهن. مان چئي رهي هيس ڳوٺ جي برهمڻ کي ڇڏي ٻاهرئين ڳوٺ جي برهمڻ کي وني اچڻ؟ ماءُ کي

ڇڏي منيءَ کي ڌاڻ جهڙو ناهي؟! هاڻ تو ئي چئه صبوح ـ شام، ٽاٽي ڪُتاٽي اگر برهمڻ جي ضرورت پئجي وڃي ته ڇا ڪجي؟”
رُڪي ٻا جي ڪاوڙ کي ٺاريندي ڪنچن ٻا چيو:
“ اڙي پاپي، هاٽي اڳوٽيون ڳالهيون ڪٿي رهيون آهن ته ڳاڏا جوٽڻا پون ۽ وچ ۾ ڏينهون ڊورا اچن ۽ پيادل هلڻو پوي. مئي هاڻ ته ٽيمپن ڇڪڙن جو ڪٿي پار آهي؟ ٻارهن ئي مهنا رينگهات ڪندا رهن ۽ ڊونهان ڪيندا رهن.”
“ اڙي مان ڀه کهڙي آهيان؟ اصل ڳالهه ته رهجي ويئي ۽ ٻيءَ ڳالهه تي چڙهي ويس. هاٽي گهر هل. شام جو ٻئي ٺان پاڄائي گڏجي ايندو نسين. ”
“پاپي توهان جو گهر پڄجي ته ڪونه ٿو وڃي. ايندس، ضرور ايندس، هينئر ته مندر ۾ رهي انشنان ڪرڻو اٿم.
“گهڻن ڏينهن جو؟”
“ ٻن ڏينهن جو. پوءِ اڳيان جهڙي شرڌا ۽ همت.”
“ تيستائين هتي ئي رهندينءَ؟ هي ڪن ڪچرو. ڪو جيو جنتو....” رُڪي پاپيءَ جي منهن تي حيرت ۽ چنتا جا ٻئي ڀاوَ هئا.
“ تون بيفڪر رهج، مڙدي تي بجلي ڪرندي ناهي.”
“ هي ڇا پيئي چئين؟ گهڙي ڪن ته گهر هل، چانهه پاڻي، نيرن ٻيرن.”

“ اڄ ڪجهه ٻه نه. اڙي ها اهو ته ٻڌاءِ گهر ۾ سڀ ڪيئن آهن؟ ٻار ٻچا چاڪ چڱيلا؟ اشوِن جي ڪا خبرچار؟” ڪنچن ڳالهه کي ٻئي پاسي موڙيندي پڇيو. پر هن ڪان اهو شايد وسري ويو ته ڳالهه جو اهو رخ رُڪي جي ڦٽن تي لوڻ برڻ برابر هيو، يا ته هوءَ پنهنجي ڳالهه کي ٺاريندي هن جي ڏک کي اظهارڻ جو موقعو ڏيئي رهي هئي.
“ اڙي ادي، منهنجي اشوِن جي ته ڇا ڳالهه ڪريان. پوين ڇئن سالن ڪان ڪو ڀه ڏس پتو ناهي. آخرين خط ممبئي مان آيو هو. چاتيءَ مٿي جوان ننهن ۽ وڏنڊڙ نينگر.! پڳوان مونکي ئي ڳولهي سزا ڏني آهي. نه ته مان مڙس مان ٺريس نه ئي اولاد مان.”
“ ائين ٽيندو آهي. ان جو نالو ئي سنسار آهي. ڳالهه کي ٿورو مزاڪي نوع ۾ ڪٽندي ڪنچن ٻا چيو.
“ ان ۾ هين آهي ته تون آهين پنج هٿ پوري. جيڪو سهي سگهي ان کي ئي سڄو ٻار ڏبو آهي نه؟ ياد اٿيئي تنهنجي شاديءَ ۾ کهڙا نه ڦوناٽا ڳاٽا هياسين!؟”

رُڪي  با جو ڏکهو قد. سندس مڙس رتي لال کان بہ ڏکهو. شاديءَ ۾ جاجياٽين کي تہ مزو اچي ويو. 'چانور کان ڪٽڪ ڏکهي، ڙي الا ميان.....' رُڪي با جا هٿ گوڏن تائين پهچن. شروع شروع ۾ گهٽيءَ مان نڪرندي هئي تہ جهڪي هلندي هئي. هينئر وقت جهڪائي ڇڏيو اٿس.

“ ڪنچن با تون بہ هاٽي کهڙيون پيئي ڳالهيون ڪرين!” پنجهتر سالن جي رُڪي با جي گهنجيل  منهن تي  مرڪ ڊوڙي ويئي.

“ مان تورو هرجي ياءُ جي گهران   تي اچان تي. تون هل.” ڳالهہ کي بند ڪندي ڪنچن با ڏاڪٽيون لهي ويئي. رُڪي با ڪيس ويندي ڏسندي رهي. 'ڪنچن با ائين پيٽ ڪونہ ڏيندي. پر ڪجهہ نہ ڪجهہ آهي ضرور. هين مندر ۾ رهڻ ، ڪجهہ بہ تي وجيس تہ؟ پر منهنجي ڳالهہ ڪونہ مڃيندي. هل تہ وڏيري( دربار) جي حويليءَ تي ڳالهہ ڪندي وجان.

ڪنچن با هرجي پٽيل جي حويليءَ تي پهتي تہ سهي، پر ڪڙو ڪڙڪائڻ لاءِ وڌيل هٿن کي واپس ڪندي موٽي آئي. 'هو نہ ڳالهائيندو تہ.' هئن تہ پاڙيسري  سمتا ۽ هرجيءَ  جوسگ بہ هن ئي ڪرائي ڏنو هو. سالن تائين هڪ ئي ڪٽنب جيان رهيا. سمتا پيٽ جائيءَ جيتري عزت ڏئي. پر جڳهہ وڪرو ڪرڻ وقت هرجيءَ کي توري منيان لڳي. اها جڳهہ هن کي خريد ڪرڻي هئي. هن جي من ۾ ائين هيو تہ ڪنچن با وارو گهر ملي وڃي تہ پوشيہ ۾ بنهي پٽن جا گهر تي وجن. يڪو هڪ ورانڊو، چار ڪمرا ۽ اڳيان پويان پورتي جڳهہ. ڊور ڍڳا ۽ بني ٻارو سپ رهجي وجي، پر ڪنچن با کي ناڪر صاحب اڳ ۾ ئي چئي ڇڏيو هو. مٿان وري ڪنچن با تي هن جا ڪيترا ئي ننڍا وڏا احسان بہ هئا. هن کي ناڪار بہ ڪيئن ٿئي. ائين هرجي ياڻي کي ناراض ڪرڻو پيو هو.

' چا سمتا پويون سپ ڪجهہ پلجي ويئي هوندي؟ هن کي تہ مان ......' ڪنچن با جو من جملو پورو ڪري ان کان اڳ دروازو ڪليو. سمتا سامهون بيني هئي. سندس مٿي تي گهڙو ۽ هٿ ۾ دلي هئي.

“ اڙي اما تون! اچ اما اچ. مان هاٽي ئي اجا کيت مان چارو ڪٽي آئي آهيان. اسڪول وٽ رُڪي با جي ننهن خبر ڏني تہ با آئي آهي. مونکي ٿيو تہ پهريان مني پاٽيءَ جي ٻيلهہ پري اچان پوءِ با وٽ وينديس.

سمتا جي آواز واري اتساهہ ڪنچن با جي هبڪ کي دور ڪري ڇڏيو. سمتا واپس مڙي.

“ مونکي بہ لڳو تہ سمتا گھر ۾ ڪانہ هوندي. نہ تہ اچڻ بنا ڪيئن رهي ها. اهو تورو ڏنڪيءَ مان پاٽي پرٽو آهي.”

وراندي ۾ پيل ڪٽ تي رلهي وڇائيندي سمتا چيو:

' امڙ ڏنڪيءَ مان پاٽي نہ پرجو. خراب ٿي ويو آهي. لڪڙي ترسو هينئر ئي ٿي مني پاٽيءَ جي دلي پري اچانو. توهان جو سامان ڪٿي آهي؟ '

' شڪتي ماتا جي مڙهيءَ ۾. '

ڪنچن با جي ڪنن ۾ ڪانجي پٽيل جا لفظ گونجڻ لڳا. ' گوراٽي امان، هي گھر پلي تون وڪٽي رهي آهين پر جِيئري رهين تيسيتائين تنهنجو آهي. ڳوٺ ۾ اچين ۽ ڪٿي سامان رکنديس تنهنجي چنتا ـ فڪر نہ ڪج.' چا مون ئي منهنجي هٿان پنهنجي ويهڻ واري ٿاري ڪٽي آهي! خبر ناهي پر گھٽا دفعا ريت صحيح هئڻ جي باوجود حساب جو جواب غلط ايندو آهي. نہ تہ ڏس نہ .......'

' وڏي ننهن جو ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿي اچي؟ ' ڪٽ تي ويهندي ڪنچ با پڇيو.

' وڏو ڪالو تہ سندس پيءُ سان وڙهي سورت هليو ويو. ننهن نينگر ويا. مان تہ روز توکي ياد ڪندي رهندي آهيان ۽ من ئي من ۾ تنهنجا تورا مجيندي رهندي آهيان. سنو ڪيوَ جو پنهنجي جڳهہ بابا کي ڏيئي ڇڏيوَ. نہ تہ روز جا جهيڙا ٿين ها. منهنجي امڙ تہ چوندي هئي تہ سس جي چلھ جي پر ۾ بي چلھ ٺاهجي پر سهري جي گھر ٻاهران پير بہ نہ ڏرجيءِ پر امان روز روز جي جهيڙن ڪان مان تہ ڊڃندي آهيان. پري ئي سنو. پريم بہ وڏي ۽ امن بہ قائم رهي. '

' ننڍي گريش جي خبرچار؟'

' هو پنهنجي پيءُ سان گڏ بني بارو ڪندو آهي، اهو سنو آهي. سندس شادي ڪئي آهي. ننهن اسان جي ناناڻڪي مان آهي. ڳورهاري هئڻ جي ڪري مائٽ وني ويا اٿس. تون لِک ترس. هينئر ئي رنجن چيٽو ليپي ايندي.'

سمتا جي وڃڻ ڪان پوءِ ڪنچن با جو من بہ پينگھي سان گڏ .....

' وڏي پٽ چندرڪانت جي شاديءَ تي دعوت هتي ئي رکي ويئي هئي. لڳيگ سجو ڳوٺ مانيءَ تي آيو هو. ڪيڏي نہ اتساهہ سان مون ننهن جو ستڪار ڪيو هو. مون ڪنهن بہ موقعي تي ڪڏهن بہ هٿ تنگ ناهي ڪيو. وڏي ننهن جي ڳود پرجي هئي تہ ڪيس هتي بيلهہ ۽ وڪون ڪٽايون هيون سين. سني صحت جي ڪري بار سهي سگھي هئي. مٽان وري سندس مائٽن کي شوق ، پلي خرچ ٿئي، پرواهہ ناهي اسان جي هڪ ئي سڪيلڏي ڏيءَ آهي.

پيءُ جو ٻارهو ۽ ڏيءَ جو ٻهريون پيٽ روز روز ٿيندا ناهن. ڀڳوان ننهن کي ٻهرئين جنم ۾ ديوتا جي چڪر جهڙو پٽ ڏنو. خوشي ئي خوشي هئي. تنهن کي ٻه اڄ ٻارهن مهنا گذري ويا.

'مي ... مي ... ' آواز ڪنچن ٻا جي ڌيان کي چڪايو. ٻڪريءَ جو ڇيلو گهٽيءَ ۾ اڃي هيڏي هوڏي گهمي رهيو هو. شايد ماءُ کي ڳولهي رهيو هو. ڪنچن ٻا جي هرديه تي چندرڪانت جو پنجن سالن جو ننڍو پٽ ٽيڪو چڙهي آيو. هو مونکي ڳولهيندو هوندو. رات جو ڪنهن جي پر ۾ سمهندو هوندو؟ ماءُ پيءُ جي پاسي ۾ سمهڻ جي ته ٻنهي مان ڪنهن کي به عادت ناهي. ڇا ڪندا هوندا؟'

" اڙي منهنجي جيجل ! تون ڪڏهن آئي آهين؟" متي تان ڇيٽي وارو تغارو اجلائيندي رنجن ڪنچن ٻا کي ڏسي ڊوڙي آئي. سندس اتساهه ڪنچن ٻا کي به پڄائي ڇڏيو. هٿ ڇيٽي وارا آهن اهو ياد ايندي رنجن ڏنڪيءَ ڏانهن هلي ويئي. هٿ ڌوئي ڪنچن ٻا کي هن پاڪي پاتي ۽ سندس پر ۾ ويهي رهي. ڪنچن ٻا هن جي متي تان هٿڙا گهمائيندي چيو:

' تون ته ڏاڍي وڏي ٿي ويئي آهين. ڇيٽو ليپڻ به تو کي اچي ويو آهي. '

'ها. هاڻ توهان چئو ان جي متان ڇيٽو ليپي ڏيانو. هاٽي ته مانيون پچائڻ به سکي ويئي آهيان. ' رنجن جڻ سيئي سرٽيفڪيٽ اڄ ئي وني ڇڏڻ تي چاهيا تيئن چوندي ويئي.

' ڪائين ڪلاس ۾ پڙهندي آهين؟ '

' نائين ڪلاس ۾، پر پاڻ وٽ هت ڏهين ڪلاس تائين جي پڙهائي ٿيندي آهي. ٻارهون ٻارهون درجو پڙهڻ لاءِ ته ڪانپ ۾ ئي وڃڻو پوندو آهي. منهنجو بابو موڪل ڪونه ڏيندو. '

' مان چوندي سانس ته توکي اجازت ڏيندو. '

'سچي؟'

' ها، سچ پچ، پر هينئر تون هڪڙو ڪم ڪر. آئون وڃان ٿي. سمتا اچي تڏهن پاٽيءَ جو دلو مونکي شڪتي ماتا جي مڙهيءَ تي پهچائي وڃجانءِ. '

'پر گهڙي پل ته ويهو. ٻا آڪاٽي ٻڌايو نه.'

'هيڏي وڏي جو ٿي ويئي آهين. ڏينهن جو آڪاٽيون ٻڌائيبون آهن ڇا؟ مامو گهر پلجي ويندو. تون شام جو مندر اچجانءِ.' چوندي ڪنچن ٻا اڳيون دروازو بند ڪيو. عينڪ اگهندي ڳليءَ طرف هڪ نظر گهمائي. پري ڪان ڪنهن موٽر سائيڪل جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو.

## 3

موٽر سائيڪل ۾ ڪنچن با لڳڀڳ ساڍي وقت تي مندر جي گيٽ تي پهتا. گاڏيءَ
کي اسٽئنڊ ڪندي جيويا ڳالهايو:

“ جي نارايڻ امڙ.”

“ جي نارايڻ.”

ڪنچن با کي جَيويا جي آواز ۾ سندس ڏاڏي جي جهلڪ محسوس ٿي. ڪيس ياد
اچي ويو اڄ کان پنجاه سال پهريان جو بدي وارو سميہ. آڪاس ۾ اکہ بنهي مان ڪنهن هڪ
جو پاٽي نہ پي سڪو. ڪراچيءَ کان پيجي پاڻ ڳوٺ جي ديوي جهانپلدي جي اوٽي تي آسرو
ورتو هو. هن طرح ئي ناڪر صاحب آيو هئو. ڏکهي قد بت ۾ آواز ذريعي ئي اڌ جنگ کٽي
وٺندڙ شخصيت. گڏوگڏ چانو ڪندڙ نظر.

جَيويا ويس ۾ وهنوار ۾ نئين زماني جي اثر ۾ هئو. ڪنچن با ساڻ ڏاڪٽيون
چڙهندي چڙهندي چا چوٽو ان تي ئي غور و فڪر ڪندو رهيو. هُونئن بہ ڪنچن با ڳوٺ ۾
هوندي هئي تہ هن جي سامهون وڃڻ کان ٽارو ڪندو هو. جيويا کي هميشه لڳندو هو تہ
هن مائيءَ کان ڪجهہ بہ لڪو نٿو رهي. هُو اڄ بہ هت اچڻ ٽاري ها ......

“ ابا گهر سڀيئي مزي ۾؟” ڪنچن با جي سوال هن جي آڱر جهلي.

“ هاہ توهان کي ونڻ آيو آهيان. بابا چيو آهي.” در جي ڀميي کي پڪڙي بيٺي بيٺي
هن چيو.

ڪماڙ وٽ ويهندي ڪنچن با جواب ڏنو :

“ ايندس.”

“ هنيئر ئي هلو.”

“ هي اُشنان پورو ٿئي پوءِ ايندس.”

“ اسانجي گهر هلي انشنان ڪجو. هي چوءماسي جا ڏينهن ۾ هين وراندي ۾، بيمار
سيمار ٿي پونديڻ تہ.”

“ پڳوان جهڙو سار لهندڙ ڏٽي ٿيو آهي، ۽ اگر بيمار ٿي پيس تہ توهان وٽ اچي ئي
ڪٽ ڍاريندس.”

“ هين تا ڪيون. اڄ شام جو جڳديش ايندو تہ هو چابي توکي ڏيندو ويندو.”

“ نہ ابا نہ، چابي ونيي چا ڪنديس! مون لاءِ تہ ڪمرو ۽ وراندو ٻئي هڪ جهڙا آهن.”

“ پر امان پڳوان نہ ڪري پر توکي ڪجھ ٿي پوي تہ اسان ڪھڙو جواب ڏينداسين؟ ” جيويا جي آواز ۾ وينتيءَ کان شڪ وڌيڪ هو. ' ڪٿي هيءَ هيئن مري ويندي تہ؟ الائي ڇو آئي آهي؟ نينگر نهرن کان وڙهي آئي هجي ۽ هتي اچي ڏکي تاٽي چڙي تہ؟ پوليس ڪي تہ پڇي ونداسين، پر هرو پرو اهو سڀ ڪرڻو!.”

ڪنچن با هن جي بنا پڇيل سوالن جا جواب ڏيندي چيو:

' پٽڙا تون بي فڪر رهُ. بابي کي چئج مونکي ڪجھ بہ ڪونہ ٿيندو. اجا تہ سو سال پورا ڪرڻا اٿم. ' ڳالھ پوري ڪندي چيائين، “جڳديش سان مان ڳالهائي وٺندس. پلي هاڻ، جي نارايڻ.'

“ جي نارايڻ.” وجڻ جي تڪڙ ۾ جيويا بوٽ جي ڏوري بہ ڪونہ ٻڌي. گاڏيءَ کي ڪِڪ هڻندي من ئي من ۾ چيائين: ' هيءَ رُڪي با واندي ۽ تنهن کان وڌ واندو آهي بابو. ڪانپ ۾ ٽين ٻجي واري شو ۾ پهچي وڃان تہ سنو. ڏيڍ تہ هت ئي ٿي ويو آهي'.

ڪنچن با ڏٺو تہ جِند ڇُٽڻ جي جلدبازيءَ ۾ جيويا وراندي وارو در بند ڪرڻ بہ پلجي ويو. هوءَ در وٽ آئي ۽ ڪڙو چاڙهي ڳليءَ ڏانهن ڏسندي رهي.

ڳليءَ ۾ لڳ ڀڳ تمام گهر دربارن جا هئا. اڌ بند ۽ سنسان آهن. وڏيون حويليون ۽ چوطرف پٽيون. ديوارن تي رنگين ڪانچن جا نوڪدار ٽڪرا لڳل. چور ٽپي نہ اچي تنهن جي لاءِ. اندر وڏو اڱڻ ۽ پوءِ مڪان. روشني اوطاق تائين ئي پهچي سگهي ٿي. اندر انڌڪار ۽ دونهي جو راڄ. هتي جي ٻوسات ڪڏهن آگ واري حادثي جي روپ ۾ تہ ڪڏهن اچانڪ اپينڊڪس ڦاٽڻ جي روپ ۾ ظاهر ٿيندي هئي پر ستا ۽ سمپتيءَ جي زور تي اهو ويڙهيندي ڪهڙي دير!

ڪنچن با کي ياد آيو. پهريون ڀيرو ماءُ سان گڏ ناڪر صاحب جي حويليءَ تي ويئي هئي. هوندي اٺن نون سالن جي عمر. امان گهاگهري ۽ چولي مٿان اوڍڻي اوڍائي ۽ خاص تاڪيد ڪئي تہ ڪٿي اوڍڻي مٿي تان لهي نہ وڃي. ان زماني ۾ هن ڳليءَ ۾ مٿي اگهاڙو ۽ پيرن ۾ چمپل پائي نڪري نہ سگهبو هو. امان تہ ڏاڍو منهن ڏڪيو هو. هوءَ هن ڳوٺ جي ننهن جو هئي.

هر سال ناڪر صاحب جي زال جيجي ماءُ ستي ماتا جي ٿت تي ڪنوارِڪا سينگاريندي هئي ۽ گوراٽيءَ کي ڪارائيندي هئي. جيجي ماءُ پهريان ڪنچن با کي هنج ۾ ويهاريندي هئي پوءِ سامهون رکيل سندليءَ تي. ڪنڪو چانورن جو ٽيڪو ڪرڻ کان اڳ پڇندي هئي ' سنان ڪيو اٿيئي؟' ۽ ڪلي پوندي هئي. نندڙيءَ ڪنچن جي هنج ۾ ستارن

وارو رتو ڇٽيو چولي رڪندي هئي ۽ متي تان چنري اوڊائيندي هئي. هٿ ۾ چوڙيون پارائي پلو وچائي پيرين پوندي هئي. هيڏي وڏيءَ جيجي ماءُ کي پيرين پوندو ڏسي ڪنچن ڊڄي ويندي هئي. پويان بينل ماٿس آشيرواد جا ٻول ٻوليندي هئي. ' سدا سهاڳڻ رهو، سدا سکي رهو، توهان جو ونش سدا وڌندو رهي.'

ان ڏينهن امان جي آڱر پڪڙي هئي پر پوءِ بہ اوتي تان آٿڙي چٽي هيس. اما هٿ جهلي جهٽڪيو هو. ڪٿان اونهي کوھ مان آواز آيو هو.

'ڪمان توکي، هوريان هوريان.'

اوندھ ڪان ڏيمي ڏيمي عادي ٿيندڙ نظر آواز کي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي. پهريان تہ پچنديءَ تي تامي پتل جا چمڪندڙ ٿانو ڏسڻ ۾ آيا. ننڍيون وڏيون ٻيلهون. ڪٽي لوٽا پيالا. ننڍيون ننڍيون وٽيون تہ ڪليون هٽي لٽڪايون ويون هيون ۽ سينگار ڪيو ويو هو. پيدلي تي پتل مڙهيل بہ وڏا دابلا. دابلن کي ڏنل لوھ جا وڏا تالا. هنن تالن جي چاٻين جي چٻي کي  ڪمر ۾ لٽڪائيون تہ چيلھ بہ چٻي ٿي وڃي! هيٺ نظر ويندي ڏنائين تہ اهو جهيٽو آواز ڪٽ تي وينل جيجي ماءُ جو هيو. چانديءَ جي وٽ وارو چولو. نراڙ تي روپئي جيڏو تلڪ. سندس پنين ديوار تي ناڪر صاحب جو رجواڙي انداز ۾ وڏو فوتو لٽڪيل هو. بند ڳلي جو ڪارو ڪوٽ، رتي پڳھ ۽ سفيد چوڙيدار. واڍڪي ڪم سان اڪريل گل ٻوٽن واري ڪرسيءَ جي هٿن  جي چيڙي تي شينهن جا مک اڪريل هئا.پير متان پير چاڙهي ناڪر صاحب شينهن کي هٿ سان سهلائيندي نظر اچي رهيو هئو.

ناڪر صاحب جو فوٽو چتايل هئو. جنهن جي هينان لکيل هو ' جساپر جو ناڪر صاحب شري ڪِرپال سنگھ هرپال سنگھ راٺا ' ڪنچن کي پڙهندي ڏسي جيجي ماءُ پڇيو. ' توکي پڙهڻ ايندو آهي، پٽ؟' ۽ امڙ سامهون نهاريندي چيو، ڪير گورياءُ پاڙهيندو آهي؟'

'نہ امان نہ، هيءَ ننڍي وشونات کي اسڪول چڏڻ ـ ونڻ ويندي آهي اتي بہ ـ چار اکر ڪنن تي پوندا اٿس. ننڍو تورو چاڳلو آهي، ڏاڍي مستي ڪندو آهي. ڪيس اڪيلو نہ ڇڏي سگهندا آهيون.'

وڏي ياءُ جي گذاري وڃڻ ڪان پوءِ ننڍي ياءُ لاءِ امان جو ساھ مٽ ۾ رهندو آهي. ياءُ کي اسڪول ڇڏڻ وڃڻ، ۽ اسڪول ڇٽي تيستائين خيال رکڻ. ڪلاس جي ٻارن سان جهيڙو نہ ڪري تنهن جو خيال رکڻ. ماستر کي خاص سوچنا تہ ڪيس هٿ نہ لائي. اگر ماستر ماري تہ ڏاڏهنس اتي وڃي ڪيس ڌمڪائي اچي. پنچايت آفيس جي سامهون هڪ اوتو. اوتي متي ماستر ٻارن کي پڙهائي ۽ هيٺ ڏڏڙ ۾ ڪيڏندڙ ڪنچن متيءَ ۾ اکر لکندي وڃي. الف

لکندي ٿيل انپوتيءَ جو احساس اڄ بہ ڏسٽيءَ اگر جي چوٽيءَ ۾ موجود آهي. اهو الف جڏهن پهريون پيرو لکي نندي ياءُ کي ڏيکاريو هو تہ ڪيڏي نہ خوشي ٿي هئي. بس اتان کان ئي لکڻ پڙهڻ جي لگني لڳي وئي. ڪڏهن ڪڏهن نندي ياءُ کي پڇندي هئي تہ هو هيڊ ماستر جهڙو رعب جمائيندو هو. سکڻ سکائڻ تہ پنهنجي جڳهہ تي جهيڙو شروع ٿي ويندو هو. ڪٽي ٿي ويندي هئي. پاڻ ۾ رسي پوندا هئا. پر اسڪول وڃڻ واري ڪرت تہ چالو رهندي هئي.

بہ اکر پڙهڻ جي سگهہ ايندي ئي ڪنچن با بس، جتي ڪٽي ڪاگر چونديندي گهمندي پيئي هئي. ان زماني ۾ صرف بن گهرن ۾ ئي اخبار ايندي هئي.هڪ ناڪر صاحب جي گهر ۽ ٻي شِوچنديا جي گهر.ناڪر صاحب جي گهر تہ اڪيلو وڃڻ جي همٿ ئي نہ ٿيندي هئي. حويليءَ تي لسي ونڻ لاءِ وڃي يا ڪوهہ تان پاڻي پرڻ جي لاءِ وڃي تڏهن پير جي آڱرين سان ڪاگر چوندي ، ارد گرد جي ماڻهن جي نظرن کان بچندي گهاگهريءَ جي ور ۾ هٽي چڏي. بازار يا ڳليءَ ۾ جهڪي ڪري ڪا شيءِ ڪٽي نہ سگهبي هئي نہ تہ گهر بہ مار پوي.

شِوچند سيٺ جو ووٽڻ ڦتين جو وهنوار.ڪنچن با جو ڏاڏو ٻني ٻاري ۾ ۽ ڏنڌي واپار ۾ بہ پائيوار.بازار جا اگهہ ڄاڻڻ لاءِ اخبار گهرائيندو هو.شِوچند يا ڪنچن کي پڙهندي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيندو هو. آسمان واري چا سوچيو هوندو؟ اهي بہ تي اکر لکڻ پرهڻ اڇي ويا ڄڻ پار لنگهياسين. لنگهياسين؟ ٿنبي جا تيرهن پوَ ڪنهن کي خبر!ڪير ڄاڻي؟

هي ڏسو نہ منهنجو من بہ نہ مڃي رهيو هو پر والايتي صاحب کي بہ راجڪوٽ موڪلٹو ئي پيو نہ. چا ڪيان؟ ولايتي صاحب اهو تہ ماٽس چاڳ جو نالو رکيو هو.اصل نالو تہ پروين سنگهہ هيس.چئن نياٽين جي پويان هڪڙو پٽڙو. پٽ لاءِ ناڪر صاحب بہ پيرا پرٽيو. جي جي ماءُ پاڻ پنهنجي پائٽي وني آئي. ان زماني ۾ اهڙا قصا ٿيڻ ڪا نئين ڳالهہ ڪونہ هئي! ايشور جو حڪم پٽ کي جنم ڏيڻ بعد هوءَ ويم ۾ ئي گذاري وئي.چوندا آهن تہ ويم واري استريءَ جو هڪ پير تہ مساڻ ۾ ئي هوندو آهي! ماڻهو ڳالهيون ڪندا هئا. 'جيجي ماءُ جي پيٽ ۾ توهان پلي نوَ مهينا رهو تہ بہ توهان کي خبر نہ پوندي تہ ان ۾ چا آهي؟ڏاڍي اونهي مائي.' پر پٽن کي اکين جي رتنن جيان جتن ڪري هن ماڻهن جي مُنهن تي تالا هٽي چڏيا هيا.

هي ولايتي صاحب ئي جساپر ۾ نئون زمانو وني آيو. حالانڪ انهي جي وڏي قيمت ڪيس ادا ڪرٽي پئي.شايد ان ڪري ئي ماڻهو اڄ ڪيس پلاپائي چوندا آهن.

پلا پائيءَ جي گهرواري هري پريا ڪنچن با جي وهيءَ جي. ڪڏهن ڪڏهن ڪنچن با وٽ دل جو درد اورينديي هئي.هري پريا پلا پائيءَ جي انگريزيءَ جي ماستر جي ڌيءَ. ڪلندي ڪلندي چوندي هئي، 'بابا سائين اسان کي پريم جي ڪويتا پاڙهيندي پاڙهيندي پريم جو پاٺ بہ پڙهائي ڇڏيو.' جهوني ڳالهہ ياد ايندي ڪنچن با جا چپ ٿورا مشڪي پيا. 'ان وقت مان سائيڪل سان ڪاليج ويندي هئس ۽ ٺاڪر صاحب تہ هاسٽل ۾ ئي رهي پر شام جو سنگيت جي ڪلاس ۾ وڃان تہ پويان پويان هو موٽر سان اچي.مان هلندي هجان ۽ هو مونکي موٽر ۾ وهڻ جو اسرار ڪري. ويهان تہ بہ ماڻهن لاءِ مزاڪ ۽ نہ ويهان تہ بہ تماشو.'

هري پريا جي پيءُ کي پهريان خبر پيئي پر سٽريل ويچارن جو هئو انهيءَ ڪري اعتراض ڪون ڪيائون. پر پٽري پَٽ ساٿ بہ نہ ڏنائون. پلاپائي لاءِ تہ نيسارن جو پاٽي متي چاڙهڻ جهڙي ڳالهہ هئي. هن شادي ڪئي پر جيئرو رهيو تيستائين پيءُ نہ هن سان ڳالهايو نہ ماءُ ننهن جي هٿ جو پاٽي پيتو.سندس بار ڏاڏي ڏاڏيءَ بنهي جو ساهہ پساهہ! جيويا ڪاليج ڪري هتي وارو ڪاروبار سنڀاليندو آهي ۽ وڏين پِن پيمرن مان ڪُنج باﻻ داجينگر جي ٺاڪر صاحب جي چترڪار پٽ سان پرڻائي آهي ۽ ننڍي ونودباﻻ آرڪِٽيڪ وارو علم پڙهي پرديس هلي وئي آهي، شادي ڪونہ ڪئي اٿس. هري پريا گذريل سال گذاري وئي. اخبار ۾ پڙهيو هيم پر وڏي پڳڙين ۾ وڃڻ نہ ڏنو. ' اسان جو هنن ۾ ڇا؟ هو کهڙا اسان جي ناٽ جا آهن جو .... ' ڪنچن با ڪان شوڪارو نڪري ويو. هوءَ ٿڪل قدمن سان واپس آئي ۽ مندر جي اوسريءَ ۾ ساڙهي ڦهلائي اهلي پئي.

نند تہ نہ پئي آئي ۽ پيرن ۾ بہ جلن ٿي رهي هئي. 'اجا گهٽو پنڌ باقي هوندو؟' آڪاس ۾ بادل مڙڻ لڳا هئا ڏينهن جي روشني ٿوري جهڪي ٿي وئي هئي. آرسيءَ تي ٻاڦ جمي وڃي تيئن. هونئن تہ هي بدو هو، پر هن سال نہ تہ ساوڻ سنو رهيو نہ بدو پرپور. مندن جي چال بہ ڪافي بدلجي وئي آهي. مندون ئي چو ، هن کي ٿيو سڀ ڪجهہ بدلجي ويو آهي.ان ئي وقت ويچارن کي ٽوڙي ڇڏي اهڙي آواز سان گڏ گيٽ وارو دروازو ڪنهن کڙڪايو.

## 4

گيٽ جي دروازي جي آواز سبب ڪنچن با اٿي بيني. هن کي لڳو ڪو ڊور متو هٽي رهيو آهي. چشمو اکين تي چاڙهي ڏٺائين ته ڪا چوڪري لڳي. موتيو لهرايو آهي پر چهرو جلد سڃاڻجي نٿو. ڏاڪڻ لهي ڏٺائين ته رنجن هئي. هڪ هٿ ۾ مٽيءَ جي دلي ۽ ٻئي هٿ ۾ پتل جو لوٽو. لوٽي مٿان پتل جي ڪٽوري ڍڪيل هئي.ڪنچن با کي هن ڏسندي چيو:

'امڙ ٿورو گيٽ ته کوليو. منهنجي ٻنهي هٿن ۾ شيون آهن.'

ڪنچن با جي اڳيان ڏاڪا چڙهندي رنجن چيو، ' مونکي ايندي ٿوري دير ٿي وئي آهي . ٿي وئي آهي نه؟ اڃو چانهه پي ونو.'

'مون ته توکي صرف پاڻيءَ جو ئي چيو هونه اڄ مونکي ٻيو ڪجهه به وٺڻو ناهي.'

'امڙ تون ڪٿي چوتِ چاٽ ۾ مجي ٿي؟ 'چوندي رنجن وٽيءَ ۾ چانهه اوتي.

رنجن جي ڳالهه سچي آهي. ٻيا برهمڻ ته چانهه جي به دعوت هجي ته ميزبان جي گهر وڃي نه پين بلڪ گهر ئي ڪنڊ ، چانهه جي پتي ۽ کير گهرائي وٺن. مانيءَ جي دعوت هجي ته پاڻ پچائين پاڻ کائين. ڪنچن با ڪچي پڪي سيڌي جي راماڻ ۾ پوندي ئي نه هئي.دعوتن ۾ رڌ پچاءُ جي لاءِ ويندي هئي پر کائيندي ڪونه هئي. آخرين دعوت ڪراچيءَ ۾ آڪاڙي پونم تي ڪادي هئائين. وڏي پٽ گوتم جي جنم ڏينهن تي.هوا بندر تي ڪنچن با جي مڙس امرت لال جي پائيوار کهان مل موتا جو وڏو بنگلو. سرخ پٿرن جي اها حويلي. کهان مل جي وطن بيڪانير ۾ به اهڙي ئي حويلي هئي. هر سال امرت لال گوتم جي جنم ڏينهن تي وڏي دعوت ڪندو هئو. کهان مل جي دلي اچا هئي ته دعوت ان جي ئي بنگلي تي ٿئي.هن کي گوتم سان ڏاڍو پيار هو.هن جي هٿن سان ڏنڏي جو مهورت ڪرائيندو هو. وٽيءَ مان چانهه جي ٻاڦ کي نڪرندي ڏسي ڪنچن با کي کهان مل جي اڱڻ وارا ڦوهارا ياد اچي ويا. گهرم به ٻگيون ۽ هڪ موٽر. نديڙو راجواڙو ئي سمجهو.هونئن ته ڪنچن با جي گهر ۾ به ڪهڙي ڪمي هئي؟ هن ورهاڱي ته ڪين چوطرف ڪان لٽيو هيو.

.... ڇا ڇا ڳڻجي؟

' ڪهڙن ويچارن ۾ پئجي وئينءَ امڙ؟ هيءَ چانهه نري ٿي پئي.'

هين! ها ، ڏي پي وتان.'ڪنچن با ڍڪ پريو.

'امڙ چانهه سني ٿي آهي نه؟ مون هن ۾ سُنڌ به وڌي آهي.'

' ها پٽڙا، چانهه سني نهي آهي. بس هاٽي منهنجي سمتا  ڪي ڪنهن ڳالهه جي چنتا ناهي. ڏيءَ رنڌٽو سنيالي سگهي اهڙي ٿي وئي آهي.'

' نه پيئي. مونکي ته رنڌٽي سان اصل وٽندو ناهي.'

'چو، ته پوءِ ساھُري ويندينءَ تڏهن ڇا ڪندينءَ؟'

' مونکي ته لکي پڙهي ادي اروٽا جيان هيڪلو ئي رهڻو آهي.شادي ڪرٽي ئي ناهي.'

ڪنچن با جي ڏيءَ اروٽا گاندينگر سچيواليه ۾ نوڪري ڪندي آهي. رنجن ڪي ايتري ڄاڻ هئي ته هوءَ اڪيلي رهندي آهي.هن ڪي ڪهڙي خبر  ته اڪيلو رهڻ جي معني ڇا آهي؟

'هين امڙ، هاٽي ته تون هتي ئي رهندينءَ نه؟'

'هتي مونکي ڪير رهڻ ڏيندو؟'

'چو، اسان جو گهر ناهي ڇا! ۽ احمدآباد مان چندو ڪاڪا ڪي خط لکي ڇڏيندس ته ماءُ صرف تو اڪيلي جي ماءُ ناهي!'

رنجن جو اڏيڪار ياو ڏسي ڪنچن با نه ته خوش ٿي نه نراس.

'هين امڙ تون رهندينءَ نه؟ پوءِ روز آڪاٽيون چئج. اڳ اڏڪ ماس ۾ڪهڙيون نه سنيون آڪاٽيون تون ٻڌائيندي هئينءَ.تون وئي آهين تنهن ڪان پوءِ هڪ پيرو به ڏڻ تهوار ملهائڻ ۾ مزو ناهي آيو.جاڳرڻ ۾ به سيپيئي چٻري جيان ٿي ويءِ ۾ منهن وجهيو وينا هوندا آهن.نه ڪيڏن نه ڳائين ۽ نه ئي راس ڪن. ۽ امڙ هن جڳي پائي ڪي ته پوجا ڪرائيندي به ڪونه ٿي اچي.'

' چو ائين پئي چئين؟'

پوجا ته ڪرائيندو آهي پر ورت وغيره ۾ ته پنجن ئي ڏينهن جي پوجا پهرئين ڏينهن يڪي ڪرائي ڇڏيءِ ڳوٺ جي تمام ڇوڪرين ڪي گڏ ڪري. ڇڻ چنچر هجي اسڪول ۾ سيپيئي ورزش ڪرڻ جي لاءِ لائين ۾ بينيون هجن ائين پيو لڳندو آهي! اسڪول ۾ ته مائيڪ هوندو آهي جنهنجي وجهه سان پهرين ڇوڪري جيڪو ڪجهه ڳالهائيندي آهي اهو آخرين قطار تائين ٻڌڻ ۾ ايندو آهي. هتي ته اڳڙم .... بڳڙم ..... پنهنجو پاڻ ڪي جيتري پوجا اچي اوتري ڪريو. ۽ آرتيءَ جي ٽاٽي ڏسڻ وٽان هوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ته پڳوان جي نه، اڳيان بينل ڇوڪريءَ جي پنيءَ جي آرتي ڪندا هجن ائين پيو لڳندو آهي.'

مير مئي . تون ته ڏاڍي ڳالهيار آهين.'

ماءُ جو سُنهن، هڪ دفعي ته هن پاونا با جي ڏيءَ روپليءَ جي ڇنيءَ ڪي ڏيي مان ٽانڊو لڳي ويوهو. اهو ته نيڪ ٿيو جوهوءَ وري به بچي وئي.'

ڪنچن با سوچيو 'جڳديش ڪي ايتري به خبر نه پوندي هوندي ڇا؟ ٻارن جي مائٽن ڪي سار سنڀال لهڻ گهرجي، پر انهن ويچارن ڪي واندڪائي ڪٿان آئي؟ ڪيس ياد آيو هوءَ پهريون دفعو جڏهن ستيه نارايڻ جي ڪٿا ڪرڻ وئي هئي تڏهن يجمان پتي پتنيءَ ڇيو 'گوراڻي ماءُ هٿ پاڻي ونرائي ڇڏيو ته ڪنڪو ڇنڪاري هلندا ٿيون. ڪٿا پوري ٿئي تڏهن هي پرساد ورهائي ڇڏجو.۽ ٻئي ٻنيءَ تي هليا ويا.پل جي واندڪائي نه هجي اهي يلا پنج اڏيايه ٻڌڻ جي لاءِ ڪٿان ٿا ويهي سگهن؟ اها ته ڪنچن با هئي جنهن سڄي ڪٿا پڙهي. ٻيو ڪو هجي هاته يجمان وڃي ۽ گور (برهمڻ) به گهر پيئڙو. پر يجمان لاءِ اها ڪٿا ضرور قلدايڪ ٿيندي آهي. هن جو اپواس ۽ سندس گرهست ڌرم ٻئي مالڪ جي ڌيان ٻاهر نه وڃن پر هن برهمڻ ڪي ته ڪنهن به ريت قرض چڪائڻو ئي پوي. ڪنچن با ڪي ٿيو 'مان ڇا ڪيو هوندو؟ مونکي اڃا گهڻو چڪائڻ باقي آهي.

ڪمري واري گهڙيال ۾ پنجن جا ٽڪورا لڳا ۽ ڪنچن با جو ڌيان اوڏانهن ويو.رنجن ويني ويني پٽ تي چاڪ سان ڪجهه ناهي رهي هئي. ڪنچن با اٿي سندس پر ۾ ويئي. رنجن سموري ڌيان سان ميلي جوچٽ ڇٽي رهي هئي. پينگهون، جهولا، ڦوڪڻ وارو، جادوءَ وارو .... هڪ ريڙهيءَ تي الڳ الڳ ٿالهن ۾ گول چوڪنڊيون ۽ شڪرپارن جي آڪار واريون شيون پيئون هيون.رجن ٿُبڪا ٿُبڪا ناهيندي پئي ويئي. ڪنچن با پڇيو :

'ڇا ويني ناهين؟'

'منائيءَ متي اڏنڊڙ مڪيون.' چوندي هوءَ وري پنهنجي ڪم ڪي لڳي ويئي.رنجن جو هٿ ته ڪجهه نيڪ هو پر سندس مشاهدو سنو هو. ڦوڪٽو پريندڙ ڦوڪڻ واري جون مٿون، مٿي تي گهڙو ڪٽي پاڻي پرڻ ويندڙ باندر. پاسي ۾ ويهندي سندس مٿي تان هٿ گهمائيندي ڪنچن با پڇيو:

' توڪي چتر ناهڻ ڏاڍو وڻندو آهي ڇا؟'

' ها. پر منهنجو بابو وڙهندو آهي. چوندو آهي ههڙا چتر ناهي ڪيڏانهن وڃڻو اٿيئي؟ هن مان پلو ڪونه ٿيندءِ . پر امڙ، اسان جي ماسترياڻيءَ ڪي ته اسڪول ۾ نوڪري ملي آهي.'

رُڪي با جي پُٽ اشوِن جي زال سمِتا اسڪول ۾ ڇترن جي ماسترياڻي آهي.پر ڳوٺڙن ۾ ته استاد کي مول وشيه کان علاوه ٻيا به وشيه پاڙهڻا پوندا آهن.ڪڏهن ڪڏهن ٻن ڪلاسن کي گڏ وهارڻو پوندو آهن تڏهن ٻه وشيه ٻه پاڙهڻا پون.

“مان سمِتا کي چونديس ته توکي ڇترن جي امتحان وارو فارم وٺي آڻي ڏي. ۽ خاص ڌيان ڏيئي توکي سيکاريندي.”

“ هن کي ته خبر آهي. هن ئي مونکي چيو هو ته پوءِ احمدآباد، بڙودا يا ممبئي وڃي اڳيان ڇترن جو پڙهجي ته نوڪري به ملي.”

سمِتا جو ڌيان هُونئن ته ڪٿان وڃي. ڇو ته اسڪول ۾ خاص ڪو ان طرح جو ماحول نه ملي ۽ وقت به نه. ٻارن کي يارهن کان پنجين تائين شانتيءَ سان ويهاري سگهو ۽ آرام سان ڪاڳر پري سگهو ۽ فارم وغيره موڪلي سگهو ، ايترو ڪافي آهي.هڪ طرف استادن جي ڪمي هجي ۽ ٻي طرف نئين پرتيءَ تي بندش هجي . انهيءَ ۾ ٻه مقامي رهڻ وارا ٻه چار . باقي ٻيا پاسي وارن شهرن مان اچ وڃ ڪندڙ.

سمِتا جو ساهرو ڳوٺ ۾، وري هن جا ساماجڪ رشته ٻه هئا. هڪ دفعو آرتوار جو هوءَ ڪپڙا ڌوئڻ جي لاءِ تلاءَ تي ويئي.وڃي ڪپڙن جي هڙ ۽ ڏول رکي، ته رنجن ٻوڙي وڻ جي پويان لڪي رهي. سمِتا ڏٺو ته رنجن مينهن جي پُنيءَ تي لغڙ اڏائيندڙ ڇوڪريءَ جو ڇتر ناهيو هو.رنجن کي ڪٿڪو ٿيو ته ماسترياڻيءَ کي خبر پئجي ويندي ته مان اسڪول مان چاڪ چورائيندي آهيان. پوءِ ته رنجن کي سفيد ئي نه پر رنگين چاڪ ٻه ملڻ لڳا.اسڪول ۾ رنگولي ، ڇترن يا ميندي‌ءَ جو مقابلو هجي سيني هنڌ رنجن. پر مينهون چارڻ ويندي سڀ کان وڌاري مُڪتي مينهن جي پنيءَ تي ڇترن ناهڻ ۾ محسوس ٿيندي هئس.هن جو انوکو بليڪ بورڊ ۽ ڪلپنا جو رنگين آڪاش! پر جڏهن ڪيس ياد ايندو هو ته بابا ....

'امڙ ادي اروٽا کي تو شهر ۾ پڙهائيءَ جي لاءِ موڪليو هيو نه؟'

' ها پر ڇترن جي پڙهائيءَ لاءِ ته ڪارتِڪ کي موڪليو هيو. پر هو واپس آيو. '

' ڇو؟'

ان ۾ ڏاڍي محنت ڪرڻي پوندي آهي. هڪ مُشت اٺ اٺ ڪلاڪ ڪم ڪرڻو پوندو آهي! ڪڏهن ڪڏهن وڏو ڇتر هوندو آهي ته ڏينهن ٻه لڳي ويندا آهن. ٻيهڻو پوندو آهي. ڪارتِڪ پڙهائي مڪمل ڪونه ڪئي. واپس موٽي آيو.

' پر امڙ، وڏندڙ ڪم ۾ ته مزو ايندو آهي نه؟'

' ها تنهنجي ڳالهه صفا سچي پر گهٽن کي تہ اڏ زندگي نڪري ويندي آهي تيستائين چا وٽندو آهي تنهن جي بہ خبرئي نہ پوندي آهي. هن رُڪي با واري اشوڻ کي ئي ونو! مڏ مئٽرڪ ٿيو. پوءِ چيائين ڏنڌو ڪرڻو آهي. تہ ويچاري رکيءَ قرض ڪٽي پيسا ڪري ڏناس ۽ ڪپڙي جو دڪان ڪيائين. هاڻي هتي تہ سني ياجي ونڻ جي لاءِ بہ ماڻهو ڪانپ وجن اتي هن جو دڪان ڪتان هلندو؟ سال اڏ هت هُت گذاري وري چيائين ڪاليج ڪرڻي آهي. اها بہ اڌوري، پوءِ ناٽڪن جو رنگ لڳس. هينئر تہ رام ڄاڻي ڪٿي هوندو؟'

'امان سيبيئي چون پيا تہ سندس ماءُ پيءُ جو پتو ڪونهي، اها ڳالهه صحيح آهي؟'

'ڪهڙي خبر پُٽ! جهڙا جنهن جا ڪرمَ. تون ڇڏ انهن ڳالهين کي هاڻي گهر وڃ. سمتا واٽ نهاريندي هوندي.'

' پر پهريان چڱُ تون آڪاڻي ٻڌائيندينءَ نہ؟'

'پر ڪهڙي؟'

' بس، پلجي وئينءَ ؟ اڙِڪ ماس واري!

ڪنچن با کي ٿيو رنجن کي ياد آهي هوءَ ياڻ جو پلجي ويئي؟ هُونئن ڏسجي تہ سپ ڪجهہ ياد رهي اهو بہ ڪتي سنو آهي! هينئر تہ لڳي ٿو تہ پلجڻ ۾ ئي سُک آهي. پر هيءُ من موتي موتي .....

' چڱو سيبيئي ڳڏ ٿيندا تہ اڏڪ ماس جون آننداارا مان بہ چار آڪاڻيون پڙهبيون. پر منهنجي چوپڙي تہ احمدآباد ۾ ئي رهجي ويئي آهي.'

'منهنجي ماءُ وٽ آهي چوپڙي پر هن کي تو جهڙو پڙهندي ڪونہ ٿو اچي. مان ڪٽي ايندس.'

' پلي. هي ٿانو نڪر ڪٽندي وڃ. ۽ هاڻي مونکي پيڇڻ بنا ڪجهہ بہ نہ ڪٽي اچجانءِ.

رنجن جي وڃڻ ڪان پوءِ ڪنچن با کي هڪ پل لاءِ بلڪل واندي ٿي وئي. اچانڪ ڪيس سپ ڪجهہ خالي خالي محسوس ٿيڻ لڳو. رنجن هئي تہ سپ ڪجهہ پريو پاڳيو پئي لڳو.ڪڏهن ڪڏهن تہ صفا ٽمٽار. جنهن جو بار بہ محسوس ٿيندو هو. شايد ياڻ ورتمان ۽ يوتڪال جي چڪ تاڻ ۾ رکي رکي قاسندي پِئي ويئي. ڪوشش ڪري نڪتي پئي تہ وري بہ جڪڙجي ٿي وئي. ۽ هاڻي هڪ دم اداس ٿي وجي اهڙي واندڪائي! توهان ڪنهن باسڻ کي پريل سمجهي ڪٽڻ وڃو ۽ اهو خالي هجي اهڙي!

چا ڪجي؟ ڪليءَ مان ٿيلهي لاهي ان مان مالها ڪيڍي. گئو مکي ڪيڍي.گئو مکيءَ جي رتي ڪپڙي کي بي ڏيانيءَ سان نهاريندي سوچڻ لڳي. 'هيءَ چا جي لاءِ ؟ مالها قيريندي

گئو مکي هٿ ۾ پاتي ويندي آهي. ڪنهن کي مالها نظر نہ اچي تنهن جي لاءِ! اسان کي ائين ڏرم آچرٽو، جنهن جي ٻئي کي خبر بہ نہ پوي، تنهن جي لاءِ هوندي؟ حقيقت ۾ تہ پنهنجي هستيءَ ۾ پڻ اهڙي سيانتا اهڙو هوش ڳري وڃڻ گهرجي.مون تہ سوا لک جاپ ڪيا. مان تہ هر روز ٽي ڪلاڪ پوڄا ۾ ئي هوندي آهيان، هر اگيارس تي اُپواس ۽ سيٽو ڏيٽو ئي، ساڍا چار مهنا هڪ ٽاٽا ڪرٽا ئي. فلاٽي تٽ تي گانءِ کي گاهہ ۽ فلاٽي تٽ تي اپيشيڪ! اسان کي تہ اندر ٻاهر هر جڳهہ تختيون لڳائڻ کان سواءِ هلندو ئي ناهي!

ڪنچن ٻا ستي ماءُ جي استانڪ وٽ نم جي وڻ هينان اوٽي تي ويني. هڪ مالها پوري ٿيندي مالها وارو وڏو مڻيون ۽ ڦندڻ هٿ ۾ آيو. ٻي پل ۾ ئي مالها جو مڻيون آڱرين ۾ اچي ويو. وري ٻي مالها. هڪڙو نہ رڪجندڙ سلسلو. هن زندگيءَ جو بہ ڪجهہ اهڙو ئي تہ آهي. گهڻا دفعا ائين لڳندو آهي تہ شڪر هاٽي هن ما ڇٽاسين! پل پر من ساهي پٽي نہ پٽي اتي ٻيو مڻيون حاضر. وري نئين مالها ، نئين زندگي، نئون پاٺ! تي سگهي ٿو اهو سلسلو ئي زندگي هجي.

ڏينهن ڏيري ڏيري مُڙڻ لڳو هو. ڪنچن ٻا جا چپ هوريا هوريان چُري رهيا هئا، آڱرين جي وچ مان مڻيان سُري رهيا هئاءِ اڪيون گيٽ طرف ڪتل هيون. شايد هوءَ راهہ ڏسي رهي هئي.

## 5

گهڙيال ۾ ڇهن جا ٽڪورا لڳا ۽ ڪنچن با جون مالها ڦيرينڌڙ آڱريون بيهجي ويئون. جاپ ڪندي ڄُرندڙ چپ، اڌ کليل اکيون، سرلا کن ۽ ڪنهن ٻي پٽيءَ چڙهيل من .... ڪنچن با جي اندر ۾ سڀ ڪجهه گڏجڻ لڳو هو.گذريل ڏهن سالن کان گهڙيال جي ڪانٽن سان ڳُتيل زندگيءَ جو سميه پترڪ 'ساوڌان' ڪندو هو ۽ وري ياد ايندي 'وشرام.' آنند ڪراتي جي ڪلاس مان اچي ويو هوندو؟ مندر جو دروازو کڙڪندي ئي ڪنچن با جو ڌيان ڇڪجيو. هوءَ پڇڻ لڳي: ڪنهن جو ڪم اٿو؟ پر موٽندي ئي 'اڙي هي ته ماءُ ڄڳدمبا جو استانڪ. هتي پلا ڪنهن ڪي ڪم نه هوندو! پنهنجي سامهون شرمسار ٿيندي هن اکيون بند ڪري ڇڏيون.

گيٽ کوليندي ئي ڄڳديش جي اک ستي ماتا جي اوٽلي تي وينل ڪنچن با ڪي ڳولهي ورتو. هُونئن ته ڳوٺ ۾ پير رکندي ئي ڪيس خبر پئجي وئي هئي. بازار ۾ هريش جي دڪان تي وينل هرجي پٽيل واري گريش ته سڌو فرمان ڪييو هو.

'ڄڳا يائي ، ٻڌ ٽپڙ تاڙي ۽ هلندو تي.'

'نه،نه، گريش صفا ائين ڪيئن ٿيندو؟ هريش ڪي نارڻ جي اداڪاري ڪندي جلائڻ جي ڪئي.

'اڙي ناني، هن ڪي توهان سڄاڻو ڪونه. ٻي يانت آهي.'

ڄڳديش گهبرائيندي چيو، اڙي ادا ڪجهه سمجهائيندا ٻه سهين يا ٻئي ائين ئي لڙندا رهندا.'

'هل مان چوانءِ تو.'چوندي جيو پا ڄڳديش جي ڪلهي تان هٿ ورايو.

حويليءَ تي ٻاپوءَ ايترو ئي چيو، 'اج وجين تڏهن چاٻي ڪنچن با کي ڏيندو وڃ.'

ڄڳديش کي ڪافي ڪجهه پڇڻو هو ته، اهو سڀ ڇا جي لاءِ؟ پر هن جي همت نه هلي.اها ته جيو پا سان دوستي آهي جو هيترو ٻيهڻ لاءِ به مليو نه ته ..... پر اندر ۾ ڊپ ته ٿيو ئي. هيءَ پوڙهي هاٽي؟

سائيڪل ٻيهاريندي ڄڳديش ڏٺو.ڪنچن با مالها مڪمل ڪندي مير (وڏو مٽيون) اکين تي رکي رهي هئي.'نه نه هيءَ ڪراڙي اهڙي ته ڪانه تي لڳي جو ڏنل ڏاڻ واپس وٺي.'

ڪيس ڪنچن ٻا جي خاص واقفيت ڪانه هئي. پر واري ڪنهن نه ڳوٺ ۾ چوراسي تئي تڏهن آسي پاسي وارن ڳوٺن مان برهمڻ خاندان ڪڏهن ڪڏهن ملن پر ڪنچن ٻا جو اهڙن موقعن تي به نه وڃڻ جو نيم. چڱن ـ لڱن موقعن تي سندس حاضري هوندي آهي. جڳديش پهريون ڀيرو سندس ڏاڏي جي ديهانت تي ڪنچن ٻا کي ڏٺو هو.هوءَ پڇڻ آئي هئي.

رامپرا ڪنچن ٻا جو ساهرو. هُونئن ته سالن کان سندس ڪٽنب ڪراچيءَ ۾ واپار ڪندو هو. سندس سهري جو جنم به ڪراچيءَ ۾. جنهن ڳوٺ ۾ نه ٻالڪپڻ جون يادون هجن نه ٻابي جو ٻني ٻارو اهو پلا پنهنجو لڳي به ڪيئن ٿو سگهي؟ امرت لال ته ڳوٺ جواجهور( مال جي وهڻ جي جائي. جهنگ) به ڪونه ڏٺو هو. ورهاڱي بعد ڪنچن ٻا جساپر آئي ۽ رامپرا سان ٿورو چڏوپاڏو ناتو وري جيئرو ٿي پيو.

جڳديش کي ڏاڏي جي موت وارو منظر اڃا به ياد آهي.ان وقت سندس عمر ستن اٺن سالن جي هوندي. ڳوٺ جون ميراسياڻيون روز اچي مرثيا ڳائي چاتي ڪُٽينديون هيون. گهر جي زالن کي به انهن جو ساٿ ڏيڻو پوندو هو. جڳديش جي ماءُ ويچاري ٽن ڏينهن کان اهو ظلم سهندي رهي هئي. هڪ ته دم جي بيماري ٻيو اهو روئڻ پٽڻ. مٿان وري ڪٽنب وارن جا چڙهيل لتل منهن ڏسڻ اهو جدا!ڪنچن ٻا هڪڙي هڪل سان ئي اهو سڀ بند ڪرايو.

'ٻابا مزي جي سائي ٻني چڏي ويو آهي.۽ نوي سالن جي عمر ۾ هلندڙ چلندڙ ماڻهو پٽ جي ڪلهي چڙهي وڃي ان کان وڌيڪ نصيبدار ٻيو ڪير! هاڻي صبر ڪريو۽ پويان جيڪي رهجي ويا آهن انهن جي ته ڀلائيءَ جي ڪامنا ڪريو. ڀڳوان جو نالو وٺو.'

جڳديش سوچيو 'هيءَ مائي پٽ وٽ پريو پجن ڪرڻ جي لاءِ وئي هئي، وري هت کهڙا ٻُڪ پرڻ آئي آهي؟' هن طيءِ ڪيو ته ذرا خيال رکڻو پوندو.

مالها پوري ڪري ڪنچن ٻا نهاريو. جڳديش مندر جي اوسريءَ وارو چاريو ڪولي رهيو هو. جڳديش جي ڏيک، اوڏڻ پهرڻ ۽ ڏنڌي جو ڪو ميل ڪونه هو. چٽڪمرو وڏن ڳلن وارو بش شرٽ۽ پينٽ، مٿي تي وڏو پٽڪو ۽ وات ۾ تماڪ جي ڪري هينيون چپ سُجيل. 'سرڙ سرڙ ' آواز سان جڳديش مندر ٻهارڻ لڳو. هو ٻهار ڪدي رهيو هيو يا دز اڏائي رهيو هو! ڪنچن ٻا سوچيو ' هڪ سني ٻُهاري هجي ته مندر سني نموني صاف ٿي سگهي.' سياڻي سمتا کي چونديس هوءَ وٺي ايندي. پر هي جڳديش ڪجهه التو ئي سمجهندو ته!پر ماتا جي ڪم ۾ به سوارٿ کي سنگهي اهڙي نڪ جو ڊپ چو رکجي؟ چا زندگي پر ماڻهن

ڪي ڏيڪاريندا قرون! ثبوت، خُلاصا، تصديق ناما ۽ پرماڻ پتر! نہ پائي، مان تہ هڪ منهنجي رام ڪي جواب ڏيڻ جي لاءِ بڌل آهيان.ٻين جو برو ٿئي تہ چنتا.

اوسريءَ ۾ اچي هن مٿيءَ جي دليءَ مان پاٽي پيتو. ماتاجيءَ جو ڪمرو ڪليل هو.ڪمري جي ڪماڙ وٽ بيني بيني درشن ڪرڻ لڳي.ڪمري جي سامهون واري پٽ ۾ برابر وچ تي تي ڏاڪٽيون نهيل هيون.ٽين ڏاڪڻ تي شينهن مٿي سوار اشٽ ڀجا ماتاجيءَ جي ٿي ڪن فوٽن جي سفيد آرس پهڻ جي مورتي هئي. ماتاجيءَ جو سوَروپ سندرتا ۽ شڪتيءَ جو پرتيڪ ٻٽجي شوپا ڏيئي رهيو هو. مورتيءَ جي اڳيئن حصي ۾ ٻنهي طرفن ڪان نديڙن ڏين جي قطار ۽ وچ ۾تامرياند، آچمني ۽ پنچ پاتر پيا هئا.پوجا جا ٿانو آمريءَ جي ڪٺاڻ جي راهہ ڏسي رهيا هئا.ڪمري جي ڪاٻي ديوار ۾ نديڙو ڪٻٽ هو. ڪنچن با ڪٻٽ جي هئنڊل تي پنهنجين آڱرين جي چاپ ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي. اصل اهو رنڌٽي جو ڪٻٽ. هينئر ئي ڪلندو مٿئين خاني ۾ پيل هيڊ مصالحي جا دٻا ۽ هيٺئين خاني ۾ تيل - گيهہ جي دٻن جي پاسي ۾ سٽڪ ۾ ڪپڙي سان ڍڪيل مانيون بہ پيل هونديون.

جڳديش واڙي مان ڪرڻ جا ٻہ - ٽي گل پٽي آيو. هن هوريان هوريان ڪمري جو دروازو بند ڪيو.ڪماڙ وٽ بيٺل ڪنچن با بہ قدم پوئتي هٽي وئي. حالانڪ ڪيس هٽڻ جي ضرورت نہ هئي.شايد جڳديش جي هن حرڪت ڪيس ڌاري ڪري چڙي هئي . ٻاهر واري ماڻهوءَ کي ڪمري جي اندر مُنهن پائڻ جي اجازت ڪٿي هوندي آهي؟

نظر سامهون بند دروازي ڏانهن ڏسندي ڪنچن با گهڙي پل لاءِ ورتمان ۾ ئي ٿمبي وئي. در پاڻ بند ڪرڻ ۽ ڪو دروازو بند ڪري انهن بن گهتنائن ۾ زمين آسمان جو انتر آهي. ' جي امبي' آواز سان گڏ وري دَر کُليو ۽ ڪنچن با مٿي تان اوڍيندي پاڻ کي سنڀاليو. جڳديش پينٽ بدلائي پِتامبر پاتوهو. سندس کُليل کُلهن تي جٽيو هو. سامهون ڪاٻي اڌ کُليل ڪٻٽ مان ماتاجيءَ جي چُنري ۽ جڳديش جي شرٽ جي ٻانهن ڏسجي رهي هئي.سائي رنگ جي آئل پئنٽ هينان هيڊ مصالحن واري بوءِ ۽ گيهہ تيل وارو مڪُ ڍڪجي ويو هو. هڪ اونهون ساهُ کڻي هُن ڪمري جي ساڄي ديوار واري پاسي رکيل وڏي ڪٻٽ جي آرسيءَ مٿان نظر ڊوڙائي. اروٽا چوندي هئي ' ٻا، مان نوڪري ڪنديس ۽ پوءِ سڀ ڪان پهرين مان ڊريسنگ ٽيبل نهرائينديس. جوانيءَ ۾ داخل ٿيندڙ اروٽاجو هڪ بہ عڪس هن آرسيءَ ۾ نہ هو. پوئين پِٽ جي اونچي جاريءَ مان ايندڙ پرڪاش ۽ هنن ٻن ڪٻٽن کان سواءِ سڀ ڪجهہ نئون هو. ڪنچن با شوڪارو پريندي هردي کي 'هري اوم' چوندي ٻيءَ

موڙي چڏيو.هن ڏٺو تہ جڳديش ڪپهہ ڪٽي وٽ وٽي رهيو هو.ڪيس وٽ ناهڻ نہ پئي آئي. ' ڏي ناهي ڏيانو.'

'هينئر هلندو.' چئي جڳديش گيهہ وارو دبو ڪڍڻ لاءِ مڙيو.ڪنچن با آگرهہ نہ ڪيو.هوءَ وڃي ماتاجيءَ جي سامهون اوسريءَ ۾ ويٺي. شام ٿي رهي هئي. آسمان ۾ ڦهليل رنگن جي لالاڻ مندر اوسري ۽ سڄي محلي ۾ چانيل نظر آئي. وڻ تي ڪيترا ئي پکي ڪِل وِل ڪري رهيا هئا. نم جي پولارن ۾ رهندڙ پوپٽن جا آواز وڏيڪ اچي رهيا هئا. جهونا رهواسي هُئڻ جي ڪري ٿي سگهي ٿو اهي وڏو دعوو ڪري رهيا هجن. هل هنگامون ڪندڙ ٻارن ڪي ڏسي مشڪندڙ وڪيل جيان نِم هوريان هوريان لُڏي رهيو هو.

لهندڙ ڏينهن جي هلڪي سوجهري ۾ ڪنچن با اوسريءَ جي وچ ۾ لڳل تختي پڙهي. 'سورگيہ شري امرت لال ديو شنڪر شُڪل جي ياد ۾ سندس ڌرم پتني گنگا سوَروپ ڪنچن گوريءَ ماتاجيءَ جي مندر ۾ تختي جڙائي آهي. سنبت 2034 اڪاتيج آرتوار .....' وڏي پرٻاهرا پئسا ناڪر صاحب ڪي موڪليا هئا. عادت مطابق سڄو پڙهي پورو ڪيائين پر ڪنچن با جو ڪليجو ڪُرڪي پيو. ' اڙي مان بہ ڪهڙي نہ نادان آهيان! ڏيندڙ تہ سڄي هٿ سان ڏيندا آهن جنهن جي ڪابي هٿ ڪي بہ خبر نہ پوندي آهي. ڏنوءِ جس جڙيو ۽ وري وصول ڪرڻ آئي آهيان! ٻئي هٿ جوڙي هوءَ من ئي من ۾ ليلائڻ لڳي.

'ماءُ، مونکي پنهنجي مجي معاف ڪجانءِ، توکي ارپڻ ڪيل ڪا شيءِ مونکي نہ ڪپي. دردن جي ماري تنهنجي شرڻ آئي آهيان، هن شرير سان تنهنجو قرض چڪائڻ بنا مان ڪونہ مرنديس.'

آرتيءَ جي گهنڊي جي آواز جڻ ڪنچن با ڪي جاڳائي ڇڏيو. هوءَ اٿي ۽ اوسريءَ ۾ لڳل گهنڊ وڄائڻ شروع ڪيو.روز تہ جڳديش اڪيلو هوندو آهي. وري هن ڪي هڪ هٿ سان آرتي ڪندي ٻئي هٿ سان گهنڊي وڄائڻ ڏورو مشڪل ٿيندو آهي.گهنڊيءَ جي ليہ قائم رکڻ ويندو آهي تہ آرتيءَ جو رڌم ٽٽندو آهي ۽ آرتيءَ ڪي سنڀاليندو آهي تہ گهنڊيءَ واري ليہ ڦِٽندي آهي. هونئن بہ زندگيءَ ۾ هڪ ليہ ڪي قائم رکڻ ڏکيو هوندو آهي اتي هي بہ بہ ليہ .... پر اڄ گهنڊ جي آواز جي ڪري ڏهہ ـ ٻارهن ڇوڪرا مڙي آيا هئا. سمتا واري رنجن بہ حق سان ڪنچن با جي پر ۾ اچي بيهي رهي هئي. .آرتيءَ ڪان پوءِ ڇوڪرن ڪي خالي هٿين ويندو ڏسي ڪنچن با ڪي ٿيو : ماتاجيءَ ڪي ٿورو پرساد ڏيڻ ڪپي. سياڻي ڪنهن ڪي چونديس. پر ...

'اي ٻارو، گيٽ بند ڪندا وڃجو.' جڳديش هڪل ڪري ڪمري جا دروازا وري بند ڪيا. رنجن ڪنچن ٻا جي قريب ويندي پڇيو:

' اماں هي جڳا پائي اندر ڇا ڪندو هوندو؟'

' پوڄا.'

ٿوري دير بعد پينٽ پائي پلاسٽڪ جي ٿيلهي هٿ ۾ ڪنيو جڳديش ٻاهر نڪتو. جڳديش کي ڏسي رنجن کلي پئي. ڪنچن هن کي روڪي تنهن کان اڳ تہ ....

' چاچا جڳا ڏوتي پهري سائيڪل نہ هلائي سگهجي؟' رنجن پڇي ئي ورتو.

'ڏاڍي وائڙي آهي. وٺ اماں هيءَ چاٻي.' چوندي جڳديش ڪنچن ٻا ڏانهن چاٻي وڌائيندي چيو.

' پٽ مونکي چاٻيءَ سان ڪهڙو ڪم؟'

' ٻاپوءَ چيو آهي.'

' ٺيڪ آ، پر مونکي چاٻيءَ جي ضرورت ناهي. تون ٿڌيءَ دل سان ماتا جي پوڄا ڪر مونکي تہ هن اوسريءَ جي ڪنڌ ڪافي آهي.'

'پر ٻاپو پڇندو تہ ـــ'

' تہ چئجوس ڏيئي ڇڏي آهي. پوءِ مان سنڀالي وٺنديس.ٺيڪ آ، جيء امبي. '

جڳديش ڪمري جو مکيہ دروازو بند نہ ڪيو. اندر لائيٽ لئمپ چالو رکيو. اڌ ڄاريءَ وارو در بند ڪري چاٻي جٽئي ۾ ٻڌندي هن کي ٿيو، هي گريش ۽ هريش هرو ڀرو ڀڙڪائي رهيا هئا. هن امڙ کي تہ ڪجهہ بہ نہ پيو ڪپي. پر اجا ڪجهہ ڪپيس نٿو اهو جملو من ۾ پورو ڪري تنهن کان اڳ شڪ وري متو مٿي ڪنيو. ڪٿي هن جو پلان وڏو نہ هجي! ٻاپوءَ جا ڪن پري ٿڌي پاٽيءَ سان خارش نہ ڪدي. ڇا ڪريان چاٻي ڏيئي ڇڏيانس؟ پر هوءَ تہ وٺي ئي نٿي. پلي وني نٿي ۽ ٻاپوءَ کي چوندي تہ جڳوءَ چاٻي تہ مونکي ڏني ئي ناهي! '

ڏاڪڻ لهندي جڳديش کي عرب ۽ اٽ واري ڪهاڻي ياد اچي ويئي. سياري جي رات ۾ رڻ ۾ ٿڌ کان بچڻ لاءِ اٺ پهريان ٿورو مُنهن ئي تنبوءَ ۾ وڌو ۽ پوءِ عرب کي ٻاهر ڌڪي ڇڏيو. هن کي ٿيو ' پر هيءَ تہ آڱر وٺڻ کان بہ منع پيئي ڪري. پڪ سان ڪو وڏو ڪارنامو ڪندي. هن پنيان واڙي واريءَ زمين تي تہ سندس اک ڪانهي! پر هاٽي هن جو ڪهڙو حق؟ هن تہ ناڪر صاحب کي مڪان وڪڻي ڇڏيو آهي ۽ ناڪر صاحب سڄو وهيوٽ پئنچات کي سونپي ڇڏيو آهي. هن اليڪشن ۾ سرپنچ وچن ڏنو آهي تہ پويان ڪمرو نهرائي ڏيندو. پر هيءَ سرپنچ سويتا هونئن بہ مائي عالم. هن کي تہ آڱونو ئي هٽڻو آهي.

وري جنهن جي گهر ۾ پائيءَ جيتري بہ نہ هلندي هجي تنهن جي پئنچات ۾ ڪير ٻڌندو؟ ' هڪ ڪن لاءِ جڳديش ڪي ٽيو تہ هن جا ٻارهن ئي وهاڻ ٻڏي ويا. هي صبح - سانجهي ڏيي ٻتيءَ جا مهني بہ سو روپيا ملن جنهن مان سائيڪل جو پنڪچر بہ مهانگو پئجي وڃي.اهو تہ وار تهوار تي پوڄا - ڪٿا هلندي آهي جنهن جي ڪري ٻارهن مهنن جو ان ملي پوندو آهي. پر لڳي ٿو هاڻي هتي وارو ان - جل بہ پورو ٿي ويو آهي يا ڇا؟

ٺاڪر صاحب جي حويليءَ وٽان لنگهندي جڳديش پل ڀر لاءِ رڪجي ويو.' ملي وٺانس؟' پوءِ ٽيس هل نہ سرپنچ جي گهر ڪان ٿيندو اڇان. ' سويتا ڀين جو ڏير رَوجي ماستر دوست آهي ان ڪري پهرين هن جي ئي ڪن ۾ ڳالھ وجهي ڇڏيان، پوءِ فڪر نہ رهي. ' جڳديش سائيڪل سرپنچ جي گهر ڏي موڙي ڇڏي.

## 6

سرپنچ سويتا بين جو گهر ڳوٺ جي ڇيڙي تي. آزاديءَ جي پنجاهه سالن کان پوءِ به هريجن واس ڳوٺ جي وچ ۾ ناهي . پر گذريل ستن اٺن سالن ۾ هريجن محلي جي ڪايا پلٽ ٿي وئي آهي. ڏارا سيپه شنا ٻائي جي چونڊجڻ تي سماج ڪلياڻ يوجنائون صحيح دشا ۾ مڙيون آهن. ائين ته شنا ٻائي کي ڪا پارٽي اڳتي اچي چانور ڇهتائڻ اچي اهڙو اتهاس ۾ ناهي ٿيو. ڏاڍو سو ڪابو واري تال جيئن اُوچ جاتيءَ وارا تلاءَ جي هن پار رهندڙن کي ماڻهو ئي ڪٿي ليکيندا هئا؟ ننڍا وڏا لوپ لالچون، اکين جي شرم سان يا وري زوريءَ ووٽ وٺي ويندا هئا!هي ته وري محفوظ ٻئنڪ وڏي جنهن جي ڪري جساپر واري سيٽ شنا ٻائي جي ڀاڳ ۾ آئي.پهرين ٽرم ته هن گذريل ڏاراسيپه جي جي حضوريءَ ۾ پوري ڪئي. پر ٻي ٽرم ۾ شنا ٻائيءَ ڪجهه رنگ ڏيکاريو. ماڻهو ايڏو قابل ڪونه هو پر دل جي سوچ وارو ضرور هو. هن پهرين سڀ ڪجهه جاڻي ٻجهي چڱن ـ لڱن ماڻهن جي سَنڌ سجاتي. اڄ جساپر جي هريجن محلي ۾ لائيٽ جا ٿنبا، هئنڊ پمپ، ۽ پڪا رستا ڏسو ته توهان کي شنا ٻائيءَ جي سوجهه ٻوجهه جي ڪل پوي.

شنا ٻائي سڌو سنئون ماڻهو. پاڻ پلو ۽ سندس ڪوريڪو ڪم پلو. پيءُ والي ٻڳت جو ٻجن ڳائڻ وارو ورثو نندي ٻاءُ روجيءَ قائم رکيو هو ۽ اٽڻ وارو ڪم شنا ٻائيءَ جي آڱرين. گذريل ٿوري عرصي کان پوليئيسٽر ڪاڏيءَ جو واهپو وڌندي اٽڻ ۾ به ٿوري ٿوري برڪت پيئي هئي. جيئن ئي جساپر واري سيٽ محفوظ ظاهر ٿي ته نندي ٻاءُ رَوجيءَ موقعي جو فائدو ورتو.ٻلا ٻائيءَ کي وچ ۾ رکي هن شناٻائي جي ٽڪيٽ پڪي ڪرائي ورتي. وقت جو بدلجندڙ روپ ڪنهن کان به ڳجهو ڪونه هو پر ڇڏي ڪير؟ پهل ڪير ڪري؟ اڳوٽي ڏارا سيپه پرت سنگهه لاءِ ڳوٺ جي سڀ کان وڏي گراسدار ٻلا ٻائيءَ جي ڳالهه کي ٽارڻ ڏکيو هو. پُٽ ويريدر جي ننڍن وڏن ڪرتوتن کي لڪائڻ لاءِ سال ۾ ويهه پيرا ٻلاٻائيءَ جو احسان وٺڻو پوندو هو. اگر عهدو ڇڏيندي به هٿ مٿاهون رهندو هجي تتان وهندڙ گنگا ۾ هٿ ڌوئڻ ۾ ڪنهن کي اعتراض هوندو؟ ائين شنا ٻائي اسمبليءَ تائين رسائي حاصل ڪري سگهيو. گذريل سال سندس گهرواري سرپنچ جي عهدي تي چونڊجي آئي.

جڳديش شناٻائي واري ڳليءَ ۾ سائيڪل موڙي ته مينهن وسڻ شروع ٿي ويو. ڪن پل هن کي ٿيو ته ' ڪنهن گهر وٽ بيهي رهان.'پر پوءِ هو ڳليءَ جي سامهون واري ڇيڙي

تي پهچي ويو. ڳلي ۾ ويڙهيل پوليئيسٽر جي رومال سان مُنهن اگهندي هن روجي ماستر جي ڏيئڍيءَ جو دروازو کُڙڪايو. ٻئين ماڙ تان دريءَ مان ڪنهن نهاريو.

' جڳو برهمڻ آيو آهي. '

جڳديش ٻڌو. در کلندي ئي رَوجيءَ متان سڌ ڪندي جڳديش کي سامهون واري اوسريءَ ۾ وِهڻ لاءِ چيو.

ڏيئڍي، وچ ۾ وڏو ڪليل اڱڻ. پوءِ هڪ اوسري ۽ يڪا چار ڪمراءِ متئين ماڙ تي ٻه ائين ئي.اوسريءَ جي ڏاڪڻ وٽ رَوجيءَ جو اسڪوٽر پيو هو.جڳديش هٻڪندي اوسريءَ ۾ پيل ڪرسيءَ تي وينو. رَوجي دوست جو هئس. ڪاليج ۽ بي. ايد ۾ گڏ هئا پر گهر اچڻ وڃڻ گهٽ هو. ٻنهي جي وچ واري ڪاهي ڪانپ ۾ ويندي ڪڏهن ڪڏهن پورجي ويندي هئي ته ڪڏهن ڪڏهن ڳوٺ ۾ ايندي وري ظاهر ٿي پوندي هئي جنهن جي خبر ئي نه پوندي هئي.

بنگلي جي ڏاڪڻ تان چوڪرا ڊوڙندا هيٺ لٿا. جڳديش جو من چُري هليو. جڳديش هاڻ اسڪول ۾ استاد ۽ سندس گهرواري ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ ٽيچر. نوڪريءَ کان علاوه ٽيوشن جي به آمدني پرپور. چوڪرن جي لهڻ کان پوءِ جڳديش به هيٺ لٿو.اچي هن جهولي ۾ وِهندي سيل فون پاسي ۾ رکيو ۽ پنهنجي پير ۾ ٻئي پاسي جڳديش کي وهڻ لاءِ چيو.

' هتي اچو ماراج. '

'مان هتي ئي نيڪ آهيان. ' چئي جڳديش نه ڪئي. ۽ پوءِ پڇيائين:

' چا اڄوڪي شفٽ پوري؟ '

' نه، نه اجا هڪ ٻئچ باقي آهي. '

' سڄو ڏينهن لڳاتار ڪم ڪندي ٿڪجي ڪونه پوندا آهيو؟'

' هي ڪم ته آسان آهي. ڪوڏر ڪهاڙي جهڙو ته آهي ڪونه، اهوته وِهاري وينا هوندا آهيون. پڙهن ته نيڪ آهي باقي اڪر سڌرن ته به ڪافي آهي. گهر ڪان بازار پلي. '

' ڏهين ڪلاس وارا هوندا؟' جڳديش ويهن ويهن واري ٻئچ جو حساب لڳائيندي پڇيو.

' نه، نه بابا ايڏي متاڪُٽ ڪير ڪندو؟ اسان کي ته انين نائين درجي وارا بس آهن. امتحان اسڪول ۾ ئي هوندو آهي ان ڪري .... '

'گهر جا ديو گهر جا پوڄاري! ' جڳي پورو ڪيو.

جڳديش جي تير کي پڪڙي مڏو ڪندي رَوجيءَ پڇيو.

' بيو ٻڌاءِ اچ هتي ڪيئن اچڻ ٿيو؟'

' سويتا بين ناهي.؟ '

' ياءُ يايي گانڌينگر ويل آهن. ڪو ڪم هيو ڇا؟'

جڳديش سنئين سڌي سوال جي ڪري ٿورو ڍلو ٿيو. ڇا چوڻو؟ پاڻيءَ کان پهرين ٻنو ٻڌڻ لاءِ نڪتل جڳديش کي اندازو نه هيو ته ڇا چوندو؟ هونئن ته ڪجهه به نه ٿيو هو. هڪ ڳالهه ته ڏيي جهڙي واضح هئي ته مندر جو ڪم ڪيس ڏيادان ۾ مليو هو. ان ۾ احسان ڪيل ماڻهو حق دعوي جي ڳالهه ڪهڙي مُنهن سان ڪري سگهي؟ پر چوڻو ته هو. رَوجي دوست جو هو. ڳڏ پڙهيا هئا پر ان کي به ڇگو وقت گذري ويو هو.وري ان وقت هو ڏاراسيپه جو ياءُ نه هيو. جڳديش کي چوندن واري موقعي تي سويتابين جو ڏنل وچن ياد آيو ' پئنچات شڪتي ماتا جي ڪمري جي پنيان پوڄاريءَ لاءِ هڪڙو ڪمرو نهرائيندي. ڏٽن وارن تي مائين کي سوڙهه نه ٿئي ۽ ساوڻ مهني ۾ ڪتا وارتا به ٿئي'پر چوندن وارا وچن ..... هن آخر بهانو ڳولهيو.

' سويتابين سان ٿورو ڳالهائڻو هو. هن اچ وچ ۾ سائيڪل ڇڪيندي ٽڪجي پئبو آهي. سويتا بين شڪتي ماتا جي ڪمري جي پنيان هڪڙو ڪمرو نهرائي ڏيڻ جي لاءِ چيو هو. هتي هجان ها ته توهان جهڙن جي سفارش سان ۾ چار سنا ٽيوشن به ملن ها. اسان جي رامپرا ۾ ته پرائمري تائين ئي اسڪول آهي. ٽيوشن ڪرائڻ ۾ مزدوري وڌيڪ ۽ اجورو ڪجهه به نه. اچ ٿورو ٽائيم هيو ان ڪري سوچيم ٿورو ملندو وڃان.' جڳديش ڳالهائي رهيو هو ۽ رَوجيءَ جي چهري جي بدلجندڙ ڀاون کي به ڏسي رهيو. ڳالهه پوري ڪندي ڪندي هن کي محسوس ٿيو ته رَوجي هن جي هڪ هڪ جملي کي ڌيان سان ٻڌي رهيو آهي ۽ هر جملي کي رد ڪندي پر واري ڪچري جي ڍڳ ۾ اڇلائي رهيو آهي.

جڳديش چپ ٿي ويو. رَوجيءَ ڪجهه چوڻ چاهيو ان ئي مهل پاسي ۾ پيل سيل فون وڳو.

روجي فون کڻي اوسريءَ جي چيڙي تي آيل رنڌڻي ڏانهن هليو ويو. فون تي ٿيندڙ ڳالهه کي روڪي وچ ۾ هن ڪجهه چيو. جڳديش انومان ڪيو ته چانهه ناهڻ جي لاءِ چيو هوندائين. فون پورو ڪري رَوجي آيو ته هن چيو:

' چانهه ناهي پيئڻي.'

' تہ پوءِ روتي ڪائيندو وچ. 'پوءِ ڪلندي ڪلندي چيائين مان ٻاهر ڪنهن کي بہ ڪونہ چوندس. '
' نہ،نہ اهڙو ڪجھ بہ ناهي، پر گھر پهچندي دير ٿي ويندي ۽ هيءَ برسات هينئر پلي رڪجي وئي آهي، پر ايندي ضرور. '
رَوجي اٿيو ۽ جڳديش سان موڪلاڻي ڪندي چيو:
' تون صبر ڪر، ڪنچن ٻا توکي آڏي ڪونہ ايندي. هوءَ تہ ڀڳتياڻي مائي آهي تنهن جي باوجود بہ اگرڪجھ ٿيندو تہ مان وينو آهيان نہ. '

'پلي' چوندي جڳديش رامپرا جي واٽ ورتي. رَوجيءَ کي ورهين پهريان جا اُهي تپندڙ اونهاري وارا ڏينهن ياد اچي ويا. رَوجي ٻارهن تيرهن سالن جو هوندو. ڳوٺ ۾ هريجنن لاءِ کوهہ الڳ. انهن لاءِ آواڙو بہ جدا. اونهاري ۾ کوهہ جو پاڻي کارو ٿي وڃي.مني پاڻيءَ لاءِ يا تہ برهمڻن جي کوهہ تي وڃڻو پوي يا تہ رامپرا جي رستي آيل پاڙيا کوهہ تي. پاڙيا کوهہ پري ۽ اونهاري ۾ ويران رستو ڏکيو بہ ڏاڍو. ڳوٺ جي کوهہ تي صبح سان ئي وڃڻو. اگر ڪنهن کي رحم اچي تہ گهڙو بہ گهڙا وجهي ڏين. ڪيترين ئي نيزارين بعد شام جو مس مس اهو پاڻي ملي. ڪڏهن ڪڏهن تہ ٿيندو آهي تہ هنن لڙڪن سان اچ اجهندي هجي تہ ڪيڏو نہ سنو؟ پر اهي بہ تہ ڪارا وڪ ..... ڪنچن ٻا جي اچڻ بعد ان جو اهو اصول، روز ڪنچن ٻا ۽ سندس ڏيءَ اروٽا کوهہ تي بہ ڪلاڪ ٻيهن. ڪنچن ٻا کي ڪو پڇي : ' گوراڻي اما هينئر ئي واندي ٿي وئينءَ؟ پوجا پاٺ، رڌ پچاءُ پتجي ويو؟ ڪنچن ٻا چوي، ' هاءِ هي پاڻي پريندي پريندي پوجا جو پاٺ ٿي ويندو آهي. ' انهن ٻن ڪلاڪن ۾ جيڪو ڪو بہ ايندو هو تنهن کي ماءُ ـ ڌيءَ پاڻي پري ڏينديون هيون.
ڪو ڳوٺ ڇڻ پڻ بنا رهيو آهي جو هي رهي! ڳوٺ ۾ چُڻ پُڻ هلي. ڪنچن ٻا چيو، ' توهان جي ڌرم جي تہ حفاظت ٿئي ٿي نہ، تہ پوءِ باقي ڇا آهي؟ ۽ منهنجي لاءِ ڪَڙهندا هجو تہ يا تہ هنن کي پاڻي پرڻ ڏيو يا هنن لاءِ هنن جي ئي محلي ۾ کوهہ کوٽائي ڏيو. ناڪر صاحب نئون کوهہ کوٽائي ڏنو. پاڙي وارا سيئي ان کي ' ٻا وارو کوهہ ' چوندا هئا. رَوجيءَ جي پيءُ والي ڀڳت کي ڪنچن ٻا رکڙي ٻڌندي هئي.
هڪ دفعي تہ ڏسڻ وٺان ٿي. کوهہ کوٽائڻ بعد ڪنچن ٻا جي پاڙي ۾ اچ وڃ وڌي ويئي. ان ۾ ٿيو ائين جو هڪ پيري رَوجيءَ جي ڀيڻ جي شادي هئي. ڇڄ اچي پهتي پر

برهمڻ ڪانپ هليو ويو هو.والو پڳت ڪنچن با کي وٺي آيو.ڪنچن با سيٺن کان سنڪلپ وٺي وِڌي ڪئي. ڏکٽا ۾ ڪنچن با پڳت وٽان ڀڄن ڪرڻ جو وچن ورتو.

والي پڳت جي وهي خاص ڪونہ هئي نديپڻ ۾ ئي شادي ٿي پر نڪيتي ٽيڻ کان اڳ ئي ڪنيا مري ويئي.پوءِ ٻيو گهر ڪيو. شنا پائي جيءَ ماءُ سان شادي ڪئي. شنا پائيءَ جو پيءُ گذاري ويو هو ان ڪري ماءُ جي اگر ٿي آيو هو.نصيب جو مُنل ٻي زال بہ ہ ڌيءَ پُٽ ڄڏي مري ويئي.گهر پڳل والي پڳت اٺڻ ۽ ڀڄن ۾ من لڳايو. رَوجي ۽ ليلا کي شنا پائيءَ ئي وڏا ڪيا.والو پکت رامديو پير جا پاٺ ( هريجن قوم جي هڪ ڌارمڪ رسم) هوندا هئا تہ راتين جون راتيون گهر ڪونہ ايندو هو. ڪنچن با سان ڪيل قول کان ڪيئن ٿو ڦري سگهجي.

دربارن جي ستي ماتا جي استانڪ جي اڳڻ ۾ ڀڄن ڪرڻ اهو تہ رات کي ڏينهن چوڻ جهڙو ڏکيو ڪم هيو. پڳت آيو. اڳن ڦُل ڇٽيو ۽ پاٺ ٿي جيوتي جلي. اجا تہ چوهر يعني چار ڀڄن ڳائجن تنهن کان اڳ هو هو ۽ هُل ٿيو.

' بند ڪريو اهو سڀ، اڇوت ڪري پيا ماريو. ڪيو هنن سيني کي هتان. نہ تہ جلائي ڇڏينداسين سيني کي. '

ڪنچن با دور پيڙ ۾ پرت سنگهہ جو آواز سڃاتو. هوءَ اٿي ۽ پيڙ جي سامهون وڃي بيٺي.

' ڀڄن بند ڪونہ ٿيندو. توهان کي جيڪو ڪرڻو هجي سو ڪريو. '

ڪنچن با کي ڌڪو ڏيندي پرت سنگهہ اڳيان آيو ۽ ڀڄن منڊليءَ جي ماڻهن کي چوڻ لڳو:

' اڙي توهان جو بہ اٿو ڪٿو آهي جو هن جي لاري لڳا آهيو. نڪرو ٻاهر نہ تہ جيئرا ئي دفنائي ڇڏيندوسانو. '

ڪنچن با ۽ والي پڳت کان سواءِ سڀيئي هڪ جي پويان هڪ هلڻ لڳا. بہ راتيون ۽ بہ ڏينهن ڪنچن با ۽ والو پڳت ان جل جو تياڳ ڪري مسلسل پاٺ ڪندا رهيا. ٽئين ڏينهن صبح جو ناڪر صاحب پڳ لاهي ڪنچن با جي پيرن تي رکي.

' ڌيءَ، تون ستي ماءُ جي استانڪ ۾ ويٺي آهين. نہ ڪري ناٿ توکي ڪجهہ ٿي پوي تہ مونکي استري ۽ برهم هتيا ٻنهي جو پاپ لڳندو. هن ڳوٺ مٿي ستي ماتا جو ڪوپ ۽ قهر لهندو. پرت سنگهہ جي بدران مان معافي ٿو گهران، هاڻي اپواس ڇوڙيو. '

ڪنچن با ٺاڪر صاحب جو مانُ رکيو ۽ ڳڌوڳڌ هک دڙکو به ڏنو. ' توهان پرت سنگهه کي ڇئي ڇڏجو منهنجي آڏو نه اچي. هي ته اک جي شرم جي ڪري پوليس تائين نه پيئي وڃان پر هاڻي سُنو ڪونه ٿيندو. زمانو بدلجي ويو آهي. '

ان سال رکشابندن جي ڏينهن تي پهريون ڀيرو ڪنچن با والي ڀڳت کي رکڙي ٻڌي.

7

'هاڻي ڏس، ادي تو تہ لائيٽ بہ ڪونہ ڪئي آهي؟ اهو تہ سنو ٽيو جو بيٽري هئي جنهن سان خبر پيئي تہ تون ويني آهين.' چوندي رکي با اوسريءَ واري لائيٽ جو بٽڻ دٻايو. پاور گهٽ هو ان ڪري بلب چمڪ چمڪ ڪري رهيو هو.

'جي ناراڻ پاپي. ڇئہ ڪٽي وهاريانو؟ ۽ پليڪار بہ چا جي ڪريان؟ هي ڪهڙو منهنجو .... ' جملو اڌورو ڇڏي ڪنچن با وڪرنڌ صبر ڪي سنيالي ورتو.

' اهو چا پيئي چئين ادي. مونکي ڏسي منهنجو ئي مثال وٺ نہ. جيڪي منهنجا هيا سي منهنجا ٿيا؟'

'جهڙا جنهن جا نصيب ، جهڙا ڪرمَ.'

'مونکي تہ رات ڏينهن بس هڪڙي ئي چنتا ستائي رهي آهي. منهنجي سمتا جو چا ٿيندو؟ هن لاءِ تہ هن سنسار ۾ متي اُپ ۽ هيٺ ڌرتي. سپاڻي مان نہ هوندس تڏهن هن جو ڪير ٿيندو؟'

'ٿيندو، هن جو بہ ٿي پوندو. اسان ڪان آسمان واري کي وڌيڪ چنتا هوندي آهي.' ڪنچن با رکي با کي سالن ڪان سڃاڻي ٿي. دل جي تمام صاف. بس ٿوري ٻڙٻڙي. پنهنجي ڳالهہ ڪان سواءِ ٻين جي مڏ ٻڌندي آهي. آئي هجي ڪنهن کي پڇڻ پر ان ڳالهہ کي اتي ڇڏي پنهنجي ڪٿا شروع ڪري ڇڏي. ٽي سگهي تو زندگي پر جي هيڪلائي ۽ اٽڻ جي وجهہ سان سندس سڀاو ان طرح جو ٿي ويو هجي. ان ۾ ڪنچن با جو بہ عمل دخل هو. هن جي شخصيت ئي اهڙي جو هر ڪنهن کي پنهنجي دل جو بار هلڪو ڪرڻ جو من ٿئي. ڪڏهن تہ ڪنچن با کي لڳندو آهي تہ هوءَ ڪا ڪلي آهي. جيڪو تو اچي اهو پنهنجي هڪڙي هڙ ٽنگيندو وڃي! ڪو ائين بہ نہ پڇندو آهي تہ توکي هتي هڪڙي ئي هنڌ ڪُپي رهڻ وٽندو بہ آهي؟ توکي ڪجهہ چوٽو آهي؟ توکي هنن هڙن جو بار تہ ڪونہ تو لڳي نہ؟ ڪڏهن ڪنچن با کي لڳندو آهي تہ هوءَ پاڻ شيتلا ساتم واري وارتا ۾ ايندڙ ڏيراڻي آهي. جيڪو ملندو آهي اهو هڪڙي هڙ سونپي ڇڏيندو آهي پر پوءِ ٿيندو آهي تہ ڏيراڻيءَ کي تہ انهن اُپڪارن جو ڦل بہ مليو هو پر مونکي! اڄ هيَن هن شڪتي ماءُ جي آسري .... اتي سندس من چوي.

' نہ، نہ هن جي ڪِرپا لاٽري لڳڻ جهڙي سادي تہ ناهي هوندي! ڏس نہ هن جي ڪرپا جي ڪري هي هٿ پير ۽ هردو سلامت هوندو! ڪنهن کي خبر! '
' اڙي ادي مان بہ ڪيڏي نہ ويسلي آهيان! سمتا چيو تہ وڃ ڪنچن با کي گهر وٺي اچ. سنجيو يا منهنجي چوڻ سان ڪونہ ايندي. هاڻ هل تہ هلون .....'
' ڏس ياپي، ڪيترا سارا سال تنهنجي اوڍر رهيس. ننڍن ننڍن ٻارڙن کي ڪراچيءَ کان وٺي آئي هيس تڏهن ماءُ چئجي يا پيءُ تون ئي تہ هئينءَ. پر ادي مِني وڻ جون پاڙون پٽجن.'
' اهي ڏينهن تہ ڪيئن پلجن! ڪراچيءَ کان پڳاسين تہ پورو مهنو رلندي رلندي پنهنجي ڳوٺ پهتاسين. سُهري جي ڳوٺ رامپرا ۾ تہ پير رکڻ جي بہ جڳهہ ڪٿي هئي. هٽ ڳوٺ جي وٽن ٽٽن کان واقف ۽ ڪچو تہ ڪچو پر پيڪو گهر تہ هيو. ڳوٺ ۾ پير رکندي پهريون پيرو ' نياڳي' مِهٽو سجي شرير کي لوڏي ڌوڏي ويو هو.ايشور جڻ ساري ساري ڪنچن با جي گهر جي سجڻن کي ڪٽي ورتو هو. پيءُ ۽ ماءُ جي مرڻ کان پوءِ گهر جي چاٻي پري جي سوٽ وٽ رهندي هئي.گهر ۾ بس گهر جا ڪماڙ ئي باقي رهيا هئا. باقي ننڍيون وڏيون شيون پير ڪري ويئون هيون. رُڪي با جي سُهري لالجي سوٽهڙ پئنچات ڪوٺائي سوٽن کان يجمان ورتيءَ وارو حصو ڪنچن با کي ڏياريو.هن ڪنچن با جي وڪالت ڪندي چيو هو :
' اسان جڻ اڳيون ڪجهہ ياد ئي نہ ڪندا آهيون. گذريل ٽِٽ ٻانيڻ بہ پڙهندو ناهي. پر ايترو تہ طئہ آهي اگر جيني ٻاپا جا پٽ هيا تہ! اها تہ ڪال جي ڪرٽي جو ٻئي پٽ پرلوڪ ٿي ويا ۽ هن ڳڦ ـ ٽڪ جي رشتيدار کي هيترا سال گراس پوکڻ جي لاءِ مليو. پر جڻ نصيبن جي ماري ڳوٺ جي نياٽي ٻارَ وڏا ڪرڻ آئي آهي. ۽ اسان کي ڪٿي اسان جي ڪيسن مان ڏيٽو آهي؟ هن جو آهي سو هن کي سونپٽو آهي.پاٽيجڙن جي هٿان ڌرم جا بہ ڪم ٿين تہ سو ٻانيڻن کي راضي ڪرڻ وارو پُڄ پاڻ کي پراپت ٿيندو.اهي وڻڻ جهڙا ۽ اسان ڏيڻ جهڙا ان ڪري وچون رستو ڪيون. سيپئي نہ پر اڌ ججمان ڪنچن کي ملن تہ ٻنهي جو ڳڏو هلي.' هن ۾ بہ لالجي ٻاپا چال اونڌي ڦيرائي. صاف ٻڌائي ڇڏيو.
' ڏس يار، تون سموري ويڙهاڪ قوم جا گهر ڪنچن جي حوالي ڪري ڇڏين اهو ڪونہ هلندو.سٺن ۽ ٻرن سيني گهرن ۾ برابريءَ وارو ڀاڳ. ۽ تنهنجي گهر بہ ڪٿي ٻاجهر جي ڪمي آهي. مان چوندو هوس جيني ٻاپا کي، هڪ اڌ ڪيت پاڻ وٽ رکو پر ڪونہ مڃيائون. ڪال جي ڪنهن کي خبر آهي؟'

' ڪهڙي خبر ڪهڙي شُڪن ۾ بابا ڳوٺ ڇڏيو هو جو وري موٽيو ئي ڪونہ! هي ڏس نہ هڪ مان آهيان جو وري وري موٽي ايندي آهيان.' ڪنچن با ڪان شوڪارو نڪري ويو.

' ڪهڙن ويچارن ۾ ڪوهجي وئينءَ؟ منهنجي گهر اچڻ ۾ توهان ڪي ڪو اعتراض '....

' نہ، نہ پاپي اعتراض تہ ڇا جو هوندو؟ پر ياد آهي مون جڏهن ڪراچيءَ کان اچي پهريون پيرو هن حويليءَ ۾ قدم رکيو هو تڏهن تون آيءُ هئينءَ. تنهنجي جي مٿي تي ٿويو پر ٻاجهري هئي ۽ هٿ ۾ ڳوٿري ۾ رڌ پچاءُ وارا ٿانو نڪر هيا.' چوندي ڪنچن با هڪدم اٿي ڪڙي تي ۽ ڪليءَ ۾ لٽڪيل ٿيلهيءَ مان ڪجھ ڪڍي آئي.

' ڏس پاپي هن باسڻ ڪي سڃاڻي تي؟ هي اهو ئي پيالو آهي جيڪو تون ان ڏينهن کڻي آئي هئينءَ. هن پيالي جي سهاري ئي هٿ پهتي آهيان.'

' پيڻ تون بہ ڇا آهين جو اڃا سڀ ڪجھ سنڀاليو ويٺي آهين. هاڻ هل، منهنجي گهر هلندي توتي ڪو ٿورو تہ ڪونہ رهجي ويندو. پرائي پرديس ۾ تو جيڪو منهنجي لاءِ ڪيو آهي ان جو ملھ ۽ ڪٿ ئي ڪيئن ٿئي! منهنجي هن چمڙيءَ مان جوتا سبائي توکي پهرايان تہ بہ گهٽ آهي!'

رڪي با جو ور رتي لال. ڇهن نينگرين کان پنيان هڪ جو هڪ نينگر. لالجي مستري متو هٽي هٽي ٿڪجي پيو پر ڪو ڪم نہ سکي سگهيو.زور مس وهارينس تہ بہ ڪجھ بہ نہ ڪري.ماءُ جو مُنهن چاڙهيل. بس هڪڙي ئي ڌُن فلمن ۾ وڃڻو آهي.ناٽڪ ڪرڻو آهي. آسي پاسي وارن ڳوٺن ۾ ڀوائي يا رامديو پير جو آکيان هجي ۽ رتي لال اتي ضرور پهچي وڃي.سڄو ڏينهن ڀوائن جي پويان پويان گهمندو وتي. انهن جي چلم ڀيڙي ۽ ٻيا ننڍا وڏا ڪم ڪندو ڦري.ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي انهن جا ميڪ اپ ڏسندو رهي.وڏو ٿيڻ کان پوءِ ننڍا وڏا رول بہ ڪندو رهي.ڏينهن ٽائين انهي موڊ ۾ رهي. ڳوٺ جا ماڻهو کيس 'رتيو ڦاڪ' فلم جي ڦاڪ چوندا هياس. شادي ڪيائونس. ائين ڪرڻ سان بہ ڪو سڌرندو هجي تہ ٻيو ڇا کپي!

ڪڏهن ڪڏهن رُڪي با ڪنچن با کي جهونيون ڳالهيون ياد ڪرائيندي چوندي هئي : جڏهن مان نڪڙجي آئي هيس تڏهن تنهنجو جو پاءُ ڪڏهن ڪڏهن هريش چندر جو ڪيل ڪري تہ ڪڏهن ڪڏهن ڪادو مڪراٽيءَ وارو ڪردار. هڪ ڀيري پرٿوي راج جيان

سَنيوڪتا ڪي ڪٽڻ ويو ۽ منهنجو پير مڙي ويو. ' رڪي با جي مشڪ ۾ رهندڙ پيڙا جي هڪ ٻه ريکا ڪنچن با کان لڪل نه رهندي هئي.

رڪي با پهريون ڀار ڄڄڻ جي لاءِ پيڪي گهر وئي ته رتي لال هلي نڪتو احمدآباد. سال کن رلڻ بعد ڪراچيءَ هليو ويو. ڪراچيءَ ۾ ڊرامائي طور سان امرت لال سان ملاقات ٿي ويس. ٽڪيٽ ٻاريءَ تي متاڪُٽ ٻڌي امرت لال آفيس مان اٿي ٻاهر نڪتو. بوڪنگ ڪلارڪ چيو ٻڌايو ته ’هي ماڻهو سون جي مُندي ڏيئي چوي ٿو ته هن جي پيسن مان جيترن ڏينهن جون ٽڪيٽون ٿين ايترين ڏي. چيومانس ڪنهن سوناري جي دڪان تي وڃ پر مڃي ئي ڪونه ٿو.هيڏانهن شُو جو ٽائيم ٿي چڪو آهي.

رتي لال کي آفيس ۾ گهرائي ڳالهه ڪندي سڃاڻپ نڪتي.ان ڏينهن رتي لال کي ٿئيٽر ۾ پروجيڪٽر روم ۾ نوڪري ملي، فلم ڏيکارڻ جي. ڪنچن با جي چوڻ تي رتي لال ٻچن ٻارن کي گهرائي ورتو هو.پر رتي لال جنهن جو نالو اهو پلا ائين ڪيئن ٿو ويهي سگهي. پنج کن سالن کان پوءِ لاهور جي واٽ ورتائين.ٽڪجي آخرڪار ڪنچن با پنهنجي ياڙي سان رڪي با ۽ سندس پٽ کي وطن واپس موڪليو.اهو ته نصيب هُين جو وقت سر وطن پهچي ويا.

ڪنچن با ڳالهه کي اڳتي وڌائيندي پڇيو :

’ڪر خبر پايي تنهنجو وڏو پٽ پلا ائين ڪيئن گذاري ويو؟‘

' اسان ڪراچيءَ آياسين ۽ ٻئي سال ڪيس ڏنور ٿي پيو.هونئن ته ننڍو هو پر سڄو ڏينهن پيءَ سان گڏ واهلا سيرايون الاريندو رهندو هو.ان ۾ خبر ناهي ڪڏهن ڪجھ لڳي ويو هوندس؟ اهو ته ڪانپ ۾ وني وياسينس تڏهن خبر پيئي ته لوھ لڳي ويو هوندس.دوا خاني پهتاسين ۽ ڪلاڪ ۾ ڊرڪي پيُو.'

' منهنجو ياءُ آيو هو؟'

' ها، هن کي اڏندي اُڏندي سماچار مليا. پوءِ سال ٻن سالن ۾ هڪڙو آڌ گهمرو ڪري ويندو هو. ڏس نه ان ۾ ئي هن اشون جي پيڙا لڳي. '

' انهيءَ ۾ ٻه ڪو ايشوري سنڪيت هوندو. هن اشون جي ڪارڻ ته توهان جو اوتار نڪتو.'

' اهو ته ٺيڪ پر ٽيهن سالن جي عمر ۾ ننڍي ٽڻان سان گڏوگڏ ويم واري ڪٽ وڃائيندي سني لڳنديس؟ گهر کان ٻاهر پير رکندي شرم اچي. اهو ته سس سُهري جو سهارو جو ڪو آڳر نه ڪٽي سگهي باقي لوڪ ته سيتا جهڙي ستيءَ کي به ڪٿي ٿو ڇڏي؟'

رکي با کي گهڻن سالن کان پوءِ ڏينهن چڙهيا. سس سوچيو ته پويان نالو وٺندڙ ته رهندو پر رکي با جو من ستت هڪ ئي بار ڪٽندو رهيو. اندر مان هڪ ناڪار اٿندي رهندي هئي. اشوِن جي جنم کان پوءِ به ڪو اتساهه ڪونه جاڳيو.هن کي وڏو ڪيو، ڏنڌي لڳائڻ لاءِ پنهنجا ڳهٺا زيور وِڪيا، اوڌر سوڌر ڪري سندس شادي ڪئي. سڀ ڪجهه ڪيو پر زندگي پر جڻ هوءَ ڪنهن جي ڪيت ۾ ڏهاڙيءَ تي ڪم ڪندي هجي ائين سڄي جوابداري ڪنئي. نه زمين، نه ٻج ۽ نه ڦل. ڪجهه به پنهنجو نه. اشوِن جو هن جو هجي ها ته چا ائين هليو وڃي ها!'

'هينئر منهنجو ياءُ ڪتي آ؟'

' ڪهڙي خبر؟ به سال اڳ مدراس مان خط آيو هو.فلم ۾ ايڪسترا ماٺهو کان وٺي سڀ ڪجهه سپلاءِ ڪندو آهي. هونئن ته دلالي ئي چئجي. جيڪو به هجي. هن جا ڪرم هن سان. ادي مون ته منهنجي مٿي تي اِيشور جيڪا به وڌي اها ذميداري ڪنئي. ابي امڙ جي آخر تائين خدمت ڪئي. اهي وري به ڪيت چڏي ويا آهن جو مانيءَ جي چنتا ڪونهي. باقي هو هجي يا نه هجي، منهنجي ياڳ ۾ ته ٻڙ ٻڙ سڙٽو ئي لکيل آهي. مون ـ تو جهڙين جا آستانا لوڪ ڪري ته ڳوٺ ۾ گهر گهٽ: آستانا جهِجها تي پون!!

ڪنچن با کي ٿيو، رُکي با جي ڳالهه غلط ناهي. جيڪا ڏٽيءَ جي پنيان ستي تي ان جي چِتا ته سيني ڏني آهي پر گهرواري جي غير حاضريءَ ۾ جيڪا جيئي تي، جلي تي ان جي لهس کي جڳ ڪتي ڏسي ٿو؟

اٿندي رکي با چيو:

' تون به عجيب آهين، مونکي ڳالهين ۾ لڳائي پلائي چڏيئه. هلو هاڻ گهر. روٽي پاٽي ڪري ٻئي ٽان پاجائي تڏيون منيون ڳالهيون ڪنديونسين.

' پوءِ اينديس، مونکي سپاٽي کان انشنان ڪرٽو آهي. تون وڃ. سِمِتا چنتا ڪندي هوندي. هي چوماسي جا ڏينهن. اونده ۾ ڪو جيو جنتو .... '

' ڏس نه هيءَ هٽ بتي انهيءَ ڪري ته ڪٽي آئي آهيان.ڳوٺ ۾ بجليءَ جا ٿنيا ته گهٽا ئي آهن پر هيءَ پرجا گولا رهڻ ڏئي تڏهن نه! پئنچات وارا وجهن ۽ ماٺهو ٻئي ڏينهن ٽوڙي چڏين.'

' هاٽي ٻيون ڳالهيون پوءِ. هل ته مان توکي اڌ تائين چڏي تي اچان. ڪنچن با رُکي با جو هٽ جهليندي چيو.

' نہ نہ مان پهچي وينديس، پر توکي هڪڙي ڳالھ ۾ بہ نہ پُڇي سگھجي. پنهنجو ئي ڪندي آهين. چڱو تہ تون بنپهرن جو جڏهن ڪتا وانچين تہ ڇَورائي موڪلج.'

'سنو. سمتا جي رنجن کي چوڻ لاءِ موڪليند يس. چڱو تہ هاڻي جئہ نارا'ڻ.'

رکي با وئي ۽ دروازو بند ڪري ڪنچن با ڏاڪڻيون چڙهي اوسريءَ ۾ آئي. رُڪي با هئي تڏهن ڪجھ سنو لڳي رهيو هو ڪجھ برو. بادلن جي ڪري اُس نہ لڳندي آهي پر بادل وسن نہ ۽ صرف آڙنگ ڪن تہ بي چيني ٿيندي آهي. رکي با جون ڳالهيون من کي راحت ڏيئي رهيون هيون پر من چاتو ٿي تہ هينئر ئي هوءَ هلي ويندي ۽ پاڻ هيڪلي! هيءَ چوماسي جي رات، مندر ۾ اڪيلي. گھر ۾ ماڻهو اڪيلو هجي تہ نيٺ در درين ۽ ڇت جو سهارو هوندو آهي. هونئن تہ ساڪيات شڪتي ماءُ جو آسرو هو پر ڪڏهن ڪڏهن سامانيہ لڳندڙ شيون بہ عجيب پل ڏيئي ويندين آهن. جڏهن تہ رُکي با تہ پنهنجن مان ئي هئي!

ڪنچن با کي ٽيو رُکي با سان گڏ هلي وئي هجان ها تہ ! اتي ڪنهن چيو، ' بس هن هيتري سهاري نڪتي آهيان؟' هن وچايل ڪپڙو ڪٽي چندي وري وچايوءِ ٽيلهيءَ مان شال ڪڍي. وهاٽو تہ ٽيلهيءَ جو ئي. اتي ڪري لائيٽ بند پئي ڪيائين تہ ڊِم لائيٽ هئي ساٻہ وئي. ڪن پل لاءِ اوچتو اوندھ ٿي وجڻ جي ڪري ٿورو ڊني. پوءِ ڏيري ڏيري وچايل ڪپڙي تائين پهتي.هتورا‌ڙين سان ٽيلهي هٿ ڪري سري رکي ۽ شال سريکي ڪري اوڍي.

گھڙيال ۾ نون جا ٽڪورا لڳا.ڳوٺ ۾ اڌ رات جھڙو ماحول هو.شهر ۾ تہ نون ڪان پوءِ نئون ڏينهن شروع ٿيندو آهي. ٽي وي سيريل، پان ۔ مصالحا، پاچي پائون، ڊوسا ۽ پيل پوري آئسڪريم ۽ ٻيو بہ چاچا.هتي تہ سويل صبوح ڪان گھر ۔ کيت ۾ مزدوري ڪري ٿڪل ماڻهو ٽڪڙا سمهي پون. وري رات ۾ هڪ بہ پيرا ڊورن کي چارو پاڻي ڏيڻ جي لاءِ اٿڻو پوين.کيتيءَ ۾ ساڌن تہ گھٽا آيا. ڪيڙڻ جا، پوکڻ جا ۽ لاباري جا. پر استرين جي مزوري ڪا گھٽي ڪانهي. مٿان امبر چرخن جو بہ ڪم هلي .

ڪنچن با کي ياد آيو، پاڻ چندر ڪانت کي چيو هئائين تہ هو ڪيس هڪڙو امبر چرخو ڏياري. سچا ٻپهر واندي هوندي آهيان. جيڪو بوڙ ــ پن نڪري سو، پر هن منع ڪئي. ٽي سگھي تو ان ۾ هن کي گھٽتائي محسوس ٿي هوندي يا تہ ائين هوندو تہ هاڻ تہ امان کي آرام ملڻ کپي! ڪنچن با پاسو ورايو.

تڏن جا آواز اچي رهيا هئا.ڪنچن با سمهي پئي هئي، پر ميلن تائين ننڊ نظر نہ اچي رهي هئي. سرير ٿڪجي پيو هو ان ڪري اهلي هئي. رات ٿي ان ڪري نيم موجب سمهڻو هيو پر ننڊ اهڙن اصولن کي ڪٿي مڃيندي آهي. ننڊ کي اچڻو هوندو آهي تہ هلندڙ بس ۾

بينا هجون ته به جهوٽو اچي ويندو آهي ۽ نه اچٽو هوندو آهي ته شاهي پلنگن تي سو مڻ ڪپهه پريل گديلن تي به نه ايندي آهي! ٻيٽو ڪري وڇايل ڪپڙي هيٺان به فرش ٺري رهيو هو. ننڊ ڪي منائڻ وارو من اڄ نه هيو. سامهون مينهوڳي رات. ڪوري تختي، يادگيرين ڪي اوتڻ لاءِ آتي.

8

ڪنچن با ڪي ڇڻ سالن بعد پنهنجي وجود سان ـ پنهنجي پاڻ سان رهڻ جو موقعو مليو هو! اجالن جي اوٽ جي ڪارڻ ڪنهن جي به سوال تي ڪن ڪونه ڏنائين، پر هينئر جو پاڻ ڪان پڇندي ته؟ هينئر ئي ڇو؟ انيڪ پيرا اهڙا پل آيا آهن جو لڳندو آهي ته هاڻي ئي ماضيءَ جا پاڻيءَ حال تان ڦري ويندا. ڊوڙي ڊوڙي ان جا گهارا بند ڪيا آهن. حال ۾ جيئڻ ۽ جَالڻ اهو ضروري هو.خبر به نه پئي پئي ائين اندر ۾ آيل تهه خانو پرجندو پئي ويو ، ڪم جي ۽ نڪمي سيني ڳالهين سان، پر هاڻ ته لڳي ٿو اهو تهه خانو اوطاق (بئنڪ) ۾ داخل ٿي ويندو. مزي جي ڳالهه اها آهي ته ڪنچن با وانگر سيڪو تهه خاني جي وجود کي پلجڻ ٿو چاهي، پر جو هڪ پيرو به ان تهه خاني ۾ داخل ٿي ويو ته ان ڪي ان ۾ مشغول ٿيڻ ڪان سواءِ بي ڪا واهه ڪانهي. هي جهونو ٽالهي واڇو! ۽ هيءَ اڳڙين مان ناهيل ڳڏي! هي جنڊ جو مٽيون پُڙ ۽ هيءَ ٽرائيسيڪل جي سيٽ! هي رومال تي پرت پريل چوپڙ! هيءَ پينگهي جي گهوڙي ۽ بنا فوٽوءَ جي فريم ۽ لاٽون هي ارام ڪرسيءَ جو ڪوئن جو ڪُٽريل ڪپڙو. هي پاپڙ ويلڻ جو ويلڻ. هي پرت وارو ٽتل ڳن وارو وجٽو هي .... هي هڪ هڪ شيءِ هڪ نئون سنسار ڪٽي ٿي اچي.

اج هن مينهوڳيءَ رات جي سانت ۾ ڪنچن با ڪي ڪا عجب جهڙي فرصت ملي وئي هئي.جڻ گهر ۾ ڪو نه هجي ۽ پاڻ سامهون خزانو ڪولي ويني هجي. هڪ ٻئي پويان شيون ڏسندي ويندي هجي ۽ گذريل ورهيه وَهندا ويندا هجن. پر ڏسڻ هميشه سٺو ڪونه هوندو آهي.سنيون يا خراب يادون هِنسڪ هونديون آهن. انهن جي نُهن ڪان بچڻ ڏکيو هوندو آهي. ڪو جهنگلي جانور چئن پيرن تي ڪڙو تي توهان جو چهرو رهڙيندو آهي.رت ڦُٽي ايندو آهي.جيِ ڪي اهو ڪوءڙو سواد وٽندو آهي. اها جلن، جهوري ڏيري ڏيري نشو بڻجي ويندي آهي.ورتمان ڪان دور، من هلڪي ڪان هلڪو ٿي اڏرڻ لڳندو آهي. هڪ ٻئي پنيان ٿهون ڪِسڪنديون آهن ـ پردا هٽندا آهن. پاڻ سامهون بيهڻ جي ڏيرج هجي ته هڪ پاردرشي پاڻ ملندو آهي.

ڪنچن با ياد ڪري ٿي اهو ڏينهن جڏهن پهريون پيرو ڳوٺ ڪان ٻاهر پير رکيو هئائين. پيءُ ڪراچيءَ مان ڪونڻ آيو هو. ڏاڏو ۽ امان ڳڏ ڪراچيءَ نه آيا هئا. ' هِن ويندڙ

زندگيءَ ۾ ڪراچي ناهي ويٺو، هاڻ تہ هتي جي شمشان ۾ سومنات جي پير ۾ سُمهبو.'
ڪنچن کان وڏي سومنات جي موت جو گهاءُ ڏاڏو مهاپرساد پلجي نہ سگهيو هو.شاديءَ کان گهٽڻ ڏينهن کان پوءِ ڪنچن جي ماءُ ريوا ڪي ڏينهَن رهيا. ڪيترين ئي ڀاڏائن ۽ شرڌائن کان پوءِ ٽيل پهرينءَ پيٽ جو پُٽ! سومنات جا جهندا ٽئين سال لهرائي راندل جا لوٽا گهرائي چئن سالن بعد چانورن جي ڀاڏا چڙي. پر خبر ناهي ڀڳوان ساجي هٿ سان نہ ڏنو هجي تيئن چوٽون سال وهندي ڪٽي ورتو. امڙ چوندي هئي ڏاڏي ماتا نڪتي هئس. گلي جي اندر بہ زخم پئجي ويا هئس. پاٽيءَ ڊڪ بہ هيٺ نہ لهي. ڊاڪٽر کان دوا دارون نہ ونجي ، نہ تہ ماتاجي رسي وجي. ڳوٺ ۾ ڪٿان آيا ڊاڪٽر؟ ان لاءِ تہ ڪانپ ويٺو پوي. امان ڏاڏيءَ وٽ وڃي ڊڄندي ڊڄندي ڪانپ ۾ وڃڻ جي اجازت گهري تہ ڏاڏي ڪاوڙجي وئي، ' ها هڪ تو ئي ڄڻيو آهي پُٽ! اهو تہ سيني ڪي هڪ پيرو ماتاجي نڪرندي آهي. گهرڪان ٻاهر ڪيڏبو آهي ڇا پُٽ ڪي؟ متان ڪنهن جو پاڇو نہ پئجي وڃيس ۽ ڳوٺ ۾ ڳالهيون ٿين!' پر رات ڏينهن پُٽ جي شيوا ٽهل ڪندي امڙ لڪي ورتو هو. ڪو موقعو هٿان وڃائڻ نہ پئي چاهيو. ٽي سگهي تو سومنات بچي وڃي! مان ـ مريادا جي نالي جنهن نينگر ڪي سس ـ سُهري جي حاضريءَ ۾ بہ هٿ ڳڏ ڪري ڪُڏايو نہ هيو، هنج ۾ نہ ڪنيو هو ان جي پويان ٻنهي هٿن سان ڏينهن تائين ڇاتي ڪُٽي رُني هئي. هاءِ ڙي شنڪر ٻاڻ هنيا .... هاءِ هاءِ ٻاڻ ڪنهن کي لڳا ..... '

ڪنچن ٻا وڏي ٽي تہ پوءِ ڏاڏيءَ ڪيتريون ئي ڳالهيون ڪيون. ڪنچن جي جنم ٽاڻي ماڻس وڏي سڏ روئي ڇاتي ڪُٽي هئي.پُٽ وني ڀڳوان ڌيءَ ڏني هئي! پر جڏهن ڪنچن جي جمڻ جي ٻن سالن کان پوءِ ننديو ڀاءُ وشونات ڄائو تہ ماڻس ڳوٺ ۾ پتاشا ورهايا هئا ۽ نندڙيءَ ڪنچن جا پير ڪنڪو هاٿا ڪري ان جي هڪ نئين نڪور سفيد ڪپڙي تي ڇاپ هڻي اهو ڪپڙو پيتيءَ ۾ رکيو هئائين. 'منهنجي ڪنچن ڪنڪو قدمي! ڀاءُ وني آئي!'

وشو نات قد ٻُت ۾ سنهڙو. سِڪي پني مليل پُٽ، اُميا امڙ چاڳ ۽ لاڏ ڪوڏ ڪرائڻ ۾ پنيان قري ڪونہ ڏنو هو.سخت ضدي ۽ ويڙهاڪ. ڪنچن ڪي پل پر ڪونہ ڇڏيندو هو. ڪچرو اڇلائڻ وڃي تہ بہ اُڪڻ ۾ ۽ چيٽو ٺقڻ وڃي تہ بہ گود ۾.ڪنچن جيڪو ڪري اهو سڀ ڪرٽو. گهاگهري پولڪو پائڻ جو ضد ڪري ۽ ڪنچن کي ڪو رانديڪو مليو هجي تيئن هن جي وارن ۾ گلن جي ويڻي وجهي ڪيس سينگاري. ڪنچن بنا نہ وهنجي نہ ڪائي، نہ اسڪول وڃي. ڪڏهن ڪڏهن ڪنچن جلدي ڪائي وني تہ هو ڪيس سامهون وهاري ۽ چويس 'مون جيئن وات چور تہ ئي مان ماني ڪائيندس.'ڪنچن ورت رکي پوڇا لاءِ وڃي تہ

هو ٻه ڳڌ وڃي. ڪڏهن ڪڏهن پاڙي جون ڇوڪريون ڪنچن کي چيڙائين. ' تنهنجي هن پُڇ کي ڏاجي ۾ ٻه ڪٽي وجھ.' ساهيڙين جي کيل مسخري ٻه صحيح ثابت ٿي. امرت لال وشونات کي نوڪري ڏياري. پل پر لاءِ ڪنچن جو پلاند نه ڇڏيندڙ وشونات هليو ويو. ناريلي پونم کان اڳ ... هو رکڙي ٻڌائڻ لاءِ ٻه نه ترسيو. ڪراچي ويا ته سيپيئي ڳڏ ۽ آئي تڏهن .....

پهريون پيرو جيشنارام ڪراچي ويو تڏهن ڪنچن ٽن سالن جي هئي ۽ وشونات هڪ سال جو.بابو پيءُ سان جهڳڙو ڪري هليو ويو هو. پيءُ ججمان ورتيءَ کان علاوه ڪالر ڪپهه جوواپار ٻه ڪندو هو. بابا کي پڙهائيءَ لاءِ ڪانپ ۾ ڇڏيو هئائين.ست چوپڙيون انگريزي پڙهڻ کان پوءِ بابا کي نوڪري ڪرڻي هئي.ڳوٺ ۾ وڏ ۾ وڏ ته مزدوري ملي. نوڪريءَ لاءِ ڳوٺ ڇڏڻو پوي. ڏاڏي جي رتيءَ ماتر اڃا نه هئي ته بابا ڪراچي وڃي. ان جو هڪ ئي ڳُڻ هو ته جيڪو ٻاهر ويندو آهي اهو ڦري ويندو آهي. هو ڄاڻندو هو ته ڪرم ڪانڊ، ڏان ڏڪڻا، سامان سيڌو ڪنهن ٻه شيءِ کي اوڏو نتو وڃي اهو پُٽ اکين کان اوجهل ٿيندي ئي ڄٽيو ساڙي پي ويندو. شرير سان ڪمزور باباجو ڳجو ڪوڻ هو ته ڪيتي سنيالي سگهي. ۽ وٽيس ٻه نه. متي تي اچي وڃي ته تارڻ جا هزار هيلا بهانا ڪندو هو.اونهاريءَ اُس لڳيس، چوماسي ۾ سِيئو تپ اچي وڃيس ۽ سياري ۾ تڏ لڳيس.

هڪ رات بابا اوسريءَ ۾ روٽي کائي رهيو هو ۽ امان سامهون رنڌڻي ۾ ٻاجهريءَ جو ڊوڊو پچائي رهي هئي. ڏاڏي اوسريءَ ۾ ٿنڀ جي ٽيڪي جي سهاري ويهي مالها جپي رهي هئي ۽ ڏاڏو ڪهتيءَ ۾ ٻارڻ لاءِ آنڌل ڪانيون سريکيون ڪري رکي رهيو هئو. بابا امان کان کير گهريو ۽ ڏاڏي جو دماغ ڦاٽو ' ڪم ڪار ڪرڻو ناهي ۽ پُٽ کي ڪچڻي ۽ کير کائڻو آهي. حرام جي هڏن جا، هي تنهنجو پيءُ نه هوندو ته کير پريندو تنهنجن هنن ٻائڙي ٻارن جا پاندا! ۽ اصل ته هيءُ رن .... ڇوندي اٿيو ۽ چلهه مان ٻرندڙ ڪاٺي ڪڍي امان کي مارڻ لاءِ پنيان ڊوڙيو. ' هن رن ئي خراب ڪيو اٿس!' ڪڇ ۾ وشونات کي ڪڍي ٻينل ڪنچن جي اڻ سمجهو اکين ڏٺو. بابا ٿالهي ڏڪي هڪ دم ڪڙو ٿيو۽ پٽس جي هٿ ۾ ڪنيل ڪاٺي جهٽي پري اڇلائيندي هلي نڪتو. گهر کان ٻاهر نڪري سڌو شِوچند جي گهر هليو ويو. اوڌر پيسا وٺي ڪراچيءَ جي واٽ ورتائين.

پُٽ جي وڃڻ جو دک ڏاڏو امان تي غصي جي صورت ۾ ٻاهر ڪنيندو هو.۽ امان ڏاڏيءَ تي. ڏاڏي لڙڪ هاري راهه ڏسندي رهندي هئي.ڪنچن کي ڏاڏيءَ جي ڳالهين ۾ پٽس جي حاضري محسوس ٿيندي هئي.ٻن مهنن بعد ڪراچيءَ مان بابا جو پهريون خط آيو ته

ڏاڏي سيني کي سيرو ڪارايو ويو. ٽپال ڏاڏي اونچي آواز سان پڙهي ته جيئن رنڊٽي ۾ وينل امان به ٻڌي سگهي. امان ڪنچن وٽان لڪ چوريءَ به خط پڙهائيندي هئي.پوءِ ته ڪڏهن ڪڏهن، هتي جساپر واري ديوشنڪر جو حساب ڪتاب لکندو آهيان. پندرهن روپيا پگهار اٿم. ' ته وري ' مون هري شنڪر شاستريءَ جي پاڙي ۾ ڪمرو مسواڙ تي ورتو آهي. رسوئي هٿ سان ڪندو آهيان.'ڪڏهن ڪڏهن مني اردر سان گڏ هڪ اڌ جملو ڪنچن لاءِ به لکندو هو ' هن ڏياريءَ تي ڪنچن کي جهانجهري وٺي ڏجو.' ان ڏياريءَ تي ماءُ کي به نوان ٽيڙ ٽاڙي ملندا هئا.

هڪ ڀيرو ڪنچن وٽان ڏاڏيءَ ڪاڳر لکرايو

سِريمانجي،

توهان جو خط مليو آهي. اسان هت مزي ۾ آهيون. طبيعت جو خيال رکجو. پيسن جي چنتا نه ڪجو. هر روز صبوح شام کير پيئجو. پرايو ملڪ آهي. اسان هت مرچ مانيءَ تي گذارو ڪري وٺندداسين. وشو ۽ ڪنچي توهان کي ڏاڍو ياد ڪندا آهن. امڙ ۽ بابا به ياد ڪندا رهندا آهن. هتي پاڙي ۾ توهان جي دوست سَوجي پٽيل جي گهر پُٽڙو جائو آهي. ڪنچن سندس نالو هرجي رکيو آهي. شوچنديا کي ڪانپ واري دواخاني ڪٽائي ويا آهن. چون ٿا ته سِلهه جي بيماري تي اٿس. بابا کي ڪاٻي اک سان گهٽ نظر اچي ٿو. توهان اچوته ڪيس ڊاڪٽر کي ڏيکاريون.هن سال کيت ۾ اٺ آنا اپت ٿي آهي. بابا ڪان ڪم پڄي ڪونه ٿو.رامپرا جي رستي وارو کيت وڪڻي ڇڏڻ جو چون پيا. ڪنچن کي اٺون سال وينو آهي. منهنجو مامو سندس سالي جي ڇوڪري جو مڱٽو ڪنچن سان ڪرڻ جي لاءِ آيو هو. پر بابا منع ڪري ڇڏي چيائين ' هو سڌريل آهي، منهنجوچيو ڪونه مڃيندو'

لکندڙ، ريوا جا رام رام

بابي ۽ امڙ ڪان لڪ ڇپ ۾ واڙي ۾ وڃي ڪاڳر لکرايو پر ٽپال ۾ ڪهڙيءَ ريت وڃهٽو؟ ڪنچن شِوچنديا جي پُٽ نانچند ڪاڪا کي ڪاڳر ٽپال ۾ وجهي اچڻ لاءِ ڏنو. هن جو پُٽ تلڪچند ڪنچن ڪان به سال ننڍو. هن کي خبر پئي ته هن ڪنچن کي دڀايو ' تنهنجي ڏاڏي کي چئي ڏيندس.' ائين هڪ ٽپال جي بدلي ۾ هفتي تائين هن ڪنچن ڪان آمريون ۽ انب لهرايا. ڪنچن جي آڏن قڏن اڪرن ۽ پيگل ٽنل پاشا وارو خط پڙهي پنجن سالن بعد پٽس سيني کي وٺي وڃڻ جي لاءِ گهر آيو.

ڪنچن ٻَليءَ ۾ اِڪ ٻِڪ راند ڪيڏي رهي هئي ته وشونات ڊوڙندو ڊوڙندو آيو ' ادي هل اسان جي گهر ڪو ماڻهو آيو آهي. ڏاڏو ڏاڏي ۽ امان ڏاڍا روئي رهيا آهن.' راند اڌ ۾ ڇڏي ڪنچن ڀڳي. گهر ۾ پير رکندي ئي ڪن پل لاءِ ڪُپي وئي. سامهون اوسريءَ ۾ کٽ تي ڏاڏي جي پاسي ۾ پٽس وينو هو ۽ ماڻس پٽ تي اوسريءَ جي ٿنڀي وٽ ويني هئي. ڏاڏي جو هٿ پٽ جي پنيءَ تان گهمي رهيو هو. امان رکي رکي آنسو اگهي رهي هئي.

' بابا آ.....' رڙ ڪندي ڪنچن آيل ماڻهو جي پيرن تي ڪري پئي. وشو نات کي هاڻي ڪجهه سمجهه ۾ آيو. چو ته پهريان ته ڏاڏي هن کي چند ڪدي هئي.' توکي هاڻي گهر ياد آيو آهي. ماءُ پيءَ کي هيَن ڇڏي وجبو آهي ڇا ! ڪجهه ٻارن ٻچن جوبه ته خيال ڪرڻ گهرجي. ' پوءِ بابا کي ڀاڪر ۾ پريندي روئي پيو. ناپر ۾ ايندي ڏاڏي وِشونات کي سڏ ڪيو هو. پر هوته ٻَليءَ ۾ ڪيڏنڊڙ ڪنچن کي سڏڻ هليو ويو هو. ڪٿي پيڻ نه بنا ڀاڳ جي رهجي وڃي!

ڪنچن کي هنج ۾ ويهاريندي بابي وشونات کي پاڻ وٽ سڏيو. هيڪندو، ڏاڏي ۽ ماءُ سامهون نهاريندو هو ۽ وکون هلي بيهي رهيو. ڏاڏي چيو ' اچ، ابا تنهنجو پيءُ آهي. هيڏانهن اچ تنهنجي لاءِ شيون آنديون اٿس.' ڪنچن وچ ۾ ڳالهايو 'ادا هي ته اسان جو پيءُ آهي. ' تڏهن وڃي هو اکيون هيڏانهن هوڏانهن گهمائيندو پيءُ جي ڪپڙن ڏي نهاريندو ويجهو ويو. ساسڪين جي ڪريم ڪلر جي پئنٽ کي ڇهندي هن محسوس ڪيو ' هن تان ته هٿ سرڪيو وڃي.'

پيءُ جي گود ۾ وينل ڪنچن کي رنڌڻي جي در مان  نهاريندڙ به اکيون نظر آيون.هن کي ماءُ ياد اچي وئي. هوءَ اٿي رنڌڻي ۾ هلي وئي. ماڻس ماني پچائڻ لاءِ اٿو ڳوهي رهي هئي ۽ سامهون در مان نهاريندي سندس اکيون پڇي رهيون هيون. ان ڏينهن ڪانو ڪائيندي وشونات پڇيو هو ' امان تو مانيءَ ۾ لوڻ وڌو آهي؟' ماڻس هڪ نظر پٽس تي وڌي ۽ چيو ، 'ها، گهر ۾ اچ هوندئن به لوڻ تيز ڏسجي تو پيو.'

بابا آيو ان ڏينهن ڏاڏي سيني کي وري وهنجاريو.سيني جي پاٽيءَ جي ڏول ۾ به ڦڙا گنگا جل جا وڌا هئا. بابا به ڏينهن کير پي اپواس ڪيا هئا. پوءِ به بابا جي ٿالهي ڪٽوري ۽ گلاس الڳ رکيا ويا هئا. بابا جو جٽيو ۽ مٽي جي وارن واري چوٽي سلامت ڏسڻ جي باوجود ڏاڏي کي پروسو نه هيو. گهر ٻاهر پير رکجي ۽ ڌرم پرشٽ نه ٿئي اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي!

وڃڻ جو وقت ويجهو ايندو پئي ويو.گهر بدلجندي  پئي ويو. پُٽ سان گڏ ننهن ۽ ٻار به هن پيري گڏ ويندا.خبر ناهي، هاڻي ڪڏهن ملندا؟ جيئري جيءَ وري هي ڏينهن واپس اچڻا

ناهن. وري ملنداسين. اهو ئي گهر هوندو ۽ اهي ئي گهر جا ڀاتي، پر هيءُ وقت تہ ڪونہ هوندو! وهي ويل جل جي اسپرش جي ٽڏڪار صرف هوندي سمرڻ ۾. ڏاڏو ۽ ڏاڏي ڄڻ سڄو پريم ڏيئي ڇڏڻ جي تڪڙ ۾ ڇلڪي رهيا هئا. ڏاڏو پينشن وٺڻ کان پهرين ورتل موڪلون ماڻي رهيو هو. ڪنچن هن جو نئون روپ ڏسي رهي هئي. اڳي تہ هڪ گهڙي بہ واندو ڪونہ وهندو هو. ڪجھ نہ تہ آخرڪار ٻارڻ جون ڪانيون ڦوڙيندو هو. پر جڏهن کان پيءُ آيو هو تڏهن کان ڄڻ سامان سيڙهي رهيو هئو. بابا سان ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڳالهيون ڪندو رهندو هئو.ڪڏهن ڪڏهن چوپڙا ڪٽي سمجهائيندو رهندو هئو. ڏاڏيءَ جي دنيا ننهن ۽ ٻارن ۾ سمائجي رهي هئي. ڳالهين ڳالهين ۾ امان کي ڇڙٻيندي ماءُ ڏيءَ کي پرديس موڪليندي هجي ائين چنتا ڪندي چوي ' توکي ايتري بہ خبر نٿي پوي؟ اتي پرديس ۾ وڃي ڇا ڪندينءَ؟'

ڪنچن ۽ وشونات تہ جڏهن کان سندن پيءُ آيو هو تڏهن کان وڃڻ جون واڻيون ڪري رهيا هئا. ٻنهي ڀاءُ ڀيڻ واڙي جي هڪڙي ڪُنڊ ۾ ڪنهن کي ڪل نہ پئي ائين پنهنجو پنهنجو سامان ڳڏ ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو هو. اڳڙين مان ناهيل گڏي، اِڪ ٻِڪ راند جون ڪڪريون،بلورَ، مٽيءَ جا ڍڳا، ۽ لالجي مستريءَ جي ڪانيءَ مان ناهي ڏنل ڊڳي ڳاڏي، رنگين ڪاڳر ۽ ڪوڏيون، مٽيءَ مان ناهيل ٿانو، ..... پر انت ۾ انهن سيني مان گُڏي ۽ گڏو ئي ساڻ اچي سگهيا.

وڃڻ جي اڳئين ڏينهن ڏاڏيءَ ڪنچن کي پاسي ۾ سمهاريندي چيو، وٺ هاٺي، آخرين پيرو ڏاڏيءَ جو لاپ وٺي ڇڏ.' ڪن پل لاءِ ڪنچن کي ٿيو هاٺي نند ڪيئن ايندي؟ ڏاڏيءَ جي اچي پيٽ واري رتي ترَ تي آڱر ڦيريندي ڦيريندي ڪنچن هن وٿان روز آڪاٺين جو لاڳو اوڳاڙيندي هئي.ان رات ڏاڏيءَ رام جي بنواس واري وارتا ڪنئي پر پوري نہ ڪري سگهي.ڪوشليا جي ودايہ وچن ۾ هوءَ پاڻ روئي پئي هئي.

9

ڪنچن با اُڌرڪي جاڳي هتوراڙيون ڦيري وڃاڻ ڳولهڻ لڳي. هن ڪي ٽيو ان رات ڏاڏيءَ ڪي ڇهتي سُتي هئي ۽ ڪنچن سوڙ ۾ لڪي رهي هئي. جڻ سارا سور چوسي ونڻ نہ چاهيندي هجي!.پر جي اها ڪنچن مان آهيان تہ پوءِ منهنجو هٿ ڪنهن ڪي سهلائڻ لڳو هو؟ نہ مان ڏاڏي تہ ناهيان. هوءَ تہ ويچاري ڪڏهوڪي گذاري وئي آهي. تہ پوءِ ڇا مون منجهان ئي هڪ ٻي ڪنچن الڳ ٿي رهي آهي؟ ڪڏهن ڪڏهن لڳندو آهي تہ هوءَ مون منجهان نڪري دور هٿ ٻڌي بيٺي آهي ۽ مونکي هن ننڍڙيءَ ڪنچن ڪي ڏسي رهي آهي! پر ائين ڪيئن ٿيندو؟ مان پڇان بہ سهي ۽ ڪوري رهي دور پڇڻ  ڏسان بہ سهي؟ ٿي سگهي ٿو وهنوار جي پرڪريا ڏسڻ جي لاءِ پاڻ ڪي هيَن ' مان' ۽ ' هُن' ۾ ورهائٽو پوندو هجي.

ڪنچن با ليٽندي ليٽندي ئي چوطرف نظر گهمائي.جيتن ۽ ڏيڏرن جا آواز مسلسل اچي رهيا هئا. ڪنهن سالن پراڻي ويڙهيَل وستر ڪي ڪولجي ۽ هر هڪ تهہ واري گهنج مان روشني ليئا پائيندي هجي ائين سامهون ورانڊي مان ڏسجنڊڙ آڪاش ۾ هت هُت تارا ڏسجي رهيا هئا. بادل مڪمل هٽيا نہ هئا. وچ وچ ۾ انهن جو چمڪات گهٽ ڏسڻ ۾ ٿي آيو. ڪنچن با جي من جي  استٿي بہ ڪجهہ ان طرح جي هئي. ماضيءَ جو تهہ هٽيو نہ هو پر وچ وچ ۾ سنهڙي پُڙ مان حال ليئا پائي رهيو هو. هوءَ ياد ڪرڻ لڳي زندگيءَ جو اهو پهريون سفر. خبر ناهي ڪهڙي پل پهر سامان سڙهو ٻڌو هو جو اڃا بہ پورو ڪتي ڪوليو نہ هو. هونئن بہ سامان سان گڏ ٻڌجي ويندڙ يادون ڪڏهن بہ ڇنڊيون ناهن.

اها صبح. سَوجي ڪاڪا سويل پنجين بجي ئي گاڏو آڻي بيهاري ڇڏيو هو.  وشوَ ناٿ تہ چيو بہ سهي تہ اسان نيٺ ڪراچيءَ تائين گاڏي ۾ وڃون تہ؟  هن ڪي ڏيکن جي نٿ هٿ چڙهي هئي تہ ڪيس  مزو ئي اچي نہ! ڏاڏي پوءِ ڳالهہ ڪئي هئي تہ سڀ ڪان پهرين هڙوَد مان ئي جيڪو مٽي شنڪر ويو هو اهو تہ ڪڇ جو ننڍو رڻ لتاڙي پيادل ئي ويو هو! پر ٽرين جي ڪشش تہ امان ڪي بہ هئي. رامپرا استيشن تائين گاڏي ۾ وڃٽو هو.امان سامان ٻڌڻ ۾ ڪجهہ بہ باقي نہ ڇڏيو هو. ' اهو تہ ڪپي.' پرديس ۾ اسان جهڙو ناهي هوندو.' اتي پرائي ملڪ ۾ ڪنهن ڪان گهربو.' ائين ڪندي ڪندي اناج، ويگر مصالحا ، ٽانو نڪر، بستر ڪپڙا اڙي لنبي جي ٻُهاريءَ سميت! هن ڪي ڪيئن سمجهائجي تہ ڪراچيءَ ۾

سمينٽ جي ٽائيلن تي هيءَ ڀُهاري ڪم ڪونہ ايندي! هن جو وس هليو هجي تہ راڳو (ليپو ڪرڻ واري متي بہ ڳڏ ڪٽي هلي ها!!.

سَوجي ڪاڪا ڏڳن ۾ چنگ ٻڌا هئا. جن جي آواز پرهہ جو پاڙي وارن کي چتايو هو. هونئن تہ گذريل ڏهن ڏينهن کان سانسر چانهہ پي وجڻ جون دعوتون گهر گهر مان آيون هيون اهي آخر وجي ناريل ۽ پيسن جي شُڪنن سان الوداع ڪرڻ سان بند ٿيون هيون. اڳڻ ۾ ناريلن جو ڍِڳ ڏسي وِشوَنات کي رکجي وجڻ تي من ٿيو. ڳڙ ۽ ڪچي ڏونگهي ڪيس ڏادي وٽندي آهي.هن کي چنتا بہ ٿي تہ 'هيڏا سارا ناريل ڏاڏو ۽ ڏاڏي ڪيئن ڪائي سگهندا؟ ' ڏاڏي بہ چار ناريل ڪٽي ڪوپري جي هڙ ٻڌي ڏني تڏهن وِشوَنات جي پيرن ۾ از خود طاقت اچي وئي.

وجڻ واري ڏينهن هولاشتڪ(هوليءَ جي اردگرد واري عرصي ۾ ڪن گرهن جو راشيءَ ۾ پرويش ٿيڻ جنهن ۾ سٺن ڪمن لاءِ مهورت نہ ڪري سگهجي. جنهن جو عرصو تقريبن اٺن ڏينهن جو هوندو آهي) ويهي رهيو هو. بابا شڪن اپ شُڪن ۾ مجين ڪونہ. بارس جي ڏينهن تي بارسانگ نہ چڏجي ۽ آرتوار ـ منگل تي گهر جي ننهن کي وداعي نہ ڏجي. ۽ ان تِٿ تي فلاٽي ڏس نہ وججي سامهون ڪال چئجي. پر انهن سيني مجتائن مان رستا بہ ماٽهو ئي ڳولي ڪڍن. شُڪن سنيالڻ جي لاءِ اڳيئن ڏينهن پَستانو ڪن. يعني پاڙيسريءَ وٽ هڪ ٿيلهي رکي اچن. امان ڪنچن کي سامان جي هڪ ٿيلهي ڏيئي شِوچند جي گهر پستانو ڪرڻ جي لاءِ لڪ چپ ۾ موڪلي. سَوجي ڪاڪي کي ڪن ۾ چئي چڏيو هو تہ پهريان شِوچند جي گهران ٿي اچي. سجي واٽ ڪنچن ڊجندي رهي تہ بابا کي ڪٿي خبر نہ پئجي وجي.هن کي سمجهہ ۾ نہ پي آيو تہ اهي ڪهڙا شُڪن آهن جن کي سنيالڻ لاءِ ڪوڙ ڳالهائڻو پوي! ڪوڙ ڳالهائي ڪيل ڪم ڪيئن ٺو سنو ٿي سگهي؟

ڦڳڻ مهني جي سويل صبح. سيم (ڳوٺ جي آسي پاسي واري جوءِ) مان گذرندي انبن ۽ نمن جي سڳند ڳاڏو هڪليندڙ سَوجي ڪاڪي جو ڪلهو جهلي بينل وِشوَنات جي وِنگن وارن سان ڪيڏي رهي هئي. بنيَن ۾ ڳائيندڙ ڪوئل کي جواب ڏيڻ لاءِ جذباتي ۽ اُتسڪ ڪنچن ماءُ پيءُ جا اداس چهرا ڏسي مانڪي ويني هئي.

رامپرا جي استيشن هوندي ڏهہ ـ بارهن ڳائو. ڳوٺن ۾ ويندي هونئن بہ ٿي ڪن ڪلاڪ تہ لڳي وجن. رستا ڪڏن ڪوبن وارا . ڳوٺ چڏڻ جو ڏک وڏن کي جهڙو ۽ جيترو هيو ان کان ڪنچن ۽ وِشونات جو ڏک الڳ هو. امان ابي وطن جي يادن کي ڳڏ ٻَڌي ورتو هو ۽ سامهون هڪڙو نئون سنسار هو. ڏاڏي ڏاڏيءَ دکي دل سان قبولي ورتو هو تہ پُٽ

ننهن جو ايترو ئي قرض هو؟ وِشوَناٿ جي ته اجا عمرڪونه هئي جو ان کي چا پائبو چا وجائبو ان جي سمجهه هجي! ڪنچن جو من ڏنڊ ۾ منڊل هو. ڏاڏي، ڏاڏو، گهر، گِلي، ڪيٽ، سرتيون، وار تهوار ڪيترا سارا اَنوبنڌ. چڏڻ جي ڏک ۾ اجاتل ڊپ ۽ نئون ڏسڻ جو وِسميہ گڏجي رهيا هئا. انهي اٽڪڻ ۾ هئي ۽ اسٽيشن اچي وئي.

پهريون ڀيرو ريلوي اسٽيشن تي پير رکڻ وارو آزمودو اڄ به ناهي ڀلجي سگهيو.سَوجي ڪاڪا ڳاڏو بيهاري ڊِگا چوڙي ٻبر ۾ ٻڌا ۽ ڪين چارو ڏنو. بابا ڳاڏي مان سامان لاهي رهيو هو. امان متي تي مانيءَ وارو وڏو دٻو ۽ آگَر ۾ وِشوَناٿ ۽ متي تي پري ڪنيل ڪنچن سان گڏ پليٽ فارم تي پير رکيوهو. ٻنهي طرفن ڪان ڊار وارا چنا. چنن ۾ رهندڙ پکين جا آواز، پاٽيءَ جي ڳاڏي تي هيٺ متي رکيل متڪا ۽ ڪجهه ترڻ واري خوشبوءِ. ڪنچن ڏنو ته ريڙهي تي پڪوڙا ترجي رهيا هئا. گهرِ ته سال ۾ به پيرا ساتم آنم ۽ ڏياريءَ جهڙن تهوارن تي ئي ڪٽاهو چلهه تي چڙهندو هو. وِشوَناٿ اک جي اشاري سان گُهر ڪئي ته امان چيو 'نه ڪائجن، آپڙجي پئبو.'

چوپڙيءَ ۾ ڏنل ڳاڏيءَ جي چترن جي زور تي بهادري ڏيکاريندڙ وِشوَناٿ دور ڪان انجڻ جي سيٽي ٻڌي ماءُ کي چهٽي پيو.ڪنچن پيءُ جي پويان لِڪڻ جي ڪئي. پوئين هڪ ڪلاڪ ڪان ڳاڏيءَ جي انتظار ۾ دور دور تائين اکيون ڦاڙي نهاريو هيو. پٽن تي ڪن ڏيئي ان جو آواز ٻڌڻ جي ڪوشس ڪئي هئي ۽ پليٽ فارم تي وِشوَناٿ جي خميس پڪڙي ڳاڏي هلائي هئي، اها ڳاڏي آئي ته ڪنچن هڪي ٻکي تي وئي. امان سَوجي ڪاڪا کي ناريل ڏنو. ريلوي جو انجڻ ڪو ڪارو پوت هو. شِو جي وڪرال سَوروپ جهڙو. ريجهي تيستائين ته نيڪ پر ناراض ٿئي ته؟ امان اگوات ٻاڌا رکي هئي. سَوجي ڪاڪا ٻن پٽن جي وچ ۾ ناريل توڙڻ لاءِ رکيو. امان پيرين پَئي ٻَلائون ورتيون. 'منهنجو سُهاڳ سلامت رکج، ۽ منهنجي اولاد کي جيئرو رکج.' ڪنچن ۽ وِشوَناٿ به پيرين پيا. بابا ۽ سَوجي ڪاڪا سامان چاڙهيو. امان منهنجي پاسي ۾ وِشوَناٿ کي وٺي ويني. ريل جا دٻا ننڍا هيا. ڪنچن کي تيو هي خالي دٻا اُٿلي پوندا ته؟ تڏهن ئي انجڻ ٻاڪ چڏي. ڪنچن ٻنهي گوڏن جي وچ ۾ ڊپ جي ماريل متو لڪائي چڏيو وِشوَناٿ ته ٽپي دروازي طرف ڊوڙيو. در بند ڪندڙ پيءُ کي رڙيون ڪري چوڻ لڳو' ناهي هلٽو، مونکي ناهي هلٽو.' بابا ڪيس ڪٽي سيٽ تي وٺي آيو ته دريءَ مان وري سَوجي ڪاڪا کي ڏسي زور زور سان چوڻ لڳو ' ڪاڪا مونکي ڊپ تو ٿئي، ڏاڏي وٽ وٺي هلو ڪاڪا، ڊپ تو ٿئي.' شام جو چئين ٻجي ڪانپ آيو تيستائين وِشوَناٿ ماٿس جو گهڙي پل لاءِ به چيڙو ڪونه چڏيو.

ڪانپ جي اسٽيشن جنڪشن. اسٽيشن جو وستار وڏو، گاڏين جي اچ وڃ وڏيڪ ۽ ماڻهو بہ ڪافي. اسٽيشن تي ڇهہ ڪن ڪلاڪ رهڻو هيو. وِشوَناٿ جو شرير ٿورو ٽپجي پيو. بابا اسٽيشن کان ٻاهر وڃي لوٽي ۾ وِشوَناٿ لاءِ ڪوسو کير ڪٽي آيو. گهر کير ۾ ناهيل ٽيپلا، منائي ۽ گُڙ ۽ مرچن جو آچار پليٽ فارم تي ڪائيندي ڪائيندي ڪنچن کي هر سال ڳوٺ ۾ شيتلا ساتم جي موقعي تي ٻَڙيا ڪاڪا جي اسٽانڪ تي اٽڪو (استرين جو هڪ ورت) ملهائڻ ويندا هئا اهو ياد اچي ويو!

ٻي گاڏيءَ ۾ چڙهندي ڪنچن جون اکيون ننداڪڙيون ٿيون هيون. ۽ وِشوناٿ گهريءَ نند ۾. صبح جو جاڳ ٿي تہ گاڏي پالنپور اسٽيشن تي بيني هئي. ڪراسِنگ هو. پيءُ پاڻي ڀرڻ جي لاءِ هيٺ لٿو هو. ان ئي وقت پاسي مان ٻي گاڏي لنگهي. ڪنچن رڙ ڪري چيو 'ٻيهاريو ، منهنجو پيءُ هيٺ رهجي ويو آهي.' پل پر تہ ماڻس بہ نہ سمجهي سگهي پر پوءِ پليٽ فارم طرف نهاريندي ڪيس سمجهہ ۾ آيو تہ گاڏي بيني آهي. رستي ۾ پسار ڪندي وڻ، نديون، پليون، گهر، ڪيٽَ، ٻوڙي رهيا هئا ۽ ڪنچن دريءَ مان ڏسي رهي هئي. لوٽي اسٽيشن تي پهريون ڀير ڏهيوڙا ڪاڏا . ٻاهر جي شيءِ ماڻس تہ نہ ڪائيندي هئي. هن پُڻ پُڻ بہ ڪئي.

' ڏرم بِگاڙيندا.' پيءُ چيو اهڙو ڪهڙو تنهنجو ڏرم جو ڳالهہ ڳالهہ ۾ ان ۾ رخنو پوي. اهو ڪو رذل ان ٿورو آهي جو بگڙجي ويندو! پنهنجي تہ هڪڙي ئي ڳالهہ، ڪنهن جي دل دکائجي تہ اڌرم.'

زندگيءَ ۾ وسيع وستار جو آزمودو! ٻاڙمير کان چيڙي تائين جو رڻ وستار ڪنچن ڏٺو. هن جون ننڍڙيون اکيون چڪِت ٿيون هوءَ پوري رنگ جي واريءَ واري وستار کي ڏسندي رهي.دور دور نظر وڃي ٿي ، ڪٿي بہ انت ناهي. هڪ هنڌ واريءَ جي دڙن جي پويان هڪ اڌ سائي ٽاري ڏسجي ٿي! ڇا هوندو هُتي؟ گهر هوندو، اڱڻ ۾ ڳئون ٻڌل هوندي، ڇوڪريون اِڪ ٻِڪ ڪيڏنديون هونديون! ڇا هوندو؟ هن کي ٿيو ويران، غيرآباد وستار ۾ هوءَ پاڻ بہ هڪ واريءَ ڪڻ آهي. پل پر لاءِ ننڍڙي ڪئلي ٻٽجي ٻر ۾ لڪي وڃڻ جي ڪيس اچا ٿي وئي. رڻ جو وستار  جڻ ڪيس صفا ننڍڙي شيءِ ۾ تبديل ڪري رهيو هو. هن مٿان اثر وجهي رهيو هو. ٻنپهرن ٽاٽي اُس ۾ جڳهہ جڳهہ پاڻيءَ جو ڊنڊون جَرڪيون ٿي. پڙس ڪيس مرگ جل جي مايا جال تہ سمجهائي پر ان کي ٿوڙٽو کهڙيءَ ريت؟ ان ۾ بہ من، پاڻ کي وٽندڙ عڪس ڏسندي مرڪندو هجي تڏهن؟ گاڏي ننڍين ننڍين اسٽيشنن تي بيني پئي

۽ ڳوٺ جا ماڻهو پاڻي پري پئي ويا. ڏورانهن هنڌن تي رهندڙ ماڻهن لاءِ جيون سان جڙيل ڪا ڏور هئي هيءَ گاڏي.

ڪراچي وڃڻ لاءِ حيدرآباد سنڌ مان وري گاڏي تبديل ڪرڻي هئي. تئين ڏينهن شام جو ڪوئٽا ميل جو ڪنيڪشن ورتو. ان پريل گاڏيءَ ۾ جڳهه جي ته ڪهڙي ڳالهه ڪجي؟ چڙهڻ جو موقعو مس مليو. دروازي وٽ هڪ طرف سامان ۽ بسترن مٿي ماءُ وِشوَنات ۽ ڪنچن ڪي وني ويهي رهي. پٽس لک ۾ بينو پئي ته لک ۾ گهميو پئي. ٽرين جي مسافري واري آخرين رات ڪنچن کي خاص طور سان هميشهه جي لاءِ ياد رهجي وئي.

ٽرين ۾ ڪنچن کي ڪاڪوس خاني ۾ وچڻ ۾ ڏاڍو ڊپ لڳندو هو. جهولندڙ ڏٻو ۽ هيٺ نظر ويندي ڏسجندڙ زمين. ستت ڪِري پوڻ جي دهشت. هيل تائين ته اسٽيشن آئي پئي ته ماٽس ڪيس پليٽ فارم تي وني پئي وئي. شام ڍلجي چڪي هئي. نه سرندي ڪنچن ڏٻي جي ٻئين چيڙي تي وئي. ڪاڪوس جو در ڪوليو پر همت نه ٿي ۽ واپس آئي. امان وڙهندي ته؟ ان ڪري ٿوري دير در وٽ بيهي رهي. هوءَ دريءَ مان ٻاهر ڏسي رهي هئي. هن کي ٿيو سندس پنيءَ تي ڪجهه آهي.هن پنيءَ تان هٿ ڦيريو ۽ وري نهاريو. گاڏي جي ٻئي بند دروازي جي ڪُنڊ ۾ هڪ ماڻهو وينو هو. جهڪي روشنيءَ ۾ سندس ميرا ڪپڙا ۽ پيرن وٽ پيل ٻه هڙون ڏسجي رهيون هيون. هو ڪنچن کي نهاري رهيو هو. هن جو ٻئي اکيون چمڪيون پئي. ڏيمي ڏيمي اوندهه ۾ڏسڻ جي ڪوشش ڪندي ڪنچن ڏٺو، هن جا چپ ڪجهه عجيب نموني ڪليا پيا هئا. هن کي چادر اوڍيل هئي. ڪنچن کي پنهنجي طرف نهاريندي ڏسي هن شعوري طور چادر کسڪائي. اهو ڪنو نظارو ڏسي ' اُبڪو ڪندي ماءُ ڏانهن ڊوڙي. هن جو لٽل منهن ڏسي ماٽس پڇيس ٻه سهي. پر هن کي ٿيو جو هڪ ٻه لفظ ڳالهائيندس ته اُبڪو الري ٻاهر نڪري ايندو. هن ڪجهه ٻه نه ٻڌايو. ٻئي ڏينهن وِشوَنات هن کي اِڪ ٻِڪ ڪيڏڻ لاءِ چيو ته ٻنا من جي ڪيڏندي رهي ۽ گهڙي گهڙي وارو وڃائيندي رهي. شام جو ڪراچيءَ لٿا تيستائين هوءَ سُن مُن ويني رهي.

10

مندر جي گهڙيال ۾ رات جا ڏهن جا ٽڪورا وڳا ۽ ڪنچن پاسو ورايو. يادُن جو ڪيف اکين ۾ وڌندو پئي ٿي ويو. بند اکين ۾ هوءَ فلم ڏسي رهي هئي. پوٽڪال جا چتر پسار ٿي رهيا هئا.

پهريون پيرو ڪراچي ڏسڻ وارو سمو اڄ هوءَ ياد ڪري رهي آهي. ڪراچي شهر، ان جا رستا، بازار، بندر وارو وستار. هڪ لفظ ۾ چوٽو هجي ته چئي سگهجي ڪراچي معني سمنڊ. ڪٿي ٻُڪ جيترو جساپر، جنهن جي هڪ هڪ گِلي، گهٽي، ڪانچا، محلا، پاڙا پيادل پنڌ جيترا. ۽ ڪٿي ڪراچي؟ متي نظر وجي ۽ هيٺ ايندي ته دور دور تائين ڦهلجي وجي.ڪراچيءَ ڪي پهرين نظر ڏسندي ڪنچن ڪي خيال آيو اگر امان ابا ڪي ڪراچي ڪيڏي آهي ائين چوٽو هجي ته هٿ ڪيترا ڦهلائٽا پون! ڪوهه جو ڏيڏر لڏندو لمندو ڏول ۾ سمائجي ٻاهر نڪري ۽ ٽپو ڏيئي پهچي وجي سمنڊ ڪناري . پوءِ ته هن جون اُپسيل اکيون اڙي پٽسان .... ڪندي ڊيڪ ڪري ٻاهر نڪري اچن! ڪجهه ان طرح جو انيَو ٿيو ننيڙيءَ ڪنچن ڪي.

وڪٽوريا ۾ ويهندي وشو ۽ ڪنچن جڻ راجا پاٺ ۾ اچي ويا. پڪا سڌا رستا، وسيع فٽ پاٿ، ٽرام، بجليءَ سان جڳمڳ ٿيندڙ بَوڙي بازار، چئن چئن ماڙن جون عمارتون، ڇا ڏسجي ڇا نه ڏسجي؟ هڪ طرح جي حيرت پري دنياهِ اچي ويا هئا ٻئي ياءُ پيڻ.

بگي هري شنڪر شاستريءَ جي ماڙ وٽ اچي بيني. ڪمپائونڊ جي چوڦير پڪي چيلهه سريکي ديوار. وڏي دروازي جي پاسي ۾ ننڍي گِڙڪي. بابا هيٺ لهي دروازو کوليوءَ سامان سان گڏ بگي اندر داخل ٿي. پکو پٽ ڏسي ڪنچن ڪي ٿيو هتي ته وِشو راند لاءِ ليٽا ڪيئن ڪدي سگهندو. وِشوَ نات ته ٽئين ماڙ تي تارا پڪڙڻ لاءِ ٻه ٻه ڏاڪٽيون چڙهندو پيءُ ڪان اڳتي ٿي ويو. تالو کولي پٽس سامان وراندي ۾ رکيو. ٽئين ماڙ تي ڊگهي لابيءَ ۾ ڏهه ڪن گهر. وراندو، رنڌٽو، ڪمرو ۽ پنيان ٻه ننيو وراندو. هر منزل تي ڏهن ئي گهرن لاءِ گڏيل ڪاڪوس، سنان ڪوٺيون. ان رات دير تائين وِشو ۽ ڪنچن گهر ۾ ڪونه ويا. وراندي ۾ بيني بيني رستي تان وهندڙ انساني ريلي ڪي ڏسندا رهيا. ڳوٺ جي هڪ ئي طرح جي زندگيءَ ۾ ڪا نواڻ نه هئي ۽ نه ئي ڪو رومانچ هو. هت ته پل پل ۾ نواڻ پريل هئي.

بئي ڏينهن شروع ٿي وئي نئين ليہ ۽ نئون تال. واپرائڻ جو پاڻي چت تي ناهيل ٽانڪيءَ مان ايندو هو. وِشو گهڻا دفعا نل کولي بند ڪري عجب ماڻيو هو. پيئڻ جو پاڻي پرڻ جي لاءِ هيٺ وڃڻو پوندو هو. صبوح شام نل ايندو هو. ماڙ جا ٽيهن ئي گهرن جا ماڻهو هيٺ لائين سر وڏل نلن تي لائين لڳائيندا هئا. پر انهن ۾ جيڪي عورتون گهونگهٽ ڪڍنديون هيون انهن جو وارو پهرين اچي ويندو هو. 'ويچاري ننهن آهي، هن کي پهرين پرڻ ڏيو.' بابا کي وٽندو ڪونہ هو پر امان بہ گهونگهٽ ڪڍي پاڻي پرڻ ويندي هئي.

آڪاڙي بيج تي اسڪول ۾ ويهڻ سان گڏ ڪنچن ۽ وشونات وسميہ جي هندوري مان هيٺ لٿا. ريوا جي خاص اچا نہ هئي. ' ڌيءَ ڌڻ پڙهائي جا ڪبو؟' پر جيشنارام ٻنهي کي اسڪول ۾ چڏيو. وِشوءَ کي چڏڻ ـ ونڻ ويندڙ ڪنچن جي من ۾ جساپر جي ڌوڙي (ڦرهيءَ تي ڌوڙ وجهي ڪم ورتو ويندو هو ان زماني واري ) اسڪول جو چتر هو. وجڻ واري ڏينهن برهم سماج جي پرائمري اسڪول جي ماسترياڻي شاردا بين ۽ ڌهہ کن ٻيا وديارٿي ڪنچن ۽ وشونات کي ونڻ آيا هئا. وشونات سٽڻ ڪرتو ۽ مٽي تي ٽوپي پاتي هئي. ڪنچن کي اج نئين گهگهري، پولڪو ۽ چنري ملي هئي. ماءُ پاءُ ٻيڻ ٻنهي کي ڪنڪوءَ جو تلڪ ڪري هٿ ۾ ناريل ڏنا هئا. گلي ۾ گلن جي مالها سان گڏ بئنڊ باجن سميت اسڪول واري ڏس طرف قدم کنيا هئا. شُڪن ۾ سيني کي گُڙ ڌاڻا ورهائي ڏنا هئا. ڪنچن کي لکندي پڙهندي ايندو ڏسي ماسترياڻيءَ ٻنهي کي سڌو ٻئين درجي ۾ داخلا ڏني.

ولايتي نليَن واري چت وارو پڪو اسڪول. يڪا اٺ نو ڪمرا. هرهڪ پيرڊ ۾ گهنڊ وڄائيندڙ پٽيوالو، وڏي صاحب جي آفيس اڳيان لڳهندي نمستي ڪندڙ ٻارَ، چنچر تي سموهہ پرارٿنا، سفيد شرٽ ۽ آسماني چڊيءَ ۾ چوڪرا ۽ سفيد گهاگهري ـ پولڪي ۽ اوڍڻيءَ ۾ چوڪريون. ڪنچن ڪلاس ۾ سيني ڪان ڊگهي. شروع شروع ۾ کيس لڄ ٿيندي هئي. وشونات ٻُت ۾ ٻندرو ۽ ڪمزور.هن کي اڳيان وهاريو ويندو هو. پهرئين ڏينهن ئي ڪنچن شاردا بين جي سني ساڙهي ڏسي طي ڪري ورتو تہ بين (ماسترياڻي) ٿيڻو آهي. شاردا بين وڏوا هئي. هونئن تہ چار گجراتي ئي پڙهيل هئي. سُياو جي تکي. پڙهندڙ چوڪريءَ جي مٿي تان اوڍڻي کسکي وڃي تہ ڪاوڙ مان هڪل ڪري چوندي هئي ' مٿي ۾ ڪليون هٿايو، ڪليون.' هڪ ضرورتمند استريءَ کي مدد ڪرڻ جي طور برهم سماج جي بانيڪارن کيس نوڪريءَ ۾ رکيو هو. شاردا بين نوڪري ڪندي هئي پر کيس نات جي آپڙچيٽ يعني چوت چات وارن سمورن اصولن تي عمل ڪرڻو پوندو هو ۽ ڪرائڻو پوندو هو.پاڻي پي هرهڪ وديارٿيءَ کي پتل جو گلاس ملي صاف ڪرڻو پوندو هو. مهني ۾ چار

ڏينهن ماسترياڻي بين کي ماسِڪ ڌرمِ پاڙڻو پوندو هو. انهن ڏينهن ۾ نوڪريءَ ۾ موڪل رهندي هئي. ڪنچن جي شاردا بين پهريون پيرو موڪل تي رهي ته هن گهر اچي چيو ' امان اسان جي بين کي به تو وانگرڪپڙا ايندا آهن. ' ماڻس کي لڳو، هاٽي ڪنچن وڏي ٿيندي پئي تي وڃي.

ريوا ڳوٺ ڇڏي آئي هئي پر ان لاءِ هيڏن سالن واري عادت ڇڏڻ آسان نہ هئي.ڳوٺ ۾ سس، سُهري جي ڪارڻ ريوا کي هڪڙي ڳالهہ جي سڌ هئي تہ مائٽ جيڪو چون اهو ڪجي. پنهنج آزاد هستي ڪيس ڪُهري ڪُهري لڳي رهي هئي. نئين جتي پير ۾ سيٽ ٿئي تنهن کان اڳ پير پرڻ جهڙي هيءَ اِستِتي هئي. ريوا کي ستت هڪ ڊپ رهندو هو. 'بابا کي خبر پئجي ويندي تہ! امڙ کي ڪونہ وڻندو تہ!' ڪنچن کي اسڪول ۾ ڇڏيو هئو تنهن کان پوءِ بابا نانچند ڪاڪا کان ڪاڳر لکرائي موڪليو هو.

' راجمان راجيشري چرنجيوي جيشنارام ۽ سيپيئي،

توهان جو خط مليو آهي، شاسترن ۾ لکيل آهي تہ جوان پُٽ پيءُ برابر هوندو آهي. توهان تہ سمجهدار ۽ پڙهيل آهيو. وشوَنات کي اسڪول ۾ ڇڏيو آهي اهو سنو ڪيو آهي، پر ڪنچن لاءِ تہ ور ڳولڻ جو وقت آهي. چوڪري ذات هن کي پڙهائڻ مان ڪهڙو فائدو؟ اکنڊ سوياڳيوتي ريوا کي چئجو تہ ڏيءَ کي گهر ڪم ۾ جوتي. نہ تہ توهان کي بہ مِهڻا سهڻا پوندا. ڪنچن جي شاديءَ سان گڏ ويشوءَ کي جٽيو پارائي ڇڏيون تہ اسان جي حياتيءَ ۾ تنهنجو پرسنگ پتجي وڃي. ڪنياڪال گذري وڃڻ کان پوءِ ڪنيا جي ڪنيادان جو پڃ ملندو ناهي. اسان تتل پن آهيون. تنهنجي ماءُ ٻارن کي ڏاڍو ياد ڪندي آهي. طبيعت سنيالجو.

لکندڙ مهاديو پرساد جا شپ آسيس.

پر ڏاڏي جي تمنا پوري نہ ٿي. ڪراچي اچڻ کان پوءِ ٻئين سال ڏاڏو گذاري ويو. هڪ اک جي پلڪاري ۾ چاجو چاتو ٿي وڃي! ويندي ويندي ڏاڏي کي بابا جي هٿان گنگا جل بہ نصيب نہ ٿيو. ڪٽنب وارن انتم سنسڪار ڪيا. پرايو ملڪ، ڏاڏي جو منهن بہ ڏسي ڪونہ سگهياسين. ڏاڏو صفا اوچتو هلي نڪتو. ڪيت ۾ چٽا پوکيا هئائين. هن کي ٿيو هڪ اڌ چڪر هٽي اچان. سويل صبوح جو ويو ۽ ڏهہ ڪن وڳي تہ سماچار آيا تہ ڏاڏو نہ رهيو آهي. ڪيت ۾ ڪندي جي ٿڙ جي پاسي ۾ ويني ويني پراڻ پکيئڙو اڏامي ويو.ڪافي وقت تائين تہ ڪنهن کي ڪل بہ نہ پيئي. جڏهن پر واري ڪيت ۾ ڦتيون چوندڻ مزدور آيا ۽ ياڳئي

ڪسان جي ڪُتي پونڪي رهي هئي ۽ سنهون سنهون روئندي ڏاڏي جي آسپاس چڪر هڻي رهي هئي. 'اڙي هي ڪراڙو بہ واه جو آهي، هيءَ رن ڪُتي هھڙو اپسوڻ وارو روئي رهي آهي تہ بہ ان کي هڙ بہ نٿو چوي.' ويجهو وجي ڏنائين تہ ڪجھ بہ نہ رهيو هو. شِوچند يا چيو ' هن مهاديو جو گهر بدلجي ويوآهي. هن جو جيو اصل هاريءَ جو. ڏاڏي دم بہ ڪيت ۾ ڏنو. هڪ طرف سرهن جا پيلا گل ٻي طرف ڪپهه جون ڦاٽ ڦاٽ ٿيندڙ ڦٽيون.

ڪنچن وطن واپس آئي پر ان کي گهر، ڪيت، کوهہ، تلاءُ، درٻارگد سڀ ڪجھ نئون لڳي رهيو هو. خاص تہ بنا اسڪول جي ڪجھ بہ نہ پئي وڻيو. وشو کي تہ مزو اچي رهيو هو. هن تہ قبولي ورتو هو تہ 'ڏاڏو ڀڳوان جي گهر ويوآهي.' ڪنچن ٻڌندي هئي ' سني ماڻهو جي تہ ڀڳوان کي بہ گهرج هوندي آهي. ' تہ ڇا جيڪي جيئن ٿا اهي سنا ماڻهو ڪونہ آهن؟ائين گهڙي پل ۾ اهڙو تہ ڇا ٿيندو هوندو جو هينئن ماڻهو مريو ٿو وڃي. ڀڳوان جو گهر ڪٿي هوندو؟ نيٺ متي! ڪيتريون ڏاڪڻيون چڙهجن تہ اتي پهچي سگهجي؟ هوءَ نهاري رهي هئي. پٽس وار لهرايا، سجي وڏي ڪري، لوڪاچار نڀايو.پٽس سڀ ڪجھ چُپ چاپ ڪري رهيا هئا. امان جي هڪ بہ ڳالھ جي مخالفت هاڻ نہ ڪندا آهن. ماڻس کي روئندو ڏسي ڪنچن کي ٿيندو هو تہ بابا منهنجي شادي ڪري ڇڏي ها تہ ڏاڏي جو جيو اوڪتيءَ نہ وڃي ها! پر هن کي کهڙي خبر تہ شادي، معني ڇا؟ نوان ڪپڙا، ڳھ زيور، مزمان ۽ مزو ئي مزو. هوءَ پنهنجي ماسترياڻي شاردا بين کي ڏسندي هئي. جا هميشھ سفيد ڪپڙا ئي پائيندي هئي. متو ڪوڙيل. تہ ڇا امان جو متو بہ! ڏهين ڏينهن تي سُڪو حجام ماڻس جا وار لاهڻ آيو تہ ڪنچن ڊوڙي هن جو هٿ پڪڙي ورتو هو. 'گهٽا متا ڪوڙيا اٿئي. نہ منهنجي ماءُ جو چوٽو نہ ڪتجو. مان ڪٽڻ ڪونہ ڏيندس.' ڪيس زبردستي الڳ ڪري ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيو. دريءَ مان بيني بيني ڏسندي رهي ' بابا چو ڪجھ ڳالهايو ڪونہ پيا.'

ڏاڏي جي موت ڪنچن کي اچانڪ وڏو ڪري ڇڏيو. هوءَ پندرهن ڏينهن سڀ تال ڏسندي رهي. وهنوارن، رسمن ۽ رواجن ۾ ڦٽڪندڙ جذبات ڏسندي رهي.لوڪاچار جي نالي ٿيندڙ گلا غيبت ڏسندي رهي. هن کي سمجھ ۾ نہ پئي آيو آرام سان وينل ماڻهوءَ ، چٽٽي آچارن جو سواد ماڻيندڙ ماڻهو قضئي، ڪاڻ ـ موڪاڻ وغيره تي ايندي هڪدم دکي ٿي ويندا هئا. حويليءَ تي سماچار ايندا هئا تہ اڄ فلاڻي ڳوٺ جي ڪاڻ آئي آهي. سڀ ساوڌان ٿي ويندا هئا ۽ پنهنجي پنهنجي رول ۾ اچي ويندا هئا. ڏکي گهونگهٽ ۾ ڏکي راڳ ۾ روج راڙو ڪندي ۽ چوڪور اڪيون چوطرف لَڪيندڙيون هيون تہ ڪنهن ڪاري ساڙهي پاتي آهي ۽ ڪنهن گهگهري ڪرتو؟ ڪنهن جي اک سجل آهي ۽ ڪير تي رڙ

وڏي ڪري. مرد گهڙي ٻه گهڙيون منهن پيلو ڪري وُئڻ ڏيڻن جو پاو ڪرڻ لڳندا هئاءِ حقا قرڻ لڳندا هئا. ٿورو ماحول ناپر ۾ ايندي ڪنهن جا ٻار شاديءَ جيڏا آهن ڪنهن جي گهر جٽيو آهي؟ ڪنهن ننهن ڪي ڪڍي چڏيو ۽ ڪنهن جي گهر نئين ننهن آئي. ڪنهن شاديءَ ۾ ڇا ڪارايو ۽ ڪنهنجي شاديءَ ۾ ڪير نہ آيو؟ وهنوار ، ميار آشواسن، آٽت ۽ آنسن جو زبردست ناٽڪ هلندو هو.

ڏاڏي سڄي بدلجي ويئي هئي. ڪنهن جڻ سندس سمورو رت ست چوسي ورتو هجي صفا اهڙي ڏورا ڏورا ٿي وئي هئي. ڪڏهن ڪڏهن وڏي سڏ روئندي هئي تہ ڪڏهن چپ چاپ ويني هوندي هئي. امان گهر، وهنوار، ۽ لوڪاچار جي گهاڻي ۾ پيڙهجندي رهندي هئي. بابا اڪيلو اڪيلو وينو هوندو هئو. جيڪو جو ڪجهه پيو چوندو هو سو ماٺ ڪر ٻڌندو پيو هئو. هن جي حالت طوفان ۾ ڇاچ اڏامي ويل گهر جهڙي هئي.

ڏاڏي جو ساليانو شراڌ نہ ٿي نبري تيستائين امان ڪي ڪند جهلڻي پوي. سماج عجيب آهي. هڪ طرف ائين چوندا هئو ' پنجيتاليهہ ورهيہ ٿيا، نندڙي نينگر آهين جو روئين ٿي؟ هاڻي تہ پوٽي جي گهر ٻہ پينگها ٻڌبا.' ۽ ٻي طرف سوگ جا نيم نيائڻا پون. ڪٿ پتليءَ جيئن بس نچندو ئي رهڻو؟ امان ڏاڏيءَ وٽ وطن ۾ رهي، پيءُ ٻارن جي پڙهائي نہ بگڙي تنهن لاءِ ڪنچن ۽ وشونات ڪي وٺي ڪراچيءَ آيو.

پيءُ صبوح جو سويل اٿي باڪري پاڄي ناهيندو هو. شام جو پيبديءَ تان موٽي دال چانور ناهيندو هو.ڪنچن ڪي ڏاڍي اڇا ٿيندي هئي تہ اهو سڀ هوءَ ڪري پر پٽس منع ڪري ڇڏيندو هو. 'رهڻ ڏي تون جلي ويندينءَ.' توهان تہ ڏاڍو سنياليو پر منهنجي پاڳ ۾ جلڻ ئي لڪيل هو اهو ڪيرتو متائي سگهي؟'

ڪنچن با پهريون پيرو ويلڻ چڪلو پڪڙيو هو اهو ڏينهن ياد آيو. پٽس جي ساڄي هٿ ۾ ننهن تر ٿي هئي. هڪ هٿ سان باڪريءَ لاءِ اٽو تہ ڳوهيو پر نہ چٽندي ڪنچن ڪان ويلائي.ان پهرين باڪريءَ جي شڪل ڪهڙي هئي اهو چوڻ مشڪل آهي، پر پوءِ پاڙي ۾ رهندڙ نرملا ماسيءَ هڪ اتڪل سيکاري. پهريان وڏي باڪري ويلي ان متان وڏو ڪٽورو اونڌو هڻي. پوءِ آسي پاسي ڪان اٽو ڪٽي وٺو. هڪ دم گول باڪري تيار. ويچاري نرملا ماسي ڏاڍو جيءُ ٻاريندي هئي. سيني جي ڏسندي برهمڻ جي رنڌڻي ۾ هڪ لوهاڻي ٻيلا ڪيئن ٿي وڃي سگهي؟ هوءَ لڪ ڇپ ۾ اڇي پاڄي وگهاري ڏيندي هئي. دال ۾ مصالحو وجهي ڏيندي هئي. ڪنچن ڪي دل ۾ ويهاري ڪيس سڀ ڪجهہ سيکاريو.

وقت گذري رهيو هو. ڪنچن ڏيمي ڏيمي سپ ڪجھ سکندي پئي وئي. جيشنارام ڪي خبر بہ نہ پئي پَئي ائين ننديون نندیون جوابداريون کسڪي ڪنچن جي متي تي اچي ويون پئي. سويل اٿي پاڻي پرڻ کان وٺي دير رات ڏونرو جمائڻ تائين سپ ڪم ڪنچن پَئي ڪندي هئي. اسڪول ويندي روي شنڪر ڪراٽي واري ڪي شين جي لسٽ ڏيندي ويندي هئي. شام جو مزدور تغاري ۾ پري متي تي ڪٽي هن سان گڏ ايندو هو. هڪ هڪ شيءِ لسٽ ۾ نهاريندي هئي. ان وغيره سُپ سان سوئڻ نرملا ماسيءَ کان سکندي هئي.من ئي من ۾ هوءَ تيار ٿي رهي هئي. هن ڪي صرف هڪ ڳالھ من ۾ هئي تہ ماڻس اچي تڏهن ڪيس اهي ڪم ڪاريون ڏيکاري حيرت ۾ وجهي ڇڏٿو آهي!
ڏيڍ سال کان پوءِ ماڻس آئي پر ......

11

وطن مان نانچند جو خط آيو آهي تڏهن کان جيشنارام ڪجھ منتل منتل رهندو آهي. پٽس جي چالاڪي کي سال کن گذري ويو آهي. سندن ورسيءَ تي وطن وڃڻو پوندو. ريوا زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو هيڏي عرصي لاءِ ٻارن کان الڳ رهي هئي. ٻارن جي محبت جي سهاري ريوا کي ور کان الڳ رهڻ جي عادت پئي هئي. جيشنارام لاءِ به هي سال آزمائش وارو هو. پهريان اڪيلو رهڻ جي هير ۽ تياري ٿئي هئا. ريوا جي اچڻ کان پوءِ هڪ سال ۾ اها اهڙي ته اٽتر ٻڌجي پئي هئي جو هن کي پاڻ تي به ويساهه نه پئي آيو ته هو هيڏا سال اڪيلو ڪيئن رهي سگهيو هو؟ ڏاڍي حيرت ٿيندي هئي. مٿان ڪنچن ۽ وشونات هن جي سهاري ۽ گهر جي به جوابداري. جيشنارام کي اداس ٿيڻ جو موقعو ڪٿي ملندو هو جو اداس ٿئي. ان وچ ۾ ريوا جي ناچاڪيءَ واري خبر .....

ڪنچن ۽ وشونات ماءُ سان ملڻ لاءِ اهڙا آتا هئا جو اهو پلجي ويا هئا ته هيل وطن ويندا سين ته ڏاڏو ڪونه هوندو. اهو ڏاڏو جيڪو سياري جي رُت ۾ اڱڻ ۾ ٻاهه ٻاري پوءِ ٻنهي کي پنهنجو ڪٽو اوڊائي پاڻ وٽ ويهاريندو هوءِ ڪمند چوليندو ويندو هو ۽ ڳريون ڪارائيندو ويندو هو.ڳوٺ ۾ رام ليلا يا پوائي هجي يا رامديو پير جو آکياڻ هجي ڏاڏو وشوءَ کي سڄو ڪيل ڏيکاريندو هو. ڪنچن اگر ورت رکندي هئي ته ان ڏينهن منائيءَ واري وٽ وڃي سامهون ويهي پيڙا نهرائي ايندو هو. ڏاڏي جي گذاري وڃڻ بعد مهِني کان پوءِ پيءُ سان گڏ ٻار ڪراچي ويا، وري ماسڪ شراڌ ڪرايو، ڪرم ڪانڊن ۾ مشغول رهڻ جي وجھ سان ڏاڏي کي ياد ڪرڻ لاءِ من ۾ جڳهه ئي ڪٿي بچي هئي!

وشونات کي وطن وڃي ماءُ سان ڇهتي سمهي ڏيءُ ڪرڻو هو. هونئن ته هت پيءُ ۽ ڪنچن ٻئي آهن پر پيءُ سان گڏ سمهڻ ۾ شرم اچي ٿو. هو ڊڄڻو چوندو ته! ڪنچن ته 'تون سڄي رات لتون هٽندو آهين.' چئي الڳ سمهاريندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن سپني ۾ ڊپ لڳندي بسترو پڄي به سهي. ڪنچن ڪيس چيڙائي پر ڪنهن کي به خبر نه پئي تيئن پٽيان وڃي ديوار تي رلي سُڪائي اچي. ڪنچن هن کي سنياليندي ته آهي پر آڱرين جون ڳريون ڳٽيندي رهندي آهي ائين لڳندو آهي. ڪنچن به ماءُ سان ملي وري هڪ ڀيرو اڳ واري هلڪي ڦل ڪنچن ٿي وڃڻ لاءِ آتر هئي. امان ايندي پوءِ ته ؟ نه بابا جي نوڪريءَ تي وڃڻ جي چنتا نه ئي صبح جو سويل پاڻي پرڻ جي، هاڻ اسڪول به روز وڃي سگهبو. شام

ٿيندي رسوئي ڪرڻ جي بہ چنتا نہ هوندي ان ڪري هيٺ ڪيڏڻ بہ وڃي سگهبو.هيلوڪي ساوٽي پرٿِما تي مٽي ۾ وجهڻ لاءِ چانديءَ جي پِن ۽ گهنگهرين وارن چيپيَن لاءِ ضد ڪبو، هاٽي ڪريلن جي پاڄي ڪاٺ جي ناڪار ڪري سگهبي، امان جي غيرحاضريءَ ۾ تہ ڪاٽٽي پوندي هئي نہ تہ پوءِ وشو بہ نہ ڪائي ها. هاٽي وشونات کي ڏاڍو ڏيڻ ۾ ڊپ ڪونہ رهندو تہ متان هو روئي؟ امان جي غير حاضريءَ ۾ گهر ۽ وشونات کي سنڀالڻ لاءِ جيڪا سياٽپ ڏيڪارٽي پوندي هئي اها اسهج لڳندي هئي. پهريون پيرو ساڙهي پائجي ۽ ستت ئي ساڙهيءَ کي سنڀالڻو پوي ڪجهہ ان طرح جي استٿي هئي. ريوا کي وطن ۾ ترسڻو پيو هو تہ جڻ ڪنچن جو بالڪپڻ بہ اتي ئي رکجي ويو هو. ڪنهن بند بڌي چڏيو هو ۽ رواني رکجي وئي هئي. ڪجهہ وقت ڪان ڪنچن ماٽس کي سندس امانت سونپي ڏيڻ لاءِ اهڙي تہ آتي تي هئي جو گذريل پندرهن ڏينهن ڪان پٽس جو بدليل چهرو هن کي نظر نہ آيو هو.

جيشنارام چنتا ۾ آهي. نانچند ريواجي جي طبيعت جي خبرچار ڏني آهي. پارن کي وٺي وڃجي يا ڇڏي وڃجي؟ وري اهي مجيندا بہ سهي؟ وري ٿيندو هئس ڇڏي تہ وڃجي پر کهڙيءَ ريت؟ هڪ اڌ ڏڪ يا ڏينهن جي ڳالهہ هجي تہ پاڙيسرين کي بہ پارت ڪري وڃجي، پر هي تہ پراهون پنڌ، پندرهن ڏينهن مهنو تہ لڳي ئي وڃي. ڳوٺ وارو گهر بند ڪرڻ، اتي وارو ڪاروبار سميٽڻ ۽ پوڙهيءَ ماءُ ۽ بيمار ريوا کي واپس وٺي اچڻ آسان نہ هيو، آخر جيشنارام کي ٿيو تہ پيديءَ جي سيٺ ديوشنڪر شڪل سان ڳالهائجي. هو ڪو رستو ڪڍي ڏيندو. من ۾ ٿورو پروسو بہ هو. بابا گذاري ويو هو تڏهن سيٺ بہ سو روپيا ڪڍي ڏيندي چيو هو ' هي پيسا پگهار مان ڪونہ ڪٽيندس، ۽ وياج تي بہ ناهن، ٿورا ٿورا ڪري موٽائي ڏج. تڪڙ ڪونهي. ڀلي ٻن جا چار سال بہ ٿي وڃن.'

جيشنارام ٻنهي ٻارن کي وٺي هڪ شام جو سيٺ جي گهر ويو. پيدي تہ ڪياماڙي بندر روڊ تي هئي. سالن ڪان ساموندي رستي مال موڪلڻ ۽ گهرائڻ واري ايجنسي. وري پهرين مها ياري لڙائيءَ ۾ گورن صاحبن جي مهربانيءَ سان ساءُ ٿيو هو. گڏوگڏو ڏيرپ وارو بہ ڏنڌو شروع ڪيو هئائين. پوءِ تہ پيسو پيسي کي ڇڪيندو رهيو. ۽ شُڪل سائين روپيين راند ڪرڻ لڳو هو.

سيٺ جو بنگلو رتن تلاءُ جي پاسي ۾ هو. سنو بنگلو. دور ڪان ڪو پڪي پر ڦهلاءِ اڏامڻ جي تياري ڪندو هجي ائين پيو لڳندو هو. وشونات مکيہ دروازي تي آرس پهڻ جي تختيءَ تي لکيل پڙهيو ـ ' ديووِلا.' اندر داخل ٿيندي رتين سِرن سان ناهيل ڊگهو رستو. ساڄي ڪابي ڪيلن جا گولاڪار ٻارا وچ ۾ گلاب ۽ گلگوتا. سامهون ڏاڪٽيون چڙهندي

وراندو. جنهن جي چوءِڦير ٽن ٽن فوٽن جيترو متاهون رتي رنگ جي ڪاٺين مان ٺهيل ننڍڙو دروازو. وراندي ۾ سامهون ۽ ساڄي ڪابي دروازا. سامهون شيشم جو مکيه دروازو. ڪمري ۾ داخل ٿجي ته ائين لڳي جڻ ڪنهن هال ۾ بيٺا آهيون. هيٺ غاليچن ۾ وهندڙ پير، متاهين ڇت، ڪمري جي وچ ۾ هندورا، سامهون چيڙي تي سنگهاسن جهڙي وڏي شاهي ڪرسي. اردگرد سفيد گادي تڪين واري بئٺڪ، پويان سامهون ديوار تي وڏو چتر.چتر ۾ اونچي اسٽول تي رکيل ڦولداني ۽ ان تي نونٽ رکي بيٺل استري. دور ڪان سندس آسماني ساڙهيءَ جو سنهري پلو چمڪي رهيو هو.

جيشنارا دروازي وٽ بيٺو بيٺو سوچي رهيو هو ته ڪنهن کي سڏ ڪجي، اتي ڏهه ڪن سالن جي هڪ نينگري هال ۾ نظر آئي. هن جون ٻئي چوٽيون ٻڌل هيون ۽ پيرن تائين ڊگهو گلابي رنگ جو فراڪ جهڙو ڪجهه پاتل هوس. هن پڇيو:

' ڪنهن جو ڪم آهي؟'

ڪنچن کي ان جي ٻي ادبي نه وڻي. وڏڙن سان ائين ڳالهائبو آهي!'

جيشنارام جواب ڏئي تنهن کان اڳ،

' ڪير آيو آهي جَيا؟ اڙي وياس صاحب توهان؟ اچو اچو، جَيا وڃ پاڻي ڪٺي اچ. جَيا ڪنچن جي اڏندڙ اوڍڻي ۽ چٽيين چوليءَ کي حيرت مان ڏسندي ڏسندي اندر وئي. هندوري ۾ وهندي ديوشنڪر ڪرسيءَ طرف اشارو ڪيو ۽ وشونات کي پاڻ وٽ سڏيو.

' ننڍڙا وياس سائين توهان جو نالو ڇا آهي؟ '

'منهنجو نالو وشونات آهي ۽ منهنجي پيڻ جو نالو ڪنچن آهي'.

'اڙي ها مان ته هن کي پلجي ئي ويُس. ' پوءِ نوڪر جو آندل پاڻيءَ وارو گلاس واپس ڪندي رڙ ڪيائين 'جَيا ڪيڏانهن وئينءَ ! هن تنهنجي جيڏل کي ڪيڏڻ وٺي وڃ'.

ڪنچن جي وڃڻ جي خاص دل نه هئي پر پٽس جي چهري کي ڏسندي هوءَ جَيا سان گڏ ويئي.

' مان به وڃان؟ 'چوندي وشونات به پويان پويان ڊوڙيو.

اوطاق جو دروازو پوئين لابيءَ ۾ کليو ٿي. لابيءَ ۾ ٻنهي طرفن کان ڪمرا ۽ وچ ۾ ٻڌل پڪو چونڪ هو. ڪابي پاسي چيڙي تي جَيا جو ڪمرو هو. ڪمري ۾ پلنگ مٿي جَيا جي ڦهليل دنيا هئي. ڪتاب، نوٽ بُڪ، پين، پينسل، گڏيون، ڪنگڻيون، ريبن. گڏي هٿ ۾ ڪٺندي وشونات چيو ' هل ادي گهر گهر کيڏون'.

' نه هينئر نه، چوندي هن ڪتاب هٿ ۾ ڪنيو.

' توکي پڙهڻ ايندو آهي ڇا؟ جيا جي من ۾ ڪنچن جو ڳوناٽو ويس ڏسي سوال ڪڙو ٿيو.

' ها، ڇو نہ، اسان ٻئي گجراتي ٽئين ڪلاس ۾ پڙهندا آهيون. ۽ سائنڻ تہ مونکي بہ سيکاريندي آهي.

ڪنچن ڪتاب جا پنا ورائيندي ورائيندي چيو.

' نئين روشني. پر هن ۾ تہ الڳ سبق آهن.'

' ها، هن ڪتاب مان امتحان ناهي ڏيڻو. اهو تہ بابا ائين ئي پڙهڻ لاءِ وٺي ايندو آهي. هن ۾ ڪهاڻيون ۽ ان جهڙو ٻيو بہ گهڻو ڪجهہ هوندو آهي.'

ڪنچن کي پهريون ڀيرو لڳو تہ جَيا سان دوستي ڪرڻ جهڙي آهي. هن جيا کان پڇيو:

' تنهنجي امي ڪٿي آهي؟ '

' هوءَ تہ اجان مان صفا ننڍي هئس تڏهن ئي گذاري وئي.'

' تہ پوءِ رسوئي تون ناهيندي آهين ڇا؟ وشونات پڇيو.

' نہ نہ مان تہ ڪافي ننڍي آهيان، رنڌٽي طرف ويندي جيا چيو.

' منهنجي پيڻ کي تہ سڀ ڪجهہ ايندو آهي!'

'ڪنهن کي سڀ ڪجهہ اچي ٿو؟ رنڌٽي مان ڪنهن عورت جو آواز آيو.

' منهنجي ڀُقي آهي. منهنجي وڏي امان.'

ديوشنڪر جي ڀقي ڳنگاٻا جي نون سالن جي عمر ۾ شادي ٿي پر نڪڙجي ساهري وڃي تنهن کان اڳ ئي وڌوا ٿي وئي. ياءُ جي ٻارن جا ٻار بہ وڏا ڪيا، پر وڌوا جي رسمن رواجن جي ڪري شروع ۾ جيڪي اصولن جون پابنديو وڃهڻ ۾ آيون هيون اهي اصول هاٽي عادت ٻڻجي چڪا هئا. ديو شنڪر کي بدلجندڙ دور ۾ ريتين رسمن واريون ڳنڙيون ڪٽڻ وٽنديون ڪونہ هيون پر هو خاص ڪجهہ چوندو نہ هو. پر سندس پٽ امرت تہ اهڙو ڪٽر هيو جو ڀقيءَ جي سامهون بہ نہ لنگهندو هو، ڀقي بہ امرت جي پاڇي کان پاسو ڪندي هئي.

'اها انگريچي پڙهي پاڻ کي نيڪ ٿو سمجهي.'

جيا جي پويان ڪنچن ۽ وشونات رنڌٽي ۾ پير پائيندي ٻڌو ' ڏسجو رنڌٽو نہ پليت ڪيو.'

تون بہ چاچا چوندي رهندي آهين وڏي امان، هي تہ برهمڻ آهن.'

' ها، پر جتي ڪٿي ڪيڏڻ وڃو ۽ ڪهڙي خبر تہ ڪنهن کي ڇهي آيا هجو. بيهي مان پاٽي پري تي ڏيانو.' پاڃي ڪٽڻ وارو ڪم ڇڏي لڪڻ جي سهاري هڪ هٿ چيلهہ تي رکي هلندي هن ٿورڙو پري بيهندي چوڪرن جي پيالي ۾ پاٽي وڌو. ڪنچن کي هن جو چهرو ڏسي اونهاري ۾ سڪي ويل تلاءُ جو تر ياد آيو. گهنجيل چمڙي ۽ چِبو ٿيل منهن،' سالن بعد ڏاڏي ههڙي لڳندي پوءِ امان پوءِ مان بہ ...' ڪنچن تنهي جا گلاس ملي ڌوئي اونڌا رکيا.

' هيءَ ڏيءَ تہ ناهوڪي آهي.' گهڻن ڏينهن کان پوءِ ههڙا ممتا ڀريا الفاظ ڪنچن کي رومانچت ڪري ويا.

گنگابا ٻارن کي منائي ورهائي ڏني. پوءِ تہ شام ڪيئن گذري وئي جنهن جي خبر ئي نہ پئي. وشونات ڏسي آيو تہ پنيان نوڪر واري ڪمري جي پرسان ڍڳهو زوردار گهوڙو ۽ سفيد رنگ جي بَگي آهي.نوڪر واري خالي ڪمري ۾ کٽ آڏي ڪري رنڌٽو ناهيو ۽ ان ۾ پتل جي ننڍين ننڍين ٿانون سان گهرڙو سجايو ويو.

' رسوئي مان ناهينديس.' جيا جي ڳالهہ ٻڌي ڪنچن اتساهہ مان چيو.

' مان اسڪول جي ماسترياڻي ٿينديس ۽ وشو ڏينهن جو اسڪول ۾ پڙهي ۽ شام جو واپس اچي تہ پيءُ تي وڃي.

' ها ۽ مان ٻاهر وڃا تہ بگيءَ ۾ وڃا.'

اجا گهرگهر واري راند ڪيڏندي جيا ـ شام جي رسوئي شروع ڪري ئي ڪري تہ هن جي نالي سڏ ٿيو. جيا کي پاڙهڻ لاءِ هڪڙي گوري مئڊم ايندي هئي. انگريزي لکڻ پڙهڻ کان علاوهہ ڪيئن ڳالهائجي، ڪيئن هلجي، ڪهڙي موقعي تي ڪهڙا ڪپڙا پائجن جهڙيون انگريزي ريتيون رواج سيکاريندي هئي.

هڪ ئي برانگهہ ۾ لابي ۽ چونڪ ٽپڻ لاءِ آتر جيا کي جڏهن مئڊم هن جي مٿي تي ڪجهہ وزن رکندي هئي ۽ پوءِ ڏيري ڏيري هلڻ لاءِ چوندي هئي تڏهن هن کي سنو نہ لڳندو هو.

جيا جي وڃڻ کان پوءِ ڪنچن ۽ وشونات راند پوري ڪري ڇڏي. جيا جي ڪمري وٽان لنگهندي ڪنچن ڏٺو تہ ڪمري ۾ سامهون واري پاسي دريءَ وٽ هڪ ٽيبل هئي. ۽ جيا جي سامهون ٽيبل جي ٻئي پاسي گوري مئڊم ويني هئي.ڪلهن تائين ڪليل ناسي وار، سنهڙو چهرو، ڳالهائڻ وقت ٿورڙا ئي ڪلنڊڙ چپ، ۽ بنا ٻانهن واروگوڏن جيترو ڪارو فراڪ مئڊم کي پاتل هو.هن جو رنگ ڏسي ڪپهہ جو ڪليل ڏيڏو ياد اچي وڃي.اڄ تائين چترن ۾ ڏٺل ههڙي عورت حقيقت ۾ هڏ چم جي بہ ههڙي عورت ٿيندي آهي ان ڳالهہ جو

هن کي احساس ٿي رهيو هو. وشو نہ چيو بہ سهي ' ادي هيءَ سچ پچ استري هوندي؟ مان هن کي ڇُهي اچان.' ڪنچن هن جو هٿ پڪڙي اوطاق ڏانهن هلڻ لڳي.

اوطاق ۾ داخل ٿيندي هن ڏٺو تہ پيءُ جي پر واري ڪرسيءَ ۾ هڪ نوجوان وينو هو. مٿي تي ڪاري هيٽ ۽ ڪوٽ پتلون. ڪن پل لاءِ سوچيائين تہ 'هي بہ ڪو چتر نہ هجي!.'

'ڪنچن ۽ وشو، هن کي پيرين پئو. هي اسان جو ننڍو سيٺ آهي.' جيشنا رام چيو.

' توهان بہ وياس سائين، امرت تہ توهان جي پٽ جهڙو آهي.' ديوشنڪر ٽوڪ ڪئي.

وشونات کي هيٺ طرف هڪ ٽڪ نهاريندو ڏسي هن هيٺ لاهي هن جي مٿي تي رکي ڇڏي. ڪن پل بعد وشونات ' ڦُس' ڪندو ڪلي پيو ۽ هيٺ جي ڪناريءَ تان هٿ گهمائيندي ڪنچن کي ڏيکارڻ لڳو. پر ڪنچن جو ڌيان تہ امرت جي وڏي نراڙ تي جهڪي آيل وارن جي ونگي ڇڳَ تي هو. وشونات هن جو هٿ ڇڪيو تڏهن ئي هن پڌو.

'ڇڱو تہ وياس صاحب، توهان پلي آرام سان وطن وڃي توهان جي بابا جي ورسي ملهائي اچو. ٻئي ٻار هتي ئي رهندا. وڃڻ جو ٽئي تڏهن ڇئجو امرت اچي ٻنهي ٻارن کي وٺي ويندو. توهان واپس ايندا تيستائين ٻنهي ٻارن جي جوابداري منهنجي سِرِ ۽ ان کان علاوه بہ ٻيو ڪو ڪم هجي تہ بنا هٻڪ جي چئجو. '

موٽندي رستي ۾ وشونات 'ديو وِلا' ۾ رهڻ جو موقعو ملندو انهي ويچار ۾ آڪاش ۾ اُڏي رهيو هو. اسڪول بڳيءَ ۾ وجبو ۽ ڪيڏو نہ وٺ پوندو!پر ڪنچن ڪجھ ٻين ئي ويچارن ۾ هئي. هن کي امرت کي ڏسي ڪجھ ياد اچي رهيو هو. هن کان اڳ بہ ڪٿي ڏٺو آهي هن کي؟ چهرو نہ پر سندس وارن واري ونگي ڇڳ ڏٺل محسوس ٿي رهي هئي.

' اڙي ها ياد آيو، گذريل پورنماسي تي برهم سماج جي واڙيءَ تي نات هئي اتي ڏٺو هومانس.' ڪنچن جي من ۾ اهو نظارو وري ڪڙو ٿيو.

نيٽي جيٽي بندر تي جٽيا بدلائڻ کان پوءِ سيپيئي برهمڻ برهم سماج جي واڙيءَ تي اچي لڏون ڪائيندا هئا. اها ڳڌجاٽي جڏهن کان شروع ٿي هئي تڏهن کان لڏون ديوشنڪر شڪل جي پاران ڏيڻ وارو اصول نهي ويو هو. شڪل ڪراچي ۾ رهندڙ جهونن پرهمڻ مان هو ۽ پيسي پجڻ ۾ پهچ وارو هو. جاتيءَ جو نڪ. ان ڏينهن واري مزمانيءَ ۾ وينل قطار ۾ ڪنچن جي پر ۾ وشونات وينو هو. ٿالهي ڏني وئي هئي پر اج هن ڪنچن کي حيران پريشان ڪرڻ جو سوچيو هو. ننڍي هئي تڏهن کان ئي ڪنچن هر پيم اگيارس تي ڪونہ ڪو نيم ونندي هئي، جيئن تہ روز صبح جو گهر جو در پوجڻ، يا تلسي ڏيو ڪرڻ يا

سچ جي پوجا ڪرڻ يا ڪجهه بہ ڪائڻ پيئڻ وقت پڳوان جو نالو وٺڻ وغيره. ڪنچن بہ تي پيرا وشونات کي چيو:

' ياءُ چئو شنڪر پارپتي.' پر هن زور سان چپ پڪوڙي چڏيا.هن وشونات کي ڇهنبڙي پائيندي ڏيمي آواز ۾ وري چيو. موٽ ۾ وشونات ' او بابا ڙي ' رڙ ڪئي اتي ئي ڪنچن کي ٻڏڻ ۾ آيو ' شنڪر ـ پارپتي' ڪنچن اٿنبي نهاريو تہ هڪ ڪشور هٿ ۾ لڏون واري ٿالهي ڪنيو جهڪيو بيٺو هو. سندس نراڙ تي وِنگن وارن واري چڳ جهولي رهي هئي.اڪ متي ڪٽندي وري چيائين 'شنڪر ـ پارپتي' ۽ 'لڏون لڏون' چوندو اڳيان وڌي ويو هو.

ڪنچن وري هڪ پيرو انهيءَ آزمودي مان پسار تي رهي هئي.

12

دور تلاءَ جي پار تي مور ٻوليو ۽ جواب ۾ ڪيترائي ٿُهڪا. ڪو ڳائيندڙ گيت جي مصرع ڪٽي ۽ پوءِ ڪورس ان کي ورجائي ائين هڪ تنوار جو پڙاڏو ڪنچن با جي من ۾ به ٻڌڻ ۾آيو. 'ديووِلا' وارا اهي ڏينهن! ڪل ڪل ڪندڙ نديءَ جي پرواهه جهڙا ڏينهن! ساگر طرف سفر ڪرڻ جي شروعات وارا ڏينهن!

'ديووِلا' ۾ لڳيڳ پندرهن ڏينهن ڪنچن ۽ وشونات رهيا. پٽس کي وطن وڃڻو هو ان شام ٻگي وني امرت ونڻ آيو هو. ڪنچن کي هن جي وِنگي چڳ ڏسي ياد اچي ويو. 'شنڪر - پارپتي' پٽس کي اسٽيشن تي لاهي امرت وشونات کي پنهنجي پير ۾ ويهاريو ۽ پڇيو ' چا وشو شنڪر - پارپتيءَ کان پوءِ ڪهڙو وِرت وَرتو آهي؟'

'ڪو به نه .. مان ته اديءَ جو ورت به ڇڏرائي ڇڏيو.'

'وچ وچ هاٽي ٻتاڪيءَ وڏو آيو آهين وِرت ڇڏرائڻ وارو! اهو ته هاٽي مان من ئي من پنج پيرا نالو وني ڇڏيان ته هي به ڇئي ڇڏي.' ڪنچن مخالفت ڪندي چيو.

امرت اڪ ۾ مستي پريندي چيو، 'ائين ڪونه هلندو، من ۾ ته تون چاهي ان جو نالو وني سگهين ٿي. اها ته ڪُپت چئجي. ڪيئن نه وِشو؟'

'ڪُپت ڪُپت ' چوندي وشونات اتساهه مان سُر ۾ سُر ملايو.اڪيلي ٿي ويل ڪنچن رُسندي چيو ' وچ وچ' پوءِ ته گهر وڃي امرت ڪنچن کي "ٻال جيون" مخزن جا جهونا پرچا ڏيئي پرچائي ورتو. امرت ڪنچن کي 'شنڪر - پارپتي' چئي چيڙائيندوهوته ڪنچن کيس 'امرت ٽوپي ' چوندي هئي. ديووِلا ۾ چوڪرن ۽ چوڪرين جون به پارٽيون ٿي ويون هيون. هڪ طرف امرت ۽ وشونات ته ٻي طرف جَيا ۽ ڪنچن. شام جو ڪمپائونڊ ۾پنيان ٻڌل نيٽ تي ٻئڊمنٽن جا ساٿي طيءِ هوندا هئا.رات جو روٽيءَ کان پوءِ امرت وشونات کي پاڙهيندو هو. هڪ ڏينهن هن ڪنچن کي زبردستي پڙهڻ لاءِ ويهاريو. ضرب وارو حساب ڪرائيندي هن پڇيو

' اُٺويهن کي پنجن سان ضربجي ته ؟'

ڪنچن ڪو جواب نه ڏنو. هوءَ هيٺ ڪنڌ ڪري ويني رهي. امرت کي ٽيو نٽو اچيس ان ڪري نٽي جواب ڏئي. امرت وري پڇيو

' اُٺويهن کي پنجن سان ضربجي تہ ؟'

وشونات کي ٿيو هينئر ئي پيٽ کي چند ڪيندو، پر ڪنچن تہ ڪنهن الڳ ئي دنيا ۾ هئي. سامهون وينل امرت جو عڪس ٽيبل واري ڪانچ ۾ ڏسجي رهيو هو. ڪنچن هڪ ٽڪ ان ۾ ڏسجندڙ ونگي چڳ ۽ ناسي اکين کي ڏسي رهي هئي. امرت وڏي آواز مان وري پڇيو
' اُٺويهن کي پنجن سان ضربجي تہ ؟'

حيرت مان ڪنڌ متي ڪٽي ڪنچن نهاريو 'خبر ناهي' چوندي ٻاهر ڊوڙي وئي.
'ديووِلا' ۾ اچڻ جي هڪ هفتي بعد ڪنچن جي ماسترياڻي شاردا ٻين کي پرڏيهي ڪپڙي جي دڪانن ۾ پِڪيٽِنگ ڪندي پڪڙيو ويو.حالانڪ چئن ئي ڏينهن ۾ ڇٽي بہ ويئي پر پوليس وارن جي گاڏيءَ مان هيٺ لهي رهي هئي تہ پويان ٽاٽيدار زور سان لت وهائي ڪڍي ۽ هوءَ وڃي هيٺ ڪري جنهن جي ڪري سندس ساڄي پير ۾ فرئڪچر ٿي پيو. ۽ متي ۾ بہ ٽانڪا آيس. ماسترياڻي موڪل تي هلي وئي تہ ٻارن لاءِ تہ مزو ٿي ويو.ڪنچن کي ٿيو تہ پوليس تہ خراب ماڻهن کي پڪڙيندي آهي پر شاردابين تہ سٺي مائي آهي. اسڪول ۾ پاڙهيندي آهي تہ بہ پوليس چو ڪيس پڪڙي وئي؟ هن کي ٿيو تہ امرت کان پڇجي، پر امرت وٽ صفا سادي لڱندس تہ؟ هن نہ پڇيو.
اسڪول ۾ موڪلن جي ڪري ڪنچن سڄا ٻپهر خفي رهندي هئي. ڪجھ بہ نہ سجهندو هو تڏهن هوءَ گنگابا وٽ وڃي ويهندي هئي. چوءماسي جا ڏينهن. گنگابا ساڍا چار مهينا هڪ ٽاٽا ۽ ورت ـ اُپواس ۽ ڪتا وارتا ۾ رڌل رهندي هئي.ٻنپهرن جي وقت هوءَ جيا واري ڪمري ۾ هيٺ فراسي وڇائي اهلندي هئي. ڪنچن ڏسندي هئي، گنگابا هيٺ مشڪل سان ويهي سگهندي هئي. اٿڻ مهل چئن پيرن تي ٿيٽو پوندو هئس. هن هڪ پيري چيو بہ سهي ''وڏي امان، توهان پلنگ تي سمهو ها تہ؟''
'' توکي خبر ناهي، وِڌوا استريءَ کي پلنگ تي سمهڻ جي منع هوندي آهي.'' چوندي گنگابا متي تان رئو لاهي نوڙهہ تان هٿ گهمائي وننڊي هئي. ڪنچن ان ٻادلن چائي روشنيءَ ۾ هن جو چمڪندڙ متو ڏسندي رهندي هئي. جيڪو چلڪي لٽل ناريل جهڙو لڳندو هو.گنگابا امرت کان لڪائي حجم کي گهر گهرائي وننڊي هئي. امرت وڏي امان جي

هنن ڪرم ڪاندن، ۽ آپڙچيتن ڪان ڏاند جيئن ٿهندو هو. امرت ٽن سالن جو هو ۽ جيا ڇهن مهنن جي،تڏهن ڪان ئي گنگابا جي هٿ هيٺ. هن ته ٻارن کي پالڻ تاتڻ ۾ ڪا ڪمي ڪانه ڇڏي پر امرت جي من ۾ ڳنڍ ٻڌجي وئي هئي. ڪنهن هن جا ڪن ڀريا هئا ته ' سندس ماءُ انسويا گنگابا جي ستائڻ جي ڪري ئي مري وئي.' حقيقت ۾ ته انسويا اڏڪ ماس ۾ سمنڊ ۾ سنان ڪرڻ وئي هئي تڏهن ٻڏي وئي هئي.

ڪنچن ڪان پهريون ڀيرو سمنڊ ڏسڻ وارا اهي پل پلجن ٿهڙا ناهن. رشي پنچميءَ جو ڏينهن هو. گنگابا هوابندر واري سمنڊ ۾ سنان ڪرڻ لاءِ وڃڻي هئي. وشونات جي ٻه ڏاڍي دل هئي. دل ته ڪنچن جي ٻه هئي، پر ان ڏينهن تي ته هاري ۽ وڏيون مايون ئي ورت رکن. جيا چيو 'ورت نه رکون ته ڇا ٿيو، سمنڊ تي ته وڃي سگهجي ٿو نه!' جيا ۽ وشونات امرت کي ٻه تيار ڪيو. ان ڏينهن جيا ڪنچن کي پنهنجو فراڪ پارايو. ٿورو تنگ لڳي رهيو هوس. هڪ ڀيرو ته ڪنچن کي لڳو ته ساهه ٻه ڪٽي سگهبو يا نه؟ ڪنچن جا هٿ رکي رکي چنري ناهڻ لاءِ مٿي تي ويا پي پر وري واپس پي اچي ويا. فراڪ ۾ ڪنچن کي ڏسي گنگا چيو، 'اصل جيا جي مدم جهڙي لڳي رهي آهي.' ڪنچن هن جي مني نظر جو ڇهاءُ محسوس ڪري رهي هئي.

هوابندر وارو سمنڊ. ڪنچن کي ٿيو ته هن آسماني فراڪ نه پر ڄڻ سمنڊ ئي پاتو آهي! ڇلڪندڙ، وهندڙ، لهرائيندڙ .... نظر وڃي تيستائين پاٽي ئي پاٽي. آسماني پاٽي. لهرون اتن آڪاش ۽ ڌرتيءَ کي الڳ ڪن، وري هڪ ڪري وڃن، ڦيڻ ڦيڻ ٿي وکرجي وڃن. ڪنچن ڪناري تي بيني بيني پيرن تي  چولين جو ڇهاءُ ماڻي رهي هئي. گنگابا ٿورو پريان ساڙهيءَ سميت سنان ڪري رهي هئي.امرت سمنڊ ڪناري ريتيءَ جي ڍڳ مٿي وينو هو. جيا ۽ وشونات ڪوڏ ميڙڻ لاءِ هيڏانهن هُوڏانهن ڊوڙي رهيا هئا. ڪنچن بيني ته هئي سمنڊ ڪناري پر سندس اک جي سامهون ته ٻاڙمير جي ڇيڙي واري وستارجو رڻ علائقو  ٽڙڳي رهيو هيو. ' رڻ هجي يا سمنڊ .... اڻ ڪٽ ..... اپار.... ۽ مان ؟ هڪ ريت ڪڻ، هڪ جل ڦڙو! پر سمنڊ پچائيِ ٿو، پاسي ۾ سڏي ٿو، ڪلهي تي هٿ رکي ٿو، هڪ نرم هٽڙو ڪٽي اچي ٿو ۽ ڪنڊ ڪنڊ تائين ڦري وڃي ٿو.' ڪنچن کي ڪجهه وٽي رهيو هو ته ڪجهه اداس ڪري رهيو هو. هن سمجهڻ چاهيو ٿي تيستائين اتي جيا ۽ وشونات ڊوڙندا پهچي آيا ۽ هڪ ٻئي کي ٿيلها ڏيندي پنهنجا ڪوڏ ڪوڏيون ۽ سُتيون ڏيکارڻ لڳا. جيا فراڪ جي پاند ۾ ۽ وشونات خميس جي چانئر ۾ چونديل خزانو ڀريو هو. ڪنچن جيئن هٿ وڌايو ته وات نهاري وينل چولين تنهين کي پُسائي ڇڏيو. انهن چولين جي چوهه ۾ جيا

۽ وشونات سمنڊ ڪي پنهنجو ڏن واپس ڏيئي ٿه ٿه ڪري ڪلڻ لڳا. پڇڻ جي ڪري ڪنچن سوچن مان واپس موٽي ڪناري طرف هلڻ لڳي. ڪنچن کي روڪيندي وشونات ۽ جيا امرت کي سڏيو. پنل فراڪ کي نچوئيندي چنبيندي ڪنچن ڊوڙڻ لڳي، ان پل ئي امرت آڏو اچي بيهي رهيو. ڪنچن پل پر لاءِ بيهي رهي. امرت جي نظر سندس نظر سان ملي نہ ملي، هوءَ سرڪي وئي ۽ ..... ڪنچن واپس موٽي وئي. ان ڏينهن پهريون ڀيرو هن چاتيءَ ۾ ڪڙندڙ گلن جي سڳنڌ ڪي محسوس ڪيو. ان ڏينهن کان پوءِ ڪنچن ۽ امرت آمهون سامهون اچڻ کان پاڻ کي ٽاريندا هئا. جيا يا وشونات پتي راند ۾ پيچي ٿيڻ وارو پرستاو ڪٽي ايندا هئا تہ ڪو بهانو ڪيندي هئي، پر وشونات کي پاڙهيندي امرت کي خبر هوندي هئي تہ سندس آواز پڌندڙ ڪنچن آسي پاسي ۾ ئي ڪٿي هوندي. تہ جيا کي چوٽي ناهي ڏيندي ڪنچن ڇاٽندي هئي تہ هينئر ئي امرت هرويرو هت ايندو ۽ ترت واپس موٽي ويندو.

پٽس وطن مان واپس اچٽو هو ان جي اڳيئن ڏينهن گنگابا ۽ امرت جي وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو.ان ڏينهن ٽپال ۾ امرت جي ساهرن کان تحفو آيو هو.انسويا جي حياتيءَ ۾ ئي گنگابا امرت جو رشتو پنهنجي ٽاٽان جي ڌيءَ سان ڪري ڇڏيو هو. امرت گذريل ٽن سالن کان رشتو ٽوڙڻ وارو ضد ڪيو وينو هو. ديوشنڪر امرت کي ارڙهن سال ڪڏهن پورا ٿين انهيءَ جي واٽ نهاريو وينو هو. پر قدرت جا ڪم! اها چوڪري ٽپ ۾ گذاري وئي. گنگابا لڳيگ آزي ڪندي امرت کي چيو 'منا منهنجو صرف ايترو چيو مڃ، تون سنان ڪري وٺ. ڪجھ بہ هجي پر هوءَ اسان جي هئي. روپيو ۽ ناريل ورتا آهن اها ڪا راندڳالھ تہ ناهي. ان ويچاريءَ جي قسمت ۾ سگ جي صرف چنري ۽ پتاشا هوندا.هوءَ پنهنجو قرض وٺي هلي وئي.تون سنان ڪري وٺ. چوت چات تہ اسان کي بہ لڳندي نہ.'

امرت صاف انڪار ڪري ڇڏيو.آخر گنگابا اُپواس وارو هتيار آزمايو. ' جيستائين تون سنان نہ ڪندين تيستائين مان ان جل ڪونہ ورتائيندس.' چئي هوءَ تہ ويهي رهي پڳوان جي سامهون.جياءِ وشونات تہ سڄي گهتنا کان ڊڄي هڪ ڪنڊ ۾ ويهي رهيا هئا. ديوشنڪر تہ پيڊيءَ تان رات جو واپس ايندو هو.آخر ڪنچن امرت کي سمجهائڻ لاءِ وئي.

امرت سندس ڪمري ۾ ڪرسيءَ تي وينو هوءِ ٽيبل تي ڪو ڪتاب کليل پيو هو. دور دريءَ مان نهاريندڙ نظر ۽ ڪرسيءَ جي هٿن تي پيل سندس هٿ. هلڪڙن قدمن سان اڳتي وڌندي ٽيبل وٽ پهچي ڪنچن کليل ڪتاب بند ڪيو.۽ چيو:

' هل، پاٽي رکيو اٿم.'

موٽ ۾ هڪ بہ حرف اچارڻ کان سواءِ امرت ڪنچن سامهون تکو نهاريو.

' تون چوت چات ۾ سوتڪ ۾ نہ مجيندو آهين. پلي مندن نہ ڪرائج پر سنان ڪرڻ ۾ ڪهڙو نقصان آهي؟'

' مذاق نہ ڪر.'

سمجهائڻ واري نوع ۾ ڪنچن چيو:

' تون هرويرو ڪاوڙجي رهيو آهين. توڪي تہ سڳ توڙي چڏڻو هو ۽ هي ڏس نہ پاڻهين تو لاءِ رستو صاف ٿي ويو آهي. هوءَ ويچاري تہ توڪي آزاد ڪندي وئي. ۽ سماج ۾ بدناميءَ ڪان بہ بچائيندي وئي.هل سنان ڪري وٺ.'

' پر مان هن جي نالي جو ........'

' هن جو نہ تہ منهنجي ناءُ جو ....ڪنچن جملو پورو ڪري ان ڪان اڳ ئي امرت هڪدم اٿي بينوءِ ڪنچن جا ٻئي ڪلها جهلي هن کي ڌوڏيندي چيو:

' چا پيئي چئين؟ ورائي چئہ پلا!'

ڪلهن تان هٿ هٽائيندي ڪنچن چيو:

' مان مري وينديس تہ ان ۾ تنهنجو چا ؟ '

امرت جو چڻ برنڌڙ اڱرن تي پير پئجي ويو هجي ائين ٽپو ڏنائين ۽ ڪنچن جي چوٽي پنهنجي ڳچيءَ ۾ ويڙهيندي چيائين:

' تہ مان بہ مري ويندس.'

ڪنچن جو ساهہ مٺي ٿي ويو. نديءَ جي پاٽيءَ ۾ ترنڌڙ سون ورٽيون مڇيون ائين ئي چپ چپ ڪندي للچائجن ۽ هٿ ۾  اچانڪ ڪا مڇي اچي وڃي تيئن ڪنچن چال ڏنو.هوءَ نہ تہ مڇيءَ کي چڏي سگهي نہ جهلي سگهي. پنيان طبيلي ۾ ٻڌل گهوڙي جي هانهر جي آواز ان جمي ويل پل کي توڙيو. ڪجهہ دير ڪان پوءِ رنڌٽي مان گنگابا ڏنو تہ ڪنچن جي پويان پويان امرت بہ وڃي رهيو هو.

13

امان آئي، لابيءَ ۾ بيبنل ڪنچن ۽ وشونات وِڪتوريا مان ماءُ کي لهندي ڏٺو ۽ ڊوڙ پاتي.هونئن ته وڪتوريا گاڏي حويليءَ جي صدر دروازي وٽ بيهندي هئي، پر هن پيري پيءُ نيٺ اندر ڏاڪٽين تائين وني آيو هو. ڪنچن ۽ وشونات کي ڏسي ماءُ ٻه قدم اڳتي وڌي ۽ ٻنهي ٻارن کي ڀاڪي پائيندي روئي پئي. ڏاڏو گذاري ويو هو انهن ڏينهن ۾ ماءُ ڪمري جي ڪنڊ ۾ چهرو ڏسڻ ۾ نه اچي ائين اڌ اوڍي رکندي هئي. ان ڪمري ۾ چانيل اوندهه ۾ ماءُ جي موءن يا روئڻ واري هلڪي آواز کي سڃاڻي سگهبو هو. ائين نما شام جي چمڪندڙ روشنيءَ ۾ ماءُ کي ڏسي ڪنچن جي اکين ۾ ڳوٽ جي سڃي ۽ سنسان سيم وارو نظارو ايري آيو. هوءَ ٻڏتر واري حالت ۾ ماءُ کي ڏسندي رهي. وشو ماءُ جي هنج مان نڪري وڪتوريا طرف ڊوريو. هن کي ائين هيو جو اجا سامان لاهيندي دير لڳندي، تيستائين ڪوچوان جي سيٽ جو مزو ماڻي ونجي! پر سامان لاهيندي پيءُ وشونات جي هٿ ۾ متيءَ جي بدڪ ڏماءِ چڏي. انهي بدڪ کي ٻن هٿن ۾ جهلي هو گدا جيان هوا ۾ گهمائڻ ويو ته بدڪ جو ڪنڏ ئي سندس هٿن ۾ رهيو ۽ پيٺ وڃي پريان ڪريو. ڪنچن کي هٽائيندي ماءُ چيو:

' سڀڻ تيو، سنو تو.'

وڪوتريا جي پاسي ۾ وڃي ڪنچن ڏٺو، پيءُ سارو سامان لاهي ورتو هو ته ٻه ماءُ ڊگهي گهونگهٽ ۾ سيٽ جي هڪ ڪنڊ ۾ ويڙهجي ويني هئي. ماءُ ڪنهن پريءَ جهڙي لڳي رهي هئي. ڪنچن "امان" چوڻ لاءِ چپ اجا کوليا مڏ تان پيءُ ڪيس دور ڪسڪائيندي ماءُ کي ٻنهي هٿن ۾ ڪٽي گهر ڏانهن هلڻ لڳو. هيٺ پيل هڙ متي ته ڪٽي ڪنچن ٻه هلڻ لڳي. پٽس جي هٿن ۾ لڄ جي ڪري سُسندڙ ماءُ جو چهرو ڏسي ڪنچن کي تيو هڪ هڪ ڏاڪڻ تي سندس متي تي اجا ٻه ڪا پري رکي پئي وڃي!

ريوا کي واءُ تيو هو. ايري آيل چاتيءَ جو پجرو، اڳيان جهڪي ويل چيلهه، جڪڙجي ويل هٿن پيرن جون آڱريون... ريوا صفا لاچار ۽ ٻي ڊولي تي وئي هئي. هن جي سَنڌ سَنڌ جهلجي وئي هئي.هوءَ پاڻ ڪجهه ٻه نه ڪري سگهندي هئي. چڪ ڏيڻ يا ڪنگهڻ وقت سندس هڏا وڃي اٽندا هئاءِ ويدنا جو چار ريوا جي چهري ۽ اکين ۾ جهولڻ لڳندو هو. ڪنهن واڌو

شيءِ جيان ڪمري جي هڪ ڪنڊ ۾ هڪ رليءَ تي ڪيس ويهاري ڇڏيائون. ڪنهن اڻ ڪپندڙ شيءِ جيان هن جي مٿان لاپرواهي ۽ پيڙا جو پڙدو ڄمندو پئي ويو. هن جي سڪل هٿن تي چٽيل ٽاچوٽا ريتجي رهيا هئا. هٿ پير هلڻ چلڻ کان معذور ٿيڻ کان پوءِ هن پنهنجي زبان کي به ويڙهي سيڙهي ڪٿي رکي ڇڏيو هو.ضرورت پورتو ئي مڏ ڳالهائيندي هئي. ڪجهه به نه گهرندي هئي. نه سَرندي ڪٿي ڪپڙا نه بگڙجي پون انهي ڊپ جي ڪري ڏاڏيءَ کي چوندي هئي. اهوبه وري وري نه چوٽو پئي تنهن لاءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ پاٽي نه پيئندي هئي. اڏ بڪايل رهندي هئي. حڪيمن جي ڪاڙهن، ڦڪين، سيڪن، تپن، مالشن،۽ ڪِريَن جي چڪرن ۾ هوءَ ماٺ ماٺ ۾ هيٺ مٿي ٿيندي رهندي هئي.

ماءُ جي هنج ۾ وجڻ لاءِ آتُر وشونات ٿهندو دور رهندو هو.گهر ۾ به خاص نه ٽڪندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ماءُ ڪيس پاڻ وٽ سڏيندي هئي ته عذر ڏيئي سڏ ٽاري ڇڏيندو هو. ڪنچن کي ته ماءُ ڪجهه وڌيڪ ئي ويجهي تي وئي هئي ائين لڳندو هو!

سالن کان سڄاتل رستي تان هميشهه توهان هڪ گهاٽي وڻ کي ڏسندا ايندا هجو، جڏهن به ان رستي تان وڃڻ ٿئي تڏهن توهان کي مڪمل يقين هوندو آهي ته پلي واءُ طوفان هجن يا لڪون لڳن پر اهو وڻ آهي نه! پنهنجو هميشهه وارو آسرو آهي نه!پر ڪنهن ڏينهن توهان مٿي تي بار ڪٽي ٽاڪ منجهند جو پهچو ۽ نظر اچي هيٺ کان مٿي تائين لٽل ڪل وارو سڪل وڻ! تمام دلداريون پچي پور تي وڃن. هڪ ڇهڪ پوي هنئين ۾ ۽ مٿي تي رکيل بار ۽ تپيل زمين جو تپ ڳري وڃي هڪ ڏڪ ۾! پنهنجو دک وسري وڃي ۽ سمائجي وڃي ٿونٺ وڻ ۾!رهي صرف وڻ ۽ واٿهڙو کي جوڙيندڙ ويدنا....

ڪنچن سان به ڪجهه ان طرح جو ئي ٿيو. ماءُ کي چوڻ لاءِ سانڍي رکيل ڳالهين کي ٽالا لڳي ويا. ڪنچن کي چوٽو هو ته .... ڪيس به ماءُ جهڙي جدي لپي رڌڻ اچي وئي آهي. پاڙي ۾ ڪٽڪ جي اتي مان سيون ويلٽيون هجن يا چانورن ـ اڙد مان پاپڙ، سيئي چوندا هئا ڪنچن جي چا ڳالهه ڪجي! ديوولا ۾ گنگابا ڪنچن ڪمهوڙي (جهجهو ڪم ڪندڙ) ڇئي جَيا کي ڇڙبيندي هئي! هن کي چوٽو هو ته اسڪول جي ساهيڙي لليتا جيان پڙهائي ڇڏي سوَديسي وارن جي باندر سينا ۾ شامل تي وڃٽو آهي! ڪنچن وٽ ڪرڻ لاءِ ڪوڙ ڳالهيون هيون پرسپ سُسي ويون .

ماءُ جي بيماريءَ ۾ ڪنچن کي ڏاڏيءَ وارو نئون روپ نظر اچي رهيو هو. وطن ۾ جڏهن مامو وير پسلي (هڪ ڏڻ جنهن تي ڀاءُ ڀيڻ کي تحفا ڏيندو آهي) موڪلڻ ۾ يا سنڪرانت جي ڪچٽي موڪلڻ ۾ سُستي ڪري، مامي سال ۾ به ڏينهن به نه گهرائي تڏهن

اهڙن تهوارن ـ ڏڻن تي ماءُ کي مَنيان لڳندي هئي. روئندڙ ماءُ کي آٿت ڏيندي ڏاڏي چوندي هئي ' ڪا ڳالهه ڪانهي تون دکي نہ ٿي، پلي تنهنجي ناناڻي ۾ ماءُ پيءُ ناهن، پر مان ويني آهيان نہ ٻارهن ورهين جي" پر اها ڏاڏي بدلجي وئي هئي. ڏاڏي ماءُ کي مالش ڪندي هئي. وهنجاريندي ڌوئاريندي هئي، متي کي ڦٽي ڏيئي ڏيندي هئي، ڪارائيندي هئي ..... سڀ ڪجهه ڪندي هئي. اڙي اڙي ويچاريءَ کي الائي ڇا ٿي پيو آهي. اجا تہ ننڍڙي ٻار آهي. سڄو سنسار بہ ڪونہ ڏٺو اٿس. هڪ اڌ پرسنگ ڪيو هجيس تہ بہ متي تي موڙ وجهي ڪنڪو هاڻي آڳر بہ ڪري ها! ڪهڙي خبر ڪڏهن چاڪ ٿيندي! اهي بيماريون اچن گهوڙي جيئن وڃن ماڪوڙيءَ جيئن. اڙي ڙي! جيني جو ڇا ٿيندو! ماءُ تي ترس ڪائيندي ڏاڏيءَ جو آواز ۽ ان جا لفظ هڪ ٻئي سان ٽڪرائجندا رهندا هئا.ڏينهن ۾ سو دفعه ماءُ کي ويچاري چوندي ڏاڏيءَ جي اکين ۾ رحم جي بدلي رنج محسوس ٿيندو هو. ماءُ جي ڏکهن وارن ۾ ڊِڳ جيون پئجي ويون هيون. ڪنچن کي ٿيندو هو اگر جَيا واري مئدم جيان امان جا وار ڪٽجي وڃن تہ ڪيس هيءَ تڪليف سهڻي نہ پوي! هن هڪ ڀيرو سندس ڏاڏيءَ کي چيو بہ سهي تہ ڏاڏيءَ ڪيس پنيءَ تي ڌڪ هڻي چيو:

چري رن، بدبخت تو ۾ ڪا سُڌ بہ آهي يا نہ؟ هزار دفعه چيو اٿم اها ولايتي پڙهائي چڏي ڏي، هيءَ نابود واري چڏينڊءِ! مرين شل توکي اها بہ خبر نٿي پئي تہ تنهنجو پيءُ وينو آهي ۽ تنهنجي ماءُ جي وارن کي ڪينچي ڏيڪاري سگهجي ٿي؟ جيون پيون آهن، ڪي شينهن بگهڙ تہ ڪونہ پيا آهن جو تنهنجي ماءُ کي ڪائي ويندا. ۽ ڪائي وڃن تہ بہ..... ' اڌورو ڇڏيل جملو سمجهندي ڪنچن ڪنبي ويئي. امان مري ويندي تہ !! ڏيڍ سال تہ ماءُ آهي. ۽ هڪڙو ڏينهن ايندو ان ئي آس ۾ ڪنچن سڀ ڪجهه ڪندي رهي. پر ڪنهنجي بہ واٽ نہ نهارڻي هجي تہ ڪيئن تو رهي سگهجي؟ ڪنچن ماءُ کي ڪڏهن ڪڏهن چوندي هئي تہ ماڻس چوندي هئي " هوندو، پوڙهو جيو آهي. هڪ تہ پرايو ملڪ، ٻيو پنهنجو پراڻو گهر ڇڏي پلا هتي شهر ۾ ڪيئن مزو اچي؟ ان ۾ وري پٽ ننهن جا انگل آرا ڪنهن کي وڻن؟ اهو تہ ڏاڏو گذاري ويو ان ڪري هن کي هتي اچڻو پيو. ويچاري ڇا ڪري؟ منجهندي آهي تڏهن ڪاوڙجي ڳالهائيندي آهي.

خبرچار ملي تڏهن هڪ ڀيرو گنگابا امان کي پڇڻ جي لاءِ آئي. جيا گڏ هئي پر امرت متي گهر ۾ نہ آيو. هيٺ بگيءَ ۾ ئي وينو رهيو. ٻيو ڪو ڻاٽو هجي ها تہ هوءَ ڊوڙي هيٺ وڃي ها يا جيا کي چوي ها پر ان وقت هوءَ ڪجهه بہ نہ چئي سگهي. هوءَ رنڌڻي ۾ چانهہ ناهي رهي هئي ۽ گنگابا ماڻس کي چئي رهي هئي " ڏادي ڏاهي ڏيءَ آهي. عمر ڪونہ اٿس

پر سياٽي ڏاڍي آهي .... سندس لڇڻ اهڙا آهن جو هرڪو ڪم پيو هن جي هٿن ۾ سونهي! ۽ هڪ هيءَ آهي اسان جي جَيا،جا چئجي! پڳوان چوڪرو ناهيندي ناهيندي چوڪري ناهي چڙي! ڪو ڪم نٿو وٽيس. نه ويلڻ پڪڙيندي اچيس ٿو نه ئي بٽڻ ٽانڪڻ. بس سڄو ڏينهن هت هُت چڪر ڪاٽيندي رهندي آهي. خبر ناهي چاڪندي ساهري وجي! ” ڪنچن جو من ڪجهه بڌڻ لاءِ تيار نه هو. چانهه ڏيئي هوءَ جَيا ڪي ٻاهر لابيءَ ۾ وني وئي. دور ٻگيءَ ۾ وينل امرت جا پير ڏسجي رهيا هئا.هن ڪي ڪاري پتلون پاتل هئي. گوڏن تي ٽيڪيل هٿن ۾ سفيد رومال هو. ڪنچن ڪي ٿيو چا هي اهو رومال هوندو جنهن جي وٽ هن پاڻ پنهنجي هٿ سان واري هئي؟ جيا ڪنچن کي چئي رهي هئي “ محرم جي موقعي تي مسلمانن جا تعزيه نڪرن تڏهن تعزيه ٺڏا ڪرڻ جي باڌا رکجي ته چاهي کهڙي به مشڪل هجي اها دور ٿي ويندي آهي. وڏي ياءُ کي به سال اڳ مدّتيو تپ ايندو هو تڏهن وڏي امان تعزين جي باڌا رکي هئي .” ڪنچن کي خبر نه هئي ته تعزيه ٺڏا ڪرڻ، معني چا ؟ ڪنچن پڇيو، “ پر ان ۾ چا ڪيو ويندو آهي؟ ۽ اها باڌا ته جيڪو مسلمان هجي ان جي پوري ٿيندي آهي نه؟

“ نه اهڙو ڪجهه به ناهي. وڏو ياءُ چوندو هو ته پڳوان ته هڪ ئي آهي. پلي ان جا نالا جدا جدا آهن. ۽ تعزيه ٺڏا ڪرڻ لاءِ ته تعزيه جتان نڪرندا آهن ان رستي تي به بيلهون پاٽيءَ جون چنڊٽيون ۽ امام حسين جي گهوڙي جي هينان نڪري جيڪي چاتي ڪٽيندا هجن انهن کي شربت پيارٽو. ان ۾ چا آهي؟”

ڪنچن من ئي من ۾ باڌا ته رکي پر ان کي ڊپ به ٿيو ته ڏاڏيءَ کي خبر پئجي ويندي ته؟ هوءَ ته ٻي ذات جو پاٽي به نه پيئڻ ڏيندي آهي.

ڏينهون ڏينهن گهر جو ماحول بدلجندو پئي ويو. پيءُ قليل ئي ڪڏهن ڪنچن يا وشونات سان ڳالهائيندو هو. پيديءَ ڪان چٽي به ڪلاڪ نامو لکڻ ويندو هئو. امان ۽ بابا جي وچ ۾جڻ ـ سامان ۽ مزدور جو رشتو رهيو هو. امان چوندي هئي ته پوتليءَ جيان ماءُ کي ڪٽي چوڪڙيءَ ۾ ويهاريندو هو يا وري واپس ڪٽي رليءَ تي ليٽائي ڇڏيندو هو.ڪو چوندو فلاڻي حڪيم وٽ وڃوته اتي ڪو ٻيو چوندو هو ته فلاڻي ڊاڪٽر وٽ وڃو ته اتي. بالتن مارڪيٽ وٽ هڪڙو ولائتي ڊاڪٽر ڏاڍو مشهور هو. هن ته بابا کي ٻي شادي ڪرڻ جي صلاح ڏني هئي. ڏاڏايءَ کي خبر پيئي ته هوءَ ڏاڍي اتساهه ۾ اچي وئي هئي. پر بابا صرف ايترو چيو “ اها بيماري اگر مونکي لڳي هجي ها ته؟” ڏينهون ڏينهن هن جو چهرو مرجهائجندو پئي ويو. ڪڏهن ڪڏهن وشونات پڇندو هو “ بابا چا منهنجي ماءُ جي حالت هاڻي ههڙي ئي رهندي؟ هو ڪو به جواب ڏيڻ کان سواءِ وشونات جي مٿي تان هٿ گهمائي

ماٺ ڪري ويهي رهندو هو.ڪنچن بنا ڪجهه چوڻ جي پيءُ جو دک پڙندي رهندي هئي. هيل تائين هوءَ ماڻس جي بدلي ۾ ڪم ڪندي رهندي هئي. هاڻي هن هميشهه جي لاءِ ذميواري پاڻ تي کڻي ورتي هئي. هن ڏاڏيءَ کي به هلڪو ڪري ڇڏيو هو. بدلي ۾ هن کي اسڪول ڇڏڻو پيو هو.

ان ڏينهن ڏاڏي هنومان مندر تي وئي هئي. ڪنهن چيو هوندس ، ته توکي راهو آڏو اچي ٿو اتي سمشان پاسي کو برهمڻ وڏي ڪندو هو. اتي امان ويئي هئي. شام جا چار ڪن لڳا هئا. ڪنچن ۽ وشونات اسڪول کان گهر سويل موٽي آيا . گهرم ۾ گهٽڻ ڏينهن کان واندڪائي ڏسي ماءُ کي بک لڳي. هن ڪنچن کي پيجيا ناهي ڏيڻ لاءِ چيو هو. ماءُ کي پٽاڻن جي پيجين جي سڳند ڏاڍي وٽندي آهي. ڪائيندي ته به چار ئي هئي پر جڻ سُڳند سان سندس پيٽ پرجي ويندو هو ! ڏاڏي مندر کان گهر آئي ته کيس خبر پئي، پوءِ ته هن گهر مٿي تي کڻي ڇڏيو. “ ماڻهين کان چپ جو سواد وجي ڪونه ٿو. هيترو سارو تيڻ کان پوءِ به سواد جا حيلا اچنس پيا. منهنجو پٽ پيسي ٽڪي ڏوپجي پيو پر هن پرائي جائيءَ کي آهي ڪو فڪر؟. هيءَ تنهنجي ڇوڪري سڙي وجي ها ته ؟ ۽ نشان بدلائيندي هن هٿ به مٿي ڪنيو. “ هن رَن جو به ماءُ لاءِ ڏاڍو پيٽ تو جلي. پيجيا ڪائڻ کان سواءِ جڻ مري نه ويندي تنهنجي ماءُ! هينئر کان هين لڪ چُپ ۾ ههڙا ڪم ويني ڪرين، مٿي تي پريون کڻي موٽي ايندينءَ ساهري مان.۽ ماڻهين جو پيٽ خراب ٿي پوندو ته ڪير ڏوئندو هن جون پوتيون، تنهنجو پيءُ؟ ” امان ويچاريءَ ڪيڏي نه سمجهائڻ جي ڪوشس ڪئي پر ڏاڏيءَ جي واڪن ۾ ڪنهن تي پڌو؟ تنگ گليءَ ۾ قاتل به جيوَ هڪ پئي کان بچڻ لاءِ ڳرندا رهيا.

روئندي روئندي ڪنچن ويچاري رهي هئي ته پنهنجي ئي گهر ۾ پنهنجي ماءُ کي ڪارائڻ چوري ڪيئن چئبي؟ انهي سجي گهپيءَ جي پاڙ آهي امان جي بيماري. امان ڪجهه ڪري نٿي سگهي ان ڪري سپ ڪجهه ڏاڏيءَ کي تو ڪرڻو پوي.هن طيءِ ڪيو ته هاڻ هوءَ اسڪول ڪانه ويندي. پر پٽس کي ڪونه وٽندو ته؟ ڏاڏي کي نظرانداز ڪري هن ڪنچن کي پڙهڻ لاءِ اسڪول ۾ ڇڏيو هو. پلي بابا وڙهي. هونئن ته ڪڏهن هٿ ڪونه الاريو اٿن پر تي سگهي تو هٽن به سهي. پلي هٽن. پر هاڻ بيمار ماءُ مٿي روز روز جي گهپيءَ ته ڪانه رهندي!

فيصلو جيترو جلدي ٿيو ايترو ان تي عمل ڪرڻ آسان نه هو. هر روز جيان اسڪول وڃڻ واري وقت تي پل پر لاءِ من للچائجي ويندو هو. ' اجوڪو ڏينهن وجي تي اچان اسڪول؟'ڪنچن کي اسڪول ته ڇڏڻو هيو پر لليتا جيان. هن کي ڪڏهن ڪڏهن من ۾

ٿيندو هو منهنجو پيءُ بہ لليتا جي پيءُ جيان ڳانڍيجيءَ سان گڏ رهندو هجي ها تہ! هن ڪي لليتا جي ايرڪا ٿيندي هئي.جنهن ڏينهن هن اسڪول ڇڏيو ان ڏينهن ٻنپهرن جو ڪمري جي پنئين  پاسي ويهي هوءَ پڙهائيءَ واري هڪ هڪ شيءِ تان نظر گهمائيندي هٿ ڦيريندي رهي.  پرارٿنا جي نوٽ جا ورق ورائيندي هن ڪي ٽيو هاٽي وڏو صاحب ڪنهن ڪي پڇن ڳارائڻ جو چوندو؟

ڪنچن اسڪول ڇڏي ڏنو آهي اهو ڄاڻي ماءُ ڪجهہ بہ نہ چيو پر شام جي روٽي نہ کاڌائين.وشونات ڪي سنگت ڇٽي وڃڻ جو دک هو. ڏاڏيءَ سک جو ساهہ ڪٽي پٽس ڪي واڌائي ڏني. پيءُ جي اکين ۾ هڪڙو سوال اٿيو ۽ ترت ئي غائب ٿي ويو. هن چيو: “ سياٽي شام جو توکي ۽ مونکي سيٺ صاحب جي بنگلي تي هلڻو آهي. سائين جن گهرايو آهي.

14

“واڏايون هجن ابا. جينو تنهنجي ته گهر وينئي گنگا آئي.”

' ديووِلا' ڪان واپس موتيل اُميا امڙ جي خوشيءَ جو پار نه هيو. پر جيشنارام ٿورو سوچي رهيو هئو.

“ پر امان اسان کي ٿورو سوچڻو پوندو. سيٺ جي جتيءَ ۾ پير پائڻ ڪان اڳ ....”

“ هاڻي ڏس، تون به ڪو عجيب برهمڻ آهين. لڇمي تلڪ ڪرڻ آئي آهي تڏهن تون نراڙ ڌوئڻ جون ڳالهيون وينو ڪرين! تنهنجو پيءُ ته هڪ اڌوري آس ڪٽي گذاري ويو ۽ ڪهڙي خبر منهنجو موت به ڪيئن لکيل آهي.

“ پر تڏهن ته ڪنچن پڙهندي هئي.”

“ ها، پر هاڻي ڇا آهي؟ ائين ڪندي چوڏهن سالن جي ته ٿي وئي آهي. ڇوڪري ۽ ڪنڊ ڪچرو ٻئي هڪ جهڙا هوندا آهن، وڌندي دير نه لڳندي آهي.”

ڪمري جي ڪنڌ ۾ پيل ريوا کي لڳو ته هيءَ ته ڪا ڪنچن جي شاديءَ جي ڳالهه ٿي رهي آهي. هوءَ ڪن پل لاءِ ناراض ٿي پئي.' منهنجي پيٽ جائيءَ جي سڱ جي ڳالهه ٿي رهي آهي ۽ مونکان ڪو پڇي به ڪونه ٿو! هڪ ستايل انسان جيان مونکي ٻڌڻو ۽ ڳالهه جو انداز ڪيڻو! ڪم نتي ڪري سگهان ته ڇا منهنجا تمام رشتاناتا به بيڪار ٿي ويا آهن؟ مندي ڍور جيان ولر مان ئي ڪيڏي ڇڏڻو؟ اتي ريوا ڏانهن نظر ويندي جيشنارام چيو،

“ شادي ته ٻن سالن کان پوءِ .....”

“ اڙي!، هنن جو ته هن سياري ۾ ئي شادي ڪرڻ جو ويچار آهي. شادي ۽ نڪيتي سيئي گڏ. گنگابا کان هاڻي ڪم نتو پڄي. ان ڪري ته ڪنچن ونڻ لاءِ تيار ٿي آهي. باقي ڪٿي راجا ڀوج ۽ ڪٿي گانگو تيلي؟”

“ ريوا کان شوڪارو نڪري ويو. ڏيءَ جو اوتار ... ائين ئي پيءُ جي گهر کان ساهري... ان ۾ به غريب مائٽن جي ڏيءَ ته وڏي گهر ۾ اڳڙيءَ برابر! ڪيس ياد آيو.

“امڙ، سيٺ جو پُٽ امرت ته بيجوَر ئي چئجي نه.”

“ هيءَ ڏسو ڏاهي ماءُ جي ڏيءَ! امرت ڪهڙو مري ويل سان گڏ چار قيرا قريو هو جو بيجوَر چئجي. ۽ هيءَ تنهنجي ڇوري به ڪٽي نديڙي آهي جو هن لاءِ ڪو ڪنوارو وات

نهاريو وينو هوندو؟ شڪر مڄ پڳوان جو، تنهنجي ڌيءَ محل ۾ راڄ راڻيءَ جيئن رهندي!“ ۽ جيشنارام سامهون گهمندي اميا امڙ چيو:

” ڏس جينو تون خرچ پکي جي چنتا بلڪل نہ ڪج. مان وينئي آهيان نہ ٻارهن سالن جي.ڪيت وڪٽي بہ رنگ ڍنگ سان ڪارج ڪنداسين. گنگابا تہ چئي ٿي مونکي ڪنکو ۽ ڪنيا ڏيندا تہ بہ هلندو. پر اسان کي پنهنجي حال آهر ڪجھ تہ ڪرڻو ئي پوندو نہ. ۽ مان تہ چوان ٿي تہ ڪنچن جي شاديءَ سان گڏ وشوءَ جا ڄٽيا بہ ڪري ڇڏيون.“

پاڙي واري نرملا ماسيءَ وٽ پرت ٽانڪوسڪڻ جي لاءِ ويل ڪنچن گهر ۾ پير رکندي ئي اميا امڙ جو پويون جملو ٻڌو. ۽ هوءَ اتي ئي در جي وچ ۾ کُپي ويئي. هوءَ ڄڻ سرحد تي بيني هئي. هڪ ئي جملي جي ڪري ڪيس گهر جي اندر واري دنيا ڌار ٿيندڙ لڳي.. هڪ ڏس جا دروازا بند ٿي رهيا هئا پر ٻي ڏِس ڪهڙي؟

هونئن تہ ڪنچن کي ڪجھ وقت کان محسوس ٿي رهيو هو تہ ڪجھ نہ ڪجھ ضرور ٿيندو. جڏهن کان اسڪول ڇڏيو هو تڏهن کان سندس ڏاڏي ڏينهن ۾ هڪ پيرو تہ ڪنچن جا هٿ پيلا ڪرڻ واري ڳالھ ڪيندي ئي هئي. اسڪول ڪنچن لاءِ هڪ ڪَوَچ هو ـ بختر هو. اهو هٿي وجڻ جي ڪري ڄڻ هاٿي هن جو ڪتجي وجڻ لازمي هو. هن تہ ماءُ لاءِ اسڪول ڇڏيو هو. هن کي هو تہ ڏاڏي پلي چئي ٿي پر جيستائين ماءُ چاڪ نمري ڪونہ ٿيندي تيستائين پيءُ ڪيس ڪونہ پرڻائيندو. پر اڄ جيڪو هن ٻڌو، هينئون ڦاٽي پيس. هوءَ پاڻ کان بہ اڃاڻ ٿيندي رنڌڻي ۾ هلي وئي.

ريوا آخرين ٻول ٻولي ڏٺو. هن چيو: ” مان صفا پروس آهيان ڪنچن کي پرڻائي ڇڏيندا تہ ......“

ڄڻ چمات هٽي ڳالھ ٻکي هجي تيئن اُميا امڙ چيو.

“اڙي توبھ توبھ.. سوارٿ جي بہ ڪا حد هوندي آهي يا نہ؟ تون نئين بني ٿئين ۽ پنهنجي هٿ سان نانيءَ کي ڌيءَ ڏئين ان انتظار ۾ تہ تنهنجي ڌيءَ پوڙهي ٿي ويندي پوڙهي، ها! ڪنوارو ڪراڙو ٻڌو آهي پر ڪنواري ڪراڙي ٻڌي اٿيئي ڪٿي؟ ريوا تنهنجي ڌيءَ لاءِ تون سنو سوچ. تون نہ سوچيندينءَ تہ ٻيو ڪير سوچيندو!“

ريوا خاموش ٿي وئي. رنڌڻي ۾ ڪنچن پاڪريءَ لاءِ ڪوندي ۾ گوهڻ لاءِ ڪڍيل اٽي جو ڍڳ ناهيندي ڍاهيندي رهي . هونئن تہ گهڻا دفعا ڪيس چيو ويو آهي تہ سوچڻ ڪم مائٽن جو آهي توکي تہ جيڪو چيو وڃي اهو ڪرڻو آهي. اهو تہ هنن جو واڌو اختيار هو. پر من هيو جو ور ور ڏيئي انهي منع ٿيل وستار ۾ گهڙي ٿي ويو. ڪير هوندو اهو!

تنهن درميان وشونات چيو:
“ ادي توکي خبر آهي، تنهنجي شادي امرت سان ٿيڻي آهي.”
“ ڇا ...!؟” ڪنچن ڪِڇي پئي. سندس پاڪري ناهيندڙ هٿ رڪجي ويا.
“ ها، ڏاڏيءَ چيو آهي ته مونکي هاڻي امرت کي امرت لال چوڻو. ۽ تنهنجي شاديءَ ۾ مونکي جڻيو پارائڻ وارا آهن. ڏسج نه مونکي گور مهاراج جڻيو پارائيندو تڏهن مان دور ڀڄي ويندس. ڪنهنجي هٿ نه چڙهندس.” وشونات ڄڄ ۾ گهمي رهيو هجي تيئن رعب مان گهمندڙ گهوڙي سوار جيان رنڌڻي مان ٻاهر نڪري ويو.
ڪنچن کي ٿيو ' امرت هن مڱڻي جي ها ڪئي هوندي؟'
ڪيس ٻڌڻ ۾ آيو 'شنڪرپاربتي' ۽ سندس لالاڻ پرئي چهري تي هلڪڙي مشڪ اچي وئي.

***

بسنت پنچمي. ڪنچن جي زندگيءَ جو نئون باب هن ڏينهن کان شروع ٿيو.ساهرو ڳوٺ ۾ هو، ماڻهو ڄاڻندا هئا، امرت جو ساٿ وڻندو هو پر ڪنچن جي من تي هڪڙو بار هو. سالن کان هڪڙي ئي سُر ۾ ساهرو لفظ ٻڌو آهي، هھڙي ڍِڳي جهڙي رهندينءَ ته ڪير هٿ جهليندو تنهنجو؟ هھڙيون غلطيون ڪندينءَ ته ڪير رهڻ ڏيندو توکي؟ مٿي تي پري رکي ڊوڙائي ڇڏيندءِ سس. ننڍري پار کي ٻلي ۽ ٻاوي جو ڊپ ڏيکاري وڏو ڪيو وڃي تيئن هتي ساهرن جو ڊپ ڏاءُ ڏيکاري ڪڏهن ڊيڄاريندي ته ڪڏهن ڌمڪائيندي هئي ڏاڏي.هڪ ته اڻ ڄاتل ڊپ ۽ ٻي ٻاراڻي عمر! اينڊز ڏينهن ۾ شادي ڪرڻ جا سپنا ڪٿي تا ڏسي سگهجن. هتي اُڳن ته آشنڪائن، ڊپن جا ٿوهر اڳن! مخالفت ڪري سگهجي اهڙو ويچار اُڳي اهڙي نه ته زمين هئي، نه ئي هوا ، نه پاڻ پاڻي!سُتيءَ کان وني هڪ ئي مصرع جي رٽ رٽائي ڏيڻ ۾ اچي. صرف سويڪار. سويڪار اها ئي نيَتي. اهو ئي رواج.
ريوا ته ڪٿي آزاد هئي انهي نيرَ مان. ريوا ته پرٽائڻ واري ڳالهه جو آخرڪار سويڪار ڪري ئي ورتو پر انهيءَ سويڪار جو هن تي الڳ ئي اثر ٿيو. بيماريءَ جي ڪري گهروارا ڪيس نظرانداز ڪرڻ لڳا هئا ۽ وقت ويندي هوءَ پاڻ ته پاڻ کي نظرانداز ڪرڻ لڳي هئي. خالي زمين ڏسي ڪو به ستايل ماڻهو ان تي قبضو ڪري وٺندو آهي تيئن ريوا تي به بيماريءَ قبضو جمائي ورتو هو! پر جيئن جيئن شاديءَ وارا ڏينهن ويجها پئي آيا تيئن تيئن هوءَ جنون جي حد تائين بيماريءَ کي ڌڪيندي اڳيان وڌي رهي هئي.اميا ۽

جيشنارام وهنوار، وهيوت ۽ خريداريءَ ۾ لڳا پيا هئا.ريوا ڪنچن جي ڏيج لاءِ ننديون وڏيون شيون الڳ ڪري رهي هئي. هوءَ ڪنچن کي پاسي ۾ ويهاري جهوني پيتي کولائيندي هئي. سندس ماءُ چوڄ مان ريوا کي ڏيج ۾ ڏنل پرت پريل ٽپڙتاڙين واري پوٽلي ب کولائيندي هئي. ڪنچن کي ٿيندو هو اگر منهنجي ماءُ ب چاڪ هجي ها ت مونکي ب پرت پريل ڪپڙا، موتين جا تورڻ ، ڏورن ۽ اُن جا پرت پريل وال پيس ، ڪماڙ، تڪيا، موتين مڙهيل ناريل لوٽا، ۽ وجڻا ڏئي ها.... پر ريوا چوندي چوندي سڀ ڪجھ ڪنچن کي ڏيئي ڇڏيو. بس هڪ هرمچي پرت وارو رومال ماءُ جي يادگيريءَ طور پاڻ وٽ رکيائين.

وهنوار ،پليڪار،ڪينڪار، اوڊاٽيون، پهراٽيون، ۽ دعوتون ڏيندي شاديءَ وارو ڏينهن اچي پهتو. هفتي کان پوري پڪوانن جون تياريون هلنديون رهيون. سجا پهر سِهرن ڳيچن سان گونجندا رهندا هئا.صبح جو پرڀاتيا ۽ شام جو سانجهي. هيءَ چوري هيءَ چنري، هيءَ سس جي ساڙهي ۽ هيءُ رامڻ ڏيو، هيءَ پاٽ هيءُ پوش، هيءُ ماٽڪ ٽنبي ۽ ڪيت پال، هيءَ ڪچري داني، هيءَ ڳٽيش ماٽلي ..... ڪنچن اکيون مٽڪائيندي ڏسندي رهي. ۽ ڪيس مخاطب ٿي ڳيچ ڳائجندا رهيا. " بني ماٽين بنرا سيج ماٽين سنرا، سدا اڳڻ آئين لاڏا بنالا....." "هتين گل ميندي پيرين گل ميندين، لال لڱن کي لايو ڙي منهنجو ڪالونگر. روح چوي ڙي منهنجي اڱڻ باروچو آيو ڙي ..." " لڏي لڏي تو نمن جي لامن منجهه، لڏي لڏي تو انبن جي ٽارين منجهه. توکي لڳو ونيءَ جو واءُ ڙي راڻا توکي لڳو جيڏل جو واءُ." ت وري ڪنهن ڳيچ ڳايو جنهن ۾ لاڏي جي رنگ جو ذڪر هو. سهرا ٻڌي شرمائيندڙ ڪنچن کي ٿيو پر امرت جو رنگ سانورو ت ناهي ، اتي ئي ڪنهن رڙ ڪري چيو پيني برابر لڳائجو، ت جيئن رنگ کلي. وري ساهري وجي وڏو گر جو سنيالٽو اتس.' ڪنچن کي تورو تورو سمجھ ۾ اچي رهيو هوت ڪجھ سوچنائن مان الڳ ٿي بوءِ اچي رهي آهي.باسڻ ۾ هيٺ ڪير سڙي ڇهٽي وجي پوءِ بوءِ اچي اهڙي بوءِ.

ڪنچن کي وشونات جي جلوس ۽ جهمر ۾ وجڻ جو موقعو ن مليو. مالها پائڻ کان پوءِ گهر کان ٻاهر پير ن رکي سگهجي. وشونات جو جلوس رٽچوڙ لائڻ کان ٿيندو ترام جي پٽن کان لگهندو پاروتيءَ جي مندر کان ويندو چئين بجي واپس آيو. وشونات کي ساسڪين جو ڪوٽ ـ پئنٽ پاتل هئا. گهوڙي تي وينل وشونات جي هٿ ۾ موتين سان مڙهيل ناريل هو ۽ پٽڪي ۾ لائيٽ چمڪي رهي هئي.اڳيان اڳيان بئنڊباجا ۽ پويان پويان اونچن راڳن ۾ جٽئين جا گيت ڳائيندڙ عورتون.... چيٽ ويساک جا واءُ لڳا، انهن وائن ۾ ٻبر ڦرهيون. .....پوءِ ت انهي ٻبرن مان هر ناهيا ۽ هر سان ڪيت ڪيڙيا، ڪيت ۾ وُئڻ پوکيا ۽

وُٺڻ ۾ ڏيڍا لڳا. ڏيڍن مان ڪپهه ڪڍيو ۽ ڪپهه مان سٽ ڪتيو ۽ سُٽ مان جٽيو تيار ٿيو. جلوس جي بنهي پاسن ڪان متي تي پيٽروميڪس ڪٽي مزدور هلي رهيا هئا جن جا چهرا اوندهه ۾ ڍڪيل هئا.

شادي ۽ جٽيو. هيڏو وڏو شادمانو. ريوا جي گهر تہ هي پهريون موقعو هو، پر جڏهن ڪان هن ڪراچيءَ ۾ پير پاتو آهي تڏهن ڪان سندس پائرن هن ڪي دل تان ميساري ڇڏيو هو اتي مامن طرفان ڪا آس رکڻ اجائي هئي! ريواڪي دک ٿيندو هو، پر اميا ان جو بہ رستو ڪڍي ورتو هو. ڪنوار جي پڪي گذاري وئي آهي انهي ڪري پيڪا ڪونہ اچي سگهندا. ائين ريوا ڪي بہ تڪليف ٿئي پر پيڪي جو ماتم ساهري ۾ ڪهڙي ڪم جو! پر سندس پائر وڏي دل وارا آهن. روڪ پيسا موڪلي ڏنا اٿن. ههڙي ڻاٽي ڪُٺاٽي سيٺن سان دک رکون تہ ماٺهو ئي نہ سڏايون.

چاتي تائين گهونگهٽ ڪڍي ان ڪي بن هٿن سان پڪڙي ڪنچن ماندوئي ۾ ويني هئي تہ ڪپڙي مان ناهيل ڪنهن گڏيءَ جهڙي لڳي رهي هئي. گور مهاراج جي وچان ڏنل پڙدي جي بئي پار امرت وينو هو. ان جي پويان بينل لوٽونتي جيا رکي رکي مگ لوڻ پريل تامي جي لوٽي پاءُ جي متان ڪڙڪائي رهي هئي.ڪنهن جي نظر نہ لڳي وجي انهيءَ ڪري. پڙدو هٽيو ۽ ڪنچن جو هينئون هڪ ڌڙڪن ڌڙڪڻ ڪان رهجي ويو.هتي شرم ڪان دٻ وارو احساس وڌيڪ هو. هن جي اک بوتجي وئي. ٿوريءَ دير ڪان پوءِ هن اڌوگابري نظر سان نهاريو، سامهون اهو ئي چاتل سجاتل چهرو هو، اهو ئي هو! هست ميلاپ جي وقت ڏڪندڙ ساڄو هٿ گهونگهٽ مان پاهر نڪتو. گور مهاراج جي ڏسيل ڏس ۾ اڳيان وڌيو ۽ امرت جي هٿ ۾ ڏنو ويو. وچ ۾ پيل ناگروَل جي پنن جي آرپار بجليءَ جي هڪ لهر ڊوڙي وئي. ڪنچن گلاب جي ڪنهن مهڪندڙ ٽاريءَ جيان لڏي وئي. هن ڪان اڳ هڪ پيرو امرت جو ڇهاءُ نصيب ٿيو هو. راند ڪندي الاهي دفعا ڪوڏيون ۽ ڪڪريون جهٽيون آهن، ڪيترا ئي دفعا ڊوڙا ڊوڙي ڪندي هڪ ٻئي سان ٽڪرايا آهن. لڱ لڱن سان لڳا آهن. پر هن ڇهاءَ جي جاڳايل ڏڪٽي تہ سڏو آخرين پيري پيءُ جي در جي چانئٺ تي هنيل ڪنڪو جي ڇنبي ۾ هميشهہ جي لاءِ چنجي وئي.

اميا ڪي خوشي هئي تہ ڪنچن جو ڪنياڪال پورو ٿيڻ ڪان اڳ هن جو ڪنيادان ڪري پيج ڪمائي ورتو آهي. هوءَ ئي ڇو؟ هن جهڙا انيڪ بزرگ هيئن ئي ايڊريو قلعو فتح ڪندا آيا آهن.

("ايڊريو قلعو فتح ڪرڻ" هڪ اصطلاح آهي)

ڪنچن پرڻجي ساهري وئي تڏهن امرت جي مئٽرڪ جي امتحان کي هڪ مهنو آڏو هو.هو جڻ شاديءَ پورتو ئي ڪتابن مان ٻاهر آيو هو! وري واپس امتحانن جي تياريءَ ۾ لڳي ويو. هو لڳيگ پنهنجي ڪمري ۾ ئي پڙهندو رهندو هو. روٽي به پنهنجي ڪمري ۾ کائيندو هو. ڪنچن جيا ۽ گنگابا گڏ رهنديون هيون. گهر، ماڻهو ۽ امرت سيئي اهي ئي هئا پر هاڻي رشتا بدليا هئا. هاڻي ڪلي پوتي نه پر ساڙي پائڻي پوندي هئي. ديوشنڪر سيٺ هاڻي سُهرو هيو. هن جي اڳيان هاڻي لنگهي نه سگهبو هو. جيا سان مان سان ڳالهائڻو پوندو هو. امرت کي به نالي سان نه سڏي سگهبو هو. سويل اٿي گنگابا سان گڏ وهنجي سهنجي رنڌڻي ۾ وڃڻو پوندو هو. گنگابا ڀڳوان جي پوڄا ڪندي يا مالها جپيندي ضروري سوچنائون ڏيندي رهندي هئي.

ان ڏينهن امرت جو امتحان پورو ٿيو. رات جو گنگا با ڪنچن کي کير جو گلاس ڏيئي امرت جي ڪمري ۾ موڪليو ۽ چيو ' توکي تنهنجي ماءُ چيو هو اهو ياد آهي نه؟ امرت چوي تيئن ڪرڻو آهي. ڪنهن به ڳالهه جي ناڪار ناهي ڪرڻي.' ڪنچن کي ٿيو، اهڙي ته ڪهڙي وڏي ڳالهه هوندي جا هينئن ياد ڏيارڻي پوي؟ هن متو لوڏي هاڪار ڪئي.

صبح جو هميشهه جيان ڪنچن جي اک کلي. پر ۾ ستل امرت کي ڏسي هن کي هڪ ئي وقت ڪاوڙ آئي ۽ روئڻ به آيو. جيئن تيئن ساڙهي ناهيندي هوءَ گنگابا وٽ ويئي ۽ کيس پاڪي پاءِ روئڻ لڳي. هن جي سڏڪن ۾ گنگابا ٽتل ٽتل ٻڌو.

' هن .... امرت مونکي .... ماريو ....'

گنگا با لاءِ هن حالت جو مقابلو ڪرڻ سولو نه هيو.پاڻ ٻال وڌوا. هڪ ڪورو ڪاڳر! حالانڪ ٻين جي واتان ٿورا گهڻا اکر اڪلايا هئائين پر هڪ طرح سان ته ڪنچن جهڙي ئي هئي. پتي پتنيءَ جي جسماني رشتن بابت ٻين کان ٻڌي ٿورو ڄاتو هو. وقت تي من ۾ جيڪو ڪجهه ڄاڻندو هيو ان کي ڌرم ـ نيم جي پردي ۾ دٻائيندي رهي. ڏڪيندي رهي، تنهن جي باوجود اهي شيون متو ڪڍنديو رهنديون هيون. هن ڪنچن کي پر ۾ ويهاريندي پنيءَ تان هٿ گهمائيندي ڌيري ڌيري پڇيو ' ڇا ٿيو ؟' ڪنچن کي ته جڻ کو دانهن ٻڌڻ وارو ملي ويو هو، هوءَ چوندي وئي. ڳالهه پوري ڪندي هن ڏٺو ته گنگابا جي اکين ۾ هڪ عجيب چمڪ هئي، نه ڪاوڙ. پوءِ ته گنگابا ڪنچن کي روز زوريءَ امرت وٽ موڪليندي هئي. ڪنچن وڃڻ کان ڪيٻائيندي هئي ته کيس ڪڏهن ڪڏهن چوندي هئي 'پاپ لڳندءِ' ته ڪڏهن چوندي هئي ' ڀڳوان وڙهندءِ' ته ڪڏهن ' تنهنجي ماءُ کي چئي ڏينديس' چئي

ديڄاريندي هئي. ٻئي ڏينهن ڪيس پرچائي هڪ هڪ ڳالهه پڇندي هئي. ڄڻ من کي وٽندڙ شربت جا ننڍڙا ڍڪ پريندي رهندي هجي.

هڪڙي ڏينهن اهو سلسلو ٽٽي پيو.گنگابا پوڄا ڪندي چندن ملي رهي هئي ۽ ڪنچن توم ڦولهيندي ڳالهائي رهي هئي، امرت بہ اتي اچي نڪتو. خبر ناهي گهٽي دير ڪان هو هتي بيٺل هو ؟ هن جو چهرو غصي جي ڪري ڳاڙهو ٿي رهيو هوءِ گنگا با جو چهرو سفيد پوٽيءِ جهڙو ٿي ويو.ڪنچن کي ٿيو جيڪو ماٺهو ڏوهہ ۾ اچي وڃي اهو ڪاوڙ ڪيئن ٿو ڪري سگهي؟ شايد امرت جو قصور نہ هجي. اهو تہ شاديءِ جي ٽئين سال گنگابا گذاري ويئي تڏهن امرت انهي ڪاوڙ جو مطلب ڪنچن کي سمجهايو هو.

مگٽي جي مصري چنري اوڍيندي ئي ڪنچن جي ڪاياپلٽ ٿيڻ واري پرڪريا جي شروعات ٿي هئي. اها ٻئي سال پهرين گود جي گوتم جي جنم سان پوري ٿي وئي. شاديءِ جو پهريون سال تہ جن پاڻ کي ۽ هڪٻئي کي ڳولڻ ۾ ئي پورو ٿي ويو هو. ڪايا جون روز نيون نيون پرهليون ڳوليندي هڪ جو جواب ملندو هو تہ ٻي تہ ڄڻ گم ئي ٿي ويندي هئي.

## 15

وقت وجي رهيو هو. گهريلو جيون گهاريندي ڪم ڪار سڪندي سڪندي پيرين پئي رهي هئي. شروعات ۾ ڪتي ڪتي آٽڙي ، ٿابڙجي ۽ رهڙجي هئي. ڪڏهن ڪڏهن به چار قدم گڏ ڪٽي رومانچت ٿيندي هئي ، ۽ هڪ وقت اهڙو به آيو جو آرام سان اردگرد وارو منظر ڏسندي ـ ماٽيندي اڳيان ئي اڳيان وڌي رهي هئي.

شروعات ۾ هر ٻئي ڏينهن هري شنڪر شاستريءَ جي مالها ڏانهن ڊوڙندڙ ڪنچن جو من ڏيري ڏيري 'ديوولا' ۾ ٿانئيڪو ٿي رهيو هو. ڪنچن جي اچڻ کان پوءِ ديوشنڪر شُڪل شهر جو ميئر بڻيو. ڪنچن جو مان مرتبو وڌي ويو ۽ گڏوگڏ ذميواريون به. هونئن به گهراڻو وڏو. صفا اڻ سڄاڻو ماڻهو به مدد جي آس ۾ ڊوڙي اچي. ان ۾ به جو پرديس ۾ ڪمائڻ لاءِ آيل گجراتي هجي ته ڇهن مهنن جو مزمان پڪو! ديوشنڪر چوندو هو ' منهنجي اڳڻ تان ڪو به بنا مانيءَ جي ۽ ٽڪڻ جي واپس نه وڃڻ گهرجي. ڪهڙي خبر اهو سڀ ڪنهن جي نصيب جو آهي؟'

گنگابا جي طبيعت خراب ٿيندي هاٽي لڳيگ بستري جي حوالي ٿي وئي هئي.گهر ۾ نوڪر چاڪر گهڻا پر سڀجي تنتر تي نظر رکڻ ۽ رنڌڻو به سهي! جيا ورناڪيولر فائينل جي تياريءَ ۾ ۽ مٿان ائين مجيندي هئي ته پاپيءَ جي اچڻ کان پوءِ ٽڻان ڪم ڪري ته اها ٽڻان ئي نه ڇئبي! جيا کي ٽڻان ٻڌڻ ۾ ئي فائدو ڏسجي رهيو هو.

مئٽرڪ کان پوءِ امرت کي اڳتي پڙهڻو هو. هن لنڊن چيمبرس آف ڪامرس جي امتحان جي تياري ڪرڻ به شروع ڪري ڇڏي هئي. ٽن سالن جو ڪورس هو. پاڻيءَ جي جهاز ذريعي ٽين مهني امتحان جو پيپر ايندو هو. امرت پهريون سال پاس به ڪيوهو، پر جڏهن کان ڪراچيءَ ۾ ڪانگريس جو مها اڌيويشن ٿيو هو تڏهن کان ماحول ۾ هڪ وڏو ۽ تڪڙو ڦيرو اچي ويو هو. هيل تائين ته گهٽي پاڳي ڪپهه جي نڪاس جي بدلي هن جي پيدي ولايتي ڪپڙو، ڪاڳر، دوائون، جوڙا، رانديڪا، سيگريٽ، دارون، ۽ صابڻ جهڙيون شيون آيات ڪندي هئي. پر ڀڳت سنگهه کي ڦانسيءَ جي سزا واري گهٽنا اهنسڪ ۽ هنسڪ زمري وارين پرورتين کي زبردست متائثر ڪيو هو.سوَديسي آندولن، سوينيه قانون ڀنگ جي ساٽ ساٽ انقلابين طرفان سرڪاري تنتر کي چڙوچڙ ڪرڻ واري توڙفوڙ واري پرورتي جهنگ جي آگ جيان ڦهلجندي چوطرف وڌي رهي هئي.هڪ طرف عوام جو مزاج

بدلجي رهيو هو تہ بي طرف گورن افسرن جو دماغ بہ. اڳ جيان هاٿي هو پارتي واپارين تي پروسو نہ ڪندا هئا.

امرت بدلجندڙ وقت ڪي ڏسندي هوريان هوريان ڏنڌي جو روپ بدلايو.شخصي سيڙپڪاريءَ جي بدلي هن اسٽيٽ بئنڪ آف بيڪانير مان شيئر خريد ڪيا ۽ بورڊ آف ڊيريڪٽرس ۾ چونڊيو ويو. بئنڪ جو چئرمين شِورتن موتا جو پٽ ڪهانمل سندس ننڍپڻ جو دوست هو. ٻنهي گڏجي ٿئيٽر ورتو. نالو رکيائون 'وڪٽوريا'. انگريزن جي حيراني گهٽ ٿئي انهي ڪري اهو نالو پسند ڪيائون. ڏيري ڏيري هڪ مان تي ٿئيٽر ٿيا. ڪنچن ۽ لڪمي. لڪمي ڪهانمل جي زال جو نالو هو.

ڪنچن پهريون پيرو ٿئيٽر ۾ "ويٽاويلي" ناٽڪ ڏٺو. هونئن تہ فلمن جا روز شام جو بہ شو ٿيندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ممبئي ڪان ناٽڪ منڊليون اينديون هيون تہ خاص شو رکيا ويندا هئا. سماج واڙي يا پاروتيءَ جي مندر ۾ ٿيندڙ شِوراتري جي ميلن ڪان سوائي پهريون پيرو ڪنچن هيڏن سارن ماڻهن کي ڪنو تيل ڏٺو هو. هوءَ امرت جيا ۽ ننڍڙي گوتم سان گڏ فيميلي باڪس ۾ ويٺي هئي. عام طور سان عورتن جي ويهڻ لاءِ الڳ انتظام هو. اهي آخرين بہ تي قطارون هونديون هيون. تہ جيئن استرين کي منهن تان پلو نہ وجهڻا پون. "ويٽا ويلي" ناٽڪ جو گيت 'ايمان ڪدي نہ ڪريئي، پتر رهي ڪيم تريئي' ( ايمان ڪڏهن نہ ڪريون، پٿر تي ڪيئن ترون) ڏينهن تائين جيا ۽ ڪنچن ڳائيندي رهيون. جيا ويليءَ کي پاتل اهڙو ڪلش آڪار جو ڳلو ۽ ڦوڪٽي جهڙي ٻانهن وارو بلائوز سبايو. امرت ڪنچن جي سادگي ڏسي 'پوڙهي' چئي چيڙائيندو هو. هڪ پيرو تہ ڪا انگريزي فلم ڏسڻ لاءِ زوريءَ وٺي ويو. ڪا پريم ڪٿا هئي، ڪلب جا نرتيہ ۽ پريم جا منظر آيا تہ منهن تان پلو وجهي ويهي رهي. موٽندي سڄي واٽ بگيءَ ۾ ويٺي ويٺي امرت جو پاسڻ ٻڌندي رهي. ' توهان رهيا ڳوناٽا توهان کي کهڙي سڌ نئين زماني جي؟ هي انگريز آيا تڏهن تہ خبر پيئي تہ توهان جو ديش ڪيڏو نہ مهان آهي؟ اڙي اجا بہ توهان ڪنهن ڪنڊ ۾ پيل هجو ها! هي احسان مڃو انگريزن جو جن توهان کي ريل ڏني، چا پيءُ مري وڃي تہ بنا ٽپال جي پٽ جي هٿان اڳني سنسڪار ممڪن ٿئي ها؟ اڙي مان تہ چوان ٿو توهان کي هن آزاديءَ جي سمجهہ بہ انگريزي علم ڏني آهي، نہ تہ وينا هجو ها جهونن سڙيل گرنٿن کي ياد ڪندا! توهان تہ پيءَ جي کوهہ ۾ مرڻ لاءِ ئي پيدا ٿيا آهيو؟'

ڪنچن امرت جي ڳالهين کي ڪنهن حد تائين قبول ڪندي هئي پر اندر ۾ هن کي انگريزن لاءِ نفرت هئي. شاردا بين ماسترياڻي ۽ لليتا جي ڇاپ دور ئي نہ ٿيندي هئي.

ڏينهون ڏينهن چٽي ٿيندي ويندي هئي ڪنچن اهو سڀ وساري امرت گنگابا ۽ گهر جي ماحول مطابق ٿيڻ جي ڪوشش ڪندي هئي ، پر جڏهن امرت جو من رَکڻ جي ڪوشش ڪندي هئي ته گنگابا جي غصي ۽ ايرڪا ڪي سهن ڪرڻو پوندو هو. امرت ته سجو ڏينهن باهر هوندو هو. متان وري هو مڙس تي چٽي وجي. گنگابا مهل ڪمهل ڪنچن کي آدرش استريءَ جا پاٺ پڙهائيندي ، ڌمڪائيندي رهندي هئي. ڪڏهن ته ڪنچن کي لڳندو هو ته هوءَ مزدور جيان شفٽ ۾ جي رهي آهي. صبح شام پتيءَ جي مرضيءَ مطابق ۽ ڏينهن سجو گنگابا جي حڪم مطابق. هتي پنهنجي خواهش مطابق جيئڻ جو ڪو موقعو ئي ڪونه هو. ها هڪ پيرو ڪيس هڪ موقعو مليو هو. اهو گوتم جي جنم کان اڳيون ڏينهن هيو.ڦڳڻ چيٽ جا ڏينهن هئا. بمبا گرائونڊ ۾ وڏو منڊپ ٻڌو ويو هو. ڪانگريس مها سڀا جو اڌيويشن هئو. ساهري هجي هاتہ ڪانگريس جي ڪاريہ ڪرم لاءِ پچ پاچ بہ نہ ڪري ها. گهروارن کي بہ نہ وڻي ها. سهرو سجو ڏينهن انگريز عملدارن سان گڏ لهه وچڙ ۾ هوندو هو. وري هن جو واپاري دماغ، ڪنهن جو پاسو ڪٽڻ يا مخالفت ڪرڻ ۾ مجيندو ئي ڪونہ هو. امرت جو رخ تہ صاف هو. انگريزي رهڻي ڪهڻي ۽ پڙهائيءَ طرف هن جو لاڙو هو. هتي پيڪي ۾ پيءُ کي سڀا ۾ ويندو ڏسي ڪنچن ڪان رهيو نہ ٿيو. هوءَ وشو ڪي وني ويئي.

وڏو وشال پنڊال، سامهون منچ ۽ عوام جي بئنڪ وِيَوَستا ۾ هڪ طرف مرد تہ ٻي طرف عورتون. عورتن جو تعداد وڌيڪ هو. منچ متي ٻي قطار ۾ سانوري توري تلهي سائوٽ جي ساڙهيءَ ۾ ملبوس اهڙي هڪ مائي ويني هئي. ڪنچن کي پوءِ سندس نالو معلوم ٿيو. هوءَ سروجني هئي. شروتائن ۾ گهڻن ماٺهن جي متن تي ڪاڌي ٽوپيون پاتل هيون. ڪنچن کي گانڌيجي ۽ نهروجيءَ جو پهريون درشن هميشهہ جي لاءِ ياد رهجي ويو. نهرو جي پهرين نظر ۾ ڪنهن سُپني جهڙا سندر ۽ پُرڪشش لڳي رهيا هئا. گانڌيجي ماءُ ڌرتيءَ جو ماٺهو. سندن سنهڙو شرير ڏسي عجب لڳي تہ هن مٺ هڏن جي مالها ۾ اهڙي تہ ڪهڙي برقي طاقت هوندي جيڪا مڙدن کي بہ اٿاري ويهاري ٿي سگهي؟ گانڌيجي هڪ سادي سرل انسان جيان پنهنجي ڳالهہ عوام اڳيان رکندا هئا. ڪو پاڙيسري توهان سان ڳالهائيندو هجي تيئن. سندن ڳالهين ۾ کُهري انوپو جي آتميتا هئي. هو ڪنهن بزرگ جيان دل جي سوجهري سان ٻڌندڙن کي وشواش ۾ وٺندا هئا ۽ ٻڌندڙ کي ڪل بہ نہ پوي تيئن متن جادو چانئجي ويندو هو. هو شرڻ اچي ويندا هئا. گانڌيجيءَ ڏانهن نهاريندڙ ڪنچن اچانڪ حيرت ۾ پئجي وئي. منچ وٽ ناهيل نوڙيءَ جي ريلنگ جي پاسي ۾ لليتا بيني هئي. لليتا کي ڪاڌيءَ جي سفيد ساڙهي پاتل هئي ۽ متي تان اوڍيل هيو.ڪنچن ٻئي چيڙي

ڪان ڪيس سڏڻ ويئي پر پنهنجي وديشي ساڙهيءَ تي نظر پوندي سندس آواز جهڪو پئجي ويو. هوءَ سيا چڙي گهر هلي آئي. ٻئي ڏينهن صبوح جو سويل ئي گوتم جو جنم ٿيو.

ڪنچن جڏهن جڏهن به ڪا سيا جلوس ڏسندي هئي ته سندس نظر لليتا کي ڳوليندي هئي. هن کي ٿيو ان ڏينهن لليتا ڪيس سجاتو ڪونه اهو سنو ٿيو. وديشي ڪپڙن ۾ سجيل هن کي هن سان گڏ باندر سينا ۾ شامل ٿيڻ جي چاهڪ ڪنچن ڪٿان تي ڏسجي ؟ پر هڪ رات لليتا اچانڪ نظر آئي، ڪنهن پچر تاري جيان.

ان رات ڪنچن ۽ امرت 'اڇوت' فلم نهارڻ ويا هئا. فلم ۾ گوهر بانو ۽ موتي لال اداڪاري ڪئي هئي. امرت اسان جي هڪ گجراتي چندولال شاهه جي فلم جي واڪاڻ ڪندي ٿڪجيو ئي نه پئي. ڪنچن کي گهٽو ڪجهه چوڻ جو من ٿيو پئي ته، اسان جي گجراتي گانڌيءَ جا ويچار به هن فلم ۾ آهن. پر هن ڪجهه نه چيو. گهر اچي ڏنائين ته مهمان خاني ۾ لليتا جيا سان ڳالهيون ڪري رهي هئي. ڪنچن ڪن پل لاءِ ڊڄي وئي. لليتا ڏٺو. هن ڊوڙي لليتا کي ڀاڪر پاتو ۽ الڳ ٿيندي چيو ' تون به واهه جي آهين ڪنچن، تو تنهنجي گهروارن سان به ڳالهه ناهي ڪئي ته توکي هڪ مامات آهي، جنهن جو نالو لليتا آهي، جيڪا ٻال وڏوا آهيءَ سوامي نارايڻ جو گج پاتو اتس ۽ ها شاديءَ ۾ هوءَ آئي ڪونه هئي.' لليتا اڄ سجاپجي نه پئي. هن کي مرون رنگ جي ساڙهي پاتل هئي. متو ڪوڙيل هو ۽ گلي ۾ ڪنٺي پاتل هيس. لليتا مهنو ترسڻ جو پلان ظاهر ڪيو. هونئن ته هوءَ پڦيءَ وٽ آئي هئي پر اتي ريوا جي طبيعت صحي نه هوڻ جي ڪري هتي رهڻي هئي. ڪنچن کي ڊپ لڳو ته متان امرت کي اصل ڳالهه جو پتونه پئجي وڃي.هونئن ته پيڪي مان ڪا خبر پئجي اهو مشڪل هو. ٻئي پٽ چندرڪانت جي جنم کان پوءِ پيڪن جي حالت هيٺي هئي.

گوتم جي جم واري وقت ڪنچن ڄاتو ته پيءُ جو گهر هاٽي گهر نه رهيو آهي. ڏاڏي وڏي گهر جي ننهن طور ڪنچن کي ڏسي رهي هئي. ماٽس ريوا ڏينهون ڏينهن ديا جوڳي ٿي رهي هئي. گهر جون ننڍيون وڏيون ذميواريون پاڙي واري نرملا پاڻ تي هموار ڪري رهي هئي. بي اولاد نرملا ماسيءَ جو مڙس ڪنڊ جي مل ۾ نوڪري ڪندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ٻن ٻن شفٽن ۾ به ڪم ڪرڻو پوندو هوس. سڄو ڏينهن اڪيلي ۽ واندي نرملا ماسي ٽيم ڪيڻ جي لاءِ ته ڪڏهن ڪم ڪار ۾ مدد ڪرڻ جي واسطي ايندي رهندي هئي. ڪنچن کي ٻار به هن ئي ڄڻايو هو. هڪ ڏنهن هن ڏٺو ته ماسي روٽي پچائي رهي هئي ۽ پٽس روٽي کائي رهيو هو. هن کي غصو لڳو پر پاٽياريءَ تان پاٽي پي واپس آئي. ماٽس ته پنهنجا سارا پتا هيٺ ڦٽا ڪري ڇڏيا هئا.هوءَ راند مان ٻاهر نڪري وئي هئي. هن وٽ هڪ

بہ لهڻ جهڙو پتو رهيو نہ هيو. هوءَ تہ بس ائين ئي پيچي بٽي ويني هئي ۽ راند ڪيڏڻ وارو ناٽڪ ڪري رهي هئي. وشوناٿ ڪي ولايت ۾ وڪالت جي پڙهائيءَ کان سواءِ ڪجھ ڏسجي نہ رهيو هو. گهر هوريان هوريان نرملا ماسيءَ جي چنبي ۾ اچي رهيو هو. ڪڏهن ڪڏهن ڪنچن کي پٽس تي ڪاوڙ ايندي هئي تڏهن امرت چوندو هوس ' تون تنهنجي پيءُ جو تہ ويچار ڪر.' پر هن جو من مجيندو نہ هو. ڇا جي لاءِ ڪنهن هڪ سان نياءُ ڪرڻ جي لاءِ ٻئي سان انياءُ ڪجي؟

لليتا جي اچڻ سان جيا ڏاڍي خوش هئي. هوءَ سٽت ئي لليتا جي اڳيان پويان نچندي رهندي هئي.ڪلاڪن جا ڪلاڪ هو سپ رهاٽيون ڪندا رهندا هئا. پتيءَ بارن ۽ گهر جي وچ ۾ ڦاٿل ڪنچن لليتا سان گڏ آرام سان ويهڻ جي لاءِ واندي ئي ڪٿي ٿيندي هئي. تنهن ۾ بہ گنگابا جي موت کان پوءِ عزيزن رشتيدارن کي ۽ وهنوارن کي بہ هن کي ئي منهن ڏيڻو پئجي رهيو هو. اڄ ڪنهن جي گهر پٽڙو ڄائو آهي ۽ خوشي ملهائٽي آهي تہ ڪنهن کي پيچڻ لاءِ وڃڻو آهي. ڦلاڻو ماڻهون جاٽ تي وڃي رهيو آهي جنهن جي ڪري ڪيس پيسا ۽ ناريل ڏيڻ لاءِ وڃڻو آهي. تہ ڦلاڻي اديءَ جي سس گذاري وئي آهي تہ اتي ويهڻ لاءِ وڃڻو آهي. ان ۾ بہ ڪنچن جي لاءِ سپ کان وڏو مٿي جو سور تہ امرت ! امرت کي اهي ڳوناڻا رواج ڪونہ وڻندا هئا. ڪنچن کي سهري جي ڪري اهو سپ ڪرڻو پوندو هو. ماڻهو تہ چون ' گهر تہ مائيءَ جو' خبر ناهي گهٽو؟

لليتا صبح جو ڪمرو بند ڪري چار ڪلاڪ پوڄا ڪندي هئي. رات جو دير تائين جاڳندي هئي. چوندي آهي، جپ ڪندي آهيان.ڪنچن کي لڳندو آهي جيا سندس ساهيڙي ٿري ورتي آهي. هوءَ فرياد ڪري تہ ڪنهن کي ڪري؟ امرت ڪڏهن ڪڏهن لليتا جي ڪرت ڪار ڏسي چوندو هو: هيتري ننڍي عمر ۾ ڇوڪري وڌوا ٿي وڃي تہ ماءُ پيءَ کي گهرجي تہ ڪيس ٻئي ڪٿي پرڻائي ڇڏين. ان جي برعڪس تنهنجو مامو ـ مامي ڪهڙا نہ راڪاس آهن جو ويچاريءَ کي گڄ پارائي ڇڏيو اٿن! ان جڳهہ تي مان هجان ها تہ وِڌوا ڇوڪريءَ جي ٻي شادي ڪرائي ڇڏيان ها. ڪنچن جي چهري تي مذاق جي ريکا ڏسي هن چيو، 'ڏس ٻڌ مان جوان ٿو اهو سوفيصد جوان ٿو. توکي خبر ناهي.جيا ٻال وِڌوا آهي.مون وانگر هن جو بہ تڪڙو مڱڻو ٿيو هو. مان هن کي پاڙهيندو آهيان. پوءِ هن کي ڪو پڙهيل سڌريل ڇوڪرو ڳولي پرڻائي ڇڏيندس. هي سنياس بہ هڪ طرح جو جيئڻ جو بهانو آهي. ڌرم جو بهانو يا عذر ڏيئي اسان بدعنواني وڌائيندا آهيون.لوڙهو ناهي اسان گهيڙ ڳولهڻ جي پريرٽا ڏيندا آهيون. '

ڪنچن کي لليتا سمجهه ۾ نه ايندي هئي.ان ڏنهن بمبا گرائونڊ ۾ ڏٺل لليتا ۽ اڄ واري لليتا ۾ ڪافي ڪجهه فرق هو. هڪ ڏينهن اهو راز پڌرو ٿيو. لليتا کي هت ايندي پندرهن کن ڏينهن ٿيا هئا. هڪ رات ڪنچن اچانڪ جاڳي ويئي هئي. هن ٻاهر اچي ڏٺو. پويان طبيلي جي طرف ڪلنڌڙ دروازو کليل هو. هن کي ٿيو غلطيءَ سان در کليل رهجي ويو هوندو. هوءَ بند ڪرڻ جي لاءِ وڃي رهي هئي ته هن ڏٺو ته پوئين پٽ واري پاسي ڪوئي وڃي رهيو هو.ڪنچن هن کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪئي. اتي پٽ جي ٻاهرئين پاسي ڪان ٻه پيرا بيٽريءَ جي روشني پئي. انهي الپ جهلپ روشنيءَ ۾ هن لليتا کي سڃاتو. ڪنچن دروازي جي آڏو بيني هئي. لليتا ڪجهه دير ڪان پوءِ واپس آئي ۽ تڪڙي تڪڙي وڃي جيا واري ڪمري ۾ سمهي رهي. اها سڄي رات ڪنچن سمهي ڪانه سگهي.

اسڪول ۾ پڙهنديون هيون اتان ڪان لليتا ڪنچن جي ساهيڙي هئي. لليتا سندس پيءُ جي ستياگرهه جي لڙائيءَ واريون ڳالهيون ڪندي هئي. ڪنچن ڪنهن اتهاس مان زندهه ٿيل ڪارنامن جيان حيرت مان ٻڌندي هئي. شاردا بين ۽ لليتا سوديشي مومينٽ لاءِ اسڪول ڇڏيو هو تڏهن ڪنچن کي ٻيٽو ڏک ٿيو هو. هڪ ته هنن جي سنگت ٽٽڻ جي ڪري ۽ ٻيو هنن سان گڏ نه وڃي سگهڻ جي ڪري. ڪنچن کي لليتا جي ايرکا ٿيندي هئي. پاڻ سڀ ڪجهه ڇڏي نه سگهي پر هيئنر لليتا جي مدد ڪرڻ جو سنتوش محسوس ڪري رهي هئي. هن گهر ۾ ڪنهن کي ٻه لليتا جي سچي سڃاڻپ نه ڏني هئي. امرت هڪ اڌ ڀيرو پڇيو ٻه هو پر هن کي اونهاڻ ۾ وڃڻ جو وقت نه هو. گانڌيجيءَ "ڪرين گي يا مرين گي" جو نعرو اهنسڪ ويڙهه لاءِ ڏنو هو پر "هند ڇڏيو" جي اعلان جي ڪري عوام رستن تي اچي ويو هو. هن انڌاڌنڌيءَ ۾ امرت رات ڏينهن ڏنڌي جي ڊوڙا ڊوڙيءَ ۾ لڳو پيو هو ۽ ميئر ديوشنڪر صلح مسلحتن ۾ رڌل هوندو هو، پر راتوڪي گهٽنا ڪنچن کي چنتا ۾ وجهي ڇڏيو هو. اگر لليتا پڪڙجي ويندي ته؟

ٻئي ڏينهن هن لليتا کي اڪيلائيءَ ۾ پڇي ٻه ورتو.

لليتا ظاهري طور سوديشي مومينٽ ۽ سماج سڌارن وارا ڪم ڪندي هئي پر خفيا طور هوءَ انقلابين سان جڙيل هئي. جنهن جي پويان ٻه هڪ گهٽنا هئي.

لليتا ڪافي سمجهي ٻجهي ڪنچن جو گهر پسند ڪيو هو. انگريزن جي وفادار ڪٽنب ۾ آسرو وٺي ته پوليس وارن کي شڪ نه پئي. مٿان ڪنچن جي رشتيدار طور رهڻ ۾ گهر جو ميناج ملي رهي. جنهن گهر ۾ صرف گجراتي هئڻ جي ناتي ڇهن مهنن جيڏو آسرو ملي وڃي اتي لليتا جو سماويش نه ٿئي اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟

لليتا منڊ ڪان ونئي ڳالھ ڪئي.اسڪول ڇڏڻ بعد شاردا بين ماسترياڻي جيڪا 'گانڌي سيوا سينا ' جي سڪريٽري هئي. انهي جي رهنمائيءَ ۾ هڪ باندر سينا جي رچنا ڪئي. هيءَ باندر سينا هٿ سان لکيل يا ليٿو ڪيل پترِڪائون ورهائي سوديشي آندولن جو پرچار ڪندي هئي. ريليون ڪيندي هئي، پربات ڦيريون ڪندي هئي، ۽ صفائيءَ جا ڪم ڪندي هئي.ڪڏهن ڪڏهن ڏکئي وقت ۾ نيتائن ڪي ڳجها نياپا پهچائيندي هئي.لليتا باندر سينا جي ليڊر هئي. پر هڪ ڏينهن سڀ ڪجھ بدلجي ويو. ڏهاڪو سالن پهريان جي ڳالھ هوندي.

پنج مکا هنومان مندر جي تھ خاني ۾ليٿو ڪيڻ واري مشين تي پتريڪا ڇپجندي هئي. شارادابين ڇاپيندي هئي.لليتا ۽ هن سان گڏ سنيھ لتا پترڪا وٺڻ آيون هيون. مندر جي پنڊاري طور استعمال ٿيندڙ تھ خاني ۾ اناج جون بوريون پيون هيون. اچانڪ گوليءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو.شارادابين ترت لليتا ۽ سنيھ لتا کي بوريءَ ۾ لڪايو.مشين بند ڪيو ۽ ڏاڪڻ چڙهي ٻاهر نڪري ڏرپڪڙ ڪرائڻ ويئي. پر اڌ وچ ۾ پوليس ڪيس پڪڙيو ۽ ڏاڪڻ تان ڳوڻ جيان گيسري ٻاهر ڪٽي ويئي. چور قدمن سان لليتا ۽ سنيھ لتا ٻاهر اچي ڏٺو. شارادابين جا هٿ پير ٻڌي پوليس ڪيس سمشان طرف وٺي وڃي رهي هئي. جنهن استريءَ وِڌوا ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي پتيءَ جي چتا سان گڏ جلڻ جي بدلي جيون جي جوالا قبولي هئي. تنهن کي ڪنهن اٽجاتل لاش سان گڏ چتا تي چاڙهي ڇڏي. شارادابين جي هن بليدان جو ڪٿي بہ ڪو ذڪر ڪونہ ٿيو. سنيھ لتا واپس گهر آئي. ائين بنا ڪجھ ڪرڻ جي ، بنا مخالفت جي مرڻ کان ڀلي هنسا تہ هنسا پر مقابلو ڪري مرڻ جو وچن وٺي لليتا " آتمنِشٺ يُوتي سماج" سان جڙي وئي. هيءَ سنستاظاهري طور سوديشي هئي ۽ اندروني طور انقلابي.

ائين ٻتي چلت سان اگر ڪم سڦل بہ ٿئي تہ چا؟ پهريون پيرو ڪنچن کي ٿيو ' هوءَ ڀلي هڪ سامانيہ گهرڌياڻي آهي پر ڪنهن کي نڳي تہ ڪونہ ٿي ۽ هاٽي تہ بلڪل ئي نہ. هن لليتا کي اچڻ سان ئي چوويهن ڪلاڪن جي اندر ٻيو انتظام ڪري وٺڻ جو چئي ڇڏيو.

لليتا ويئي. پر ....

16

لليتا ويئي ۽ "ديووِلا" جو لوڻ ـ چمڪ ڪٽندي ويئي. انهي صبح کان ئي چڻ گٽيش ويهي رهيو هو. ڪنچن با جيون پر اهو ڏينهن پلجي نہ سگهي.

اهو پهرئين نورتي وارو ڏينهن هو.ڪنچن کي گرپ وارا پويان ڏينهن هلي رهيا هئا. نائون مهنو پورو ٿيڻ کان پوءِ متي ڏهہ ڏينهن تي ويا هئا. ڪنچن روز صبح ٿيندي ئي ويچاريندي هئي تہ اڄ چٽي ويندس ۽ انتظار ۾ ئي رات پئجي ويندي هئي. چمني ٻاريندي هن کي ٿيندو هو خبر ناهي اڄ رات جو دائيءَ کي گهرائڻو پوندو تہ؟ امرت ولايتي ڊاڪتر کي بہ چٽي ڇڏيو هو. ٻار ڄڻڻ کان اڳ ئي ڪنچن جو تاثير بدلجي ويو هو. هٿ پير سڄي پيا هئس. هير ۾ ڦير پئجي ويو هئو. رسوئي ڪرڻ ويهندي هئي ۽ اٻرندڙ دال يا ڀاڄيءَ جي وگهار جي بوءِ سهي نہ سگهندي هئي. هن پيري رسوئيءَ لاءِ مهاراج کي رکٽو پيو هو. گوتم ۽ چندرڪانت واري ٽاٽي تہ نائون شروع ٿيندي ئي سور اٿيا هئا.پر هن پيري سڀ ڪجھ نئون لڳي رهيو هو. ڪنچن کي مسلسل ڊپ پيو لڳندو هو تہ ' ڪجھ ٿي پوندو تہ؟ '

ان ڏينهن سويل ئي هن امرت کي اٿاريو. دائيءَ کي سڏڻ لاءِ وڃڻ کان اڳ امرت جيا کي اٿارڻ ويو ۽ ڪنچن نڪ ڪنن مان ڳهہ ڳتا لاهڻ شروع ڪيا. اڃان تہ ڪنچن نڪ واري ڦلي ساڙهيءَ جي پلو ۾ ٻڌي رهي هئي تہ امرت ڪمري ۾ لڳيڳ ڊوڙندو آيو. هن جي هٿ ۾ هڪ ڪاڳر هيوءِ چهري تي چنتا. هن لڳيڳ ڦاٽل آواز مان چيو.

" جيا لليتا سان گڏ هلي وئي." ۽ ڪرسيءَ ڦان تي ڪري پيو. ڪنچن زمين تي ڍڳ تي پئي.

پنجن ڪن منٽن  بعد ڪنچن جي پيرن وٽ پڪل ڦل جيان ڪريل چوڪري روئڻ لڳي تڏهن امرت کي خيال آيو تہ چوڪري جمي چڪي آهي ۽ ڪنچن بيهوش پئي آهي. انهي پل هو جيا جي ٻاري ۾ سوچڻ ڇڏي ڊاڪتر ڏانهن ڊوڙي ويو. ٻئي ڏينهن هوش ۾ آئي تہ ڪنچن کي خبر پيئي تہ ڌيءَ ڄائي آهي. هن سندس نالو اروٽا رکيو.

جيا وئي. صدمي جي ڪري ديوشنڪر کي چت ڪتائي تي پئي. شهر جو ميئر رات ڏينهن انگريزن جي وچ ۾ اٿندڙ ويهندڙ پنجن ۾ پڇائجي اهڙو سيٺ ديوشنڪر سيني

هنڌن ماڳن، عزيزن ـ رشتيدارن ۽ رشتن کان الڳ ٿي هڪ موالي ماڻهو ٿي ويو هو. خالي اکيون ۽ ڪورو چهرو ڪٽي هو جيئندو رهيو. هن جي ۽ ڪٽنبين جي وچ ۾ صرف سوچنائن وارو ئي تار رهي هئي. هيءُ تار هڪ طرفي هئي. هو صرف ٻڌندو ئي هو. ننڍڙو گوتم ڪڏهن ڪڏهن چوندو هو: 'اما ڏاڏو ته ڪٺ پتليءَ جيان جيئڻ چئونس تيئن ڪري ٿو.' ڪنچن جي دل جو درد سمجهڻ جيترو اجا هو وڏو نه ٿيو هو.ديو شنڪر چيڙي واري ڪمري ۾ هميشهه پيو هوندو هيو. ڪوئي هن کي اٿڻ لاءِ چوندو هو ته اٿندو هو ۽ سمهڻ لاءِ چوندو هو ته سمهي پوندو هو. هڪ پيرو هو ڪاڪوس ۾ ويو پر ڪنهن کيس 'ٻاهر نڪر' ائين ڪونه چيو؛ هو پنجن ڪلاڪن تائين اندر وينو پاڻي هاريندو رهيو.اهو ته وري ڪنچن کي خيال ۾ آيو ۽ ان جي چوڻ سان ٻاهر نڪتو. روتي پائڻ مهل چوٽو پوندو هو ' بس بابا، هاٿي چانور ڪٽو.' روتي پائيندي ڪنچن سوچيو کهڙي ڪال گهڙيءَ ۾ مونکي اها اونڌي سُجهي جو مون لليتا کي آسرو ڏنو! جنهن ساڄي هٿ سان ڏنو هو ته کاٻي هٿ کي به خبر نه پوڻ ڏني هئي ان جون مانيون ڳڻڻ جو سمو آيو آهي! سُهري هن کي ڌمڪائي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو هجي ها ته هوءَ روئي به من هلڪو ڪري سگهي ها. هي ته هنن کي ڏسي پل پل ۾ آتما تي بار وڌي رهيو هو.امرت ته هن سان ڳالهائڻ به لڳيڳ بند ڪري ڇڏيو هو. هو گوتم يا چندر ڪانت ذريعي ضروري نياپن پاراتن جي ڏي وٺ ڪندو هو. ڪنچن ڏسي رهي هئي ته امرت به هن جيئن اڪيلو ٿي ويو هو.

امرت ڪلهه تائين ديوشنڪر جهڙي مضبوط ڪلي جي ٻر تي وچيري جيان هٽڪندو پيو هو.پر يڪ مشت لغام ۽ الياڻ جي پيڙا جي ڪري پلاڻ ڪٽڻ به مشڪل ٿي پيو هو.جيا پچي نڪتي هئي ان پل ته امرت کي ڪنچن کي پيڙهي ڇڏڻ جيترو غصو آيو هو پر بيهوش ڪنچن ۽ روئنڌڙ ڇوڪريءَ کي ڏسي هن پاڻ تي ضابطو آندو. هو ڪنچن کي ڪيترو چاهيندو هو؟ هن تي وشواس رکي سڄو گهر ۽ سڀ ڪجھ هن کي سونپي ڇڏيو پر هن هين اونڌه ۾ رکيو؟ امرت ڇا ڪري؟ ڪنچن کان پڇي؟ پاڻ کان پڇي يا جيڪو پڇي رهيو آهي ان سماج کي جواب ڏئي؟ هڪ ئي وقت ۾ ڪيترا سارا مورچا هن جي سامهون منڊجي ويا هئا! ماڻهن کي ائين چئي ته 'جيا وطن وئي آهي' ٽاري ڇڏيندو هو پر ديوشنڪر جي خالي اکين ۾ اٽيل سوال جو جواب ڪيئن ڏيٽو؟ ڪڏهن امرت کي لڳندو هو ته بابا نصيبدار آهي ! هنن سيني پيڙائن کان بچي ويو آهي! پر ڇا موڳائيءَ کي سک مڃي سگهجي ٿو؟ امرت ڏنڊو سميٽي آفريڪا پچي وڃڻ جو منصوبو ٺاهيو.

ماڻهن جي منصوبن مطابق سڀ ڪجهه هلندو هجي ها تہ؟ ماڻهن جي منصوبن کي کو اڻچاتل اڻ لکو عنصر بگاڙي وجهي تہ ڪجهه سمجهہ ۾ بہ اچي پر ماڻهوءَ جي وچ ۾ ماڻهو ئي رنڊڪ ڪڙي ڪري تڏهن ڇا چوڻو؟ ڪنچن کي لڳي ٿو شروعاتي ٽيهہ سال ا ب ت .... سکڻ ۾ ئي ويا. جيون ۽ منش بابت مهاگرنٿ تہ ڏاڏا دير سان ڏنا ۽ انهن مان ڪيترا پڙهي سگهياسين اهو امتحان ڏيڻ وارو وقت اچي تڏهن خبر پوي! توهان جي زمين کهڙي آهي، توهان هر کهڙو هلايو آهي، توهان جو ٻيجارو تندرست آهي يا نہ، توهان جو پاڻي، گڏ کهڙي آهي اها تہ ڪري تي ئي خبر پوندي آهي! امرت يوگاندا وڃڻ جي تياري ڪرڻ لڳو هو. پر نصيب تہ ڪا ٻي ئي دشا نرڌارت ڪئي هئي!

هڪ شام جو سهڪندي اچي امرت چيو، 'ڪراچي شهر پاڪستان ۾ ويندو. اسان کي جلد از جلد هتان ڪان نڪرڻو پوندو. '

ڪنچن کي ٿيو هاڻي ئي تہ ماڻهو چوندا هئا تہ گانڌيجي ملڪ جا ٽڪرا ڪونہ ٿيڻ ڏيندو، تہ پوءِ اهو اهڙو تہ وري ڇا ٿي ويو جو .... هن امرت ڪان پڇيو:

“ پر اسان هتي ئي رهون تہ ڪهڙو نقصان آهي؟”

“ نہ هتي رهڻ ۾ جوکم آهي، هتي ڪڏهن بہ قومي وڳوڙون ٿي سگهن ٿيو پوءِ تہ سر بچائڻ بہ مشڪل ٿي پوندو. ٿيون ڏينهن پنڪا ڳليءَ ۾ هڪ سردار کي ڪنهن ڪُهي ڇڏيو. بنگال، بهار، ۽ پنجاب وارا چندا هت بہ اڏامندا.

“ اسان تہ سيئي ڪيئن نہ هڪ جيو ٿي رهون پيا. هاڻ توهان ئي چئو ڇا اسان جو ٿئيٽر وارو چوڪيدار رحمت خان اهڙو ڪجهہ ڪندو؟”

“ هاڻ تون اهڙين ڳالهين کي ڇڏ ۽ پرينهن پٺهي وطن وڃي رهيو آهي. وشونات جي ڪمپنيءَ جو جهاز وڃڻو آهي. تون ۽ ٻار هنن سان گڏ نڪري وڃو. مان هتان ڪاروبار سميٽي ڪمپالا پهچي توهان کي گهرائي وٺندس.”

“ءِ بابا؟”

“ مون سان گڏ.”

“ پرائي ملڪ ۾ توهان هن کي ڪيئن سنڀالي سگهندا؟ مان هنن کي پاڻ سان گڏ وٺي ويندس.”

پنجن سالن بعد ڪنچن امرت جي اکين ۾ پوئين پڇاڻ ڏٺي. ان رات ڪمري ۾ اها ئي پرِچت مهڪ مهڪي. هڪ وياڪلتا سان گڏ انهي مهڪ کي پرپور ماڻي وٺڻو هو. ' هيءَ رات خبر ناهي وري ڪڏهن ايندي؟ شايد نہ بہ اچي! نہ اهڙو سوچڻو بہ ناهي. پويون ۽ اڳيون

سڄو سمو اڄ برابر ڪري ونڻو آهي. ڪمري جي نويڪلائي سالن تائين هم بستريءَ جو ڀھڙو اڳ نہ ڏنو اھڙو مزو پلجي نہ سگھندي.ڪنچن ڪي ان رات اُترا ۾ اپيمنيو واري ڇھن مھنن واري ڊگھي ملن راتريءَ وارو رھسيہ سمجھ ۾ اچي رھيو ھو.

ٻئي ڏينھن رات جو ڪياماڙي بندر تي پھچڻو ھو. سِنڌيا نيويگيشن جا جھاز ھونئن تہ مال جي ھيرڦير ڪندا ھئا پر بدليل حالتن ۾ فوري طور مسافرن لاءِ بہ انتظام ڪرڻ ۾ آيو ھو. ريلوي وارو نظام تہ سڄي ھڪ ٽرين جي ڦتلام پنيان بند ٿي ويو.اھا تہ وشونات جي ڪري "سيناوتي" اسٽيمر ۾ وڃڻ جي سھوليت ملي ويئي ھئي. آخر تائين جو ساٿ. ڪنچن سڄي رات ۾ سڄو ڏينھن تياري ڪندي رھي پر ڄڻ تياري پوري ئي نہ پئي ٿي. گوتم پڇيو بہ سھي 'اما تون ڇو گھڙي گھڙي ويھي ٿي رھين؟ ' سفر لاءِ منائي ڪونہ ٺاھبي اھو ٻڌي چندرڪانت روئڻ لڳو. ٻارن جي من تہ اھو ڪو پرواس ھو، پھريون ڀيرو پاڻيءَ جي جھاز ۾ ويھڻ جو موقعو ھو. ڪنھن ڪنھن وقت ڪنچن شين ڪي سميٽيندي ھٿ ڦيرڻ ۾ مشغول ٿي ويندي ھئي تہ ڪنھن ڪنھن ٽاٽي مُنجھي ٻيھي رھندي ھئي تہ ڪھڙي شيءِ ڪٽي وڃجي ڪھڙي ڇڏي وڃجي! ڪنچن ڪي ٿيو شيون پلي ساڻ ڪٽي ڪونہ ٿيون سگھجن پر سلقي سان رکي تہ سگھجن ٿيون. ' ھن ڪانچ جي برني صاف ڪئي ۾ ان مان آرپار نڪري ويئي.' ڀڳوان، جيڪو بہ ھي شيون استعمال ڪري اھو منيون ڪري استعمال ڪري. ھن ڪي مون واري جيان آڪيرو ڦٽائڻ وارا ڏينھن شل نہ ڏسڻا پون.' ڪک ڪک ڪري ھي آڪيرو اڏيو ھئم. ڪيڏي متا ڪُٽ ۾ اتساھ سان ھي آڪيرو ٺاھيو ھئم! ھڪ ھڪ شيءِ ڪي ڇڏڻ معني' انھن سان جڙيل ماڻھن ڪي ڇڏڻ مثل آھي. ھي چانديءَ جو ٿالھ ۾ پنچ پاتر گنگاٻا جي ويندي ڄڻ ڏلا ٿي ويا ھئا ۾ ھاٽي تہ صفا انات! ديوشنڪر جي بنا ھي ٺامي جو ديگڙو ڄڻ اداس ٿي ويندو! ھن صندليءَ تي چندرڪانت بنا ڪير ويھندو! ھن ڊريسينگ ٽيبل جي سامھون ٻيھي اروٽا گڏيءَ ڪي ڪٽي نچندي رھندي ھئي. اھي شيشا ھاٽي ڪنھن جا چارا ڪيندا؟ گوتم جي سائيڪل ڪي بہ ياد رھندو تہ ھن ڪھڙو نہ ڪيس پٽ سان ھنيو ھئو؟ جيا جي ڪمري ۾ جھولنڊڙ جھولو ڪنھن جي گيتن ۾ سر ملائيندو. ھيءَ ڇتي، پلنگ ڪنھنجي اڪين جي اوجاڳن ۾ سندر سپنن جو پرت پريندا؟

ڪنچن ڪي سامان ٻڌندي ڏسي امرت ڪان رھيو نہ ٿيو. ھن چيو ' " بس، ٿورا ڪپڙا ۾ پيسا ڪٽي وٺ. ھي بسترا ۾ ٻاسڻ رھڻ ڏي. تون سيني جا سر سنڀاليندينءَ يا سامان؟" ڳالھائڻ بعد ھن ڪي افسوس ٿيو. ھھڙي ڳالھ ٻڌي ڪنچن ڪٿي ڊڄي ويندي تہ ڇا ٿيندو؟

ڪنچن امرت جي ڳالهه ٻڌي. ڪيس گهڙي پل لاءِ ٿيو ڪٿي ڪنهن مهل موقعي ۽ پهرن ۾ اهي ٻول سامهان نہ اچن. پر وري هينئون جهلي چيائين:

ايشور ڪندو تہ سڀ سٺائي ٿيندي. ڪنچن ٿورا پيسا پاڻ وٽ رکيا ۽ ٿورا گوتم جي چيدي ۽ خميس جي اندرئين حصي ۾ سبي ڇڏيا. ڪپڙن سان سٽيل لوهه جي وڏي پيتي، مانيءَ وارو دٻو، ۽ پاڻيءَ جو وڏي ڍڪڻ وارو پتل جو لوٽو، بس هي سامان ڪنيو آهي.

وڃڻ جي اڳين رات اڱڻ ۾ موٽر اچي بيهي رهي. روز واري ڊرائيور بنسيءَ جي بدلي چوڪيدار رحمت هو. هن وٽ بندوق جو لائسنس بہ هو. ڏکو قداور رحمت، سندس مينديءَ سان رڱيل ڏاڙهي ۽ چهري تي پن جي رس سان رسيل مشڪ! پر ڪنچن اڄ هن کي ڏسي پل لاءِ شڪ جي ڪري ڪنبي ويئي. هن وري هڪ ڀيرو من ئي من ۾ ارادو پختو ڪيو. ايشور جيڪو ڪندو آهي اهو چڱائيءَ لاءِ ڪندو آهي. هاڻي اکريءَ ۾ متو وڃڻ بعد مهريءَ جو ڪهڙو ڊپ.

ڪنچن ڀڳوان جي پوڄا ڪري پاڙياريءَ ۽ تلسي ڪونديءَ وٽ ڏيا رکي اجازت ورتي. سندس پنل اکڙين ۾ هڪ پل لاءِ سڄو گهر جرڪي پيو. هن ڪماڙ در درين کي پريل گهر سونپي پير ڪنيو. پار امرت سان ڇهتي بينا هئا. ديوشنڪر ڪوري ڪاڳر جهڙو چهرو ڪنيو اڳين سيٽ ۾ وينو هو. چالو موٽر جي دريءَ مان ڪنڌ ڪڍي ڪافي دير تائين دور ٿيندڙ گهر ۽ امرت کي ڏسندي رهي.

موٽر رتن تلاءَ وارو چڪر ڪاٽي صدر بازار طرف مڙي. اڃا تہ رات جا اٺ ئي ٿي رهيا هئا پر رتن تلاءَ جي پار تي رکيل بئنچون خالي هيون. چوءماسو ۽ متان اونداهي راتين وارا ڏينهن ، روڊ لائيٽن جي روشني جهڪي پئي لڳي. صدر بازار ۾ ڪٿي ڪٿي ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو نظر اچي رهيو هو. بند دڪانن جي اوٽن تي ڪٿي ڪٿي پينو فقير سمهيا پيا هئا. صدر بازار جي چوٽين لائين ڪان جيئن ئي موٽر نڪتي تہ پويان جڻ غوغا ڪندو طوفان اچي رهيو هجي اهڙو آواز آيو. ڪنچن جهٽ پٽ گاڏيءَ جا شيشا چاڙهي ڇڏيا. پنيان واري شيشي مان ڏنائين تہ ٻہ سو ، پنج سو ماڻهن جو ٽولو هٿن ۾ مشعالون ڪنيو اچي رهيو هو. رحمت ترت گاڏي ٻچائي جوڙيا بازار وارو رستو ورتو. اتي ڪليل دڪانن ۽ ٿوري هلچل کي ڏسي ڪنچن کي سنو لڳو. 'پر هاڻي بابا ۽ وشو کي ونٿو ڪيئن؟' هاڻ پنڪا گليءَ ۾ وڃڻو پوندو. ڪنچن ڏڪي ويئي. هن کي ٿيو رحمت ڄاڻي ٻجهي تہ هي رستو ناهي ڪنيو نہ؟ هن ٿيڏي اک سان سندس چهري ڏانهن ڏٺو. رحمت آرام سان گاڏي هلائي رهيو هو. هن جي سوستتا کي ڏسي لڳو پئي تہ ڇاڇا تي سگهي تو تنهن جو انداز هن کي

هو.هو مڪمل تياريءَ سان آيو هو. موٽر جيئن ئي پاروتي پٽيءَ وارو موڙ ڪاٽي مڪيہ روڊ تي آئي تہ ٽانڊي جون ڇپيون مٿي چڙهنديون نظر آيون. ڌونهين جا غول ماڻهن جي ڪولاهل کي وڌيڪ گهرو ڪري رهيا هئا. رحمت گاڏي هڪ طرف بيهاري ۽ ڇيو هاٽي ئي اچان ٿو.

' رحمت چاچا مان بہ هلان ٿو.' چوندي گوتم هن جي پويان پويان وڃڻ لڳو. ڪنچن کيس وڙهي واپس واريو. اتي رستي تان لڳهندڙ واٽهڙو کي ڏسي ڪنچن پڇيو :

'ڪٿي آگ لڳي آهي؟'

" هري شنڪر شاستريءَ جي محلي ۾. گذريل هفت کان سيئي هشياريءَ سان رهندا هئا. سڄي رات جاڳي چوڪي پهرو ڏيندا هئا. گهرن کي تالا لڳائي ڇتين تي وينا هوندا هئا. پر اڄ شام جو آگ لڳي ويئي. سيئي چون ٿا تہ اهي بهار مان آيل آهن اهي ئي آهن. تہ ڪي چون ٿا تہ پنجاب مان آيا آهن اهي آهن. ٻن ڪلاڪن کان آگ لڳل آهي. فائر بريگيڊ وارا آيا آهن پر ٽانڊو وسامڻ جي بدلي الٽو وڌيڪ جليو آهي. گهڻا تہ چون ٿا پاڻيءَ جي بدلي گاسليٽ وڌو ويو آهي، پر ڪو بچندو ڪونہ." راهگير پنهنجي ليہ ۾ ڳالهائي رهيو ۽ ڪنچن جي اکين ۾ اوندهہ ڇانئجي رهي هئي. هن گاڏيءَ جي سيٽ تي مٿو ٽيڪيو.

خبر ناهي گهڻو وقت گذريو هوندو پر رحمت گاڏي تيز ڀڄائي تڏهن هوءَ جهوبا ايندي جاڳي پئي. ڏنائين تہ گاڏي واپس وڃي رهي هئي. هن رحمت کان پڇيو : ڪيڏاهن ٿو ڪٽي هلين؟ پر رحمت ڪو بہ جواب ڪونہ ڏنو. ڪنچن کي وهم لڳو تہ رحمت جي نيت تہ ڪونہ ڦري وئي آهي؟ هن پويان هن جو ڪلهو پڪڙيو ۽ کيس ڌوڏيو ۽ چرين جيان چوڻ لڳي ' ٻڌاءِ توکي ڇا تو کپي ٻڌاءِ، بول گهڻا پيسا گهرجن، چئہ توکي سون چاندي کپي .... ۽' اجا تہ جملو پورو ٿئي ئي ٿئي تان هن رڙ ڪئي "منهنجو گوتم ...... "

17

زوردار برئڪ ڏيڻ جي ڪري موٽر بيهي رهي. رحمت ڏنو گوتم پوئين سيٽ تي نه هو.

رحمت جڏهن ڪنچن جي پيڪي جي خبرچار لهڻ ڪرڻ لاءِ هيٺ لٿو هو تڏهن گوتم هن جي پويان وجڻ جي ڳالهه ڪئي هئي. پر ڪنچن ڪيس چڙبي روڪيو هو.ناراض ٿيل گوتم دروازو بند نه ڪيو هو. هو بوٽ سجائي دروازو پڪڙي بينو هو. جڏهن ڪنچن گاڏيءَ جو ٻيون دروازو کولي رستي ويندڙ اٽجاتل شخص سان هري شنڪر محلي ۾ لڳل باهه بابت پڇاڳاڇا ڪري رهي هئي تڏهن گوتم ڏيري ڏيري کسڪي ويو هو. هن کي ناني يا مامي جي چنتا کان باهه بابت ڄاڻڻ جي اتسڪتا وڌيڪ هئي. باهه وسائڻ وارن جي ڪرتبن ۽ ڪرامتن کي ڏسڻ جي خيال کان هو رحمت جي پويان پويان ويو هو. رحمت کي ان جي ڪل ئي نه پيئي.

رحمت لڳيڳ ڊڪون پائي رهيو هو. هڪ طرف گاڏيءَ ۾ سيٺ جو ڪٽمب بي يارومددگار هو ته ٻي طرف اهڙو به امڪان هو جو جيشنارام جو پريوار بچي به ويو هجي! هو چڻ هڪ سنهڙيءَ ڏوريءَ تي ڊوڙي رهيو هو ! هري شنڪر شاستريءَ جي محلي کان اڌ ڪلو ميٽر دور هن ڏٺو ته ماڻهن جا هشام گڏ تي رهيا هئا. سجو علائقو مچريل ڊڳي جيان هتان کان هتي ڊوڙون پائي رهيو هو. هن جي سامهون ايندڙ يا ته تڪر ڪائي يا سڱن ۾ متي ڪٽي هيٺ الاري! رحمت کي هڪ پل پنهنجي ڏاڙهي ۽ سٽڻ ياد آئي. هو مُنجهي پيو، وججي يا نه؟ 'چا ٿيندو، وڌ ۾ وڌ سر ويندو نه. ' ويچاري هو ٿورو اڳيان وڌيو ته امرت سيٺ جي ڪيل پارت وارا لفظ ياد آيا، ' رحمت اڄ توکي منهنجي سجي زندگيءَ جي موڙي حوالي ڪري رهيو آهيان. الله جي امانت سمجهي سنڀالجانءِ.' رحمت واپس موٽيو . اڇي هن موٽر ڊوڙائي ڇڏي.

جهڙي ڪنچن گوتم جي نالي رڙ ڪئي گاڏي زوردار جهوٻو کائي سان بيهي رهي. هو ڪجهه سوچي تنهن کان اڳ ڪنچن دروازو کولي اپي رستي ڊوڙڻ لڳي. رحمت ڊوڙي ڪيس پڪڙيو. هن جي پڪڙ مان ڇٽڻ لاءِ هٿ پير هٽندڙ ڪنچن واڪا ڪري رهي هئي. ' منهنجو گوتم .... مونکي وجڻ ڏي .... منهنجو پٽڙو .... وجڻ ڏي ....' ڪاوڙ ۽ وينتي پريل

آنسن ۾ ڪنچن جا اڌ الفاظ ٻڏي ٽي ويا. رحمت ڪي هن ڪي موٽر تائين گهلي اچڻو پيو.جڻ ڦر ڪان وچڙندڙ ڳڻون رنيي رهي هجي! رحمت هن ڪي سيٽ تي ويهاري رهيو هو ته وري هن چڪي ڏيئي ڊوڙڻ شروع ڪيو. رحمت هن جا ٻئي هٿ هڪ پنجي ۾ پڪڙي ۽ ٻئي هٿ سان هڪ ٽپڙ وهائي ڪڍي. رحمت دروازو لوڪ ڪري گاڏي ڊوڙائڻ لڳو.

ڪنچن سيٽ جي ڏار تي متو پچاڙي وڏي آواز سان روئي رهي هئي. چندرڪانت ۽ اروٽا ڊپ جا ماريا سيٽ جي هينا ويهي رهيا. ديو شنڪر ڪنهن چتر جيان استِر وينو هو. رحمت سينياٽيءَ ڪي ٽپڙ ته هٽي ڪڍي هئي پر پوءِ شرمسار تي رهيو هو. بندر آيو تيستائين هن هڪ اکر به نه ڳالهايو.

ڪياماڙي بندر تي سڄي شهر جا ماڻهو هئا. اگر هڪ وڏي پليٽ متي هلائي ڇڏجي ته ماڻهن جي متن تي گهمندي رهي ، هيٺ نه ڪري اهڙي پيڙ. شهر جي مختلف ڪندن مان هڪ دهشت، هڪ آتنڪ جو پرواهه ٽڙندو ٽاپڙندو، ڇڪجندو ڇڪيندو اچي رهيو هو ۽ هتي بندر واري ڏڪي تي اچي گڏ تي رهيو هو. اوڪاش ۾ شورغل، رڙين چيخن جو تهه تلهو تي رهيو هئو. ڪجهه سُجهي نه رهيو هو. هڪ لهر هتان ڪان تي آئي ته ٻي هُتان ڪان. اندر ٻاهر سڀ ڪجهه لڏي لمي رهيو هو.

هر سال شرد پورنما واري رات ڪياماڙي بندر تي ميلو لڳندو هو. سمندديوتا جي آستاني تي آڪاش جي اڱڻ ۾ وڪريل چاندوڪيءَ ۾ اتسو جو جهولو جهولندو هو. امنگ ۽ آنند جي ٻن ڇيڙن جي وچ ۾ ماڻهو جهولندا هئا. اڄ اهو ئي سمنڊ ڪنارو آهي ۽ اهو سمنڊ ديوتا جو آستانو. ماڻهو ته سمائجي ئي نه رهيا آهن. ماڪوڙين جيان اچي مڙيا آهن. آڪاش ۾ بادلن ڪي ۽ ماحول ۾ آڙنگ ڏسي سيبيئي صديون پراڻا ڏر، ٻرَ ڇڏي نڪري پيا آهن. ڪنهن به وقت هي بادل وسندا ۽ اها رت جي برسات نه هوندي تنهن جي ڪا خاطري نه آهي. هي پاڙن مان اڪوڙيل ڪٽي وڃي پاڻ ڪي پوڪيندا اها خبر نه آهي! اڄ تائين پاڙن مان نڪتل وڻ سائو ٿيو هجي اهڙو ٻڌو ناهي. پلي وڻ نه بچن پر هنن سلن ڪي ته جيارٽا پوندا. ڪُڪ تي، ڪلهي تي ۽ اڱرين ۾ پيٽ ڄاين ڪي ڇهتايا آهن. متي تي خانابدوش زندگيءَ جون پريون آهن. اداس اکيون ۽ ٻيڙيل چپ ڪٽيو وينا آهن ، هاٽي ته به چار پساهه بچن يا بچائي سگهجن ته به غنيمت آهي!

رحمت ڪنچن ڪي جهاز جي پئسيج واريءَ قطار ۾ ويهاريو ۽ پاسي ۾ سامان رکيو. چندرڪانت ۽ اروٽا ڪنچن جي ٻنهي پاسن کان لڳي وينا. رحمت ديوشنڪر ڪي لوهه جي

پيتيءَ مٿي ويهاريو ۽ چيو “ هتي ئي ويهجو، ڪيڏاهن چرجو نہ” ديوشنڪر مٿو لوڏي ها ڪئي. ڪنچن طرف گهمندي چيو:

“ سينياڻي امان، تون هت بي فڪر رهج. مان هينئر ئي گوتم کي ونيو ٿو اچان. ڌرتيءَ جي پيٽ مان ڪيس ڳولهي لهندس. توهان هن لائين ۾ ئي رهجوءِ جيئن جيئن لائين اڳيان کسڪي تيئن توهان بہ اڳتي وڌندا رهجو. لائين کان ٻاهر نہ نڪرجو. مان هينئر ئي اچان ٿو.”

ڪنچن جون خالي اکيون ويندڙ رحمت کي ڏسي رهيون هيون.

يادن جي ڌاڳن ۾ اٽجندڙ اتيت جو پاڻ ۾ ڪو ڌاڳو ٽٽو. ... رحمت ؟

پر ڪنچن ڪهڙي خبر هئي تہ رحمت جو ڇا ٿيو؟

رحمت ڪنچن کي دلداري تہ ڏني هئي پر هن ڄاتو ٿي تہ ههڙي وقت ۾ گوتم کي ڳولهڻ وارو ڪم ڪيڏو نہ ڏکيو آهي. سڄو ڪراچي شهر هڪ جهنگل ۾ تبديل ٿي ويو هو. وڳوڙن واري ٻاهه شهر جي سڪن - آلن علائقن کي لپيٽ ۾ ڪٽندي پئي ٿي ويئي. هن زهري ٻاهه ۾ سڙندڙ، جلندڙ، پچندڙ، ٿهڪندڙ، تڙڦندڙ ماڻهو نہ هندو هيا نہ مسلمان ۽ نہ سک. اهي سڀ هيا صرف غريب جيوَ! هي سڀ زندگيءَ لاءِ هيڏاهن هوڏاهن ڊڪون پائي رهيا هئا، واجهائي رهيا هئا. هنن جيون جي چڪرين ۾ ڪيترا ئي پساهہ ٽٽي رهيا هئا، لتاڙجي رهيا هئا. موقعي جو فائدو وٺڻ جي لاءِ تيار وينل شڪاري سوداگر ڪنهن هڪڙي اڪيلي کي هڪ ئي حملي ۾ پتائي ٿي ڇڏيو. هنن جي من ڏاڙهي يا مڇ، چندن يا لوبان، پڳهہ يا ٽوپي سڀيئي هڪ جهڙو هيو. هنن کي نہ الله جو خوف هو نہ پرماتما جو ، نہ هنن کي قرآن پاڪ روڪيو ٿي نہ گرنٿ صاحب! هنن جي گيتا ۾ هڪ سوتر هيو - “ قل جي ڪامنا سان، سوارٿ لاءِ ڪڏي کان ڪڏو ڪم ڪرڻ کان نہ رڪجڻو.” ستا ۽ سياست جي سياهڪاريءَ ۾ ويچارن پيادلن جي ڪهڙي هستي؟ رحمت سوچي رهيو هو ، ' ماڻهوءَ جو ههڙو ڪڏو روپ اڄ تائين ڪٿي ڊڪيو پيو هو؟ جيڪي اکيون آتميتا جا آئينا هيون انهن اکين ۾ آشنڪا جا رتهاڻا عڪس ڏسجي رهيا هئا. هن کي ڪنچن جون اکيون ياد آيون.

رحمت بندر روڊ کان سوامي نارايڻ مندر واري رستي ڏانهن گاڏي موڙي. هن کي ائين هيو تہ شهر ۾ سيٺ جي گاڏيءَ کي سڀئي سڃاڻندا آهن. ميئر جي موٽر ڪنهن کان ڳجهي هوندي! ۽ شهر ۾ گورن کان سواءِ آگرين تي ڳڻي سگهجن ايترن ماڻهن وٽ گاڏيون هيون. مندر واري رستي کان وچڻ ۾ جوکم ناهي. پر جيئن ئي رحمت گاڏي موڙي تہ سامهون تعزين وارو جلوس نڪتو هجي تيئن ڊول نغارا وڄائيندا ماڻهو مشعلون ڪٽي

نڪري پيا هئا. “ هائي حسين” جي بدلي “ هائي هندوستان” جا نعرا آسمان ۾ گونجي رهيا هئا. رحمت پنيان ڏنو تہ نمڪ واري گليءَ کان نڪري ٻيو انبوهہ مندر طرف وڃي رهيو هو. انبوهہ جا ماڻهو مهاديوجيءَ جو ٽولو ٻٽي هٿن ۾ ڏنبا الارينڊا اچي رهيا هئا. ٻنهي طرف مشعلن، تلوارين، لٺين، ڪرپاڻن ۽ پهڻن سان سينائون سڄ هيون. ڪلهہ اجا هيءَ ئي پرجا هڪ ٽي پرديسين سان وڙهندي رهي هئي. پر اڄ اهائي پرجا ظالم پرديسين جي ڳالهہ ۾ اچي پنهجي ئي هڪڙي انگ کي ڪٽي ڇڏڻ لاءِ اتاولي ٿي آهي. رحمت ڦڙتيءَ سان گاڏي نانڪ واڙي جي گليءَ ۾ موڙي. اونداهي گليءَ ۾ ڪجهہ پريان چار پنج ٻوڪاني ٻڌل ماڻهو گلي روڪي بيٺا هئا. هاڻي واپس ورڻ مشڪل هو.رحمت گاڏي بيهاري ڇڏي. هو بندوق بردار ڊوڙي آيا ۽ انهن مان هڪ رحمت جي ڇاتيءَ تي خنجر رکيو.

“ چل گاڏي کول.”

هڪ اڳين سيٽ تي رحمت سان گڏ وينو. هن پنهنجو خنجر رحمت جي پاسي ۾ رکي ڇڏيو. ٻيا چار پوئين سيٽن تي ويٺا.

“ هل، بولٽن مارڪيٽ وٺي هل.”

رحمت گاڏي چالو ڪئي. هن کي هڪ ويچار آيو تہ گاڏي واپس وٺي انهي ٽولي ۾ ڦاسائي ڇڏي. پلي ماڻهو جلائي ڇڏين. پر ترت ياد آيو، اجا تہ گوتم کي ڳولهڻو آهي. سينياڻي راهہ ڏسندي هوندي. هن آڏي نظر سان نهاريو ، خنجر واري جي اکين ۾ بہ خوف تہ هيو ئي! هيءَ وري ڪهڙي لڙائي ڇڙبي جو ٻئي ڌريون هڪ ٻئي کان ڊڄي رهيون هيون. هٿيارن وارو ۽ ٻنا هٿيارن وارو ٻئي. حالانڪ لڙائيءَ جي پاڙ ۾ خوف آهي. انسان پهريون پيرو ڊپ جو مقابلو ڪيو هوندو ان مان ئي هن کي هٿيار ناهڻ جي پريرڻا ملي هوندي. ٻي ڊپائي تہ صرف پريم ۽ وشواش جي ڌرتيءَ تي وڌندي ويجهندي آهي.

صدر بازار جي آڏين ڦڏين گلين مان ٿيندي رحمت پنجن ئي ٻوڪاني واريل شخصن کي بولٽن مارڪيٽ پهچايو. هو پنج ئي اوندهہ ۾ الوپ ٿي ويا. رحمت راحت جو ساهہ کڻي گاڏي پنڪا گلي طرف ورتي. گليءَ جي چونڪ وٽ پهتو تہ هن سوچيو هڪ منٽ گهران ٿي اچان. گاڏي بيهاري هو پنهنجي فلئٽ طرف ويو. فلئٽ ۾ ڏهہ ٻارهن گهر هئا. پاڙي ۾ پيانڪ شانتي هئي. ڪن پل لاءِ سندس هردو بيهجي ويو. اجا پنهنجي گهر جي ڪڙي کڙڪائي ئي کڙڪائي اتي “ ماريوس، ماريوس” جا آواز آيا. هو ڊوڙيو. هن ڏٺو تہ پنجاهہ سٺ ماڻهن جو ٽولو سيٺ جي گاڏيءَ کي چوڌير اچي مڙيو هو. رحمت گاڏيءَ طرف ڊوڙيو. ڪو لٺين سان موٽر جا شيشا ٽوڙي رهيو هو تہ ڪو موٽر تي ڪيروسين هاري رهيو هو.

رحمت ٽولي ۾ گهسيو. سندس پڳهہ مٿي تان لهي هيٺ ڪري پئي. هو ٽڙندو ٽاپڙجندو موٽر تائين پهتو تيستائين مشعل هن جو ڪم پورو ڪري ڇڏيو. رحمت مشعل واري وٽان مشعل جهٽڻ ويو تيستائين پويان لٺ نڪاۓ ڪيو. 'مارو سالي ڪو، ڊيدو هندوستان .... ' ڪو هن ڪي امرت سيٺ جو بنسي ڊرائيور سمجهي ماري رهيو هو تہ ڪو ڪافر سمجهي. 'سالا هندوڙي ڪو بچاتا هَي، غدار ... پيچ دو اسي پي بيوي بچون ڪي ساٿ ....' موٽر سان گڏ رحمت ڪي جيئرو جلائڻ ڪان پوءِ ٽولي ڪي محسوس ٿيو تہ انصاف برابر ٿيو آهي. هڪ ڪافر ڪي برابر جي سزا ملي آهي.

انصاف ۽ ايمان جي وائي هر وات تي هئي. جيڪي پارٽ مان پڇجي آيا هئا اهي پنهنجا رتهاڻا زخم ڏيکاري رهيا هئا ۽ جيڪي هتي سڀ ڪڇ ڇڏي وڃي رهيا هئا اهي پنهنجا ڪٽيل انگ ڏيکاري رهيا هئا. سيني ڪي هڪ ٻئي سان شڪايت هئي. هرڪو پنهنجي حساب سان حساب برابر ڪرڻ واري پيرويءَ ۾ هو. پر ڪو بہ اهو سوچڻ لاءِ رڪيو نہ پئي تہ هي دفتر صاف ڪرڻ لاءِ انسانيت جي لڳاتار وندر ٿي رهي آهي. شيش ۾ شُنيہ وٺي اسان ڪنهن جي آڌار تي ٽڪنداسين؟

رحمت جي وڃڻ ڪان پوءِ ڪنچن دير تائين ان ڏس طرف نهاريندي رهي. هن جي اکيان هڪ لمبي لائين هئي.ڊيري ڊيري هن جي پويان ماٺهو وڌندا پئي ويا. شروعات ۾ ڪا حرڪت ٿي پئي وري سڀ ڪجهہ شانت ٿي رهيو هو. ڪنچن جي آسپاس مختلف آواز اٿي رهيا هئا پر ڪنچن جي ڪنن سان ڪجهہ بہ ٽڪرائجي نہ رهيو هو. هوءَ هوريان هوريان مورچيا ۾ سرڪي رهي هئي، چندرڪانت ڪيس جهنجهوڙيو.

' اما نهار تہ سهي ! ڏاڏي ڌوتيو پڇايو آهي. ' پيتيءَ تي وينل ديوشنڪر جي پيرن وٽان مٽ جو ريلو اچي رهيو هو. پوين پنجن ڪلاڪن ڪان ڪنهن ياد ڪرائي ڪيس پيشاب ڪونہ ڪرايو هو. ڪنچن هڪدم اٿي. ديوشنڪر ڪي اٿاري پيتيءَ مان ٻيو ڌوتيو ڪڍيو. اڄ تائين تہ امرت هن ڪي ڪپڙا پارائيندو هو ، وهنجاريندو هو، امرت نہ هوندو هو تہ اهي ڪم گوتم جي مٿي تي اچي ويندا هئا. اڄ پهريون ڀيرو اهو ڪم ڪرٽو هو. ڪنچن ڪن پل لاءِ هبڪي. ديوشنڪر تہ ڪڏهوڪو استري پرش جي ڀيد ڪان پر ٿي ويو هو. هونئن تہ چوڻ ڪپي تہ انسان هئڻ واري استٿيءَ مان بہ نڪري ويو هئو. ڪنچن هن ڪي پٽ جي پويان بيهاري سندس ڌوتيو بدلايو. ديوشنڪ ابهم ٻار جيان ڪنچن جي سامهون بيٺو رهيو. ڪنچن ڌوتيو هن جي چيلهہ تي ويڙهي پنيان ڳنڍ ڏيئي ڇڏي. پلئہ پويان ڳارڻ لاءِ هوءَ ديوشنڪر جي پٺيءَ طرف مڙي. چيڙو ڳاريندي ڪنچن ديوشنڪر جي پٺيءَ تي مٿو رکي

روئي پئي. انهن سڏڪن ۾ هوءَ ڳولهي رهي هئي پيءُ جي هنج ۽ پتيءَ جي ڇاتي، ياءُ جو هٿ ۽ پٽ جو ڪلهو. پاڻ تي ضابطو آڻيندي هن فيصلو ڪيو ته هاڻي ته جيڪو ڇڏ سو هوءَ پاڻ آهي. هاڻي مونکي پنهنجي ٻانهن سان تڙڳي سنسار پار ڪرڻو آهي. ها، اڪيلي ئي ترڪڻو آهي.

ديوشنڪر ڪي لائين ۾ ويهاري هوءَ بندر جي آفيس ويئي.وشونات سان گڏ وڃڻو هو ان ڪري لائين ۾ ته ويهڻو ئي نه هيو، پر هاڻي وشونات ته هيو ئي ڪونه. هن آفيس ۾ پڇا ڪئي. هڪ ننڍڙي اهڙي ڳوٺ جيترو ڪمپنيءَ جو وستار ۽ ان ۾ نوڪري ڪندڙ ماڻهن جو تعداد هزارن ۾. ان ۾ به وري گدام بابو طور ڪم ڪندڙ وشونات جهڙي ننڍي انسان ڪي ڪير سڃاڻي؟هاڻي ته تقسيم ڪميٽي وارا جنهن محلي جو وارو ڪين ان مطابق جهاز ۾ چڙهڻو هيو. 'ديوولا' ته سوَتنتر بنگلو هو. اهو ڪنهن لائين، ڪنهن محلي ڪنهن پاڙي ۾ نه پئي آيو. سينين ماڻهن جوظاهر ۾ ماڻهوءَ مان رکن پر اندر ۾ ته انهن ڪي الڳ ئي ليکين. ايرڪا ۾ سوڪيم اهمَ جي به ملاوٽ ٿئي. تئين ڏينهن هري شنڪر شاستري محلي جو وارو آيو ڪنچن به انهن سان ملي ويئي. ڪميٽيءَ جي ممبرن مان ٻن ٽن مخالفت به ڪئي تڏهن هن چيو ' بابا ۽ ياءُ جون استيون سنگم ۾ پروان ڪرڻيون آهن. آخرڪار ڪين استيمر جي ٿرڊ ڪلاس يعني بلڪل تهه واري حصي ۾ وڏي هال جهڙي جڳهه ۾ هڪ ڪنڊ ملي.متين ٻن ماڙن ۾ فرسٽ ڪلاس ۽ سيڪنڊ ڪلاس جون ڪئبينو هيون. ڪنچن ڪي ڪنهن چيو به سهي ته 'توهان ڪي هت مزو ڪونه ايندو.' ماڻهو ڏنگ هڻڻ ڪتان سڪيو هوندو؟ ڪنچن ڪجهه به نه ڪچيو. هوءَ ڪهڙي ريت چئي ته ڪجهه پيسا ۽ ٿورا گهڻا زيور گوتم جي چديءَ جي اندرئين حصي ۾ سبيا هئا اهي به گوتم سان گڏ ويا. هن ڪي ائين هيو ته ٻار سمجهي ڪو هن وٽ رقم هئڻ جو گمان ڪونه ڪندو. ڪنچن ڪنهن ڪي روئي؟ پٽ ڪي يا پيسن ڪي؟ اڄ هن ڪي وڏي ياءُ سومنات ڪي ياد ڪري روئندڙ امڙ جي پيڙا سمجهه ۾ آئي. 'پر منهنجو گوتم جيئرو ته هوندو يا پوءِ ؟'

ڪنچن آخرين گهڙيءَ تائي يعني استيمر جي ٽئين سائرن تائين رحمت جي راهه نهاريندي رهي. هو ضرور گوتم ڪي وني ايندو! هوءَ پوين ٽن ڏينهن ڪان چندرڪانت ۽ اروڻا ڪي ديوشنڪر جو خيال رکڻ جو چئي هِت هُت ننڍن ـ وڏن چوڪرن ۾ گوتم ڪي ڳولهيندي رهي. ' متان ڪنهن سان گڏ بندر تي آيو هجي.' ڪو بادامي بش شرٽ ۾ هجي يا ڪاري چديءَ ۾ ، هوءَ ڊوڙي پهچندي هئي ۽ شرمسار ٿي ويندي هئي. واقف اڻ واقف جيڪو به ملندو هو ان ڪان پڇندي هئي، 'توهان ڏهن يارهن سالن جي ٿوري ٿلهي بدن ۽

گول منهن واري ڳوري ڳوري ڇوڪري ڪي ڪٿي ڏٺو ناهي؟ سندس نراڙ تي وارن جي ونگي ڇڳ هوندي. ڏسو ته مهرباني ڪري مونکي ڇئجو. هن ڪي ڪڏهن ڪڏهن ته اها به سڏ نه رهندي هئي ته سامهون وارو سندس اڌ ڳالهه ٻڌي هلڻ لڳو آهي. هوءَ پنهنجي ڌُن ۾ ڳالهائيندي رهندي هئي. هوءَ چري جو نه تي اها اڄ تائين هن لاءِ پاڻ لاءِ به هڪ تعجب جهڙي ڳالهه آهي.

استيمر روانو ٿيو. ڪناري تي ڪو الوداع ڪرڻ وارو پنهنجو هٿ ڪونه هو. سامهون هئا باقي رهجي ويل اهي وڃڻ لاءِ آتا مسافر. انهن جا هٿ هوا ۾ ڪجهي رهيا هئا ۽ چئي رهيا هئا ته اسان جي لاءِ به دعا ڪجو ته جيئن اسان به پنهنجي ماءُ مٽي ڏسي سگهون. سالن تائين جنهن ڪي پنهنجي مجي هئي اها يومي هڪ اياڳي پل ۾ پرائي تي ويئي هئي.

18

ڳهڙيال ٺڪورا هنيا ۽ ڪنچن با جاڳي ويئي. اڪ ڪولي نهاريائين تہ اوندهہ لڳي پيئي هئي. 'ڳهڻا لڳا هوندا؟' هڪ .... ٻہ .... هوءَ ٺڪورا ليکڻ لڳي. ٽي .. چار ... ڪنچن با هڪ دم اٿي ويهي رهي. اجالو ٿئي تنهن کان اڳ تلاءَ تي وڃي سنان پاٽي ڪري ڇڏجي، ائين ويچاري هوءَ اٿي. اڪ ۾ ڪٽو پيو هجي ائين ڪجهہ چڀي رهيو هو. هونئن تازگي محسوس ٿي رهي هئي پر من اجا چاهيو پئي تہ ليٽي پئي هجي. سڄي رات جاڳندي سمهندي پسار ٿي هئي. هڪ من سمهي رهيو هو هڪ من ميلن جا سفر طيءِ ڪري رهيو هو. وراندي ۾ بتي ٻاري ڳڙکيءَ مان ماتاجيءَ جا درشن ڪري هن پنهنجي تريءَ طرف ڏٺو. krig{\ visiti\' (ڪراگري وستي .....) ' عادت مطابق چپ چرڻ لڳا. شلوڪ پورو ڪري وڇايل ساڙهي ڪنئي ۾ چندي ويڙهي رکي. ٽيلهيءَ مان ٽوال ۾ ڪپڙا ڪڍي ، لوٽو ۾ موريو کٽي تلاءَ تي وڃڻ جي تياري ڪئي. وراندي وارو در کولي هن آڪاش طرف نظر ڪئي. ٽڙيل پکڙيل تارا وڃڻ جا سانباهاً ڪندي پنهنجا تيز سرهائي رهيا هئا. آڪاش جو ڳهرو رنگ ڪٿي ڪٿي ڇدو لڳي رهيو هيو. ڪٿي قلهيار جهڙو لڳي رهيو هو. ڪنچن با ڳيٽ کوليو ڳيٽ کلڻ جو آواز ٻڌي ڳليءَ ۾ ڪتو ڀهڪيو. هي ڪتا بہ ڪيس ڪتان سڃاڻن؟ هڪ سڄي نئين پيڙهي ئي اچي ويئي هئي. ڪنچن با جهڪي هٿ ۾ هڪڙو ننڍڙو ڏکو ڪنيو ۽ ڳيٽ بند ڪري تلاءَ واري ڏس طرف هلڻ لڳي. تلاءُ ڳوٺ جي اوير واري پاسي ڇيڙي تي هو. تلاءَ جي ڪناري وٽ کوهہ هو. چوماسي جا چار مهينا ڀرپور پاٽي هوندو هو. ماڻهو چوندا هئا تہ تلاءُ ٽنل آهي. سياري ۾ ان کي تلاءُ چئجي يا کڏو! اونهارو تہ هونئن بہ هن سڪل زمين کي پيڙو ڏيندو هو جنهن جي ڪري ههڙن تلائن ۾ ڏارون پئجي وينديون هيون. ڪنهن جوڳڻ جي ڪشتي جهڙو لڳندو هو تلاءُ! هن وقت سنو ميل آهي. اڏڪ مهنو ۽ چوءماسو. تلاءَ ۾ پاٽي هوندو. ڪنچن با کي ٽيو ' ڪيترن سالن کان پوءِ ڪنئي ڳور جي پوڄا ٽيندي. احمدآباد ۾ سابرمتي تہ آهي پر اها بہ اهڙي آهي جو لوٽو چاڙهڻ کان پوءِ پڳوان کي وري وهنجارٽو پوي!

سُڄي ڳليءَ ۾ هلندي ڪنچن با پل پر لاءِ رکجي ويئي. تمام ٿورا ڳهر کليل هئا. اڪثر ماڻهو پرديس ۾ هئا. اڳيان پويان نظر ڪئي. ڪٿي ڪٿي اسٽريٽ لائيٽ ٻري رهي

هئي. هڪ تمام سوڙهي ڏکهي گليءَ مان هوءَ لنگهي رهي هئي. تي سگهي تو اڳيان ڪو عام رستو ملي وجي. هن پريان ڪان ڏٺو تہ هرجي پٽيل جي پونگي ۾ اجالو هو. سمتا سويل اٿي هوندي. شڪتي ماءُ جي مندر ڪان پوءِ ڪڙمين وارو پاڙو شروع ٿئي. ڳوٺ ۾ دربارن ۽ ڪڙمين جي آبادي وڌيڪ هئي. باقي ٻين جاتين جا گهر تہ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا هئا. ورهين پهريان دربارن جو دٻدٻو. هاٿي انهن ۾ بہ ڏارون پئجي وئيون آهن. پٽيليا ڪيتيءَ ڪان علاوه ٻين ڌنڌن ۾ بہ پيا آهن. محنت ڪرڻ ۾ڪهڙو شرم! سڀي ملڪ جيان هتي بہ ستا جي سندريءَ ڪي لڇميءَ سان گڏ مزو اچي ويو هو.

هرجي پٽيل جو پيءُ سَوجي پٽيل جيشنارام جو پڪو دوست. ٻنهي گهرن جي وچ ۾ پيڙهين جو رشتو. سوجي پٽيل جي پتني مونگهي جيشنارام جو پردو ڪندي هئي. جيشنارام وڏو جو هيو. گهڻن سالن ڪان پوءِ جِيشنارام جو گهر آباد ٿيو هو. ڪنيا جي پيءُ ڪي ڏيڻ لاءِ ڏوڪڙ ڪونہ هيا ان ڪري ڪنواري نہ ملي. هو رنڙ مونگهيءَ ڪي وني آيو هو. نالي مطابق هوءَ مهانگي هئي. ننيڙي ڪنچن هرجيءَ ڪي ڏاڍو ڪُڏايو هو. پنجن ڇهن مهنن جو هرجي ڏاڍو ٿلهو متارو هو.ڪنچن سندس ٻانهن پڪڙي ڪيڏائيندي رهندي هئي. مونگهي هرجيءَ ڪي وهنجاريندي هئي تہ ڪنچن اتي پهچي ويندي هئي. ڪيس نوان نوان ڪپڙا پهرائي. مونگهي هرجيءَ ڪي سرمو وجهندي هئي تہ ڪنچن هرجيءَ جي نراڙ تي ڪجل جو ٽڪو ڪندي هئي، نظر نہ لڳي وجي تنهن لاءِ. سالن ڪان پوءِ ڪراچيءَ مان اچڻ ڪان بعد هرجيءَ جو گهر ناهڻ ۾ ڪنچن مکيہ ڪردار نڀايو هو. اها جهوني ڳالهہ ياد ايندي ڪنچن با جو منهن مشڪي پيو.

نندپڻ ۾ ئي هرجيءَ جي سمتا سان شادي ٿي ويئي. سمتاجو پيڪو ڳوٺ ۾ ئي. ٺاڪر مندر جي پويان نادولا پاڙي ۾. سمتا سياٽي ٿي ويئي پر پٽس سندس نکيتيءَ واري ڳالهہ نہ ڪندو هو. سوجي پٽيل چوندو هو تہ ٿهيليندو رهندو هو. روز نوان بهانا ڪيندو رهندو هو. 'سون جو ڏورو نهرائي ڏيو تہ موڪليانس، يا لاڪيٽ بنا تہ هلندو هوندو؟ ' وار تهوار تي مونگهي پنهنجي ننهن لاءِ چانديءَ جي جهانجهر يا جهومڪ وني وجي تہ چوندو هو 'ههڙا هلڪا نہ. پورو پاءُ بہ وزن ناهي.' ٻن ٽن مهنن ڪان پوءِ نياپو ايندو هو تہ اها جهانجهر گسي ويئي آهي نئين وني اچجو.' اصل يوجنا ائين هئي تہ ههڙيون فرمائشون ڪريون تہ چوڪري وارا پاٿهين ڇڏي ڏين. چوڪري وارا چون تہ ڇڏڻ جي منهن مڱي رقم ملي. ۽ وري ٻيءَ نات ۾ چوڪريءَ ڪي ڏجي تہ روڪ پيسا ملن. ائين پنج ئي آڱريون گيهہ ۾.

انهن ڏينهن ۾ ڪنيائن جي ڪمي. ڪڙمين ۾ چئبو هو 'سال سنو اچي ته هڪ ته ڪڙمي ڏاند سنا آٿي ۽ ٻي سني زال.' پيڪي ۾ سمتا ٻن ماٺهن جيترو ڪم ڪري ڏيندي هئي ان ڪري ٻه ڪيس نڪڙائڻ جي فڪر نه هئي. تنهن ۾ ٻه سمتا جو ياءُ ڪنهن وڏي گهر جي ڳالهه ڪٽي آيو هو. گهوٽ روڪ ٻه هزار روپيا ڳٽي ڏيڻ لاءِ تيار هو. پر نه سمتا ازاد ٿيڻ لاءِ تيار هئي نه هرجي. ائين ئي عمر وڌندي رهي .

ڪنچن با ڪراچي مان آئي تنهن کي ٻه سال ٿي ويا هوندا. بدي جو مهنو هو. ترٽيتر جي ميلي تي وڃڻ لاءِ هرجيءَ گاڏو جوٽيو. مونگهي چاچيءَ آگرهه ڪري ڪنچن ۽ سندس ٻارن کي موڪليو. هرجي هن دفعي ڪجهه الڳ ئي موڊ ۾ هو. گاڏي تي چيٽ مان ناهيل نئين رلهي وڇائي هئائين. نئين جهُل ۾ ڍڳا ڇاڇين جيان سونهي رهيا هئا. خميس ۾ سون جا ٻٽڻ، ڳلي ۾ ريشمي رومال. پرت پريل پٽيءَ واري لوئي، ڇيچاٽ ڪندڙ زريءَ جي پرت واري موجڙي. هرجي شوق مان تيار ٿيو هو. عطر جي خوشبو سواسن ۾ پريندي اروٽا ڇيو ٻه سهي ' هرجي ماما، اسان ماميءَ کي ونڻ هلون ٿا ڇا؟'

ترٽيتر جي ميلي ۾ دور دور کان ماڻهو آيا هئا.ڪي گاڏن تي ڪي سائيڪلين تي، ته ڪي وري پيادل. رشي پنچميءَ واري ڏينهن تري نِتريشور مهاديو جي ساڪشيءَ ۾ ڪُنڊ ۾ گنگا جي پرگهٽ ٿئي ۽ سنان ڪندڙن جا سمورا پاپ ڌوپجي وڃن. ڪنهن بنواسي ارجن کي دروپدي ڪٽڻ جو موقعو ٻه ملي وڃي. رنگ ۽ رس جا ڦوهارا اڏن. ڏينهن سڄو راسوڙن، ۽ گربن جي مستيءَ ۾ جوان ڇوڪرا ڇوڪريون گندروَ ڪِنر ٻڻجي جڻ ڌرتيءَ کان مٿي پيا اڏامندا هجن. ته رات جو الڳ الڳ تنبن ۾ ٽمڪندڙ ڏيَن جي روشنيءَ ۾ ڪٿي منجيرا ته ڪٿي راوڻ هٿو، ته ڪٿي رام ساگر جي سنگت ۾ ڀڄن. وقت ڪيئن ڪيڏانهن پيو وڃي تنهن جي سڌ سمڪ ئي نه رهي. دڪانڙن ۽ پينگهن جي ته دنيا ئي انوکي. ميلي ۾ ڄڻ سمورا رس ڳيتي آڪاش ۾ اڏڻ لاءِ مانو مهراڻ موجون هٽي رهيو هو.

ان ميلي ۾ سمتا ٻه آئي هئي. ڏينهن ۾ ڪٿي ٿوريءَ دير لاءِ ڏسجي ٻه هئي پر ياءُ ياڄائيءَ جي ضابطي ۾ ملڻ مشڪل هو. دير رات جو جتي هرجيءَ گاڏو جوڙيو هو سهڪندي ڊوڙي آئي هئي ۽ ڪنچن کي چوندي ويئي هئي ' تنهنجي جي ياءُ کي چئج ته ايندڙ ڏياري مان هن جي گهر ڪنديس.'

دسهڙي واري ڏينهن صبح سويل سمتا ڪچرو ٻُهاري واڙي ۾ اڇلائڻ لاءِ نڪتي ۽ ڪچرو اڇلائي سڌي ڪنچن جي گهر پهچي ويئي. وهنجي سهنجي ڪنچن آندل ڪپڙا پائي هرجيءَ جي گهر کان ٻيلهه ڪٽي پاٽي پرڻ لاءِ نڪتي. گڏوگڏ پيءُ جي گهر جي اوڏٽي ۽

گهاگهري ـ پولڪو تغاري ۾ وجهندي ويئي. پيءُ جي گهر جو در ڪولي هن گليءَ ۾ رڙ ڪئي 'اما هي ڪٽي ونج ' اگڻ ۾ مٽ وچوريندي ماٽس ڏنو. ڏيءَ اڏامنڌڙ اوڏٽيءَ جي بدلي ساڙهي پاتي آهي ۽ مٽي تي سوجي پٽيل جي گهر جي بيلهه آهي. وراندي وارو در بند ڪندي سمتا پيءَ جو آواز ٻڌو. ' منهنجي لاءِ پاڻي رک، گڏوگڏ سمتا جو ٻه وهنجي وڃان.'

سچ ته سمتا جي ياءُ ڪي چٽي وئي هئي. ڪافي ڏينهن ڪان موقعي جي تلاش ۾هوته سمتا ڪٽي اڪيلائيءَ ملي وڃي ته ڪيس برابر جهڙو سمجهايانس.سمتا اڪثر ڪنچن با سان گڏ باهر نڪرندي هئي. ڪنچن هوندي هئي ته سندس ياءُ جي همٿ نه هلندي هئي. پوءِ ٻه هڪ پيرو تلاءَ تي ٻنهي جو پيٽو ٿي ويو. سمتا ڪپڙا ڌوئي رهي هئي ۽ ڪنچن با پار تي ڪپڙا سڪائي رهي هئي اتي سمتا جو ياءُ ڍڳن ڪي پاڻي پيارڻ آيو. سمتا ڪي ڏسي تپي باهه ٿي ويو.

“لک جي .... چئن چئن ڍڳن جي ڌٽيءَ جي ڌيءَ ٿي ڪري هن ڪنگال سان هلي وئينءَ. جواني هيڏا چڪ پائي رهي هئي جو ......”

“هل مئا ڪاري ٻوٽ وارا توڪي ته تنهنجي سڳي ڀيڻ جي دلالي ڪرٽي هئي ” چوندي سمتا ڏکو الاريو. سندس ياءُ نڪري ويو ۽ اهو ڏکو وڃي ڪنچن با جي ٽنگ ۾ لڳو هو جيڪو اڄ ٻه سياري جي مند ۾ ڪيس پيڙا ڏيندو هو. تنهن ڪان پوءِ سمتا جي پيڪي وارن سندس پيڇو ڇڏي ڏنو هو.

گليءَ جي ڇيڙي وٽ رستو ڪابي ساڄي وڃي. ڪابي مڙي پندرهن ويهه ميٽر هلجي ته سامهون اچي ڏرمشي ڪوليءَ جو گهر. ارد گرد ٻيا ٻه ڏهه ڪن گهر هوندا. اصل خاندان ڏرمشيءَ جو. پلي ذات جو ڪجهه ٻه هو پر سياءُ جو سنئالو ماٺهو هو. ڏرمشي ڳوٺ جو پڳي هو.سندس باز نظر پل پلن چورن جا پيرا پڪڙي وٺي. ڏرمشيءَ جو ننڍو پٽ لکمڻ ناڪر صاحب جو ساٿي. لکمڻ جي مرڻ ڪان پوءِ سندس وڏي پٽ جيوي پيءُ جي جڳهه سنيالي. ولايتي صاحب ڪيس پگهار مقرر ڪري ڏني ۽ رهڻ لاءِ گهر ٻه. جيوو لڳيگ ناڪر صاحب جي حويليءَ تي ڪٽيندو هو. ۽ سندس گهرواري ڪيسر ٻه اتي ئي ڪنهن ننڍي ڪمري ۾ پيئي هوندي هئي. ڪيس ڪو اولاد نه هو. پريو پڇن ڪري ۽ ڏهاڙي ڪمائي اچي سو ڪائي. جيوي ۽ ڪيسر جي گهريلو زندگي انوکي هئي. جيوي جي گهر وٽان لنگهندي ڪنچن با ڏٺو، در تي تالو هو. 'ڪيسر ڪيڏاهن ويئي هوندي؟'

تلاءَ تي وڃڻ لاءِ هوئڻ ته ڪڙمين واري پاڙي ڪان ٿيندي ساڄي پاسي مڙي ڏهه ڪن منٽ هلي وڏو چڪر ڪاٽي وڃڻو پوي. ڪابي مڙجي ته سامهون ستوارا پاڙي مان ٻه ستو

نڪري سگھجي. جيوي وارو گھر چڙهي ڪنچن با تورو اڳيان هلي ته سامهون نظر پيئي. سامهون يڪي پِٽ هئي. اڳي ته ڪليل پاڙي ۾ اٺ ڏهه گھر ۽ پنيان واڙي منجھان سڌو تلاءَ جي پار تي وڃي سگھبو هو. ڪن پل لاءِ ڪنچن کي ٿيو ته هوءَ ٻئي ڪنهن ڳوٺ ۾ ته ناهي پهچي آئي نه؟ ڪنچن واپس وري. وڏو چڪر ڪاٽي وڃڻو پوندو. گليءَ جي برابر وچ مان پاٽيءَ جي نالي وهي رهي هئي. برسات جي پاٽيءَ ۾ ارد گرد وارن گھرن مان نڪتل ڪنو پاٽي اچي مليو هو. نديپڻ ۾ نيسارن جا پاٽي متي تان وهايا هئا ته گليءَ مان وهندڙ پاٽيءَ ۾چپ چپ ڪئي هئي. پر ان زماني ههڙيون پارهن ئي مهنا وهندڙ ڪنيون ناليو نه هيون. وهنجڻ سهنجڻ جو ڪم ڪوهه ـ تلاءَ تي ئي ٿيندو هو. تورو گھٽو پاٽي واپرائبو هو اهو ته گليءَ ۾ ئي سڪي ويندو هو. ڪوهه مان پاٽي پاڻ کي پري اچڻو پوندو هو انهي ڪري مايون ٻه ڪرڪسر ڪنديون هيون. اميا ماءُ چوندي هئي.

" جنهن مائيءَ کي پاٽيءَ جي بچت ڪندي اچي ان جي ور تي قرض نه چڙهي."

ڪنچن کي ٿيو هينئر ته مڪان جي بنياد کان قرض شروع ٿيندو آهي سو وڃي پيءُ جي ڪارج لاءِ ٻه قرض وٺڻو پوندو آهي. دوڪانن وارا سامهون اچي قرض ڏين. مهني جي پهرين تاريخ تي پوٽي پگهار ته اهي قرضن وارا ڪٽي وجن. ڪو پنجويهن هزارن جي پگهار وارو يلي هجي پر اگر پندرهين تاريخ تي ماءُ بيمار ٿي پويس ته گھر مان ٻه هزار ٻه نه نڪرن. هي زمانو ئي اڏارو زمانو آهي.پيسن کان وني انسان جي انسانيت تائين، تلاءَ جي پار تي چڙهندي ڪنچن با کان شوڪارو نڪري ويو.

تلاءَ ۾ نيڪ نيڪ پاٽي هيو.ڪنچن با هڪ پٿر تي ڪپڙا رکي تلاءَ مان لوٽو پريو.پنل متيءَ ۾ سنيالي تي هلٽو پيو. ڪاري چيڪي متي، جو تورو ٻه ويسلو تجي ته سمجھو ترڪياسين. تلاءَ جي سامهون واري پار لهي ڪنچن با هڪ ٻير جي آڙ ۾ ويني. چندرڪان جي نندي پٽ جي جنم کان پوءِ وشاڪا کي ڪمر ۾ سٽ اچي ويئي هئي ان ڪري وڏي ڪيس گھر ۾ ڪرسيءَ جهڙو ولايتي ڪاڪوس نهرائي ڏنو هو. شروع شروع ۾ ڪنچن کي ان ۾ مزو نه ايندو هو ، پر پوءِ عادت پئجي ويئي. اڄ هن طرح گھڻن سالن کان پوءِ اپن پيرن تي ويهڻو پيو هو جنهن جي ڪري ٻئي پير جڪڙجي ويا هئا. جهڻ جهڻ ٿيندڙ پيرن سان ٻه قدم مڏ هلي ته ڪيس ٿيو، 'پوڙهپڻ اچي ويئي چا؟ هيڏا سال تاري آهي ، ڪيس اچڻ ناهي ڏنو. '

ڪنچن با تلاءَ جي ڪپ تي اچي لوٽو ملي صاف ڪيو. ڪناري تي ساڙهي پائڻ وقت سنهڙي ساڙهيءَ جي ڪري تڏ جي هڪ سياتي محسوس ٿي. ساڙهيءَ کي ذرا چڪي ٻڌندي

هن پاٽيءَ طرف نظر ڪئي. پاٽي هڪ دم استر ۽ ٿورو ڪارو محسوس ٿي رهيو هو. چوءماسي ۾ مٿان ايندڙ مينهن جوپاٽي ٿورو لڙ هوندو آهي. تلاءَ جي ڪپ تي ويهي هن وهنجڻ جو ويچار ڪيو. اڱيان وڃڻ جو جوکم چو ڪٽجي؟ حالانڪ ڪيس تڙڳڻ ايندو هو. نديڻ ۾ تلاءُ پربو هو تہ گهر اچڻ جو مڏ ياد ايندو هو. شروعات ۾ گهڙو اونڌو ڪري ڏيڻ ڏيڻ ڪرڻ پوءِ تہ سڄو تلاءُ گهمي اچڻ. اڄ انهي عادت ڪي آزمائڻ جو من بہ نہ هيو ۽ سمو بہ نہ هيو. پاٽيءَ ۾ پير وڃهندي ئي هڪ سياتي بت مان پسار تي ويئي. ترت پاٽيءَ ۾ ويهندي هڪ ٻئي مٿان پاٽيءَ جا لوٽا بت تان وڃهڻ لڳي. گنگا سنان .... جمونا.... گومتي سنان .... نرمدا .... هري هري ڪندي هوءَ ٻاهر نڪتي. ٻبر جي آڙ ۾ ڪپڙا مٿائيندي هن چرخيءَ جو آواز ٻڌو. ' هيڏو سويل ڪير آيو هوندو؟ جلدي ساڙهي ويڙهي ڪوهہ تي پهتي. جيوو هيو. “جئہ نارا'ڻ گوراٽي امان ”

“ جي نارا'ڻ. ابا هن گهاگهر ۾ بہ هڪ ڊبو وجهي ڏج ذرا. ڪيسر چو ڪونہ ٿي ڏسجي ؟” ڪنچن با پڇيو.

“ ياءُ جي گهر ويئي آهي.” جيوي جواب ڏنو.

ڪنني تي اچي هن ڪنني گور جي استاپنا ڪئي. مٽيءَ جا پنج پنڊ. جل چاڙهي نمن ڪندي ٿيس ' ناهي ابيل گلال ۽ نہ ئي ڌوپ يا ديپ. ڪنني تي اڱل ٻبر مان هيدا ڦل چني چاڙهي من ڪي منايو. چانور ڪتان آيا؟ هٿ ۾ ڦل ڪٽي ڪنني گور جي ڪتا چوڻ شروع ڪيائين. چوندڙ پاڻ ۽ ٻڌندڙ بہ پاڻ. نہ، ٻڌندڙن ۾ هن تلاءَ جا سانت جل هئا. ڪوهہ ۽ ڪوهہ تي لڳل چرخي هئي. دشائون هيون، آڪاش ۾ ڦهليل اونده هئي. ڪناري تي اڱل وڻ تہ جڻ هوريان هوريان متو لوڏي هاڪار جهلائي رهيا هئا.

' هڪ ڳوٺ هو. ڳوٺ ۾ هڪ شرڌالو سس رهندي هئي. هن کي بہ نُهرون هيون. ٻنهي ۾ زمين آسمان جو فرق. پروشوتم مهنو آيو. نندي نُنهن تہ سس سان گڏ روز نديءَ تي سنان ڪرڻ جي لاءِ وڃي. ڪنني گور جي پوڄا ڪري. وارتا ٻڌندي هئي ۽ ورت وار ڪندي هئي. هڪ ڏنهن نندي ءَ ننهن کي ٿيو تہ اڄ وڏيءَ کي چئي ڏسان. تہ وڏي تي چوي وڃ ادي وڃ اهو منهنجو ڪم ڪونهي. اهو تہ ڏنيل ڇڏيلن جو ڪم آهي. واندين جا ڪم، ٻالين پولين جا ڪم ، اهي ڳوٺ ۾ جيڪي ائين ئي رلنديون وتن انهن جا ڪم. منهنجو تہ ڏٽي راڄ مان اچي، چوڪرو اسڪول مان اچي ننهن پيڪي مان اچي، ۽ ڏيءَ ساهري مان. مون وٽ تہ مکڻ ماتيون، لسيون گهاتيون، واڙي ۾ وچون ۽ پاڏا، هنج ۾ ٻار ڪم آهن اڪيچار، ٻائي مونکي تہ واندڪائي ناهي. وڏيءَ جا ويڻ ٻڌي ڪننو گور تہ ڪاوڙيو. ڏٽي

راڄ مان نہ آيو ڇوڪرو اسڪول مان نہ آيو، ننهن پيڪي مان نہ آئي، ڏيءَ ساهري مان نہ آئي. ... واڙي ۾ وڃون نہ هيون پاڏا نہ هيا. پوءِ تہ وڏيءَ کي پڇتاءُ ٿيو. هن سس جي چوڻ مطابق ورت ڪيو ۽ سڀ ڪجھ سنو ٿي ويو. ' اي ڪنني گور ماءُ جيئن وڏيءَ سان رسي هئينءَ تيئن ڪنهن سان نہ رسج. وري جيئن ان تي مهر ڪئي ائين سڀني تي راضي رهج. وارتا پوري ڪندي قلن کي اکين تان گهمائيندي ڪنچن با کي ٿيو ' ايشور جو نياءُ هيڏو سادو سرل هجي ها تہ ٻيو گهرجي بہ ڇا؟.'

آڪاش ۾ سرخي ڇانئجي رهي هئي. ڪنچن با پير ڪنيا. شڪتي ماءُ واري ڪمري وٽ اڇي پويان واڙي ۾ ڪپڙا سڪڻ لاءِ وڌا. نم واري اوٽي کي سجو ڏسي ٿيس ' پکين کي مٺ چوٽي جي وجهجي تہ ڪيئن؟ وراندي ۾ اچي هن ڪچرو ٻهاريو. سامهون گهڙيال تي نظر ويئي. ڇهہ ٿيڻ جي تياري هئي. هن کي چنتا ٿي. اڄ آنند کي ڪنهن اتاريو هوندو؟ سندس مميءَ کي تہ سويل اٿڻ جي عادت ناهي. اسڪول ٽيم تي نہ پهتو هوندو تہ؟ ٻنهي ٻارن جو اسڪول، گهر ۽ نوڪري، وشاڪا ڪيئن پڄي هوندي؟ جيڪو هوندو سو، مائي تون ڇڏ پچر هنن جي.

رنجن جي رڙ جي ڪري ڪنچن با ويچارن مان ٻاهر نڪتي. رنجن هٿ ۾ چانهہ جو لوٽو ۽ پتل جي سانسر ڪٽي بيني هئي. ڪلهي ۾ بئگ هئس.

" ونو امڙ هيءَ توهان جي چانهہ. مونکي اسڪول وڃڻ ۾ دير پيئي ٿئي. اجا تہ پهرين گهنٽي وڃي ان کان اڳ وڏي صاحب جي آفيس وٽ فري هئنڊ ناهٽو آهي. سُويچار بہ لکٽو آهي. هان ونو."

" ائي ڏيءَ پهتيس. پر مونکي هڪ ڪورو ڪاڳر ۽ پين تہ لکڙي وار ڏي."

" هينئر توهان کي ڪهڙا ليک لکٽا آهن؟ " پڙ پڙ ڪندي رنجن بئگ مان ڪاڳر ۽ پين ٻئي شيون ڪڍيون.

" بيهي" چوندي ڪنچن ڪوري ڪاڳر تي وڏن اکرن ۾ لکيو:

" اڄ منهنجو موءِن وِرت آهي." ۽ پين رنجن کي واپس ڏنائين.

رنجن سوچنا پڙهي هن کان رهيو نہ ٿيو. " تہ پوءِ وارتا؟"

" بن ڏينهن کان پوءِ." رنجن گليءَ ۾ ڊوڙندي هلي ويئي.

ڪنچن با ڄاتو ٿي تہ هاٽي سڄي ڳوٺ کي هن جي اچڻ جي خبر پئجي ويئي هوندي. ملڻ لاءِ ايندڙن جي آتين اکين ۽ ڳالهائڻ لاءِ آتر چپن جو ڇا؟ استريون تہ سڌو سوال ڪنديون ' امڙ تون ڪڏهن آئينءَ؟ ڇو آئينءَ؟ اڪيلي ڇو آئينءَ؟ ڪڏهن واپس وينديئنءَ؟

ڪٿي رهندينءَ؟ هڪ مهني جي وارتا چوندينءَ نہ؟ سيني سوالن جو جواب هڪڙو ئي هو موٽ وِرت. پاهران ايندڙ سوالن کي تہ شايد موٽ دواران ٿاري سگهجي ٿو پر اندر مان اٿندڙ سوالن جو ڇا؟

## 19

سچو ڏينهن ڪنچن با گايتري منتر جو جاپ ڪندي رهي.
“اوم يوريُوَهه، سوَهه، اوم تتسَوِتُروَريٽيه پرگو ديوسيه ڌيمهي ڌِيو يو نهه. پرچوديات” .... اي سروَ وياپي پراڻ سوَروپ، تيجسوي پاپ ناشڪ پرماتما، اسان توهان کي انتهه ڪرڻ ۾ ڌارڻ ڪريون ٿا. اسان جي بڌيءَ کي ست مارگ تي پريرِت ڪريو..” زندگيءَ جي ههڙي اڻ ڌاريل موڙ تي ڪنچن با ڀيو گهري به ته ڇا؟ منتر جاپ اندر جي سوالن کان بچايو ته موءِن وِرت واري ليڪت سوچنا ملاقاتين کان بچايو. جگديش روز جي نيم مطابق اچي پوڄا ڪري جهنگل ويو. رُڪي با اچي ماٿ ماٿ ۾ پنج مالهائون ڦيري گهر ويئي. ٻنپهرن جي وچ ۾ سمتا منهن پاتو پر ڪنچن با جون بند اکيون سنئون شرير ۽ هرهڪ منتر جاپ ۾ ڦرندڙ مالها وارو مٽيون ڏسي بنا ڪجهه به چوڻ جي واپس هلي ويئي. ايترو ئي نه پر اگر ڪو مندر طرف ايندي نظر آيو تي ته رنجن کان چورائي چپ رهڻ جي سوچنا به ڏيئي رهي هئي. سانجهيءَ جي آرتي ڳائي ڪنچن با موءِن ورت کوليو.
احمدآباد کان نڪتي تڏهن صرف ايترو طيءِ هو جساپر وڃي ماتاجيءَ جا درشن ڪنديس. ڪٿي لهنديس، ڪٿي رهنديس، ڪيترو رهنديس ڪائي خبر نه هئي. گذريل ڪجهه ڏينهن کان من منجهيل هو. جڏهن کان چندرڪانت جي ننڍي نينگر کي اسڪول ۾ داخل ڪيو هو تڏهن کان ڪنچن با کي ٿيو پئي ته هاڻي هت رهڻ جي ڪهڙي ضرورت؟ ڪيڏاهن به هلي وڃڻو آهي. هتي ناهي رهڻو. ڪيڏاهن وڃجي؟ ته جيءَ چيو جساپر. جڏهن جڏهن ڪو رستو ناهي مليو تڏهن تڏهن وطن پوميءَ ئي واٽ ڏيکاري آهي. هن کي دلي يقين هو ته جساپر ويندس ته دل کي دلاسو ملندو. ڪو ڏس يا ڪو گس ملندو.
وري هڪ ٻيو ڏينهن لٿو. وري هڪ نئين رات آئي. ڪنچن با ان جي ئي واٽ نهاري رهي هئي. جيئن ٿئيٽر ۾ وينل ماڻهو راهه ڏسندو آهي ته ڪڏهن ٿئي هال ۾ اوندهه جو پردي تي هڪ هلندڙ ڦرندڙ سنسار ڏسڻ ۾ اچي. شروعات ۾ ان سنسار کي ٻين جو جيون مڃي هرڪو ڏسندڙ مزي سان ڏسندو آهي پر ڏسندڙ کي ڪل به نه پوي تيئن هو پردي وارو جيون پاڻ ۾ سمائي ڇڏيندو آهي. ڏسندڙ منظر کي ڏسندو به رهي ٿو ته اداڪاري به ڪندو رهي ٿو. ڪنچن با راهه نهاري رهي هئي ته ڪڏهن رات پوي ۽ ڪڏهن آس پاس اٿندڙ

چلندڙ ننڍيون وڏيون چوليون سانت ٿين ۽ ڪڏهن خاموش ٿيل سمنڊ ۾ منهن پائجي؟ ڇا ڪنچن با پلجي ويئي هئي ته خاموش هجي ان ڪي سمنڊ ڇئي سگهجي ٿو؟

چلي ٿي هٿ ڌرتي ـ آڪاش ڪي هڪ لپيٽ ۾ ڪٽڻ ٿيون لهرون. هونئن ته ناريلي پونم جي ڏينهن سمنڊ ديوتا جي پوڄا ڪري ئي مهاٽا ان ۾ ڪيڙيندا آهن پر پونم جي واٿ نهارڻ لاءِ هن وٽ وقت ئي ڪٿي هو؟ هاٽي ته جيڪو ٿئي سو. سالن ڪان سڄاتل ڌرتيءَ ڌڪاري ڇڏيو هو اتي ڪهڙي ڳالهه تي دل دڪائجي. هاٽي ته اٽڃاتل جل تي پروسو ڪرڻ ڪان سوائي ٻي ڪا راهه ڪانه هئي.

هيٺ تهه خاني ۾ داخل ٿيندي ئي متي تي، هٿ ۾ بغل ۾ ڪمر ۾ هڙون دٻائيندي ماٹهو پيهه ڪرڻ لڳا. سني ۽ وڌيڪ جڳهه والارڻ واري خواهش ۾ اهو به پلجي ويا هئا ته پيڙهين ڪان جنهن ڌرتيءَ ڪي پنهنجي مڃي هئي سا ڌرتي گهڙيءَ جي ڇهين پاڱ ۾ پرائي ٿي ويئي ته پوئي هن رين بسيري جهڙي جهاز تي ٿورڙيءَ جڳهه لاءِ وڙهڻ واجب هيو ڇا؟ ماٹهن سامان ۽ ٻارن جي واڙ ناهي پنهنجي پنهنجي جڳهه والاري. هوا ۾ سامان ڪرڻ ۽ ٻارن جي رڙورڙ جي واچوڙي ۾ ماٹهن جي لفظن جون ليرون اڏي رهيون هيون.

“ اي چورا ٿيلها چو تو ڏين؟” “ اي ادي تو اڪيليءَ ڪي ئي وجٹو آهي ائين؟”

“ اڙي ادا بس اهو ته قسمت جا منل آهيون.”

“ خبردار جو منهنجي سامان ڪي ڪنهن به هٿ لاتو آهي.” “ گهڙي ٻن گهڙين جي ڳالهه آهي. پڪين جو آڪيرو آهي ....” “ جو تنهنجو پيءُ جو جهاز آهي ڇا؟ ” “ اهو ته منهنجو لوتو آهي.” “ توکي چوري ڪندي شرم ڪونه تو اچي؟ ” “ اڙي الا منهنجي ڪکي ڪاڏي وئي؟ ” “ اڙي پڳوان هاٽي تون جيڪا ڪرين سا متي تي.” ويڙهيون، رڙيون، واڪا، آمهون سامهون ٽڪرائجي رهيا هئا.

ڪنچن ۽ چندرڪانت سامان ڪنيو. اروٽا ڏاڏهنس جو هٿ پڪڙيو هو. ديوشنڪر جون تکيون اکيون ڏسي هڪ مائيءَ چيو ' “ائي الا هي ته چريو پيو تو لڳي.” چندرڪانت جيئن ئي هڪ جڳهه تي پيتي رکي ته پر ۾ وينل ماٹهو چيو. “ هتي نه، سامهون واري پاسي هليا وڃو. هن چرئي ڪي ڏسي منهنجي زال ڊڃندي.” ڪنچن ڏٺو ته هن جي زال ٻن ٻارن ڪي سنيالي ويني هئي ۽ ويني ويني پجيا ۽ ماني ڪائي رهي هئي. زال مڙس ٻئي سنڌي لڳي رهيا هئا. مڙس متارو هو. چندرڪانت ڪجهه چئي تنهن ڪان اڳ ڪنچن دور وڃي سامان رکيو. ههڙي مشڪل حالت ۾ ويڙهه جهڳڙي بابت سوچيندي به هيئڻون ڪنبي وڃي!

شروعات ۾ اسٽيمر جي ٿهه خاني ۾ داخل ٿيا ته ائين لڳي رهيو هو ته هيڏا سارا ماڻهو ڪيئن سمائجي سگهندا؟ گنديءَ ۾ ان وجهندي ٿئي ڪجهه ان طرح جو احساس ٿي رهيو هو. شروع ۾ ايامنڊز لوڪ ڏيري ڏيري ٿانئيڪو ٿي رهيو هو. پهريان جنهن پير پختا ڪري جڳهه والاري هئي اهو ئي ماڻهو ذرا سوڙهو ٿيندي چئي رهيو هو " هيڏاهن هن طرف اچي وڃو، جڳهه آهي." هاڻي ته طيءِ هو ته جيستائين جهاز لنگربو ڪونه تيستائين گڏ رهڻو آهي. ڏيمي ڏيمي ماڻهن هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ شروع ڪيو ۽ ننيڙن ننيڙن ٽولن ۾ ورهائجي رهيا هئا. اهي ماڻهو نه هيا، پيڙائن جون پريون هيون. هر هڪ ماڻهو لڙڪ اگهندي اگهندي انهن کي کولي رهيو هو ۽ ڏيکاري رهيو هو. " ڏسو مون ڪيڏو سارو وڃايو آهي." " ڏسو مونکي ڪهڙا نه ڪاپاري ڌڪ لڳا آهن." ڪنچن ڏسي رهي هئي. هن کي ٿيو ائين زخم اگهاڙا ڪري ڏيکارڻ سان هنن جي پيڙا ٻيٽي ڪونه ٿيندي هوندي؟ ڪڏهن ڪڏهن ته ائين لڳندو هو ته هرڪو پنهنجي پنهنجي وڏائي ڏيکارڻ لاءِ پنهنجي پيڙا تان پردو هٽائي رهيو آهي. ائين چٻي چٻي ڳالهه ڪري رهيا آهن ڄڻ ان مان مزو نه وٺي رهيا هجن! هرڪنهن کي لڳي رهيو هو ته هن کان وڌيڪ دکي ٻيو ڪونهي.

سازگار موسم هجي ته ڪراچيءَ کان اوکا بندر تائين جو سفر ٻارهن کان پندرهن ڪلاڪن جو هو پر ڏمريل سمنڊ ٽن ڏينهن تائين ڪناري پهچڻ نه ڏنو. ماڻهن وٽ پيل کاڌو خوراڪ ڪڏهوڪا ختم ٿي رهيا هئا. پيئڻ جو پاڻي به سنيالي سنيالي واپرائڻو پيو ٿي. ٽرڊ ڪلاس وارن جو هونئن به ڪير ڏٽي ڌوٽي هوندو آهي! واڙي ۾ پوريل ڊورن جهڙي حالت هئي. ڪنچن ۽ اروٽا کي سمنڊ ڏاڍو چڙهيو. اروٽا ته الٽيون ڪري ڪري اڌمئي ٿي وئي هئي. ڪنچن کي چڪر اچي رهيا هئا ۽ پيٽ ۾ پيڙا ٿي رهي هئي. سمنڊ ۾ چاندوڪين وارا ڏينهن. ديوشنڪرجون مستيون به وڌي ويئون هيون. گهڙي گهڙي ڊوڙي ڊيڪ تي هليو وڃي. اتي ڪلاڪن جا ڪلاڪ پاڻيءَ کي ڏسندو بيٺو رهي. سندس سنڀال لاءِ ڪنچن چندرڪانت کي هن جي پويان پويان موڪلي. هڪ اڌ ڏينهن چندرڪانت کي پاڻي ڏسڻ وڻيو پر پوءِ هو به خفي ٿي پيو. چپ چاپ وينل ديو شنڪر کي ڏسي ڪو ڊڄي هٽي وڃي ته هو چوندو هو " ڪا ڳالهه ڪانهي، ڪجهه به نه ڪندو. منهنجو ڏاڍو اهڙو چريو ناهي جو مارڪُٽ ڪري." پر هيٺ ٿهه خاني ۾ ديوشنڪر کي مزو نه ايندو هو. ڪنهن پڃري ۾ پوريل جانور جيان هيڏي هوڏي چڪر هڻندو رهندو هو. ٻئي ڏينهن ڏمال ڪندي ديو شنڪر کي ڏسي سامهون واري سنڌيءَ چيو " پوڙهي کي ٻڌي ڇڏيوس." ڪنچن ڪنبي ويئي. اردگرد وارن به احتجاج ڪيو، ٻڌي ڇڏيوس، ٻڌي ڇڏيوس." ٻن ٽن ڄڻن ملي ڪري

ديوشنڪر جا هٿ پير ٻڌي ڇڏيا. مخالفت ۾ ديوشنڪر متو پٽڪائڻ لڳو. ليٽڙيون پائڻ لڳو. ٿڪجي ديوشنڪر سانت ٿيو ته ڪنچن هوريان هن جي پر ۾ ويئي. اڌ ڪليل منهن مان نڪرندڙ ڳِگ، ڳلن تي سڪل آنسن جو ميل، اک جي ڪنڊ ۾ ڇهٽل پڇيون، ابهم ـ اسهائي ٻار جهڙو لڳي رهيو هو ديو شنڪر. ڪنچن جي دل تي گوتم چڙهي آيو. ديوشنڪر جا هٿ پير چوڙيندي هن کان سڏڪو نڪري ويو. اڌڪجي جاڳيل ديوشنڪر ڪنهن ڊنل ٻار جيان هن کي چنبڙي رهيو. هن جي اٽين وارن ۾ گهمندڙ ڪنچن جي اڱرين مان ممتا ٽپڪي رهي هئي.

ان رات سامهون واري ڳورهاري استريءَ کي ويم واري پيڙا اٿي. ڏکر ۾ اڌک ماس! پر جيون ڪٿي ڪنهن جي واٽ نهاريندو آهي. هو پنهنجي نج تال ۾ ليہ ۾ مسلسل هلندو رهندو آهي. جهاز ۾ چڙهيا تڏهن ڪان ڪنهن نہ ڪنهن ڳالھ تان وڙهندڙ استريءَ جو پتي ڪنچن وٽ اچي هٿ ٻڌي مدد لاءِ وينتي ڪرڻ لڳو. ڪنچن ڏنو مائيءَ کي ٻر ڪندي ٻہ ڪونہ اچي رهيو هو. هوءَ چڙيون هٽي رهي هئي ، ليٽڙيون پائي رهي هئي. ٻين ٽن چئن عورتن کي سڏي هن ساڙهيءَ جو پڙدو ڪيو. سڄي رات جي ڪوشش ڪان پوءِ ٻار جو جنم ٿيو. ڪنچن جا هٿ جهلجي پيا هئا. اها عورت هن جون ٻانهون پڪڙي ٻر ڪري رهي هئي. ڪنچن ٿالهي وڃائي. پٽ ڄميو هو پر هن هِن ڌرتيءَ تي پهرين پير رکيا هئا. هونئن ٻہ ههڙي ڏکئي وقت ۾ ٻيو ٿي ٻہ ڇا ٿي سگهيو! پر اهائي دلداري هئي تہ ڏکي حالت ۾ ٻہ ساهہ هلي رهيا هيا. شايد وڏيڪ جيئڻ وارو سنگهرش جيون کي وڌيڪ رفتار ڏيندو هوندو. سيني چيو "دريا لعل" نالو رکجيس، پر هن جو ديس ڪهڙو؟ ٻار کي وهنجاري پيءَ جي هٿ ۾ ڏنو ويو تڏهن چندرڪانت اچي پڇيو " اما ڏاڏو ڪٿي؟"

ڪنچن ڪن پل لاءِ تہ هٻڪي ويئي. وري ڊوڙندي ڊيڪ متي ويئي. ڊيڪ تي ڪو ڪونہ هيو. جهاز جي ڪنڊ ڪڙڇ گهمي آئي. وڙهي ڪري فرسٽ ڪلاس ۽ سيڪنڊ ڪلاس واريون ڪئبينون ٻہ کولرايون. ديوشنڪر ڪٿي ڪونہ هيو. هوءَ ڊيڪ جي ريلينگ پڪڙي ويهي رهي. چوڏهين جي چنڊ جو نور اڏي ويو هو. سامون آڪاش ۾ ديوشنڪر جي وياڪل اکين جي لالاڻ ايري آئي هئي. سمند ڪن روئي روئي ماٺ ڪيل اکين جيان سانت هو. شايد ان کي ٻہ ڏک هيو تہ هڪ جيو جي بدلي هڪ جيو وٺڻو پيو هو! پر ههڙا تہ ڪيترا جيو هليا ويا هوندا ڪهڙي خبر؟ هڪڙو سوال ڪنچن جي متي تي سرڻ جيان لامارا ڏيئي رهيو هو. " مان امرت کي ڪهڙو جواب ڏينديس؟" گوتم ويو. خبر ناهي ڪٿي هوندو؟ هوندو ٻہ يا نہ؟ ديوشنڪر هيَن اوچتو هليو ويو . ڪنچن کي ٻوهاڙ ڪري روئڻو هيو. هن

جون اکيون جلي رهيون هيون ۽ آنسون اٽڪيا پيا هئا. چوڪِير ماڻهو مڙي دلداري ڏيئي رهيا هئا. اروڻا ڪنچن جي گود ۾ متو رکي سڏڪا پري رهي هئي. چندرڪانت ماڻس جو ڪلهو پڪڙي بينو بينو روئي رهيو هو. ڪو چئي رهيو هو " هن پوڙهي جا هٿ پير ڪنهن چوڙيا؟" ڪو چئي رهيو هو " چٽي ويا هوندس؛ پاڻهين. ته ڪو وري چئي رهيو هو " هاڻ اهو چريو ماڻهو هجي ته به چا ۽ نه هجي ته به چا؟" ته ڪنهن چيو " هيءَ مائي نه روئندي ته چري ٿي پوندي." ڪنچن خالي اکين سان ويٺي هئي.

ٽئين ڏينهن اوکا بندر تي جهاز لنگرانداز ٿيوته ڪنچن جي چهري تي بچي وڃڻ ڪو به ياو نه هيو. ديوشنڪر جي وڃڻ جي پويان چندرڪانت اچانڪ وڏو ٿي ويو هو، ڪڙم جو اڪيلو ئي مرد! چندرڪانت چوي ٽيئن ڪنچن مشين جيان سڀ ڪجھ ڪندي رهي. وطن وڃڻ لاءِ اوکا کان ٽرين ۾ ڪانپ تائين وڃڻو هو. ان ۾ به وارا رکيل هئا. اجان ته اڳين پنجن ڪيپن جا مسافر وڃڻ جي واٽ نهاريو شرنارٿي ڪئنپ ۾روينا هئا. ڪئنپ معني هڪڙو وڏو تنبو. جت ڪٿ ماڻهو وٽجهارن جيان پيا هئا. تنبوءَ جي ٿورو پريان پاٽيءَ جون ڪونيون پريون پيون هيون. صبح شام اٺ گاڏي وارو اچي اهي پري ويندو هو. راحت پهچائڻ وارن ڪمن ۾ ماڻهن کي زبردست اتساهه ڏيکاريو هو. صبح جو رضاڪار ياجي پوري ۽ شام جو لسي ڪچڻي ڪٽي ايندا هئا. هبڪندي شرمائيندي ماڻهن کي سڏي چوندا هئا " هي توهان جو ئي آهي، ونجو، شرم نه ڪجو." اچي پڇي به وجن ته " توهان ڪاڏو؟" جنهن جي گهر چلهه اکنڊ اڳنيهوتريءَ جيان ٻرندي رهندي هئي ان ديو شنڪر جي ننهن ۽ پوٽا لائين ۾ بيهندا هئا. دبي جي ڍڪڻ ۾ ڪچڙي يا ياجي ونبي هئي ۽ لوٽي ۾ لسي. پوريون ته ساڙهيءَ جي پلئه ۾ به وني چڏبيون هيون. ان کي ئي چوندا هوندا سميه کي ڳتي نياري؟

هفتو کن ٿيو هوندو. هڪ شام ڪنهن خبر آندي ته سمنڊ ڪناري ڪو لاش آيو آهي. ڪنچن جڻ اڊڪجي اٿي هجي. چندرڪانت چيو " اهو دادا جو لاش نه به هجي." ۽ هجي ته؟ ڪنچن کي ٿيو " مان امرت کي ايترو ته چئي سگهنديس ته مون بابا کي وڏيسر وداع ڪيو آهي." چندرڪانت ۽ اروڻا کي سامان سونپي هوءَ وڃڻ لڳي ته ڪن ٻن ٽن چيو به سهي " هينئر رهڻ ڏيو، متان ڪجھ ..... " پر رات ۾ لاش کي ڳدڙ يا ڪتا ڪائي وجن ته؟ ڪنچن پل لاءِ به نه رکي.

پرهه جو ڪنچن ڪئنپ ۾ واپس آئي. هوءَ لاش ونڻ ويئي هئي پر لاش ٻڌجي واپس آئي هئي. سندس پير ٿابڙيا پئي. وکريل وار، اٽيا ڳل، چيريل ڪن جي پاپڙيءَ تي جميل

رت، چٽريل چيپاٽيل جسم.... هن جهڙي ڪيترين ئي استرين جي جيون جو اپاڳو اڏيايہ!
اروڙا پڇيو " اما تنهجو منگل سوتر!" ڪنچن ڪو بہ جواب ڪونہ ڏنو ۽ پنهنجن هٿن کي ڏسندي رهي.

20

چڻ ڻ ڻ ..... ڪو ڏاتوءَ جو باسڻ ڪريو. جنهن جي ڪرڻ جي آواز جا پڙاڏا چوڦير گونجندا گرجندا آخر سانت ٿي ويا. بند اکين سان ليٽيل ڪنچن با سوچيو “ ڪوئا اچان ويا ڪونہ آهن.” آواز مان لڳو تہ ٻنگاري ڪري آهي. هڪ پل لاءِ هوءَ ورتمان ۾ آئي پر ترت آئي تهڙي واپس موٽي وئي. پهريون پيرو لوٽي (هلڪو ٽيڻ) وجھو هيو تڏهن چندرڪانت ائين ئي لوٽو وراندي ۾ پچاڙيو هئو. اها صبح زندگي پر پلجي سگهجي تيئن ناهي.

ڪراچيءَ کان اچڻ بعد جساپر ۾ پيءَ واري پاڙي ۾ پير رکڻ جي جڳهہ ملي ويئي هئي. متي جهڙو تهڙو اجهو بہ هو. برساتي راتين ۾ سَوجي ڪاڪا جي ڏنل واٽن جي ڪتولي تي ٽيئي ماءُ ٻارڙا سمهي رهندا هئا. سالن کان نريا سريڪا ڪونہ ڪيل هئا انهي ڪري جڳهہ هنڌان هنڌان ٽمي رهي هئي. ڪوري جائي تي ڪتولو سيريندي سيريندي صبح ٿي وجي، ڪڏنهن ڪڏنهن تہ ڪنچن سيراندي پيراندي ٽانو جهلي چوئاڪا جهليندي هئي تہ جيئن ٻار نہ پُسن. سندس ٽمندڙ اکيون پلئُہ پُسائيندڍيون رهن. هوءَ هونئن بہ ڪوري رهي سگهي ائين ڪتي هيو.

نانچند ڪاڪو سنهڙيون بہ رليون ڏيئي ويو هو. تيز هوا ۾ اهي ڪيئن ٽي دٻ جهلي سگهيون؟ هڪ وڇائڻ لاءِ ۽ ٻي ٽنهي جي اوڍڻ لاءِ. ڪنچن پنهنجي سنهڙي ساڙهيءَ ۾ ٻاڻ ڪي ٽڏ کان بچائڻ جي ڪوشس ڪندي هئي. ڪوساڻ جي تلاش ۾ ٻار ڪنچن جي گود ۾ لڪندا وڃن. ڪنچن جاڳندي رهي. بادلن جي گجگوڙ ۽ بجليءَ جا چمڪات ٻميي مان ٽيندا گهر ۾ اچي پهچن. ٽٽل ڦٽل دروازا ۽ زهري جيو جنتن جو دٻ! ڪڏهن ڪڏهن سپ بلائون نظر بہ ايندڀون هيون. چمنيءَ جي جهيٽي روشنيءَ ۾ ڪنچن ڪنهن چروءَ جي چوڪي ڪندي هجي تيئن امرت جي امانت تي ڦڻ ڪٽيو ويني هوندي هئي، ۽ ويچاريندي رهندي هئي.

مهنو ڪن تہ ٺاڪر صاحب چلهہ جو ٽاندو جلندو رکيو پر هيَن ڪيستائين؟ ڪنچن وٽ هڪ ئي رستو هيو ـ ماڏوڪري وارو. لالچي سوٽهڙ ججمان گهر بہ ڏياريا هئا ، پر ڪنچن ڪي شاسترن مطابق ڪو ڪرمڪانڊ ايندو نہ هو. برهمڻڪو ڪم ڪجي تہ ڪيئن ڪجي،

صفا مفت ۾ اتو پني ڪائجي ؟ من مجي نہ رهيو هو. ٻئي پاسي ڪنهن جو احسان ڪڻڻ بہ برداشت ڪان ٻاهر هو.

اهو سروَ پترو شراڌ جو ڏينهن هيو. رتي لال جي ننهن رُڪي سجو مهنو هلي ايترو سيڌو ڪٺي آئي هئي. ڪنچن ڳڙ ڪري ڪٺي اهو سيڌو واپس موٽائي ڏنو. ڳالهہ صفا ڪرڻ بنا هلي وجي تہ پوءِ رُڪي چاجي؟

“ تہ پوءِ چا ڪندينءَ؟ پنڻ وجڻو ڪونهي ۽ ٻين جو تورو ڪٽڻو ڪونهي. توکي خبر آهي تہ ست يُگ ۾ بہ برهمڻ اتو پنندا هئا. ” ذرا طور ڪندي رڪيءَ چيو. “ تہ تون وري ڪهڙي ڪيت جي موري آهين؟”

رُڪيءَ جي ڪاوڙ کي ناريندي ڪنچن چيو “ جساپر جي ڪيت جي. پاجائي توهان جي ڳالهہ صحيح آهي پر اهي سپ ودوان برهمڻ هئا. چوڪرن کي سکيا ڏيندا هئا ان ڪري انهن کي مفت جو ڪائڻ ۾ دوش نہ لڳندو هو. ”

“ تہ تون بہ سيڪارج نہ. ٻار تہ اسڪول ويندا آهن پر اسان جهڙين استرين کي بہ اکر پڙهڻ سيکارج. واندي هجين تہ ڪٿاوارتا چئج. بہ سنيون ڳالهيون ڪنن ۾ پونديون تہ گهٽن جا پَوَ ستري ويندا.”

ڏڪندڙ آواز ۾ ڪنچن چيو “ پاجائي اچ تائين مون پڳوان ڪان بہ ناهي گهريو ۽ ....”

“ اها ئي تہ ڳالهہ آهي. پڳوان کي پلا ڪنهن ڏنو آهي؟ پڳوان مجيو تہ پڳوان ۽ ماڻهو مجيو تہ ماڻهو ٻئي هڪ آهن. ڏک ڏور ڪري اهو پڳوان. ”

ڪنچن کي ٿيو رڪي پاجائي جي ڳالهہ سورهن وال ۽ هڪ رتي! هن سنسار ۾ ايشور جي ثابتي ماڻهن منجهان ئي محسوس ٿئي ٿي. هيڏن سارن جيون مان ماڻهو ئي هڪڙو اهڙو جيو آهي، جيڪو ٻئي جي مدد ڪري ٿو. پاڻ ڪان سواءِ ٻين جي لاءِ جيئي ٿو. ان ڪارڻ ئي پڳوان جي برابري ڪري سگهي ٿو. انساني اوتار ان ڪري ئي تہ درلڀ مڃيو وڃي ٿو. ڪنچن نانچند سيٺ واري تلڪچند وٽان ڪانپ مان ڪرمڪانڊ ۽ ورت ڪٿا وارو ڪتاب گهرائي سکڻ لڳي.

اهو اسو مهني جي ايڪم وارو ڏينهن هيو. ڪنچن صبح جو سويل ئي اٿي ويئي هئي. پر سُتي هجي تہ اٿئي نہ! سجي رات من ۾ اٿل پُٿل هلندي رهي. من ئي من لفظ، جملا ناهيندي رهي. اتو پنڻ وجڻ وقت چا چوڻو؟ “ديوِلا” ۾ تہ ڪير آيو ۽ چا وني ويو تنهن جو حساب رکيو ڪونہ هيو، هت ڪيئن ڦهلائي سگهبو؟ جيڪو هت هميشهہ مٿان رهيوآهي، ڏيندو رهيو آهي ان هٿ ۾ پنهنجو سجو استِتوَ سجو وجود رکي ڪهڙي طرح

ڪنهن جي سامهون بيهي سگهبو؟ ڏيندڙ جي اکين ۾ ڏيندڙ هٿن جو مقابلو ڪيئن ٿي سگهندو؟ روئي پئبو ته؟ هيَن اتو پنڻ ڪان ته ڪنهن جا ڪپڙا ـ باسڻ صاف ڪرڻ سنو، پاٽي پرڻ سنو پر هتي ڀهراڙيءَ ۾ اهي ڪم ڪير تو ڪرائي؟ ۽ اهو به برهمڻ جي جائيءَ ڪان! پاپ لڳي ته؟ هي پاپ پچ وارو چرخو به عجيب آهي. ڪنهن جو سوَمان ليرون ليرون ٿي وجي ان ۾ ڪو هرج ڪونهي، ان کي ويني ويني ماني ڏيڻ ۾ واندو ڪونهي. اهو توت ڪنهن آرام پسند جيو ئي ڪڙو ڪيو هوندو.

ڪنچن چندر ڪانت کي تيار ڪري ٿيلهيءَ ۾ ڪٽورو وجهي ڏنو ته هن اچلائي چڏيو ۽ پوءِ سڏڪا پري روئڻ لڳو. ڪنچن ڪنهن کي هنئاري ڏئي؟. ڪنهن کي دلداري ڏئي؟ پٽ کي گود ۾ ڪٽندي هن پاڻ به روئي ڏنو. ان ڏينهن چندرڪانت گڏ نه هليو. گهر کان باهر پير رکندي هن کي ٿيو اڳيان ست ساگر آهن، بيڙي چئو يا پتوار، جيڪو چئو اهو هي هينئون آهي. هاڻ ته پار لهڻ يا ٻڏي وڃڻ ۾ ئي چوٽڪارو آهي. ڪنچن جڻ پختو ڪيل ارادو ورجائيندي هجي تيئن پاڻ کي چيو ' مان هاڻي پلجي ويندس ته مان ڪا مهاديو پرساد وياس جي پوٽي آهيان جنهن جي نالي جون هُنديون هلنديون هيون. مان پلجي ويندس ته مان ديوشنڪر شڪل جي ننهن آهيان جنهن جي نالي جون سخاوتون ڳالهائن ٿيون. هاڻي مان صرف " ماءُ" آهيان.

گليءَ ۾ ايندي بي خبريءَ ۾ پير سَوجي پٽيل جي گهر طرف مڙيا. " نارايڻ پرسن اسو ود ايڪم ۽ سومر." مونگهي چاچي هٿ ۾ اتي چپٽي ڪٽي آئي. پريان ڪان ڪنچن کي ڪونه سڃاتائين. پاسي ۾ آئي تڏهن :

" ائي مران، ڪنچن تون؟ " چوندي هن ڪنچن کي ڊوڙي ڀاڪي پاتي. ۽ چوڻ لڳي " اڙي الا ڪهڙو ڪال پيو آهي .... جيني پاءُ جي نياٽيءَ متي .... جنهن ويچاري هر ڪنهن لاءِ جيرو جلايو آهي ان جي هيءَ حالت ....."

"نه نه چاچي ائين نه چئه" چوندي ڪنچن آنسون اگهيا. ۽ چيو " ڀڳوان شل ڪنهن جو آڪيرو نه ڦِٽائي بس ايترو ئي گهران ٿي. اها ته وقت وقت جي ڳالهه آهي. " مونگهي ڪاڪيءَ سان گڏ پاڻ کي هنئاري ڏيندي ڪنچن ڪٽورو وڌايو ان ڏينهن ڪنچن ٻئي ڪنهن جي گهر نه ويئي. واپس موٽي آئي. ان ڏينهن چلهه ڪونه ٻري.

وقت وجي رهيو هو. چندرڪانت به اتو پنڻ ويندو هو. ڪنچن پونم اگيارس ٿي، وار تهوار تي ڪتا ـ وارتا ڪندي هئي. ستيه نارايڻ جي ڪتا ڪرڻ ويندي هئي. هوريان هوريان سڀ ڪجهه ٺيڪ ٿي رهيو هو. ڪنچن ڏنو ته اڪيلو رهڻو آهي. ذرا سنيالي رهڻو پوندو.

ڳوٺ جي ماڻهن ڪان فاصلو رکڻ سان خوامخواهه حيرت جو موضوع بڻجي پئبو، تہ وري هڪ دم هلي ملي وڃڻ ۾ بہ مزو ڪونہ هيو. گهر ڪي اوطاق (بئنڪ) نہ ٿيڻ ڏجي. مڌيم مارگ سنو. ماڻهن جي سهاري هلڻو هيو. انهن جي دک سُک ما ڀاڱ ورهائڻو، مدد ڪرڻي. ڪنهن سان بہ ايڏو قريب نہ ٿيڻو جو ٻيا مڙيئي ڪٽجي وڃن.هوءَ ڪڏهن ڪڏهن ئي گذريل وقت جي ڳالهہ ٻئي سان ڪندي هئي. هونئن بہ هر ڪنهن ماڻهو ڪي پنهنجي ڳالهہ ٻڌائڻ ۾ ئي رس هوندو آهي. ڪنچن ڪي هڪ گرو چابي ملي ويئي هئي. هوءَ اڪثر ٻڌندڙ واري ڪردار ۾ رهندي هئي. جنهن ۾ ٻين ڪي پنهنجائپ لڳندي هئي پر هن جي انتر سنسار ۾ سامهون وارو ماڻهو ورلي ڪو داخل ٿي سگهندو هو. جنهن ۾ ڪنچن جو الڳ ئي اثر پوندو هو. ڊگهي قدوقامت، ڳورو رنگ، شان و شوڪت ۾ پليل شخصيت جو اثر ماڻهن ڪي متاثر ڪندو هو.

ڪنچن جو گهر راس ٿيندو ويو پئي پر هوءَ من ئي من ۾ منجهندي رهندي هئي. ڏيڍ بہ مهنن جيترو عرصو گذري ويو هو، پر هوءَ ٻاهر ويني ڪونہ هئي. هوءَ طيءِ نہ ڪري سگهندي هئي تہ ڇا ٿيو آهي؟ ٿي سگهي ٿو ماضيءَ ۾ ٿيو هو ٿيئن ائين ئي ماسِڪ چڙهي ويو هجي! يا ٿي سگهي ٿو هوءَ پيٽ سان بہ هجي. سندس نظر ۾ مسلسل بہ منظر هلي رهيا هئا. ”ديووِلا“ ڇڏڻ ڪان اڳ واري رات مڙس سان ماڻيل مٺڙ ڪڻ هن جي اندر ۾ جنم وٺي رهي هئي. انهن ڪڻن جو سمرڻ لون لون جهڻجهڻائي رهيو هو پر اها جهنڪار اجا سانت ٿئي نہ ٿئي تہ اتي ئي اوڪا بندر واري ڪاري رات ڪڙڪندڙ وڄ جيان ڪڙڪندي هئي. پيرن ڪان مٿي تائين لوسات لڳندي هئي. بندر جي چوڪيداي لاش ڳولهڻ لاءِ آيل ڪنچن ڪي آڏي واٽ وٺي لٽيو هو ان حادثي جو پاڇو اڄ ڏينهن تائين تر ۾ دٻيو پيو هو،اهو وري مٿي اڀري آيو هو. ڪڏهن ڪڏهن ڪيس ٿيندو هو تہ هِن ٻت جا ٻڪا ڪري ڪنهن جنگلي جانور جي اڳيان اڇلائي ڇڏيان تہ ڇٽي وڃا پر وري موٽندڙ پل من چوندو هو ” ممڪن آهي تنهنجي اندر ۾ امرت جي آخرين نشاني پلجي رهي هجي“ هن جي هٿن جون منيون ڪلي وينديون هيون. ” امرت ڪٿي هوندو؟ هو نيڪ نِمرو تہ هوندو نہ؟ ڇا هاڻ هن پوَ ۾ سندس منهن ڏسڻ نصيب ڪونہ ٿيندو؟ وچ سير ۾ طوفان جي ور چڙهيل ڪنهن جهاز جي ٽڪرن جيئن هتان ڪان هُتان هڪ ٻئي ڪي ڳولهيندي، هڪ ٻئي جي راهہ ڏسندي تهہ ۾ ويهي رهنداسين؟“ ڪڏهن ڪڏهن ڪنچن ڪي ٿيندو هو ” منهنجو گوتم هڪ نہ تہ ٻي ريت مون ساڻ آيو آهي.“ هن جي مامتا گوتم لاءِ تڙقي اٿندي هئي. گوتم جي ياد ۾ هوءَ اهو پلجي ويندي هئي تہ ممڪن آهي تہ امرت هن ٿئين ٻار ڪي قبول نہ ڪري. ٿي سگهي ٿو

هن جو من امرت جي ههڙي اِوشواس جي ڳالھ سوچي بہ نہ سگھندو هو.هن کي مڪمل يقين هو تہ بلاتڪار جو ٻج وڏي ئي نہ سگھندو آهي. ڪڏهن سندس من ۾ آنتمانڊ مچندي هئي تہ عاجز اچي ڪري چئي ڇڏيندي هئي " ڪک جي مٽي تہ منهنجي آهي نہ." ڪنچن ٻي يقينيءَ جي چڪ تي چڙهندي رهندي هئي، لهندي رهندي هئي ۽ چڪ تي پيل مٽيءَ مان مورت نهندي رهي.

هڪ ڏينهن رُڪيءَ پڇيو " ادي، ڪائون مهنو هلي رهيو آهي." " پنجون." ڪنچن جواب ڏنو. ڪنچن جي آواز ۾ ڪٿي ڪا جهجهڪ ڪانہ هئي. جنهن بابت پاڻ کي شڪ ڪونہ هيو ان بابت ماڻهن جو شڪ ڪيس آڏو نہ ايندو هو.هن ڪٿي ڪو اناچار ڪيو هو جو ڏجڻو پويس! ۽ ماڻهو چون تہ چا ٿيو. هوءَ ڪٿي ڪنهن تي پروسو ڪري ٿي؟ نہ تہ سيتا کي بہ بہ پيرا پريڪيا ڏيڻي پوي ها! جنهن کي وشواس رکڻو هوندو آهي ان کي ثابتيءَ جي ضرورت ناهي هوندي آهي. ۽ اِوشواسُو ماڻهن کي تہ ڪير وشواس ڏياري سگهيو آهي؟

هڪ ڏينهن ڪنچن پارت سنگھ جي گھر ويئي. هن جي ماءُ اگيارس جو سيڌو وٺڻ لاءِ گھرايو هو. هيم ڪنوربا ڪمري ۾ ٿالهي پائي رهي اتي پارت سنگھ اشارو ڪري پڇيو.

" اهو ڪنهن جو آهي؟" هن جي آواز ۾ ڪو راز پڪڙي وٺڻ جو رومانچ هيو.

" توکي جاڻڻو آهي؟" ٿڌي آواز ۾ سامهون نهاريندي ڪنچن پڇيو.

" ها." چور جي ڏاڙهيءَ ۾ ڪک واري اتسڪتا پارت سنگھ جي اکين مان بکي رهي هئي.

تنهن دوران اندرئين ڪمري مان هيم ڪُنوربا سيڌو کڻي آئي. هن پڇيو

" چا جاڻڻو آهي پٽ؟ " پرت سنگھ ڪجھ چوي تنهن کان اڳ ڪنچن چيو:

" ادو اهو پڇي ٿو تہ هن جو اصل پيءُ ڪير آهي؟ تڏهن مون چيو اها خبر تہ تنهجي ماءُ کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي هوندي؟"

ڪنچن جي آواز جي ڌار ٻنهي کي رت هاڻو ڪري ويئي. لجي ٿيل پرت سنگھ ۽ شرمسار هيم ڪُنوربا کي ائين ئي ڇڏي ڪنچن هلي نڪتي.سيڌو وراندي ۾ ائين ئي پيو رهيو. ۽ ڪنچن وري ڪڏهن بہ پرت سنگھ جي اوٽي تي نہ چڙهي. ستين مهني ڪنچن پٽ کي جنم ڏنو پر ......

21

ستين مهِني سور چڙهيو ته ڪنچن کي ٽيو، ”چلو جلدي ڇتي ويندس. گهٽ ۾ گهٽ بار کي ته ماءُ تي ديا آئي!“ گذريل ڪجهه مهنن کان من ۾ تن سان جنهن طرح سان هوءَ حالتن کي منهن ڏيئي رهي هئي ان ۾ ٿڪي رهڻ ئي وڏي ڳالهه هئي. صفا ڦڪو ۽ سڪل سرير وني هوءَ ڇُتڻ جا ڏينهن ڳڻي رهي هئي. ويم وقت بار جي سامانيہ روئڻ جي بدلي ڇبري جي هلڪي رڙ جهڙو آواز ٻڌي هوءَ ڪنبي ويئي.مونگهي چاچيءَ ٻارڙي کي وهنجاري پاسي ۾ سمهاريو ته هڪ گهڙيءَ لاءِ هن اکيون پوري ڇڏيون. دل ڌڙڪڻ ڇڏي ڏيندي هن کي ٽيو " ٻار جو چهرو ڪهڙو هوندو؟ بند اکين ۾ ڇڻ وري هڪ پيرو سمنڊ جون طوفاني لهرون اٿڻ لڳيون. ٻار ۾ ڪنهن به طرح جي حرڪت کي نہ محسوس ڪندي هن اک کولي نهاريو ته اهو ماٺهو کان سواءِ ڪنهن جانور ـ سهي يا ڪوئي جهڙو وڏيڪ لڳي رهيو هو. صفا گلابي ڇُهندي به ڊپ لڳي اهڙو.ڪٽي وزن وڏيڪ اڇي ويندس ته ڊبجي آڪار بدلجي ويندس! سُتيءَ جو هڪ اڌ ڦڙو مڏ لٽو هوندس. هن ته چير جهڙيون چونچيون اکيون ڪوليون نہ ڪوليون وري ٻڌي ويو . گهري ننڊ ۾ ڇڻ وري گرپ ۾ نہ پهچي ويو هجي! هن جو سست رفتار ۾ هلندڙ ساهه ۽ بنا حرڪت واري حالت ڏسي ڪنچن کي لڳو ته هي ٻار وڏيڪ ڪونہ جيئندو.ڪو ڏسي نہ وني تيئڻ هوءَ ٻار جي نڪ وٽ هٿ رکي خاطري ڪندي رهندي هئي، ڪڏنهن ڪڏهن هڪ اڌ پانيل ٻار کي پالڻ تانتڻ مان مکت ٿيڻ وارو ويچار حيرت کان وڏيڪ راحت ڏيندو هو. ڪڏهن ٿيندو هئس، هي ٻار بچي ويندو ته پوشيہ ۾ پتيءَ جو پيٽو ٿيندو. امرت جي امانت سمجهي ئي هن پاڻ کي ڪسوٽيءَ تي چاڙهيوهو.هوءَ ڄاڻندي هئي ته حقيقت جو مقابلو ڪرڻ ڪيترو ڏکيو هو. وري ....

هڪ ته ستين مهني، ڪچن مهنن ۾ پيدا تيل پُٽ ۽ وري ڪابي پير ۾ ڪوٽ وارو. ٻار جي پير جي ايڙيءَ جو هڏو ٽيڏو هو ان ڪري پنجو پوئين طرف مڙيل هو. ٻنهي پيرن جون ڇڻ دشائون ئي الڳ الڳ هيون. ڪنچن کي ٿيندو هو، هي ٻار هن جُڳ جو سنتان آهي. ڀارت کي آزادي ملي آهي پر مون جهڙو ڀارت ماتا جو سنتان پنهنجن ٻنهي پيرن تي بيهي سگهڻ جي قابل شايد ناهي پيدا ٿيو.جهڙي ريت سڄو هڪ جنم هاڻ پرائي ملڪ ۾ رهي ويو آهي اتي هاٽي ايندڙ وقت سان ڪهڙيءَ ريت قدم تال ملائي اڳيان هلندي؟ پتي امرت

بنا هاڻ گهرو زندگي ڪارتڪ جيان منڊڪائي هلندي ڇا؟هڪ پوائتي سپني جيان ويچار ايندي ئي هوءَ ڏڪي ويندي هئي.

چندرڪان نندي ياءُ جو نالو رکيو ڪارتِڪ. ارُوٽا ڪيس ڪاڪو چئي ڇاڳ ڪرائيندي هئي. نندي ياءُ تي وڏن ياءُ پيڻ جو پيار وسندو ڏسي ڪنچن پاڻ کي خاطري ڏياريندي هئي " هي بلڪل امرت جو سنتان آهي. رت ڪي ئي رت جي ڇڪ ٽيندي آهي." پر جڏهن سمتا پڇندي هئي.

" گوراٽي امان، هي تنهنجو جو ڪاڪو نہ صفا ٻي پانت آهي. ناهي تو جهڙو ۽ ناهي ٻين پائر پينر جهڙو. خبر ناهي ڪنهن جهڙو آهي؟" سمتا جو سوال ڪنچن جي ڪليجي ۾ گونجڻ لڳندو هو. ان پڙاڏي اڳيان ڪن لاٿار ڪندي چوندي هئي " منهنجي وڏي سُهري جهڙو آهي."

ڪوٺ واري ٻار جي جمڻ جي خبر ملي ۽ هري پريا ڪنچن کي پڇڻ لاءِ هلي آئي. نہ تہ هونئن تہ قليل ئي ڪڏهن هوءَ درٻارگڊ کان ٻاهر نڪرندي هئي. ڳوٺ ۾ آڱرين تي ڳڻي سگهجن ايترين مائين سندس منهن ڏٺو هوندو. شاديءَ جي موقعي تي سس سُهري جي ناراضگيءَ جي وجهہ سان لوڪ چرچا جو وشيہ ٻڻي هئي ان جي ڪارڻ ٻہ ظاهر ۾ سيني سان هلڻ ملڻ تاريندي هئي. وري پاڻ ٻہ پردي جي خلاف. درٻارگڊ ۾ هونئن ٻہ طوفان اٿندا رهندا هئا انهن ۾ خوامخواهہ هڪ جو اضافو ڪرڻ. هري پريا پاڻ کي محل ۾ اڪيلو قيد ڪري ڇڏيو هو. پر ان محل جي سانت جل ۾ ڪنچن جي ڪراچيءَ مان پڄي اچڻ بعد هڪ حرڪت آئي هئي. ڪڏهن جيوي جي ننهن ڪيسر ڳوٺ جو ڳالهيون آٽيندي هئي تہ ڪڏهن الپ جهلپ اشارو ڪنچن جو ملي. هري پريا ڪنچن جي پيڙا کان اٽجاڻ ڪونہ هئي. بلڪ ڪنهن حد تائين سهياڳي ٻہ هئي. پهريون پيرو ڪنچن هن جي اوٽي تي چڙهي ۽ چيو.

" نارايڻ پرسن ڪارتڪ سُد نوم ۽ شڪروار" اڳيان وڏايل پيالي ۾ اتو وجهندي هري پريا ڪنچن جي اکين کي اکين سان پڪڙيندي پڇيو هو.

" آشيرواد ڪونہ ڏيندينءَ امان؟"

" مون وٽ آهي ڇا جو ڏيانو. " آشا اپيڪشا جي گهري ملبي هينا نستيج جواب آيو.

" توهان کي ساهيڙي چوڻ جو حق."

ان ڏينهن کان پوءِ ڪنچن ۽ هري پريا هڪ ٻيءَ کي ڪڏهن " ساهيڙي" تہ ڪڏهن "سکي" چئي سڏيندي هيون. ٻنهي جي دير رات تائين رهاڻ جمندي هئي. هري پريا جيوي جي ننهن ڪيسر کي وٽي رات جو ويهڻ ايندي هئي.ان رات ڪنچن کي پڇڻ آئي هئي تہ

گڏ ڪيسر ڪونه هئي. ڪارتڪ جو پيرِ ڏسي ڪنچن کي احمدآباد وڃڻ جي لاءِ چيو. احمدآباد ۾ ڪو پرديسي ڊاڪٽر ڪوڪ آهي. هري پريا جي پائٽيي کي جمڻ وقت پير ۾ اهڙي ئي ڪوٽ هئي. ٽن ڪن آپريشنن کان پوءِ سال ڪن ۾ نيڪ ٿي ويو هو. ڪن پل لاءِ ڪنچن کي ٿيو جلد وڃڻ گهرجي پر آپريشن ۽ دوائن جو خرچ ڪٿان ايندو؟. هتي مڏ دال ماني ملي ٿي. ڪنچن جون اکيون آليون ٿي پيون. ڪراچيءَ ۾ ”ماتاشري شاردامٽي ديوي اسپتال“ ۾ پنجاهه بسترن واري وارڊ جو ارپڻ ڪنچن جي هٿان ٿيو هو. ڪراچي ۾ سماجواڙين، دواخانن، مندرن، ڌرم شالائن، اسڪولن، باغيچن، کان وٺي ڦوهارن ۾ ديوشنڪر شڪل جو دان هوندو هيو.

هري پريا ڪنچن جو من ٻيءَ موڙڻ لاءِ پڇيو، ” چندرڪانت چاڻ پڙهندو آهي؟“

” اتي ته گجراتي ٿئين ڪلاس ۾ هو، هاٽي هت جنهن ۾ ويهارين اهو صحيح. تو ونودبا کي اسڪول ۾ داخل ڪرايو آهي يا نه؟“

” ساهيڙي تون به چا با، با ڪندين رهندي آهين؟“

” اڙي ادي نندي هيس تڏهن هڪ پيرو هڪ دربار جي ڏيءَ کي ٽوڪارو ڏنو هيم ته ماستر ۽ ماڻ ٻنهي جي مار کاڌي هيم.“

اهو ته سڀ ويو هاٽي راجواڙا ويا، خير ونود کي احمدآباد پاءُ جي گهر پڙهائيءَ لاءِ چڏي اٿم. حالانڪ هائيڪم با ناراض آهن.“

” ڪير تنهنجي سس؟“

”ها، صاحب سندس ماڻ جو نالو رکيو آهي. هونئن ته انگريزيءَ ۾ ٿيندو آهي هاءِ ڪمانڊ پر انهيءَ جو هت ديسي ڪري ڇڏيو اٿن.“

ڪنچن ڏنو. مذاق ڪندي هري پريا جو آواز ڪجهه ٻنل هو. پٽ جو پنهنجي مرضيءَ سان پرائي جاتيءَ مان شادي ڪرڻ وارو ڳهاڻ ورهيه گذرڻ بعد به جيجي امان پلجي نه سگهي هئي. پٽ پنهنجو نه رهيو ته سندس پرجا کي به ماڻ - پيءُ کان جدا ڪرڻ جو هن کي ڊپ هيو. پريم جي نالي هو هري پريا جي ٽنهي ٻارن کي هڪ مخالف ڌر طور پالي رهيو هو. هري پريا سندس گڊ (قلعي) ۾ ڪاٽ هنيو.

” منهنجي زندگي ته بهت گئي توڙي رهي. هيڏا سال ٿيا پر اجان به ڄڻ گهر ۾ مهمان آهيان. ناهي پنهنجي هٿان پٽيءَ کي ٿالهي پائي ڏني، نه پنهنجي هٿان ٻارن کي وٽندڙ کاڌو کارايو آهي. وڃٹو هٽندي پاسي ۾ وينل سس جي چوڪي پهري کان بچندي مونکي ڏور جاليءَ مان پٽي ۽ ٻارن کي ڏسٹو پوندو آهي. مان ته ڪوءڙا ڍڪ پري ويئي

آهيان. ڪو اسان جي پيار سامهون آڱر نہ ڪٽي انهيءَ لاءِ، پر هاٽي ٻارن جي آئندي جوبہ تہ ويچار ڪرڻو پوندو نہ.“ چوندي هري پريا جون اکيون پرجي آيون.

دکي ٿيندي ڪنچن هري پريا جي ڪلهي تي هٿ رکيو. وڃڻ جي اجازت وٺندي هري پريا چيو“ چڱو هاٽي هلان ٿي. دير ٿي ويندي تہ هيڪلي ويندي اونداهي لڳندي.”

“ چو ڪيسر ڪونہ آئي؟”

“ ڪيسر هاٽي هائيڪمر با جي قبضي ۾. محل جي دري بہ بند.”

هري پريا هلي ويئي پر ان رات ڪنچن دير تائين سُمهي ڪانہ سگهي. چوڻ جي لاءِ هيڏي سک ۾ هن طرح جيئڻو؟ اهو بہ ڪو جيون آهي؟

***

ڪارتڪ وڏو ٿيندو پي ويو.ڪنچن پنهنجو يا پرايو واري اٽڻ ۾ ڪيس سانديندي پي وئي. ٿيئي پائر پينر رات جو سمهندا هئا تہ قنديل جي روشنيءَ ۾ ڪين ڏسندي رهندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ڪيس ڪارتِڪ امرت جو انش لڳندو هو ۽ سندس هينئون چال ڏيندو هو. ۽ ستل ڪارتڪ کي چاتيءَ سان لاءِ چمين جا وسڪارا ڪري ڇڏيندي هئي. ننڊ مان جاڳي ڪارتِڪ روئڻ لڳندو هو. ڪنچن ڪيس سمهارڻ لاءِ لولي ڏيندي هئي. تہ ڪڏهن ڪڏهن ڪنچن کي لڳندو هو تہ هي ڇوڪرو ٻبو نہ پر سندس سک چئڻ چوسي رهيو آهي. وقت ويندي ڪنچن جي اها وچيتر مانسڪ استتي ٻارن کان بہ لڪي ڪونہ رهي. چندرڪانت ڏسندو هو تہ ماءُ هرويرو ڪارتڪ جو پاسو ڪٽي ٿي، تہ ڪڏهن ڪڏهن وري ننڍڙي ڳالهہ تي بہ ڍور مار ماري ٿي. ان حالت ۾ ڪارتڪ لاءِ هڪڙو ئي سهارو هيو اروٽا.

ڪنچن نالو تہ سندس سوچي ويچاري رکيو هو. هن جي جنم ٽاڻي انگريز سرڪار سواتنتريہ سيناني اروٽا عاصف علي جي سر تي انعام ظاهر ڪيو. پر اروٽا ۾ جوالا جي تپش ڪان جيوت جي روشنيءَ جو وڌيڪ احساس ٿيندو هو. ڪنچن کي لڳندو هو، اروٽا جو سُپاءُ امرت جي ماءُ انسويا جهڙو هو. گنگابا گهڻا دفعا هن جي ذهانت، ڏاهپ ۽ عقل جي واکاڻ ڪندي هئي. اروٽا پهرين نظر ۾ تڪڙي لڳي، ڪڏهن ڪڏهن اِيماني بہ. هوءَ تمام ٿورو ڳالهائيندي هئي. هن کي بس هڪڙو ئي شوق. اڪيلي اڪيلي ڪم ڪندي رهندي هئي ۽ گيت ڳائيندي رهندي هئي. ڪنچن کان اهو لڪل ڪونہ هو تہ هوءَ اروٽا تي حيثيت

ڪان وڏيڪ وزن وجهي رهي آهي پر بي واهه ڪونه هئي. ڪڏهن ڪڏهن ڪنچن دکي ٿيندي هئي تہ اروٽا “ اهو تہ مونکي ڏاڍو وٽندو آهي” چئي سجي ڳالهہ کي موڙي ونندي هئي. جڏهن جڏهن ڪنچن ڪارتڪ کي چڙٻيندي هئي تڏهن ڏيري ڏيري هوءَ ڪارتڪ کي پاڻ ڏاهن چڪي ونندي هئي. پنهنجي سياءَ ڪان لاچار ڪنچن ڏسندي رهندي هئي. اڳيان اروٽا ۽ پويان پويان ويندڙ ڪارتِڪ کي ڏسي هن کي پنهنجو ۽ ياءُ وشونات جو ٻالڪپڻ ياد اچي ويندو هو. ڇا اروٽا جي قسمت ۾ بہ پاڻ جهڙي اٽڪٽ پيڙا لکيل هوندي؟ ڪنچن دکي ٿي ڪنبي ويندي هئي.

اروٽا هن سال ڇهين درجي ۾ آئي هئي. چندرڪانت سال ڪان ڪانپ ۾ برهمڻ بورڊنگ ۾ رهي هاءِ اسڪول ڪندو هو. هونئن تہ خرچ ڪجي سگهي ائين نہ هيو پر هن ڪنچن کي بنا ٻڌائڻ جي درخواست ۾ وڏوا براهمڻيءَ جي پٽ طور لکرائي فيس ۽ خوراڪ وارو خرچ معاف ڪرائي ورتو هو.ڪنچن تہ اهو ئي سمجهندي هئي تہ هن جو ماستر هن کي مدد ڪندو آهي. حالانڪ اسڪول ۾ فيس معاف ٿيندي هئي ۽ متان وري ڪتاب بہ ملندا هئا. ان ۾ آوڪ جو ذريعو واري خاني ۾ ماڌوڪري لکٽو پوندو هو. چندرڪانت جا دوست ائين ئي سمجهندا هئا تہ ڪيتيءَ جي اپت مان ماٽس گهر هلائيندي آهي. چندرڪانت پڙهائيءَ ۾ نيڪ هو. خاص طور سان سندس ڳڻت (حساب) سنو هو. بورڊنگ ۾ ئي هن کي ٽي چار ٻار ٽيوشن ڏيڻ جي لاءِ ملي ويا هئا. ڪنچن هٿ خرچيءَ لاءِ ٿورا گهٽا چٽا پيسا ڏيندي هئي جن کي چندرڪانت جمع ڪندو ويندو هو. ڪڏهن ڪنهن دوست کي ضرورت پوندي هئي تہ اوڌر ڏيندو هو. بدلي ۾ دوست کي هڪڙي فلم ڏيکارٽي پوندي هئي.

ڪارتِڪ کي اسڪو ۾ داخلو ڏياريو هو. جنهن کي پنج سال پورا ٿي ويا هئا پر اجا بہ ڪيس هلڻ ۾ تڪليف ٿيندي هئي. سالم پير جي گوڏي ٿي هٿ رکي هو ڪوٺ واري پير کي ڪينچي ونندو هو. پير جو پنجو آڏو ٿي گهلجندو هو. ڏوڙ، ڪڏن ڪوبڻ، پٿرن ڪکرن ۽ گپ چڪ وارن رستن تي هلندي ڪڏهن ڪڏهن سندس پنجو رتوڇاڻ ٿي پوندو هو. ڪنچن پهريون پيرو ڪيس اسڪول ڇڏڻ ويئي تہ ماستر پڇيو:

“پٽس حيات آهي؟” پوءِ ڪنچن جي نراڙ سامهون نهاري ڪنڌ جهڪائي چڏيائين.

“ هاءِ ڪمپالا ۾ ڌنڌو ڪندو آهي.”

“ پيڻ، هڪڙي ڳالهہ پڇانو. مني نہ پائنجان. پر پرديس ۾ واپار ڌنڌو آهي ۽ ڇوڪري جي پير جي دوا بہ ڪونہ ٿا ڪرايو.”

“ توهان سوچيو ٿا ائين ڪونهي. احمدآباد ۾ ڊاڪٽر ڪوڪ هن کي چڪاسي چيو هو ته آپريشن سان به هي ڪيس سڌري تهڙو ناهي.” ڪنچن جي آواز ۾ ڪوشش ڪرڻ جي باوجود به ڪوءڙاڻ اچي ويئي.

ماسٽر ته خاموش ٿي ويو پر ڪارتڪ جي سوالن کي ٽارڻ مشڪل هو.

“ اگر بابا آهي ته پوءِ اچي ڇو ڪونه ٿو؟ ٽپال ڇو ڪونه لکندو آهي؟ تون سچ پچ مونکي ڊاڪٽر ڪوڪ وٽ وٺي ويئي هئينءَ؟” ماءُ متي اوشواس ڪرڻ جو به ڪارڻ هو. هو ڏسندو هو ته بيا مائٽ پنهنجن معذور ٻارن کي وڏيڪ پيار ڪندا هئا. سندن ور ڳالهائيندا هئا. پر ماٽس ته ڪيس ڪنهن به ڳالهه ۾ ذرا به ڇوٽ نه ڏيندي آهي. هن جو اصول هوندو هو ته هرڪنهن کي پنهنجو ڪم پاڻ ڪرڻو آهي. ڪوهه تي ڪپڙا ڌوئڻا هجن تڏهن اروٽا سان گڏ ڪارتڪ کي به وڃڻو پوندو هو. ڪوهه مان پاڻي ڪڍڻو پوندو هو. ڪارتڪ کي سنو نه لڳندو هو پر ڪنچن مجيندي هئي ته ڪارتڪ کي پيٽي محنت سان قدرت واري ڏنل کوٽ واري ڪمي پوري ڪرڻي پوندي. معذور لاچار پٽ جي ماءُ ڇَورائڻ هن کي پسند نه هيو. حالانڪ ڪنچن کي اهڙين ڳالهين تي ڪڏهن ڪڏهن جنون سوار ٿي ويندو آهي ائين به لڳندو هو. ڪارتڪ هميشهه اٽتڻ ۾ رهندو هو. هو طيءِ نه ڪري سگهندو هو ته ڇا ڪرڻ سان امڙ ناراض نه ٿيندي. ڪنچن ڪنهن به پل ڪيس جهڙپ ۾ وٺي ڇڏيندي هئي. هو ماءُ جي مامتا به نه سمجهي سگهندو هو. هو گُهٽجي ويندو هو. ڪنچن جي حالت عجيب هئي. ڪناري تي رهي نه سگهندي هئي ۽ وهڪري ۾ پڄڻو نه هيو. ڪارتِڪ ايڏو ڪجهه ته سمجهي نه سگهندو هو پر آزمودو ته هوس. هو ڏسندو هو ته جنهن سهجتا ۽ آساني ۽ مکت من سان وڏو ياءُ ۽ پيڻ ماءُ سان هلي چلي سگهندا هئا اهڙو ورتڻ هو ڪونه ڪري سگهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن هن کي لڳندو هو ته هنن ٽنهي جڻن کان پاڻ مختلف آهي. اڻ پانيل آهي، ٻاهريون آهي ان ڪري ڳورو ناهي.

ڪارتِڪ کي ٿيندو هو ته، وڏي ياءُ سان پنهنجي پيءُ جي ڳالهه ڪري ڏسان. پر چندرڪانت موڪلن ۾ گهر ته ايندو هو پر ڪنهن مهمان جيان گهڻو گهٽ ڳالهائي. گهر ۾ اچي اتان کان ڏوڙ دز چنڊبيندو رهندو آهي. وينو هجي ويچار ۾ ته پري کان ڪارتِڪ کي لڳي ته ادا ڪجهه ڳِٽي رهيو آهي. ڪارتڪ حساب ۾ ڪمزور هو پر چتر ناهوڪا ناهيندو هو. ڪارتڪ جو رزلٽ ڏسي چندرڪانت ايترو ئي چيو “ انهن چترن مان ڪجهه ڪونه ملندءِ. امان هن کي توسان گڏ اتي لاءِ وٺي ويندي ڪر. پڙهي ڪجهه پائي ڪونه سگهندو.” ان وقت ڪارتِڪ ڏسندو هو ته امڙ جو چهرو ڊال جهڙو سخت ٿي ويندو هو. ڪارتِڪ کي سنو

لڳندو هو. ڪنچن ڪارتِڪ کي ڪڏهن به ججمان جي ڪم لاءِ ڪنهن جي گهر نه موڪليندي هئي. هن کي سخت نفرت هئي ته ڪو هن جي پٽ کي ديا جي نظر سان ڏسي. هن کي ڪارتِڪ جا چتر وٽندا هئا پر گڏوگڏ چنتا به ٿيندي هئي ته هن جو ڇا ٿيندو؟

ان سال چندرڪانت مئٽرڪ جو امتحان ڏنو. هن کي ڪاليج جي پڙهائي ڪرڻي هئي. جنهن لاءِ هن کي احمدآباد وڃڻو پوي. وري ڪاليج جو خرچ به ڪافي هو. موڪلن ۾ اچڻ کان اڳ چندرڪانت ڪانپ جي گارڊي سيٺ جي سفارش سان ڪاليج جي اپياس لاءِ اسڪالرشپ جو انتظام ڪري ورتو هو. ڪنچن کي خبر پيئي ته هن چيو“ سنو ڪيو، تون هاڻي احمدآباد وڃين ٿو ته اروڻا کي به وٺندو وڃ، ايندڙ سال هاءِ اسڪول ۾ ايندي. هتي ته ستين درجي تائين اسڪول آهي. احمدآباد ۾ ٻئي ياءُ - ڀيڻ روم رکي رهجو ۽ پڙهجو. اروڻا هوندي ته توکي گهر جهڙي سني روٽي ملي رهندي. تنهنجي صحت سني رهندي ۽ اروڻا جي پڙهائي.”

“ پر اما اروڻا اڳتي پڙهي ڇا ڪندي؟” ڪنچن کي لڳو ته ڇا منهنجي ساندڻ ۾ ڪا ڪمي رهجي ويئي آهي ڇا؟

چندر ڪانت ويو. ڪنچن سوچيندي رهي، ڇا اَنَ جدا ته انهن جا من به جدا؟ هڪ ڀيرو گهر ڇڏڻ بعد وري ڪڏهن واپس اچي نه سگهبو آهي ڇا؟. ته پوءِ امرت .....

22

چندرڪانت ڪاليج ۾ پڙهڻ لاءِ احمدآباد ويو. پهريون پيرو هو ڪانپ ۾ ويو هو ته ڪنچن جي من ۾ ائين هو ته هڪ ٻن سالن ۾ واپس ئي اچٽو آهي نه؟ پر جڏهن هن احمدآباد وڃڻ جو طيءِ ڪيو ته ڪنچن جي من ۾ اڊڪو پئجي ويو. هن کي ٿيو هاٽي چندرڪانت ڪڏهن به واپس ڪونه ايندو. هن کي چندرڪانت جو وڃڻ ڏاڍو ڏکائي ويو. ڪنچن جڻ پٽ جو من پڙهي پي سگهي. چندرڪانت کي ڳوٺ جي لاءِ ڪو پاو ڪونه هيو. جنهن حالت ۾ ڳوٺ ۾ رهڻ ۽ جنهن ريت رهڻ قبولٽو پيو هو ان ۾ اهڙو ڪو خاص پاو نه جاڳي اهو ڪو اسپاوڪ ڪونه هيو. پر ڪنچن کي هيو ته چندرڪانت گهر، ماءُ ۽ پاءُ پينر جي مايا ته ٻڌي رکندو. پر ڪنچن کي لڳو ته چندرڪانت ڳوٺ ڪان ڇٽڻ چاهيندو هو. ڳوٺ جڻ هن کي هن جي مجبور ـ لاچار ماضيءَ جي ياد ڏياريندو هيو. ڪنچن من کي مجائيندي هئي. ڇهنب ڪنيڙاٽين وارا ٽيڻ بعد ڪنهن جا ٻچا آکيرو جهلي وينا رهندا آهن؟ پر هينئر هينئر ڪان چندرڪانت جي غير حاضريءَ ۾ هن کي امرت جي ڪمي وڌيڪ محسوس ٿيندي هئي. هوءَ سوچيندي هئي، ڪٿي هوندو امرت؟ هوندو به يا ...... ترت ئي من کي موڙيندي هئي. ڪٿي هيٽو، هچارو ويچار نه اچي وڃي. گنگاٻا گهٽا دفعا چوندي هئي ، ذرا به ڪمزرر نه ويچارجي، خبر ناهي ڪهڙي پل ، ڪهڙي گهڙيءَ ويچار سڦلو ٿي وڃي! امرت ڪٿي هوندو؟ ڪمپالا پهچي سگهيو هوندو يا ماڳهين ڪراچي ئي نه ڇڏي سگهيو هوندو؟ ماٺهو ڳالهيون ڪندا آهن ته ڪراچيءَ ۾ ئي رهي ويو هو هن کي زوريءَ ڌرم تبديل ڪرايو ويو آهي. جان بچائڻ جي لاءِ ڇا نه ڪندي آهي انسان جي ذات؟ ڇا امرت کي به مذهب تبديل ڪرٽو پيو هوندو؟ ٽيلن ٽپڪن ۽ جٽئي جي بدلي ڏاڙهي ۽ طهر ڪرائڻ سان مذهب بدلجي ويندو آهي ڇا؟ ڇئني پاسن ڪان گهيريل جيو جي زبان مان الله جي بدلي ايشور نڪري وڃي يا ايشور جي بدلي الله ته ان ۾ ڪٽي ڪو آسمان ٽٽي پوٽو هو؟ ڊپ سان ماٺهو جي مذهب جي پاشا بدلائي سگهجي ٿي پر ان جي پيڙا پريل پرارٿنا کي آتما جي ارداس کي بدلائي سگهجي ٿو ڇا؟

ڪنچن پاڻ ٽپاس ڪندي هئي. هوءَ پهريان به پڳوان کي پوڄا ـ ڏيو ڪندي هئي ۽ اڄ به ڪندي آهي. خاص ڪو فرق ناهي پيو. هوءَ ستيه نارايڻ جي ڪٿا ڪرائيندي آهي، وار ورتولا ۾ پوڄا ڪرائيندي آهي جنهن سان هن جي ڌارمڪتا ناهي وڌي يا ناهي گهٽي. ڪڏهن ڪڏهن ته ڪرم ڪانڊن جي جڙتا ۽ قدامت پسنديءَ جي ڪارڻ سندس من ڪٽو ٿي

پوندو هو. ماڻهن کي ته وڏي وڏانن ۾ ئي رس هو. ورت پوچا ڪندي يا ڪتا ٻڌندي هڪ ٻئي جي ايرڪا ڪان يا ڪڏون ڪوتڻ ڪان نه هٻڪندا هئا.ڪنچن انهن جي اکين جي ڦرڻ ۽ چپن جي چرڻ مان ٻڌي ونندي هئي " ڏس ڙي امان، ڪيڏي نه نهي بني آئي آهي پڳوان کي پاڻ پسائڻ لاءِ." يا " ڏاڍي ترڙي آهي وجهه ملي ايتري دير آهي ڏسج ڪيئڻ تي ڪيرايانس!" پوجا ۾ آرتيءَ جي پيسن ۾ گول مال ڪندي يا هڪ ٻئي جي ٿالهيءَ مان ڪمل پنڪڙيون سيريندي ماڻهن کي ڏسي ڪنچن کي ٿيندو هو، پڳوان اهو سڀ ڏسندو هوندو؟

چندرڪانت اروٽا کي اڳتي پڙهڻ جي اٽسڏي نموني منع ڪئي ان وقت ڪنچن خفا ٿي. اروٽا چوڪري آهي ان ڪري نه پڙهندي ته هلندو ۽ پاڻ چوڪرو آهي ان ڪري ڪيس پڙهڻ جو حق آهي. چندر ڪانت پلجي ويو هو ته اگر ماڻس به اکر پڙهيل هجي ها ته هن طرح گهر گهر مان اٽو پنڻ جي نوبت نه اچي ها! هو پلجي ويو هو ته گهٽا پيرا پنيل اٽو ۽ پنيل لسي ڪائي پي ڏينهن ڪاٽيا آهن! هو پلجي ويو هو ته ننيڙي اروٽا گُڙ لاءِ ضد ڪيو هو ته ڪيس ماڻس جي مار ڪاٽي پئي هئي! پلجي ويو هو ته پيسن جي ڪوٽ جي ڪري ننيڙو پاءُ ٽنگون گهليندو هلندو آهي! ڪنچن کي ٿيو پيٽ جائي کي اهو سڀ ياد ڪرائٽو پوندو! ان ڪان ته ڪراچيءَ واري سمنڊ ۾ ٽپو ڏنو هيو ته سٺو هو. پر ڪنچن ڄاڻندي هئي بار جيئڻ جو آڌار آهن ته جيئڻ جي لاچاري به. ننيڙي ننيڙي شيءِ لائي تڙڦندڙ ٻارن جي اک ۽ خالي هٿ ڏسڻ لاءِ جيتري همٿ جي ضرورت پوندي آهي ان ڪان گهٽي گهٽ همٿ جي ضرورت هوندي آهي آتم هتيا ڪرڻ ۾! بس هڪڙي وچن جي خاطر، بس هڪڙي چڊي پاڊي آس جي ڏوريءَ تي ٽڪي رهي هئي ڪنچن!

" اروٽا کي پڙهائٽو ته آهي ئي، چاهي جيڪو ٿئي." پڪو پهه ڪري ڪنچن تلڪچند وٽ ويئي. تلڪچند ۽ ڪنچن تقريبن هم عمر هئا. تلڪچند چوڪري سني خراب ڪرڻ ۾ دير سان پرٽيو.ڪجهه نخرا هن ڪيا ۽ ڪجهه چوڪرين جي مائٽن. ٻهراڙيءَ ۾ چوڪري ڏيڻ ۾ راضي ڪونه هيا. پهرين پسند احمدآباد ممبئي جي سينين طرف هوندي هئي. تلڪچند جو ڳوٺ ۾ هڪڙو ننيڙو دُڪانڙو پر خاص واپار ته ڏيرڌار جو.ڳوٺ ۾ هاري گهٽا ۽ هيءَ ته وري جهالاواڙ جي ڏرتي. هتي برسات هلندي پلجي وجي. تلڪچند جهڙن واپارين لاءِ گيهه ڪيلا. ڪرا نڪرڻ ٽاٽي هاري چوپڙا صاف ڪرائين ۽ وري پوڪيءَ ٽاٽي چترائڻ لاءِ حاضر ٿين. ڪنچن تلڪچند جي گهر پهتي تڏهن سندس ننهن جَهوير اندرئين ڪمري ۾ بوڪي ٻڌي پاٺ پڙهي رهي هئي. جهوير ڌارمڪ سنسڪارن واري هئي. تنهن ۾ به شادي جي گهڻن سالن بعد ڌيءَ جمڻ ڪان پوءِ پٽ پراپت ڪرڻ لاءِ سندس ڌارمڪ مشغوليت ٻيڻو زور

پڪڙيو هيو. حالانڪ اجا تائين سندس اها من مراد پوري نہ ٿي هئي.اوسريءَ ۾ پيپل پنگهي ۾ ڏيڍ سال جي پاونا سُتي پئي هئي. ڪنچن کي ڏسي جهولي ۾ وينل تلڪچند اخبار ويڙهيندي چيو:

پلي ڪري آيون ادي . گهڻن ڏينهن بعد توهان پلجيون آهيو. نديپڻ ۾ ڪنچن کي چيڙائيندڙ تلڪچند هاڻي ڪيس ٽوڪارو نہ ڏيئي سگهيو.

“ ادا، مان تہ روز پلجندي آهيان نہ! پر توهان هي مونکي “ توهان” چئو پيا، مان تہ توهان کان ٻہ سال ننڍي آهيان.”

“ ٻہ سال اهو ڪو وڏو فرق ڪونهي ادي. ۽ سيان توهان جو ڇوڪرو پڙهي ڳڙهي تيار ٿيندو ۽ ڇوڪري آڻيندو.

“ ادا ڳالهہ ٻہ ڇوڪريءَ جي ڪم جي ڪٽي آئي آهيان.”

“ ٻڌايو، ٻڌايو، من ۾ ذرا بہ ڪتڪو نہ رکجو.”

“ اروڻا جي پوشيہ جو سوال آهي. هيترن سالن ۾ پهريون ڀيرو سوال ڪرڻ آئي آهيان. حالانڪ هونئن تہ اسان ماءُ - ڀار توهان سيني جي آسري جيئون پيا.”

“ ائين نہ چئو، توهان ڳوٺ ۾ آيون آهيو تہ ڳوٺ جو ٻہ فائدو آهي نہ. هنن مائين کي ٻہ سنيو ڳالهيون ٻڌڻ لاءِ ملن. مان شروع کان ئي چوندو رهندو هوس پر سيني کي واڻئين جي ڳالهہ مان سوارٿ جي ڏپ ايندي هئي. پر توهان دلتن جي پاڙي ۾ مني پاڻيءَ جو کوهہ ڪرائي ڏيئي ڪيڏيون نہ دعائون ورتيو آهن. توهان ڪونہ هونديون تہ ٻہ ماڻهو ٻا جي کوهہ کي ياد ڪندا رهندا.”

ڪنچن شوڪارو ڀريندي چيو:

“ اجان جيئڻ جو جنجال پورو ناهي ٿيو. موئي پچاڻا ڪنهن ڏنو آهي.”

“ ٻڌايو، کهڙي ڪم سان آيون آهيو؟”

“ اروڻا کي ستين درجي کان پوءِ پڙهائيءَ لاءِ موڪلڻو آهي. چندرڪانت آحمدآباد ۾ آهي، پر اجا ٻار آهي. جوان ڀيڻ جي ذميداري سندس مٿي تي نہ رکجي تہ سنو. توهان جي احمدآباد ۾ ڪا سڃاڻپ هجي يا اهڙو ڪو خانداني گهر هجي. جتي ڇوڪري رهي، پڙهي ۽ گهريلو ڪم ڪار ۾ مدد بہ ڪري .”

ڏس ادي پيٽ جي ڳالهہ ڪريان. گهر تہ گهڻا ئي آهن، منهنجي سالي جو گهر. واپاري ۽ خانداني. پر اتي ٻار پڙهي نہ سگهي. ڪم ۾ ئي ڪَتجي وڃي ۽ مٿان وري ڪنهنجو هٿ ٺورو. ان کان تہ سنو آهي تہ اروڻا کي ڪنهن سنستا ۾ ڇڏجي جيئن هوءَ هر طرح سان تيار

ٻہ ٿي وڃي. گهڙجي وڃي. اسان جي ڪانپ ۾ “ وڪاس گرھ” نالي سان پشپا بين مهتا جي سنستا آهي. منهنجي ماءُ گذاري ويئي هئي تہ مون ڪارج ڪونہ ڪيو هو. ان جي بدلي “وڪاس گرھ” ۾ دان ڏيئي ڇڏيو هو. ٽرسٽين ۾ منهنجي سڃاڻپ آهي، اتي نراڌار ڇوڪرين کي آسرو ملندو آهي ۽ پيرين پر ڪرڻ لاءِ پڙهائيندا بہ آهن.

“ ان ۾ اروٽا کي داخل ڪندا؟”

“ ها، اهو ذرا ڏسٽو پوندو. توهان چنتا نہ ڪريو. مان جانچ ڪندس. اها ذميواري منهنجي.”

پنن پورو ڪري جهوير ڪمري مان ٻاهرآئي.

“ ڪنچن بين جو خير ٿئي، ادي اروٽا کي پڙهائي ڇا ڪندينءَ؟ ڏيءَ ڏڻ هن کي تہ رنڌٽو ئي ڪٽو آهي نہ؟ لکڻ پڙهڻ اچيس ٿو اهو ئي ڪافي آهي.”

ڪنچن ڪان رهيو نہ ٿيو.

“ ٻاجائي ايندڙ ڏينهن ڪنهن ڏنا آهن؟ توهان ڏيءَ کي ٻلي ڪيترن ئي لاڏن ڪوڏن سان گهر ۽ ور ڳولهي ڏيئي سون جي پٽ تي ويهاريو هجي پر نہ ڪري ناراڻ ۽ ..... هٿ ۾ جيئڻ جوڳي شيءِ هجي تہ مون جيان پٽڙو تہ نہ پوي.”

جهوير ڪجھ چوي تنهن کان اڳ پينگهي ۾ ڇوڪري رني. جهوير هن کي کڻي تلڪچند جي هنج ۾ ڏني ۽ چيو:

“ توهان هيءَ ذميواري پلجي نہ وڃجو. بين جي چنتا ۾” پوءِ ڪنچن سامهون منهن ڪندي چيو:

“ چانهہ پيئندينءَ نہ ادي؟”

“ نہ ٻاجائي اڄ پونم جو اُپواس اٿم. چڱو تہ هاڻي جئہ ناراڻ.”

ڪنچن گليءَ ۾ نظر کان اوجهل ٿي تہ جهوير در بند ڪندي چيو:

“مڙس جيئرو آهي يا نہ تنهن جي ڪا خبر ناهي ، ويني پونم جا اُپواس ڪري.

، ماڻهوءَ جو من ائين جلدي اميد نہ ڇڏيندو آهي. هي ڏس نہ تنهنجي من ۾ اڃا پٽ جي آس آهي نہ؟.”

اروٽا کي ستون درجو پاس ڪرڻ بعد هڪ سال ويهي رهڻو پيو. پر آخرڪار ڪانپ جي “وڪاس گرھ” ۾ ڪيس داخلا ملي ويئي.جيون هڪ عجب پرولي آهي. ڪڏهن ڪڏهن هن جي پيچڻي اسان جي هٿ ۾ هوندي آهي پر عين وقت تي ئي اسان جي هٿ مان نڪري ويندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن منجهيل ڍير جو ڌاريل ڇيڙو هٿ اچي وڃي ۽ سڄي پرولي پيچي

پوي.اروٽا بابت بہ ڪجھ ائين ئي ٿيو هو. ايشور جي ليلا ڪجھ ائين تہ اچانڪ طور گهٽنا ڪي موڙ ڏيندي آهي جو اسان ڪي سوچيل سمجهيل ناٽياتمڪ ڳالھ لڳندي آهي. جيون تہ ڪلپنا ڪان بہ وڌيڪ حيرت جو سرجن ڪندو رهندو آهي.

تلڪچند سان گڏ ڪنچن ڪانپ ۾ وڃڻ جو طيءِ ڪيو. ڳوٺ مان بہ بسيون صبح جو ستين بجي ۽ شام جو چئين بجي ڪانپ ۾ وڃن. ۽ ائين ڪانپ مان ڳوٺ ۾ اچڻ لاءِ بہ بسيون ملن. ڪانپ کو ايڏو پري ڪونہ هيو. پر ڪچا پڪا رستا ۽ اردگرد وارا ڳوٺ وٺندي بس لڳڀڳ چئين ڪلاڪن ۾ ڪانپ پهچائيندي آهي. ڪنچن اروٽا ۽ ڪارتِڪ ڪي گهر ڇڏي آئي هئي. ۽ پاڙي واري سمتا ڪي خيال رکڻ لاءِ چئي آئي هئي. جهوير ڪي ڪانپ مان خريداري ڪرڻي هئي ان ڪري هوءَ بہ گڏ آئي هئي. اونهاري جا ڏينهن هئا. ننڍي ڇوڪري مٿان وري بس ۾ ڪيس ڦيري چڙهي. ڪنچن مڏ مڏ ڪيس سنڀاليو هو.

“وڪاس گرھ” بس اسٽئنڊ ڪان ڪافي پري هو. لڳڀڳ ڳوٺ جي ڇيڙي تي.گهوڙاگاڏي ڪري اتي پهتا تہ گيٽ وٽ بيٺل چوڪيدار اندر وڃڻ نہ ڏنو. ڪافي پڇ پڇ ڪيائين ۽ سجاٽپ پڪي ڏياري تڏهن دري کوليائين.

سامهون وچ ۾ وڏو ميدان هوءِ L (ايل) آڪار ۾ آمهون سامهون ڪمرا. ميدان ۾ دور دور نمن جا وڻ ۽ وچ ۾ ڪٽي ڪٽي بارن ۾ ڪرڻ جا، چميليءَ جا گلن وارا بوٽا.ميدان ۾ سامهون واري ڇيڙي تي سنسٽا جو رنڌڻو ۽ ٻي طرف وهنجڻ ـ ڌوئڻ لاءِ نڙ ۽ پاڻيءَ جي ٽانڪي. داخل ٿيندي ساڄي هٿ تي آفيس. ڪنچن، جهوير ۽ تلڪچند پهتا ان وقت هڪ مائي آفيس ٻُهاري رهي هئي. وڏي ڪمري ۾ ٽن ڪنڊن ۾ ٽيبل ۽ پنج ڇھ ڪرسيون هيون. آفيس جي سامهون واري دنگ تي دروازي مٿان نالي واري پليٽ لٽڪي رهي هئي. “ گرھ ماتا”

“ٿوري دير لاءِ ٻاهر ويهو.” مائيءَ جي ڳالهائڻ ٽنهي کي ٻاهر ڌڪيليو. آفيس جي ڏاکڻ وٽ ڪنچن ۽ جهوير وينيون. ڪابي پاسي واري ڪمري جي ٻاهران ٻڌل ڏوريءَ تي ڪٽي فراڪ تہ ڪٽي ساڙهي ـ بلائوز سڪي رهيا هئا. ڪمرا بند هئا. ساڄي پاسي ڇيڙي واري وڏي هال جهڙي ڪمري جي دريءَ مان وينل ماٺهن جا متا ڏنڌلا ڏنڌلا ڏسجي رهيا هئا. ٿوري دير بعد سماپن واري شلوڪ جو ڏيمو ليڪن مڌر آواز ٻڌڻ ۾ آيو. ڪمري جي کليل دروازي مان لڳڀڳ چاليھ پنجاھ ڇوڪريون ، مايون ٻاهر آيون. سيني جي هٿن ۾ ڏڳهيون پيتيون هيون. جهوِير پڇيو تہ تلڪچند چيو“ چرخا آهن. هتي سيني ڪي صبح جو لازمي ڪتڻو پوندو آهي.” ڪنچن جو ڌيان ٻيءَ هيو. هوءَ آخر ۾ ڪمري ڪي تالو ڏيندڙ

مائيءَ جي پنيءَ سامهون نهاري رهي هئي.هوءَ ڪجھ جاتل سجاتل لڳي رهي هئي. هوءَ مائي اجان سامهون مڙي تنهن کان اڳ آفيس مان رڙ ٻڌڻ ۾ آئي. ڪنچن ۽ تلڪچند ويا. جهَوير پاونا کي ڪيڏائيندي رهي. آفيس ۾ ويا تہ جيڪا مائي ڪچرو صاف ڪري رهي هئي اها ڪابي ڪند ۾ ٽيبل سنياليو ڪرسيءَ تي ويني هئي. هينئر ڪيس عينڪ پاتل هئي. هن جي سامهون ٻہ ڪرسيون خالي پيون هيون، پر هن ڪنهن کي بہ ويهڻ لاءِ نہ چيو. فارم ڪڍي پڇڻ لڳي:

“ مائيءَ کي ڪهڙي تڪليف آهي.”

ڪنچن ۽ تلڪچند هڪ ٻئي جي سامهون نهاريو. هن جو سوال سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا.

“ ڪهڙي مائي.” ڪنچن پڇيو.

“ چو، هن ننڍڙي چوڪري وٺي آئي آهي ان کي ؟ مڙس ڪڏهن کان ۽ چو ڇڏي ڏنو آهي؟”

ڪنچن آواز بدلائيندي چيو:

“ ادي ذرا لحاظ رکو. نتيون ويهڻ لاءِ چئو ۽ نہ ئي سليقي سان ڳالهايو ٿيون. ڳوناٽا ماٺهو سمجهي پنهنجو ئي ڏنبو الارينديون ٿيون وجو.هوءَ مائي منهنجي ياجائي آهي ۽ هيءُ منهنجو ياءُ آهي. اسين اسان جي نياٽيءَ کي هتي پڙهڻ جي لاءِ ڇڏڻ آيا آهيون.”

ڪلرڪ مائيءَ کي پهريان خراب لڳو پر پوءِ آيل ماٺهن جي جاهليت ڏسي ڪيس جوش چڙهيو.

“ هتي چا اسڪول ڏنو آهي توهان؟ هتي تہ ڏنيل ڇڏيل يا وري مائٹ نہ هجن اهڙين مائين کي داخل ڪندا آهيون. وجو هاٽي منهنجو متو نہ ڪائو.”

ڪنچن ڪجھ چوڻ چاهيو ٿي، تلڪچند ڪيس روڪيندي چيو: ڪنچن بين، هڪ منٽ ذرا پاهر اچو. هن ڪنچن کي سمجهائيندي چيو:

“ تون ڏاڍي تکڙي آهين. ڏيءَ کي داخل ڪرائٹو آهي هيڏي تکڙ ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ چئي ڇڏين ها رشتيدارن جي چوڪري آهي، ۽ ماءُ پيءُ ڪونہ اٿس. هن کي ڪهڙي خبر پوي ها؟ ” تلڪچند چئي تہ ويو، پر ڪنچن جي چهري جو رنگ بدلجندو ڏسي هن اضافو ڪيو:

“ ڏس ڀيڻ مني نہ پانئجان. اهو تہ اسان کي ڪم ڪدائٹو آهي تہ پوءِ ٿورو اتڪل سان تہ ڪم وٺٹو پوندو نہ.”

“ اتڪل معني ڪوڙ؟” ڪنچن جي آواز ۾ تکائي جو انيو ڪندي تلڪچند چيو:

“ هيَن تا ڪيون جو مان ڳوٺ ۾ وڃي هتي جي ٽرسٽي هيراچند وڪاريا جي سفارشي چٺي ڪڍي ٿو اچان. ٿي سگهي ٿو ڪم ٿي وڃي. تون ۽ تنهنجي ٻاجائي هتي وينيون رهجو.”

“ مان هتي ويهي ڇاڪنديس؟ مونکي ته ٻيبيءَ لاءِ ڪپڙا وٺڻا آهن ان ڪري مان به ڳڏ هلان ٿي.”

ڪنچن کي ٿيو هاڻي هي مورچو مون اڪيليءَ کي ئي سنڀالڻو پوندو.

تلڪچند ۽ جهَوير کي گيٽ تائين اماڻي واپس اچي هن ڏنو ته هوءَ اديوگ روم کي تالو پائيندڙ مائي آفيس ۾ ويئي. ڪنچن کي ٿيو هن سان هڪ ٻيرو ڳالهه ڪري ڏسجي. ڪيس نه ڄاڻ ڇو هڪ طرح جو اعتماد اچي رهيو هو. وري ويچار به اچي رهيو هو ته ڪٿي منع نه ڪري. هن ڪان وڌيڪ ته ڪجهه خراب ٿيڻو ناهي. ممڪن آهي ڪو نئون رستو نڪري اچي. آفس ۾ اچي هن ڪلرڪ مائيءَ ڪان پڇيو:

“ هينئر آئي هئي اها ادي ڪيڏاهن ويئي؟”

“ اها ته گرهه ماتا آهي. هوءَ ته پنهنجي آفيس ۾ ويني آهي، پر انهن سان ملڻ مان ڪو فائدو ڪونه ٿيندو. ڏاڍي اصول پسند آهي.”

ڪنچن آخرين ڪوشش ڪندي اندر ڪيبن ۾ داخل ٿي. هوءَ مائي سندس ڪرسيءَ جي پويان پيل ڪبٽ مان ڪجهه ڳولي رهي هئي. هن جي سائي ڪناريءَ واري سفيد ڪاڏي جي ساڙهي، سڌو سنهڙو سرير، جهڪيل ڪلها ڪنچن کي ڏاڍا پنهنجا لڳي رهيا هئا.

“ جئه هند ادي.”

“ جئه هند.”

ڪتاب ۾ نهاريندي نهاريندي هن چيو.

“ ادي، ڏنيل، ڇڏيل يا مائٽ مري وڃن ته ڇوڪري اناٿ چئجي؟ هن ورهاڱي ۾ اجڙيل گهرن ڪٽنبن ۾ ڪير بچيو ۽ ڪير نه انهيءَ جي ثابتي ڪٿان آڻجي؟ پنهنجي هٿن سان جنهن کي الوداع نه ڪيو آهي ان کي مري ويل ته ڪيئن مڃي سگهجي؟”

پڙهڻ واري عينڪ لاهيندي هوءَ سامهون گهمي ۽ “ ڏسو ادي ”

ڪنچن ۽ هوءَ مائي هڪ ٻئي کي ڏسندي ئي ڄڻ ڄمي ويئون!

23

ٻئي استريون هڪ ٻيءَ کي ڏسنديون خاموش ويٺيون رهيون.وچ ۾ ٽيبل هئي ۽ ٻئي آمهون سامهون .....! بس هٿ ڏگهيڙڻ جي ئي جڻ دير هئي. ٻنهي جي دلين جي تهه خانن ۾ جهونن ستارن جا تار جڻ هنيئر ئي ڪنهن تاڻيا هيا ۽ آڱريون گهمندي ئي وڄي پيا هئا. ڪو سُر يا ٻول پڪڙڻ مشڪل هو. صبح جو سويل ڪنهن گهاٽي وڻ تي چهڪندڙ پکين جي آوازن ۾ الڳ الڳ پکين کي ڪيئن ڪري الڳ تاري سگهجي ٿو. پر ايترو ته ضرور محسوس ٿيو هو ته صبح ٿي رهي آهي. هٿ ٻه ڪجهه اهڙو ئي هيو. سالن کان اڳ وڇڙي ويل ڪنچن ۽ جيا آمهون سامهون هيون. رشتن جا ڪرٽا وچ وارن انتڪارن جي مفاصلن کي روشن ڪري رهيا هئا. گهڙي ٻن گهڙين بعد ڪنچن جا هٿ ٽيبل طرف وڌيا پر جيا ته ڪرسي گهليندي آئي ۽ اچي ڪنچن کي ڀاڪر پاتائين!

" ياپي!" اهو جَيا جو پڪاريل لفظ ڪن تي پيو ۽ ڪافي عرصي کان وساريل اهو لفظ هن جي اندر کي جهٽجهٽائي ويو. گذريل پندرهن سالن ۾ پهريون ڀيرو هوءَ ڪٽنب، سماج وارو ناتو محسوسي رهي هئي. حيرت ۾ ٻڌل ڪنچن جو من حيران هو. هن کي لڳي رهيو هو ته هوءَ ڪو سپنو ڏسي رهي آهي. سندس ڪلهو جَياجي لڙڪن سان آلو ٿي رهيو هو. ڪنچن جو هٿ جَيا جي پٺيءَ تي گهمي رهيو هو. هوءَ شايد پاڻ کي خاطري ڪرائي رهي هئي ته ها، اهو سپنو ڪونهي، ڪلپنا به ناهي. جيڪو آهي سو صاف حقيقت آهي. وڻ جي ٿارين جهڙو سچ. ڪنچن سالن کان پوءِ پنهنجي ڌرتيءَ جو ۽ پنهنجي وستار جو انڀو ڪري رهي هئي. خوشيءَ جي ماريل هن جي دل جي ڌڙڪن تيز ٿي ويئي هئي. مسلسل ڳٽتين ۾ رهيل سندس من ڪافي ڏکهي عرصي بعد اصل رنگ ۾ اچي رهيو هجي ائين هن کي لڳي رهيو هو.اسپرش ڪافي نه هجي تيئن هن جيا کي الڳ ڪندي سندس چهرو ٻنهي هٿن ۾ جهلي اکين سامهون رکيو، پر لڙڪن جي لارن جي هن پار چهرو ڌنڌلو ٿي پئي ويو . آنسون اگهندي ڪنچن هن کي ڏسندي رهي.هن جي ڳلن، مٿي ۽ ڪلهن تان هن جو هٿڙو گهمندو رهيو. جيا هن جي چهاءَ ۾ جڻ ماءُ، پيءُ،ياءُ، ياپي، ۽ پياري اهڙي سڪيءَ جو پيار ماڻي رهي هئي.

نٽان پاپيءَ جي شفي پنرملن وارو درشيہ الاجي گهٽو ڏکوهلي ها پر اسڪول ۾ ننڍي رسيس جو بل وڳو. ۽ جيا ۽ ڪنچن جهٽ ورتمان ۾ اچي پهتيون. جَيا منهن اگهيو، سوَست ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ پنهنجي ڪرسيءَ تي ويهندي هن گهنٽي وڄائي. ڪنچن سانت تي رهي هئي. ٿوري دير کان پوءِ ڪلرڪ مائيءَ آفيس جو دروازو کولي اندر منهن پاتو.

"رتن بين ذرا بہ پيالا پاڻي تہ پري اچ ۽ ها، اڄ جي ٽپال ۾ ڪجھ هجي تہ اهو بہ ..." جيا ايترو چوندي جڻ پاڻ تي ضابطو حاصل ڪري ورتو هو.

"جي،وني تي اچان" چوندي رتن ڪنچن جون روئي روئي رتيون ٿيل اکيون ڏسندي وئي. هوءَ اڌ کليل دروازي سان ٽڪرائجڻ کان ذري گهٽ رهجي ويئي. هن جي هٿ مان پاڻيءَ جو پيالو وٺندي جَيا چيو:

"رتن بين، هيءَ آهي ڪنچن بين. منهنجي نجي رشتيدار آهي. توها رنڌڻي تي چورائي ڇڏيو تہ منهنجي ڪمري تي بہ ٿالهيون موڪلين. ڪنچن بين هتي مون سان گڏ ئي ماني ڪائيندي." جَيا چئي رهي هئي رتن ڪي پر ڪنچن جي چهري تي تري آيل اٿٿڻ واري ڪيفيت کي بہ اکلائي رهي هئي.

رتن جي وڃڻ بعد هن ڪنچن کي چيو، "توهان کي برو نہ لڳي. پوءِ سڄي ڳالھ آرام سان ڪيون ٿيون. توهان ٿوري دير لاءِ ويهو تيستائين مان ٽپال ڏسي تي وٺان. پوءِ هلون ٿيون ڪمري تي!"

ڪنچن کي هڪدم ياد آيو - ٽن ڪلاڪن جيترو عرصو گذري ويو ۽ اجا تائين تلڪچند ۽ جهَوير پاپي نہ پهتا آهن. هنن ماني ڪونہ کاڌي هوندي ۽ مان هتي .... بہ تہ ٿيا، جساپر جي آخري بس چئين بجي آهي. انهن کي موڪلي ڇڏيان. هيترن سالن کان پوءِ جَيا ملي آهي تہ پوءِ هن سان گڏ بہ گهڙيون گهارڻ تہ گهرجن. ڇا ڪريان؟ اروٽا ۽ ڪارتِڪ وٽ رات جو سمتا سمهي رهندي. اڄ جي رات ٽڪي رهان، سياڻي شام جو ويند يس پر هن تلڪچند کي ڪيئن لڳندو؟ هن کي ڪونہ ٿيندو تہ اديءَ جي تہ ڪا سڃاڻپ بہ نہ هئي، چوڪيدار بہ پئي سڃاتو ۽ اچانڪ هي رشتو ڪٿان نڪري آيو؟ حالانڪ تلڪچند ائين نہ بہ سوچي. اها تہ سڄي من جي الٽ پلٽ. هو ويچارا منهنجي لاءِ ڪيڏي نہ ڊوڙا ڊوڙي ڪري رهيا آهن! هڪ دم ڪيئن چئجي تہ توهان پلي وڃو مان سياڻي ايند يس! هن جيا سان ڳالھ ڪئي . جيا چيو "اچڻ تہ ڏيو. سڀ ڪجھ ٺيڪ ٿي ويندو."

لڳيڳ اڊائي بجي تلڪچند آيو. ڪنچن جَيا جي واقفيت ڪرائي. " ھي گرھ ماتا تہ اسان جي جھوني رشتيدار نڪتي! ڪراچيءَ جي آھي .... ورھاڱي کان اڳ جو اسان جو ناتو!"

تلڪچند کي ٿورو اچرج تہ ٿيو. ھو ڪجھ پڇي تنھن کان اڳ جَيا چيو، توھان ڪنچن بين جا رشتيدار ان ڪري منھنجا بہ رشتيدار. ڪڏھن کان توھان جي واٽ نھاريون وينيون آھيون. ماني تيار آھي. اڙي! توھان جي گھرواري ڪيڏاھن ويئي؟"

جَيا جي ملوڪائي ۾ مانُ ڏسي تلڪچند ڪجھ بہ پڇي نہ سگھيو. گدگد ٿيندي چيائين -

" اھو تہ پيٽ، توھان ملي ويئون جڻ پڳوان مليو! بس، ھن منھنجي پيٽ جو ھڪ ڪم ڪري ڏيو تہ توھان جو ٿورو! گنگا سنان جو ثواب ...." وري تلڪچند چيو، " منھنجي زال ذرا اکوٽي آھي پر اديءَ لاءِ تہ ڊوڙٽو پوندو نہ. توھان جي پاپيءَ کي لوج ۾ ڪارايم ۽ مون بہ بہ گرھ ڪاڏا. ھن کي سوناري جي دڪان تي ويھاري مان ھتي آيو آھيان. ٽرسٽي تہ باھر ڳوٺ ويل آھن. سياٽي ايندا. چا ڪنداسين ڪنچن بين؟

" ادا، اگر توھان کي لڳي ۽ واندو نہ ھجي تہ مان اڄ جي رات ھن پيٽ وٽ ٽڪي پوان. سياٽي صاحب سان ملي شام واري بس ۾ ھلي ايندس. توھان پارن کي ايتري خبر ڏيئي ڇڏجو. سَمتا آھي تہ ھوءَ پارن وٽ سمھي رھندي ان ڪري ان ڳالھ جي چنتا ڪونھي."

زبان تي آيل پر چپن تائين نہ پھتل اھڙا ڪيترا ئي سوال ڪٽي تلڪچند ويو. سندن بار جڻ ھلڪو ٿي ويو ھو اھو ھن جي چال مٿان محسوس ٿي رھيو ھو.جَيا ۽ ڪنچن ھڪ ٻئي سامھون ڏٺو ۽ ٻنھي جي اکين ۾ چمڪ اچي ويئي. ڦيرڙي پائڻ جي تہ عمر ڪانہ ھئي ۽ ھاٽي اھڙو سونھي بہ نہ. پر انھن جو وس ھلي ھا تہ ھو ائين بہ ڪن ھا! مڏ مليل موقعي کي تہ ائين ئي ماٽبو آھي نہ.

جيا جو روم صفا ننڍڙو بہ نہ، تہ وڏو بہ ڪونہ ھيو. ٽي ڇٽا گڏ ٿي وڃن تہ سوڙھ ٿي پوي. اڪيلي کا مشڪل نہ ٿئي. روم ۾ پاٽ تي سنھڙو گديلو، پاسي ۾ ھينان ھڪ آسن وڇايل ۽ ان جي سامھون جھڪيل ميز. ميز مٿي فائلن جي ٿپي ھئي. جَيا مٿي سنستا جي وڏي جوابداري ھجي ائين لڳي رھيو ھو. روم جي ھڪ ڪند ۾ ننڍي چوڪڙي. ھڪ طرفان پٽ نھرائي ڪرايل پردو . ٻيءَ ڪنڊ ۾ ڪٻٽ جي ھيٺئين خاني ۾ پتل جو ڪونيءَ وارو پرڙاٽن وارو اسٽو . پتل جي ديگڙي، ٻڪيءَ ڪنڊ جا ڪٽيل پتري جا دٻا، چاٽي ۾ پڪڙ پيا ھئا. مٿئين خاني ۾ ڪتاب ۽ چار ڪن جوڙون ڪپڙن پيون ھيون. اڪيلي انسان جو گھر پلا

ڪهڙو؟ اڪيلي استري هجي يا پرش. گهر وڪر جي چيزن ۾ به اڪيلو ماڻهو راس نه ٿي سگهندو آهي. شيون به ڪنهن هڪ ۾ ئي محدود ٿي بنا نور جي ٿي وينديون آهن!

هونئن ته جَيا صبوح شام رنڌڻي تي مانيءَ لائي وجي، پر ڪو مهمان هوندو آهي ته ڪمري تي ئي ٿالهي گهرائي وني. مهمان به ڪڏهن ڪڏهن. يا ته سنستا جا عهديدار هوندا آهن يا وري تعليمي کاتي جا سرڪاري عملدار!

رتن کي حيرت ته ٿي ئي ته اڄ تائين گرهه ماتا جي سڳن رشتيدارن کي ڏٺو ناهي. سنستا ۾ ته مڙيئي ايترو ڄاڻندا هئا ته هن جو گهروارو پاڪستان ۾ آهي ۽ هتي هندوستان ۾ سندس ڪوئي ناهي. پَتي اتس اهو سيني ٻڌو آهي پر ڪنهن به روبرو يا تصوير ۾ ڪٿي ڏٺو ناهي.

ڪنچن چوڪڙيءَ ۾ هٿ پير ڌوئي رهي هئي ته ٻاهران رڙ ٻڌڻ ۾ آئي.

" ذرينا بين! ذرا دروازو کولجو، منهنجي ٻنهي هٿن ۾ ٿالهيون آهن." هوءَ رتن هئي.

رڙ ٻڌي جَيا اپي تي ويئي ۽ اڌ کليل دروازو سجو کوليندي چيائين " رتن بين! تون به واهجي آهين. هيئن ٻن هٿن ۾ ٿالهيون کڻي اچبو آهي ڇا؟ واري وتيءَ سان کڻي اچين ها. اهو ته نيڪ آهي رهجي ويو. هنيئر ئي نه سڀ هيٺ ڪري ها.؟"

جيا ۽ رتن جو پاڻ ۾ ڳالهائڻ ته اتي پورو ٿيو. پر ڪنچن جي حيرت جو پار نه هيو. هن کي ٿيو ته هن ڪنهنجو نالو ٻڌو هو؟ هن جيا کان ئي پڇي ورتو:

" هيءَ ذرينا وري ڪير آهي ؟"

" مان."

"تون؟" ڪنچن جو آواز جيئن اپي پُڙ ڪپرو ڦاٽي تيئن ڦاٽي ويو.

"ها، پاپي، ڀڳوان جيان ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو کي به اوتار وٺڻو پوندو آهي. جيا مٿائي مون ذرينا جي نالي اوتار ورتو آهي. پهرين توهان ماني کائي وٺو. پوءِ آرام سان سڄي ڳالهه سڻائيندس .... اڙي ادي! تون منهنجو هٿ لڳايل کاڌو کائيندينءَ ته سهي نه؟"

" اهو تو ڇا چيو؟ تون جَيا هجين يا ذرينا. ڪهڙو تو فرق پوي؟ مونکي ته ڄڻ هڪ جُڳ کان پوءِ منهنجو روپ موٽي مليو آهي. تنهنجي پاءُ جي انتظار ۾ هونئن ته اڌ ٿي ويئي هئس. ڪڏهن ڪڏهن پيءَ جو فرض نڀائيندي ٻيڙو به ٽيڙو پيو آهي. تون ملي آهين ته ڄڻ ڍيري ڍيري منهنجو باقي رهجي ويل انگ به واپس ملندو اهڙي شرڌا پڪي ٿيندي پئي ٿي وڃيم." هن جي اکين ۾ اميدن جا ڏِيا روشن ٿي پيا. اڱيان چيائين، " تنهنجو ذرينا نالو ٻڌي منهنجي هيئنئين جو جهرڻو سڪي وڃي ته سمجهه منهنجو هينئون ايترو ٽانگهو!

جَيا ڪنچن جي ڳالهہ ٻڌي روئي ڏنو. ماني ڪائيندي ڪائيندي ڪنچن جَيا کي گهر ڇڏڻ کان پوءِ واري تسو تسو ۽ ترتر جيتري بہ ڳالهہ ٻڌائي. پر پوين پندرهن سالن جو حساب ائين ڪو ٿورو پتجندو؟ جهجهو جهجهو تہ صرف احوال ملي. پر گذريل وقت ۾ ڪيل اوجاڳا، هر پل رهيل ڏپ ڏاءُ، ٻاهر وهيل ۽ اندر لهي ويل آنسو .... انهن سيني جو حساب تہ سنسار جي ڪنهن پاشا ۾ نہ چئي سگجي ٿو ۽ نہ ئي لکي سگهجي ٿو ڪنهن لپيءَ ۾. ديوشنڪر جي ديهانت جي ڳالهہ ٻڌي جيا ڪان صبر نہ ٿي سگهيو. سڏڪا پريندي هن چيو:

" مون گنهگار پيءَ جي زندگي ورتي. هاڻي تون ئي ٻڌائي پاپي ! مان ڪهڙي منهن سان پنهنجي سچي سچاٽپ ڏيان."

مانيءَ کان پوءِ ٿورو اهلڻ بعد جَيا ٿورو ڪم لاهڻ لاءِ آفيس ويئي. شام ٿي تہ جيا ڪنچن کي راڻڪ ديويءَ جي مندر تي وني ويئي. موتندي ڏرم تلاءَ جي ڪناري لهندڙ سج جي روشنيءَ ۾ ڳالهہ جي شروعات ڪئي ....

"ديووِلا" ۾ اچڻ جي ٽئين ئي ڏينهن لليتا جيا کي پنهنجي ڳجهي پرورتين جي ڳالهہ ڪئي هئي پر گڏوگڏ ڪيس قسم بہ ڏنائين تہ" اگر اها ڳالهہ ڪنهن سان ڪنديءَ تہ تنهنجي پاءُ جو سُنهن اٿئي!" لليتا جي حيرت ۾ وجهندڙ، نت نين ۽ همت پريل ڳالهين ۾ جيا لڙهندي ويئي. لليتا چوندي " هن انساني اوتار جي سارٿڪتا ڪهڙي؟ ٿوروجهجهو پڙهڻ، شادي ڪرڻ ۽ گهر سنسار منڊڻ ايترو ئي؟حالانڪ اهو بہ آسان ناهي اهو مان ڄاڻان ٿي." پر عام رواجي گهريلو عورت جي جيون کان جيا کي لليتا جو مارگ آڪرشڪ لڳندو هو. ڪجهہ نئون، سارٿڪ ڪاريہ ڪرڻ جي ڀاونا جيا جي اندر ۾ جاڳي چڪي هئي. تنهن ۾ بہ لليتا جي مزيدار ادائگيءَ جڻ سرد ٿيل ڪوئلي کي ڦوڪي ڇڏيو هو. صبح جو سويل ۽ دير رات جو ڪمري ۾ ويهي ڏيان ڪندڙ لليتا سان گڏ هوءَ بہ ويهندي هئي.ڏيان تہ اڌ ڪلاڪ جو ئي. پر، لليتا گپت رئڊيو سيٽ ذريعي پنهنجي سنگنن جي ليڊر وٽان سوچنا وٺندي هئي ۽ اردگرد ۾ ٿيندڙ گهٽنائن بابت سماچار بہ ڏيندي هئي.هوريا هوريان جيا پاڻ بہ پاڻ کي ڪنهن هڪ هٿ لڙندڙ سپاهيءَ جي سوَروپ ۾ ڏسڻ لڳي هئي. اهڙي ويڙهاڪ يا ويرانگنا جيڪا ديس لاءِ فنا ٿيڻ لاءِ بہ تيار ....

پڇڻ واري اڳين شام لليتا کي نياپو مليو " اج رات جو هوا بندر روڊ تي آيل ڊائمنڊ ڪلب ۾ شهر جي گوري پوليس ڪمشنر جي جنم ڏينهن جي ضيافت آهي. اسان کي ٻهارو

ڏيڻ لاءِ برابر ٻه لڳي پندرهن منٽن تي پهچڻو آهي. ڀهروپين جي ديوي سيني جو ڪلياڻ ڪجو ..."

جيا نياپو ٻڌو پر ڪيس برابر سمجهه نه پيئي. لليتا چيو " ڪلب ۾ ٻه اچلائي گورن آفيسرن کي صاف ڪري ڇڏڻو آهي. ڀهروپين جيان الڳ الڳ ويسن ۾ اتي پهچي وڃڻو آهي."

" پر رات جي ٻه لڳي پندرهن منٽن جو ڪهڙو مطلب؟ جيا جي سوال جي جواب ۾ لليتا چيو ـ

اهو گورو رات جو ان ٽيم تي ئي جائو هوندو. ان ڪري ان ٽيم تي ئي ڪيڪ ڪاٽيو ويندو. ۽ ان وقت ئي سيئي مهمان حاضر هوندا ."

بس ان رات لڳ ڀڳ هڪ بجي لليتا ۽ جيا گهر ڇڏيو .سوچنا موجب لليتا زريءَ جي پرت واري ريشمي ساڙهي ۽ زيور پاتا هئا. روڪ رقم ته ڪٿان هوندي؟ پر انسويا جا جيا لاءِ سانديل رکيل سير جهڙا سونا ڳهه هئا. ٻاهر نڪتل جيا جي مٿي تي ستارن ـ ٽڪلين سان چمڪندڙ مٽڪ هو. دور کان کو ڏسي ته سمجهي ته نوراتريءَ ۾ ماتاجيءَ جو گربو کيڏڻ نڪتا آهن. لليتا مهاڪاليءَ جو ويس ڌارڻ ڪيو هو. کليل منهن مان ٻاهر نڪتل ڄڀ، کليل وار، ڪارا ڪپڙا، هڪ هٿ ۾ ترشول ۽ ٻئي هٿ ۾ ماڻهو جي مٿي وارو وارن سميت مڪوتو. اوندهه ۾ اچانڪ اگر لليتا پرگهٽ ٿئي ته وڏ ـ وڏيرن کي پگهر ڇٽي وڃي! پر رستن تي اڄ وڄ جاري هئي. هونئن ته رات جو ڪا هڪڙي اڪيلي استري نڪري ته هر ڪنهن کي وهم وڃي. جيا ۽ لليتا کي وينديون ڏسي ڪنهن کي ٻه شڪ نه پيو. هو ٻئي ڊائمنڊ ڪلب کان پنجاهه ڪن ميٽر دور هيون ۽ لليتا کي بجلي چمڪندي هجي ان طرح جو ڪجهه لڳو. هن ترت جيا جو هٿ پڪڙيو نزديڪ واري ڳليءَ ۾ مڙي ڊوڙڻ لڳيون. پر سامهون کان گهوڙي سوار پوليس کي ڏسي هن جيا کي الڳ ڏس ۾ ڌڪيو ۽ پاڻ ٻه ٻي طرف ڀڄڻ لڳي. جيا کي خاص ڪجهه سمجهه ۾ نه آيو لليتا جي هينسيل حالت ڏسي هن کي لڳو ته ضرور ڪجهه اجوڳ ٿي رهيو آهي. هوءَ ڳليءَ ۾ وڏي نم جي ٿڙ جي آڏو بيهي ڏسڻ لڳي. هن جي پويان کو ٻه نه هيو، پر ٿوري دير بعد بندوق جي گوليءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو.جيا هبڪي ويئي. چا لليتا ....؟ هوءَ اڳيان ويچاري نه سگهي.

گهوڙن جي پيرن جا آواز ڏيري ڏيري دور ويندڙ محسوس ٿي رهيا هئا. ٿوري دير بعد وڻ وٽان نڪري هوءَ لليتا واري ڏس طرف ڊوڙي ويئي. اوندهه ۾ سندس پير چڪ ۾ پيا هجن ائين محسوس ٿيو. هوءَ بيهي رهي. هن هيٺ ڌيان سان ڏٺو ته هوءَ پاڻ رت جي

ريلي وٽ ٻيٺي هئي، ۽ سندس پيرن وٽ چاٽيءَ جھڙي سرير سان لليتا سنئين سڌي پيئي هئي. هن جي هٿ مان ڇُٽڪيل ٺرمڪوٽو دور رِڙهي ويو هو. جيا لاءِ جيون ۾ هن طرح ڪنهن جو موت ڏسڻ وارو پهرون موقعو هيو. گنگاٻا ويئي هئي پر اهو ته هن جو قدرتي موت هو.عمر ۽ مٿان وري اڌرنگ. هلڻ ڦرڻ جي ڳالھ ته نهيو پورو ڳالهائي به نه سگهندي هئي. هوءَ ته جڻ چٽي ويچاري سورن ڪا. پر لليتا جو ههڙو دل ڏاريندڙ موت؟ جيا منيون پڪوڙي ڇڏيون تنهن جي باوجود به سندس ٻت جي ڌڪٽي گهٽجي نه رهي هئي. پگهر سان شم جيا جي پيٽ ۾ هٿ جيڏو جڻ گبو پئجي ويو هو. هوءَ ته لليتا جو هٿ جهلي نڪتي هئي. هاڻي اهو هٿ ڪٿي رهيو هو؟ هوءَ ٻت ٻڻجي ويئي. هاڻي ڇا ڪرٽو؟ هن جي اکين مان آنسو ٻاهر اچڻ ڪان اڳ ئي جمي ويا. آواز ته اچي ئي ڪٿان؟ سندس مٿي ۾ جڻ زور زور سان هٿوڙا لڳڻ لڳا هوا. جيا لليتا جي لاش کي گهلي هڪ ڪند ۾ ڪٽي وجڻ جي ڪوشش ڪئي ته گهوڙن جي ٽاپن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. گهوڙي سوار پوليس وارا ئي هوندا. مٿي تان مٿڪ لاهي ساڙهيءَ جو گهونگهٽ ڪدي جيا ڊوڙڻ لڳي. هڪ گِليءَ ۾ مڙي ويئي. ..... پر هي ڇا؟ هيءَ گِلي ته بند گِلي هئي.واپس موٽڻ يا ٻاهر نڪرڻ جي ته ڪا گنجائش ئي ڪانه هئي.گهوڙن جا ٽاپسا اوڏا اچي رهيا هئا. جيا ڪا واهه نه ڏسندي آخرڪار چيڙي جي گهر جو در کڙڪايو. در کليو. سامهون هڪ ڪراڙي مائي ٻيٺي هئي.

مونکي بچايو ..... مونکي بچايو .... امڙ ! چوندي جيا دروازي وٽ ئي ڪري پئي. ٻن ڪلاڪن ڪان پوءِ سڌ ۾ تي ته ڪيس وڏي امان ڳالھ ڪري ٻڌائي. اڄ به اهو منظر ياد ايندي جيا جون اکيون روئي پونديون آهن ۽ چپ چري پوندا آهن. وڏي امان چيو هو.

" اري بٽيا تم کو ڪيا بتائون؟ تم تو ايسي ميري اُمبر پي ٻيهان هو ڪي گري ڪي مجهي لگا ڪي اي چوري تو گئيِ. ... بڙي ڪي بھو ني اور مين ني دونو جني ني ملڪر تم کو اٺايا اور بستر په لِٽا ديا. انيس پاني کا لوٽا پرکي آيا .... اپي مين تمهاري مُنهن پي پاني ڪي ڇينٽي ناڪون اسکي پهلي تو درواجي په دي ڌناڌن ..... ٿوڙي دير تو مين ڊر گئي. يه سالا سُور ڪوئي بدماس هوويگا تو خون خرابا ڪرڪي يي چوري ڪو اُٺا لي جائيگا. ڪڇ ٺڪي نئين. اور يه نگوڙي ڪالمکي گوري پلٽن، وو تو ٿانپ ڪي ٻينيلي هَي ڪي ديسي لوگون کا وانڪ آوي اور ڪب وو اسکو ڦنساوي، مُئي ان گورون ڪي ديڪاديکي ۾ اپني ڪاليون ڪو يي خدا کا خوف نهين رها. اري اپنو سي گداري ڪروگي تو قيامت ڪي دن الله ميان ڪو ڪيا مُنهن دکائوگي؟ هان، فِر تو مين ني الله کا نام ليڪر تم ڪو برقعا پِنها ديا. درواجي کولي تو سامني گهوڙي سوار پوليس تي. اندر آئي.

آڪي گهر ڪي تلاشي لي. ايڪ ايڪ ڪو ڈانٽتي پوچني لگي. تمڪو تو هم ني برقعا ڈالڪي ڪرسي پہ بنا ديا ٿا. تماري باري مين پوچا تو مين ني ڪَھ ديا ڪي ميري چوٽي والي بهو ذرينا هَي. بيٽي! خدا تعالا شايد مجهي معاف نهين ڪريگا. پر تماري جان بچاني ڪي ليي مين ني جهوٽ بول ديا. مجهي معاف ڪرنا .....”

وڏي امان جو ڪٽنب سڄي رات جاڳندو رهيو. جيا کي انيڪ ريتن سان ڏٿاريندي سمجهائيندي وڏي امان سڄي ڳالهه سلڻ جي ڪوشش ڪئي. سنئي گهر جي چوڪري آهين، پتو نڪاٽو ٻڌائي تہ سنيالي پهچائي ڇڏيندي سانو. پر جيا ڪجهہ بہ نہ چيو. چوي بہ ڇا؟ جنهن ريت گهر ڇڏي نڪتي هئي اتي واپس وڃڻ جو رستو ئي نہ هيو. مجي ونو اگر واپس گهر وڃي بہ ها تہ ڪرانتيڪاري جي گهر تي ڇا ڇا نہ ٿيو هجي ها؟ پاڻ تہ تڪڙ وارو قدم کنيو هيائين پر پيءُ ياءُ جي جيون کي انهي ۾ سلاڙڻ جو ڪيس ڪو حق نہ هيو. هوءَ هڪ ئي ڳالهه چوندي رهي.

“ مونکي ڪلڪتا وڃڻو آهي ... اتي منهجو مڙس منهنجي واٽ نهاريندو هوندو. ڪلڪتا .... ڪلڪتا ... ان کان علاوه بيو ڪجهہ بہ نہ چيائين.

ٻئي ڏينهن صبوح جو ريلوي اسٽيشن تي وڃڻو هيو تڏهن وڏي امان کا برقعو گهري ورتائين ۽ ان ئي مهل پائي ورتو، ذرينا نالو .....

24

شام ٿيڻ آئي تہ رتن کي ھرڪر ٿي تہ ادي اجا چو ڪونہ آئي؟ ھن کي ٿيو ڏرم تلاءَ تان چڪر ھٽي اچان، ھر روز جيان ھوءَ اتي ويني ھوندي! رتن ونڻ نہ آئي ھجي ھا تہ ڪنچن ۽ جيا جي ڳالهين جو اجا انت نہ آيو ھجي ھا. سالن کان جمع ٿيل يادن جو لوڪ اھڙو سمرڌ ھو، جنھن ۾ اھڙا تہ موڙ - چڪر ھئا جو ٻنهي کي استل - ڪال جي سمڪ ئي نہ رهي.

ڪنچن رتن کان پڇيو: "توکي ڪيئن خبر پيئي تہ اسان ھت وينيو آھيون؟"

"ادي ، يلا مونکي خبر نہ ھوندي تہ ٻئي ڪنھن کي ھوندي؟ مان ڄاڻا ٿي تہ ھن ڏرم تلاءَ ۽ ھن نولکي محل جون توھان عادي آھيو. روز شام جو ھتي اچڻ، اچي منو ڪلاڪ ويهڻ. ..... جنھن ڏينهن اچڻ نہ ٿئي ان ڏينهن اديءَ کي ننڊ بہ نہ ايندي آھي. ...ائين يلا ناھي ادي ؟ رتن جَيا جي ھاڪار ٻڌڻ لاءِ پڇيو.

"رتن ٻين جي ڳالھ سچي آھي." چوندي ھوءَ اتي ۽ چيائين "رتن ٻين تون اڳتي ھلي پهچ اسان ھوريان ھوريان اچون ٿيون پيون."

پنتي مڙندي جَيا دور کان ڏسجندڙ نولکي محل طرف اشارو ڪندي چيو "پاپي ھو رھيو نولکو محل. ان جي اندر خاص ڪو ويندو ناھي. ڪنڌر جيان بينو آھي.پاسي ۾ وڃي ڏسون تہ خبر پوي. ھڪ ھڪ ٿمبي ۾ باريڪ باريڪ ڇٽ اڪريل آھن. فرش ۽ دروازن جي آسپاس تہ نسورو آرس پهڻ! پر جڳهہ وھم واري آھي. اصل تہ وڊواڻ جي ناڪر صاحب ھن خوبصورت ھنڌ تي محل ناھيو ھجي تہ ڪيئن؟ اھڙو سوچيو وري سامھون تلاءُ آھي ان ڪري باغ بہ نهن. راجا مھاراجائن جا نوان نوان نخرا! چوماسي ۾ ھي محل تہ اونهاري ۾ ھوا ڪائڻ جو محل وري ٻيو، سياري ۾ وري ٿيو! بد قسمتي اھڙي جو ناڪر صاحب ھي محل مڪلمل ٿيل ڏسڻ لاءِ نہ ترسيا. پرجوانيءَ ۾ سندن موت ٿيو. وري ھنن جي موت بابت بہ ڪيئي ڳالھيون ھلن پيون. ڪو چوي راڄ - ڪاڄ جي ڪتپٽ ۾ ڪجھ ڪارائي چڏيائونس. تہ وري ڪو چوي ڦيٽن ٽوٽن ۾ مري ويا. ھن جي سڄڻ دشمنن جو پار نہ ھيو. جيڪو ھجي سو!

پيءُ جي اڌوري اڃا پوري ڪرڻ لاءِ پٽ محل نهرائڻ شروع ڪيو پر پورو نہ ٿيو. چيو وڃي ٿو رولو جيو پورو نہ پيو ٿيڻ ڏي. حقيقت اڃا الڳ بہ هجي. ممڪن آهي تہ محل نهرائڻ جيترا پيسا ئي نہ بچيا هجن. لوڪ روايت آهي تہ ڏينهن جو جيترو محل اڏجي رات جو ڏٻ پٽ تي!

“ اسان جيئن ئي. ڏينهن سڄو جيئڻ لاءِ هٿ پير هڻون ۽ رات جو اڪيليون هجون تڏهن جتي هيونسين اتي ئي اتي!”

جيا ڪجھ بہ نہ ڪڇيو. هن جي خاموشي ڪنچن جي ڳالھ ۾ سُر ملائي رهي هئي.

رات جو بہ جيا روم تي ئي ٿالهي گهرائي ورتي. ڪنچن جي اڃا هئي تہ رنڌڻي تي ئي سيِ ڳڏجي ڪائون . رشتيداري ظاهر ٿيڻ تہ ممڪن ڪونہ هئي پر جيا اڃا ڪنچن سان ويجهڙائپ ڪي بہ ظاهر ڪرڻ نہ پي چاهيو. ذرينا جي نالي واري ڪاهيءَ ڪي ڏٺڻ ائين ڪو آسان ٿورو هيو ؟

ڪنچن ڪي ٿيو، تہ چا منهنجا ٻار هن هڪ ئي رت جي رشتي سان مخاطب ٿيڻ جو سواد ڪونہ ماڻي سگهندا؟ “يقي” لفظ چوندي تہ ڪهڙو نہ منهن پرجي ويندو آهي! ان جي تہ هنن ڪي خبر بہ نہ پوندي. پر جيا ذرينا نالو چو رکيو؟ وڏي اما تہ هن ڪي بچائڻ جي لائي ڪوڙ ڳالهايو هو. تہ پوءِ جيا؟

رات جو سموھ پراڻا پوري ڪري جيا آئي.بستري تي ليٽندي ئي ڪنچن ڪي ٿيو تہ پڇانس.

“ جيا، تو هي ذرينا نالو چو رکيو آهي؟ چا تو ڪنهن مسلمان سان حقيقت ۾ شادي ڪري ورتي آهي چا؟”

“ان ۾ ائين آهي ، هڪ طرح سان ڏسو تہ مون شادي ڪئي آهي، ۽ ٻي طرح سان ڏسو تہ ناهي بہ ڪئي.” جيا ڳالھ ڪي ڪوليندي اڳيان وڌايو.

وڏي امان جو برقعو پائي جيا پنهنجو اصلي چهرو تہ لڪائي ڇڏيو هو پر وڏي امان جي نندي پٽ انيس هن ڪي سڃاڻي ورتو هو.گهر کان نڪرڻ کان اڳ انيس جيا وٽ سندس ياپيءَ ڪي موڪليو هو. جيا ڪي اڄ بہ مسودھ جو اهو چهرو ياد آهي. هوءِ ڊڄندي ڊڄندي جيا وٽ آئي. هن بہ جوڙون سلوار قميص جيا وٽ رکيون. اتي ئي انيس اچي چيو “ ياپيءَ جا ڪپڙا پائي ونو. توهان جي قيمتي ساڙهي ۽ زيور ڏسي شايد رستي ۾ تڪليف ٿئيو. ۽ ها ڳهھ الڳ الڳ هنڌن تي رکائجو ياپي!” چوندي هو ڪمري مان ٻاهر نڪري ويو. جيا ۾ تہ متي اڪ ڪٽي نهارڻ جي همٿ نہ هئي. مسوده چيو پي تيئن هوءَ چپ چاپ ڪندي رهي.

جهجهن سرن واري سلوار ۽ فراڪ جهڙي ڊگهي قميص. دوپٽو هر هر سرڪي پي ويو. جيا جا ڳهٽا لهرائيندڙ مسودهه ڪيس ڏيان سان نهاريندي رهي. ڳلي ۾ مگ مالها ۽ چئن، ڪنن ۾ جهومڪ ۽ وارن ۾ سونيون سنگهرون. متي تي هيرن جڙيل تلڪ. هٿ ۾ لاڪيٽ، ٻانهن ۾ چوڙيون ۽ ڪنگڻ. ڪٽڪ جي ڪاريگريءَ وارا مور ٻنهي هٿن جي ڪراين ۾. .... مسودهه مڙيئي الڳ ڪري ۽ شلوار قميص جي ڪيسي ۾ رکڻ لائي ڏنا. آخر ۾ هٿ واري پوءِنچي ڏيندي هوءَ هڪ گهڙي رڪجي ويئي.

مسودهه هڪ ڪن لاءِ پوءِنچي پائڻ لاءِ ترسي پر ٻي پل اٿڪي ويئي. ان ئي پل جيا کي ٿيو ته هن کي چوان ته " پاپي پائي وٺ. .... " پر ان ۾ هن گهر جي عزت هلي وڃي ! اهڙي ٻڌتر جي ڪري هن ڪجهه نه چيو. وري اکين جي سجاٽپ جي بنا وڏي اما جي ڪٽنب جيا جي لائي جيڪو ڪجهه ڪيو هو ان جي قيمت چڪائڻ جي ته جيا جي ڪا حيثيت ئي ڪانه هئي. رت لڳل ساڙهي ۽ ٻي جوڙي بدل ڪپڙن جي پارووڙي ڪٽي جيا بند رڪشي ۾ وينئي ان وقت وڏي امان ۽ مسودهه ٻنهي جي اکين ۾ چنتا ۽ آشنڪا ڦهليل هئي.

رڪشي ۾ سامهون واري سيٽ تي ويهندي ئي انيس پڇيو " ڪنچن ٿئيٽر ۾ هاٽي کهڙو ناٽڪ اڇٽو آهي؟"

جيا ست ڏيئي پنهنجي چهري تان نقاب دور ڪيو. ۽ هينسيل چهرو ڏسي انيس هلڪي آواز ۾ چيو " مون ڪنهن کي چيو ناهي، چوندس به ڪونه، تون فڪر نه ڪج!"

" پر تو مونکي سڃاتو ڪيئن؟"

" هن شهر جي ميئر جي خاندان کي پلا ڪير نه سڃاڻي؟ هڪ ڀيرو مون توکي "ڪنچن" ٿئيٽر ۾ ڏٺو هو. تنهنجو جو ياءُ پاپي به گڏ هئا. خير! ..... ٻڌائي چاچا ڪرٽو آهي؟ چئو ته رتن تلاءُ طرف ...."

جيا هڪدم انيس جا ٻئي هٿ پڪڙي ورتا ۽ لڳيگ آزيون ڪندي چيو " نه نه اهو ظلم نه ڪجو! گهر اگر منهن ڏيکارڻ جهڙي هجان ها ته ڪلهه رات جو ئي نه توکي چوان ها ته مونکي گهر پهچائي اچ ....

انيس جو چهرو پڙهندي هن خلاصو ڪيو.

" نه.... نه .... اهڙو ڪجهه به ناهي. منهنجو پير ڪنهن دائري ۾ ڪونه پيو آهي. بس هڪ ئي، پر ڏادي وڏي پل تي وئي آهي. ڪنهن به طرح جي تياري بنا ئي مان ڪنهن جي پروسي تپي پيس!" جيا مختصر ۾، هڪ ئي ساهه ۾ انيس کي گذريل رات ٿيل حادثي جي باري ۾ ٻڌايو.

“ هاڻي چا ڪندينءَ؟”
“ ڪلڪتا ويندس.”
“ڪلڪتا ئي ڇو؟ ڏسو مونکي خبر آهي ته اتي تنهنجي ڪو به واٽ ڪونه پيو نهاري.”
“ ان وقت ائين ئي ڪلڪتا جو نالو ڪٽي ڇڏيو هو، منهنجي سڃاڻپ لڪائڻ جي لاءِ. پر، هاڻي ته تو مونکي سڃاڻي ئي ويو آهين ته چاهي ڪجهه به ٿئي پر گهر ته ناهي وڃڻو.”
“ توکي اعتراض نه هجي ته هڪ ڳالهه ڪريان؟” پڇندي انيس رڪجي ويو. جيا جي سامهون نهاريائين. ۽ چيائين “ ڪلهه رات وڏي امان ته توکي ذرينا ۽ ننڍي ننهن جو لقب ڏيئي ئي ڇڏيو آهي. پلي هنن اڻڄاڻائي ۾ چيو هو پر، توکي اعتراض نه هجي ته اهو ئي نالو ۽ لقب قبولڻ لاءِ راضي هجين ته .....”
جيا ڪجهه به نه چيو. من ئي من ۾ هوءَ ڪجهه سوچڻ لڳي. پر انيس ڪان هن جي خاموشي سهن نه ٿي. “ ائين نه ٻائنج ته وڏي گهر جي ڌيءَ ڏسي هي ڳالهه تنهنجي سامهون رکي آهي، ۽ نه ئي تنهنجي مجبوريءَ جو فائدو وٺڻ جو ارادو آهي. سچ چوان ته تو جنهن وقت حيرت ۾ پوندي نقاب هٽايو ان پل منهنجي اندر ۾ بجليءَ جيا ڪجهه چمڪي ويو هو!”
“ مان چا ڪريان؟ جنهن حالت ۾ آهيان ان ۾ منهنجي ها يا نا جو سوال ئي ڪٿي آهي؟ هي ته توهان گذريل رات مونکي بچائي ورتو. نه ته چا جو چا ٿي وڃي ها. مان ڪلپنا به نٿي ڪري سگهان. هردي جي ڳالهه ڪريان ته مونکي توهان لائي مان آهي. مونکي اها به خبر آهي ته توهان سان جڙنديس ته دکي ڪونه ٿيندس! پر مان پنهنجو پاڻ کي، پنهنجي آتما کي چا جواب ڏينديس؟ مون ديس شيوا لاءِ گهر ڇڏيو آهي. پلي ايڏو ڪو ويچار ناهي ڪيم. حساب سان ڪونه هلي آهيان پر منهنجي وطن لاءِ محبت ناهي پولي ناهي متاڇري ۽ اها ته شروعات آهي. ههڙا آزمودا ئي مونکي گهڙي راس ڪندا. هن طرح جي وڻندڙ اٿوڻندڙ حالتن مان ئي مونکي رستو ڳولڻو آهي.”
“ سنو ٿيو جو تو واضح طور ڳالهه ڪئي آهي. نه ته مونکي لڳي ها ته مون تنهنجو اپمان ڪيو آهي.” ناپر ۾ ايندي انيس چيو. “ هڪ ڪم ڪر! تو جنهن ڳالهه لاءِ گهر ڇڏيو آهي ان لاءِ احمدآباد شهر نيڪ آهي.۽ گجرات ته منهنجو وطن آهي. اتي اهڙيون سنستائون به آهن جيڪي بي سهارن کي سهارو ڏينديون آهن. گانڌيجي پلي اتي نه پيا رهن پر سابرمتي آشرم ته آهي نه؟ احمدآباد ۾ ديش شيوا ۽ سماج شيوا ٻنهي لاءِ سنو ماحول آهي.”

گاڏيءَ سيٽي هنئي. انيس گاڏي وٽ بيٺو هو. جيا انيس جي هٿ تي هٿ رکيو ۽ چيو:
" اڄ ڪان مان تنهنجي ذرينا ٻڌجي جيئنديس." ۽ سندس اکين جي چمڪ ۾ ڳري انيس اندر ۾ لهي ويو.
جَيا احمدآباد آئي. "وڪاس گرهه" ۾ رهي پڙهي. جنهن ڏينهن ڪيس ڪانپ واري "وڪاس گرهه" جي جوابداري سونپي ويئي ان ڏينهن هن کي انيس جو سچو ارٿ سمجهه ۾ آيو! ڪنهن اپوروَ ڪِڻ ۾ جَيا جي جيون ۾ هو آيو ۽ دوست ٻڌجي هن کي جيئڻ جي دشا ۽ آڌار ڏيئي ويو.
" توکي ياد پوي ..... ! مون ڪان ڪيئن وسري ......! (گجراتي ڪوتا) جي جگلبنديءَ ۾ رات ڪيئن نڪري ويئي جنهن جي خبر ئي نہ پيئي. شام جو جساپر جي بس ۾ ڪنچن وينئي تہ پاڻ کي هلڪو ڦانئي رهي هئي. جَيا ڪيس بي فڪر ڪري چڏيو هو.
" هاڻي ڪان سڄي جوبداري منهنجي. پڙهائيندس مان ۽ پرڻائينديس بہ مان. اڄ ڪان آئون هن جي ماءُ ـ پيءُ.!
ڪنچن جون اکيون آليون ٿي پيون. هن ڪان رهيو نہ ٿيو. هن پريل ڳلي مان چيو:
" ادي! اسان کي رت جو رشتو بلڪل پلجي ئي ملٿو؟ منهنجو من تہ ڪونہ ٿو مڃي ...."
" تہ چا ڪندينءَ؟ ڳوٺ ۾ سيني کي ائين چوندينءَ تہ ذرينا منهنجي نٽان آهي ۽ قِري ويئي آهي!" ماڻهو توکي طعنا ڪونہ هڻندا؟ ۽ اروٽا؟ هيءَ ڳالهہ جاڻڻ کان پوءِ مون وٽ رهندي؟ چندرڪانت ۽ ڪارتڪ اهو سڀ ڪيئن سويڪاريندا؟ مون صرف نالو ئي بدلايو آهي اهو ڪير وسهندو؟ " ڪنچن کي ٿيو جَيا جي ڳالهہ تہ سچي آهي. پر هن طرح صفا ڪوڙو جيئڻو؟ ڪنهن ٽئين اڳيان تہ نيڪ پر اولاد جي حاضريءَ ۾ بہ ڏيکاءُ ڪرڻو؟ آخرڪار جيا کي نرو وا ڪُنجرو وا وارو مارڳ سُڌو. " يايي ! تون سيني کي ائين چئج تہ ڪراچيءَ ۾ اسان جي پر ۾ رهندي هئي ۽ امرت ادي مونکي ڏرم جي ڀيڻ ڪئي هئي. ڏرم جي ڀيڻ ۾ ڀيڻ بہ رهندي ۽ ڏرم بہ سنڀالبو. ۽ ايترو اڏستيہ تہ يڌشنير بہ ڪٽي نہ چيو هو؟"
ڪنچن کي ڳالهہ توري دل سان لڳي.
جساپر آئي ۽ ٻئي ڏينهن رُڪي يايي پچيو " نٽان امڙ، تون تہ صبوح جو وڃي شام جو واپس اچڻ لاءِ ويئي هئينءَ ۽ ٽِڪي چو رهينءَ؟ هن تلڪچند چيو پي تہ اتي تنهنجو ڪو رشتيدار ملي ويو هو .... اهو وري ڪير هو ؟

ڪنچن تيار ٿي هئي. ههڙي هڪڙي نه پر انيڪ سوالن جا جواب ڏيڻ لاءِ. هن رُڪي ياپيءَ سان وستار سان ڳالهه ڪئي.

“ هوءَ گرهه ماتا ادڙي اصل ڪراچيءَ جي. هوءَ اروٽا جي پيءَ ڪي هر ساوٽي پرٽيما تي رکڙي ٻڌندي هئي. سندس پيءُ اسان جي ٿئيٽر ۾ نوڪري ڪندو هو. پر مالڪ نوڪر جهڙو نه هو. سالن کان گهر جهڙو ناتو. هن ذرينا ڪي منهنجي پڦي سس پيار مان جيا چوي. ڏاڍي پلي مائي. بصر تومر به نه ڪائي! مان ڪانپ ۾ نه ويئي هجان ها ته اجا به پراٽي سجاٽپ نه نڪري ها! مونکي تي چوي ته تون اروٽا ۽ ڪارتِڪ ٻنهي کي موڪلي ڇڏ. مان پڙهائي لڪائي تيار ڪنديس. ياپي ههڙن ماٺهن لاءِ ته پنهنجي چم مان جوڙا سبائي پهرايون ته به قرض نه لهي!”

ايترو چئي خاص پارٽ ڪئي ته هن ڳالهه کي ڦهلائج نه. ڪنچن کي پڪ هئي ته ائين چوڻ سان سڄي ڳوٺ تائين ڳالهه پهچي ويندي ۽ پاڻ کي اها ڳالهه ور ور ڪري چوٽي ڪونه پوندي!

ڪانپ ۾ وڃڻ واري ڳالهه تي اروٽا ايڏو ڪو راضي نه هئي. پهريون پيرو ماءُ کان ڌار ٿيٽو هو. ۽ اڳيان پڙهڻ ۾ ڪيس ايڏي ڪا دلچسپي به ڪانه هئي. پر امان چئي تي ته منع ڪونه ڪبي، ايتري سامانيہ سُڌبُد اروٽا کي هئي. پڙهڻ وڃڻ واري ڳالهه لاءِ اروٽا ۾ ڪنهن طرح جو جذبو نه ڏسي ڪنچن ڪيس پاڻ وٽ ويهاري سمجهايو.

“ ڏس تون ويندينءَ ته مونکي تورو وٽندو؟ ڪارتِڪ جو خيال ڪير رکندو؟ تو ته سڄي گهر جو ڪم پاڻ تي کڻي ورتو آهي ته مونکي ڪيڏو نه آرام آهي. هاڻ ته سڀ مون تي اڇٽو آهي نه؟ پر پٽ! ڪم جي لالچ ۾ مان توکي اڳيان وڌڻ کان روڪيان ته مون جهڙي ڪا ٻي لالچي ماءُ هوندي؟ توکي وڏيڪ ڇا سمجهايان؟ تون پاڻ ئي سڀ سمجهين ٿي. ڏس تنهنجي ماءُ ڪجهه پڙهيل ڳڙيهل هجي ها ته ڪجهه ڪمائي سگهي ها ۽ مانَ عزت سان جي سگهي ها. چوڻ خاطر ته گهٽا چوندا آهن ته پڙهياسين نه ته ڇا ٿيو هي به هٿ ته آهن نه. جنهن کي محنت مزوري ڪرڻ ۾ شرم نٿو اچي ان کي ڪهڙي محتاجي؟ ڏيءَ چوڻ سولو آهي پر مزوري ڪرڻ ڏکيو آهي. ان ۾ جيڪي مهٽا ٻڌٽا پون، لاچاري سهٽي پوي، ... هرهر مان وڃاٽو پوي! دنيا ۾ ڪجهه سهڪو ناهي! ۽ آخرين ڳالهه ....

اسان وارو سمو الڳ هيو ان ڪري ڪاٽي وياسين. پر هاٽي جو وقت ڏکيو ايندو. تعليم بنا ڪنهن جو ڀلو، ڀَلو ڪونهي. پڙهندا لکندا ته شان مان سان هلي چلي سگهندا.

باقي قاعدن قانونن سان ڪنهن جو پيٽ ناهي پريو. ماڻهو پڙهي لکي تہ اڳيان اچي سگهي. هي سڀ تنهنجي ڀلي جي خاطر چئي رهي آهيان!

۽ ها اتي واري گرهہ ماتا تہ تنهنجي پيءُ جي ڌرم جي پيڻ آهي. آهي تہ ڌرم جي پيڻ پر سڳين کان بہ وڌيڪ آهي. نالو اٿس ذرينا .... ڏاڍي سلڇڻي، ويچار شيل، اصول پسند! هن سان گڏ رهندينءَ تہ توکي ذرتي آڪاش ٻنهي کي ڏسڻ واري درشٽي ملندي. باقي پيءُ جي ڪوهہ ۾ مرڻ لاءِ اسان ٿورو جنم ورتو آهي؟ تون پڙهي لکي پيرين پر ٿي پوءِ تنهنجي شادي ڪنديس."

ڪنچن جڻ ڏيءُ کي ساهري موڪلي رهي هجي تيئن اتساهہ مان تياريون ڪري رهي هئي. ڪارتڪ ڪجھ موڳو موڳو ۽ سجو سُجو گهمي رهيو هو. ڪنچن کو ڪم ڏسيس تہ بہ زوريءَ ڪري. اروڻا وجڻ کان اڳ ڪم اڪلائڻ لاءِ ڊوڙي رهي هئي. هوءَ سوچي رهي تہ جيترو بہ ٿي سگهي ڪندي وڃا تہ ايتري امڙ کي راحت رهي. هن ڪوئلا پيجي ٿانڪي پري چڏي. وڏيل چوري جون ٿالهيون ناهي چڏيون. ويندي ويندي اٿو بہ پيهندي ويئي. ڪارتڪ جي رلهي ڦاٽي پئي هئي تنهن کي بہ سنڌيندي ويئي. وري ڪارتڪ جو ضد تہ اديءَ جي پوتيءَ مان ئي پُڙ چاڙهيو وڃي، تہ جيئن هو اوڏي تہ ادي ويجهي لڳي! ڪنچن اروڻا کان چندرڪانت کي ٽپال لکرائي پر هن وئڪيشن ۾ خانگي پيڍيءَ ۾ نوڪري ورتي هئي ۽ متان بہ ٽيوشن بہ رکيا هئائين ان ڪري نہ آيو هو.

ڪنچن اروڻا کي ڪانپ ۾ چڏي آئي هئي تڏهن کان ڪنيا وِدايہ جهڙا گڏيل ڀاوَ محسوس ڪري رهي هئي. هڪ طرف بي فڪر ٿي هئي تہ چلو اروڻا جو پوشيہ سڌرندو ۽ ٻي طرف اروڻا ناهي تہ ڏک. هر هر هن جي ڪمي محسوس ٿئيس. گهر جڻ خالي خالي هو. ڪارتِڪ تہ هيو، هن جي حاضري ڪيتري ڏسجي؟ ڏيمي ڏيمي ڪنچن کي هير پئجي ويئي. ڏک جي دوا وقت جو وهڪرو! ڏينهن، مهينا ۽ ورهہَ گذرندا رهيا.

هڪ ڏينهن صبوح جو لڳيڳ ساڍي ستين لڳي ڪنچن رنڌڻي ۾ هئي تہ ٻاهران در وٽ جسو ٽپاليءَ اچي هوڪو ڏنو.

" هلو گوراڻي ماءُ. منو مُنهن ڪرايو. سنا سماچار ڪٽي آيو آهيان." اڱڻ ۾ پير پائيندي ڪنچن کي ٿيو چا هوندو؟ هوءَ پوين ويهن سالن کان هڪ ئي خبر جي واٽ نهاريندي رهي هئي ......

## 25

پوسٽ ڪارڊ جسي ٽپالي ڪنچن جي هٿ ۾ ڏيندي چيو، “ توهان جي چندرڪانت کي نوڪري ملي ويئي آهي.”

ڪنچن کي ٽيو. چندرڪانت ٻه امرت جو انش آهي. هن جي خوشي ٻيٽي تي پئي. هن جسوءَ کي مصري ڪارائي منو منهن ڪرايو. ۽ سرهائيَ جا ٻه روپيا ڏيڻ لڳي، پر جسوءَ نه ورتا. هڪ گهر ته ڏائڻ ٻه تاريندي آهي.

ٻهراڙيءَ ۾ جسو جهڙن ٽپالين متان ٽپال ورهائڻ کان علاوه ٽپال لکي ڏيڻ ۽ پڙهي ڏيڻ وارو ڪم ٻه هوندو آهي. ٽپال ورهائڻ ۾ هڪ ٻن ڏينهن جي موڪل رکندو آهي ته هلي ويندو آهي پر لکرائيندڙن کان جند ڇڏائڻ مشڪل ڪم. سڄي پوسٽ ڪارڊ ۾ اڌ کان وڌيڪ حصي ۾ صرف نالا ئي هوندا آهن، خط لکڄي انهن جا يا لکرائيندڙن جا. ان ۾ ٻه اگر ڪنهن جو نالو رهجي ويندو آهي ته مصيبت ٿي پوي. حالانڪ جسو ان ۾ ٻه ڪمائڻ وارو ڪيميو ڳولي ورتو. ٽپال لکي ڏيڻ جو آنو – ٻه آنا – جنهن کي جهڙي تڪڙ ان مطابق وٺي. ٽپال پڙهڻ وارو ڪم هو دوستن جي سهايتا سان ڪندو هو. پوسٽ ڪارڊ پڙهڻ جو ته ڄڻ سيني کي اڻ چيو اڌيڪار. انتر ديشي ڳول نليءَ جهڙو ڪري ڳهمائڻ ۽ ماڻهن جي گهر پريوارن جي ڳالهين مان مزو وٺڻ. لفافو کولڻ ۾ توري ڪلا – ڪاريگري ڪرٽي پوندي هئي. تورو ٿلهو لفافو هجي ۽ ان ۾ ٻه پريم ڪٿا ملي وڃي تڏهن ته مزو ئي مزو. ڳوٺ جي ڪافي سارن ماڻهن کي ان ڳالهه جي خبر. هڪ ٻه ڀيرا ته پلي پائي جي ساڻي جيوي جسوءَ کي ڊنگول ٻه ڪدي، جنهن جي ڪري تورو ڍلو ٿيو، پوءِ ٻه موقعو ملندو هو ته ڇڏيندو ڪونه هو.

پر اڄ ته سچي دل سان ڪنچن لاءِ سٺا سماچار ڪٽي آيو هو. گوراٽي اما کان ناحق جو ڪجهه ٻه نه ونڃي......!

پوين ويهن سالن ۾ اگرين تي ڳٽي سگهجن ايترا مڏ سٺا سماچار آيا هوندا. حالانڪ جنهن جي هوءَ سالن کان واٽ نهاريو ويني آهي اها خبر ته الاجي ڪڏهن ايندي؟ چندرڪانت کي احمدآباد ميونسيپاليٽيءَ ۾ ڪلرڪيءَ جي نوڪري ملي هئي. امرت جي سونپيل جوابدارين منجهان هڪ ته پار پيئي. بس هاڻي پرڻجي گهرگرهستيءَ وارو ٿئي ته آرام.

حالانڪ پويان ئي پويان اروٽا تيار آهي. ڏيءَ ڏڻ، ڪيس وڏندي کھڙي ويرم! جهوير پايي هجي ها تہ چوي ها ڏيءَ ۽ ڪچري جو ڍڳ بڻي سريڪا. پيا پيا وڏندا رهندا آهن. ڪنچن ڪي ٿيو تہ جهوير پاپي ۽ جيا جهڙي نٽان هجي ها تہ ڏيءَ بابت سندس خيال بدلجي وجي ها. اروٽا ڪاليج ۾ آئي ۽ ان ئي سال جَيا احمدآباد جي وڪاس گرهہ ۾ بدلي ڪرائي ورتي. ڪنچن کي ٿيو هي چندرڪانت پنج سال ڪن نوڪري ڪري ۽ تنهن درميان اروٽا ڪاليج ڪري وني تہ بنهي پاءُ پيڻ جون گڏ شاديون ڪرائي سگهجن. هڪ ئي خرچ ۾ بہ پرسنگ پتجي وجن. من تہ گهڻو ڌم پچاڙ ڪندو آهي پر آخر ڪار تہ سڀ ڪجهہ مالڪ جي هٿ ۾ آهي. ڏسو نہ ڪنچن ڪيتريون ساريون ڀاڏائون رکيون هيون پر ڪارتِڪ ستين ۾ ناپاس ٿيو ۽ سال بگڙيو. نہ تہ ان کي بہ چندرڪانت وٽ احمدآباد موڪلي چڏي ها. هاءِ اسڪول ۽ ڪاليج سڀ ڪجهہ گڏ ئي گڏ پتجي وجي ها. ڪارتِڪ کي چوپڙين کان چترن ۾ وڌيڪ مزو ايندوهو. هن سوچيو تہ جيا کان پڇائيندس تہ اتي ڪا اڳيان پڙهائي واري لائن بہ هجي تہ؟ باقي هي چوڪرو بين جيان ڪونہ پڙهندو. هونئن بہ سُياءَ ۾ ڪجهہ الڳ ئي آهي. سڄو ڏينهن سيم ۾ رلندو وتي ٿو. گهر کان تهندو آهي. ننڍو هو تڏهن ڏسيل ڪم ڪندو هو، جڏهن کان چندرڪانت کي نوڪري ملي آهي تڏهن کان تقريبن هر ڳالهہ ۾ ڪن کان ٻڌي بڻي ڪن مان ڪڍي چڏي ٿو. گهر کان اسڪول وڃڻ لاءِ نڪرندو آهي پر اسڪول نہ پهچندو آهي. هڪ دفعو ماستر ڪنچن کي چيو بہ سهي. ڪنچن ان ڏينهن ماريس تہ سامهون ٿيو. ٿڪجي هارجي ڪنچن سندس نالو ونڻ چڏي ڏنو. هن کي بس بڙودي وجڻو آهي. ۽ چترڪلا جو اپياس ڪرڻو آهي. پر ستون درجو ناپاس، ڪيس ڪير داخل ڪندو؟ ۽ چترن جي پڙهائيءَ ۾ ڪاڳر، رنگ ۽ بين شين جي پنيان وارو خرچ بہ ڪافي ٿيندو آهي. مجي ونو چندرڪانت ٿوري مدد ڪري پر ڪنچن کان اهو سڀ ڪٿان پڄي؟جَيا سان ڳالهائي تہ ڪا تڪليف نہ رهي، پر هن مٿي بہ تہ اروٽا جي ذميواري وڌي آهي اتي هيءَ بي ڪٿان وجهجي. اتفاق سان هڪ ڏينهن پلاپائي گهر آيو. هُونئن تہ اهي قليل ڪڏهن ايندو هئو. هري پريا جي ذريعي ئي هو هڪ ٻئي کي سڃاڻندا هئا. ٿيو ائين جو ان ڏينهن ڪنچن گهر کي راڳو ڪرڻ لاءِ چيٽو مٿي پُسايا هئا. تقريبن ٻنپهرن جو، ڪارتِڪ اسڪول ويو هو. ڪنچن ڪمري ۾ راڳو ڪري رهي هئي ۽ ٻاهران گيٽ وٽ ڪنهن ڪڙو ڪڙڪايو. چيٽي مٿيءَ وارن هٿن سان ڪنچن دروازو کوليو تہ سامهون پلاپائي بينا هئا!

اونچو سنهڙو ڪٽڪائون ديهہ. چهري تي هلڪيون مڇون، ليمي جي ڦاڪ جهڙيون اکيون. ڪنچن پل پر لاءِ هبڪي ويئي. ڪيس خيال بہ نہ رهيو تہ ڪو هن جي مٿي تان

ساڙهيءَ جو چيڙو سِري ويو آهي. چوتو ڪيل وار ڊلا تي ڪنڌ تي پيا آهن ۽ راڳو ڪندي بيٺ بڌل آهي، شلوار ڪنجيل آهي جنهن جي ڪري پير ڳرين تائين ڪلا آهن.شايد پهريون پيرو هوءَ ڪنهن پرائي پرش جي اڳيان هن طرح بيني هئي. اڌ گهڙيءَ ۾ هن پاڻ کي سنڀالي ورتو. راڳي وارن هٿن سان متي تان اوڍيو " ادا پلي ڪري آئين" چوندي هن بڌل بيٺ چوڙي ۽ ڪنجيل شلوار به سريڪي ڪئي.

پلاپائي سنڪوچ وچان اڱڻ ۾ پير پاتو ۽ ڏيمي ستي ماتا واري هنڌ طرف مڙيو. جوڙو لاهي درشن ڪيا. ڪنچن ورانڊي وٽ دروازي جي پرسان پاٽيءَ جو گلاس ڪٽيو بيني هئي. هو آيو ۽ ڪنچن کان پاٽيءَ جو گلاس وٺي ڪرسيءَ تي وينو. ڪنچن ڪماڙ جي ٽيڪي سان بيني هئي. گلاس واپس ڪندي پلا پائي ڳالهايو:

" گهڻن ڏينهن کان توهان سان ملڻو هو پر موقعو نه پي مليو. وچ ۾ هڪ پيرو ويچار آيو ته هن کي يعني توهان جي سهيليءَ کي موڪليان پر وري سوچيم ڪجھ ڳالهيون سڌيون ڪجن ته ٺيڪ. " رڪجندي هن ڪنچن سامهون ڏٺو ۽ اڳيان چيو:

" چوٽين ۾ چيل آهي ته سنگهاسن تي وهنڊڙ پيءُ مري پر پرايا پيهٽا پيهنڊڙ ماءُ شل ڪنهن جي نه مري. ڳالھ به ڪجھ صحيح آهي ته ڪجھ اڌوري به. حقيقت ۾ ٻار کي زندگيءَ ۾ ماءُ يا پيءُ ڪنهن هڪ بنا به نه هلندو آهي. مان ڏسان پيو توهان جي تپسيا، ڪيڏو سارو سهي توهان ٻارن کي وڏو ڪيو آهي. پيءُ جو فرض به نڀايو آهي پر ڪمي آهي سا ته آهي ئي." هو ڪنچن جو ردِعمل ڏسڻ لاءِ رڪجيو. ڪنچن کي ڪجھ سمجھ ۾ اچي رهيو هيو ۽ ڪجھ نه.

" پلا پائي توهان صاف لفظن ۾ ڳالھ ڪريو، مان منيان نه پائيندس."

" ڳالھ هيئن آهي ته توهان جو ننڍڙو ڪارتِڪ ويريدر جي سنگت لڳو آهي. سڄو ڏينهن جهانپل دي جي اوتي تي پيو هوندو آهي. پارت سنگھ جو متي جو وار به قرض ۾ ٻڌل آهي. هو اوطاق تي جُوا ڪيڏندو رهي ۽ هي ويريدر ڳوٺ جا ٻار گڏ ڪري مار ڪٽ ڪري، لڦڙا ڪري. پاڻ کي ائين ٿئي ته ڳوٺ جو نالو تو بدنام ٿئي پر آخر ڪيستائين ڪيس پوليس کان بچائجي؟ ڪارتڪ جي هن سان اُٿ ـ ويهه هجي اهو ٺيڪ ناهي."

ڪنچن ڪجھ چئي نه سگهي. هن جو من پرجي آيو. پوين ڪيترن مهنن کان هن کي جيڪو ڊپ هيو اهو اڄ سچ ثابت ٿي رهيو هو.چندرڪان سنئون سڌو ۽ مانيٽو. هو وڏو ٿيو ڪنچن کي خبر نه پيئي هئي پر هن ڪارتڪ جو چا ڪجي؟ هن پريل آواز مان چيو:

“چا ڪريان ادا؟ رات ڏينهن ان جي چنتا ٿيندي اٿم. گذريل سال ستين ڪلاس ۾ فيل ٿيو. ڪيترو ئي سمجهايو اٿم ته امتحان ڏي پر الاجي چو مونکي ته جڻ پاڻ جي دشمن سمجهندو آهي. ڳالهائيندو ئي ناهي. ڪجهه چئوس، مار ڪُٽ ڪريوس ته چپ سبي ويهي رهندو آهي. ”

“ ائين تون ڊڄي نه ٿي. ڪيس آرام سان ويهي پڇينس، پڙهڻو نه هجي ته ڪنهن ڪم تي لڳائينس.”

“ نه هن کي ته چترڪلا جو پڙهڻو آهي. بڙودي وڃڻو آهي، پر منهنجي حيثيت ئي ڪٿي آهي جو مان موڪلي سگهانس. اجا ته چندرڪانت کي نوڪري ملي آهي تنهن کي به سال به ته نه ٿيا آهن. هن جي نوڪري پڪي ٿي وڃي پوئي ئي ڪجهه سوچي سگجي ٿو ۽ هن چترڪلا کي پڙهي چا ڪندو؟ ان مان کهڙي ماني ملندي؟”

“ تون هيئن ڪر، هن کي مون وٽ موڪلج. مان هن کي سمجهائي ڪو رستو ڪيندس. ۽ ها اگر هو چترڪلا ۾ نالو ڪيندو ته توکي هن جي ته چا تنهجي مانيءَ جي به چنتا ڪونه ڪرڻي پوندي. چڱو ته مان هاڻي هلان ٿو.” چوندي پلاپائي وراڻدي واريون ڏاڪڻيون لهڻ لڳو. جوتو پائي هڪ منٽ ويهي رهيو ۽ چيائين:

“ تون ڪارتِڪ بابت فڪر نه ڪج، هن جو بڙودي وڃڻ جو انتظام مان ڪري ڏيندس. ان کان علاوه اڏ رات جو به تنهجو ڪو ڪم هجي شرم نه ڪج. تون ڳوٺ جي نياڻي ئي نه پر هن جي سکي به آهين. تون ته مني پاڻيءَ جي ميجي هتي ڪاري پاڻيءَ ۾ پلجي پيئي آهين. هوندي جيڪا ايشور جي مرضي. پر ايترو ڄاڻج ته تون اڪيلي نه آهين.”

پلا پائي ويو. ڪنچن کي ٿيو صفا سڪل نديءَ ۾ به ويئريون هونديون آهن سهي!

بڙودي وڃڻ واري ڳالهه ڪارتِڪ کي ننهن چوٽيءَ تائين جڻ بدلي ڇڏيو. ڪنچن کي من ۾ اونو رهندو هو ته هن پير جي تڪليف سان هو ڪهڙي ريت شهر ۾ رهي سگهندو؟ پر ائين ڪرڻ سان جو هن کي هن جي من کي وٽندڙ ڪِرت ملي ويندي ته گهٽ ۾ آڌي رستي ته ڪونه ويندو. بڙودا وڃڻ ۾ هفتي جي دير هئي ۽ هڪ شام جو هرجي پٽيل وارو ڪالو ڪارتڪ کي گهليندو گهر وٺي آيو. پنيان ماڻهن ۽ ٻارن جو ٽولو هيو. ڪنچن ڊڄي ويئي.

ڪارتڪ جي منهن مان رت نڪري رهيو هو. سجو ٻُت متيءَ سان اٽيو پيو هو. ٻئي پير لٽل هئا. ڪنهن ڪيس ڪنڌن جي واڙ ۾ گهليو هجي اهڙا. هڪ هٿ لٽڪي رهيو هو. ڪارتڪ ڪروڌ ۽ پيڙا جي ڪري روئي به نه پي سگهيو .

جڏهن ڪان پلا پائي ڪارتِڪ کي گهرائي سمجهايو ۽ ڪيس ٻڙودا موڪلڻ واري ڳالهه ڪئي هئي تڏهن ڪان ڪارتڪ ويريدر جي سنگت ۾ وجڻ ڇڏي ڏنو هو. ويريدر کي ڊپ هيو تہ ڪارتڪ هن جي ڪارنامن جي پول کولي وجهندو. ڳوٺ ۾ ٽيندڙ ننڍيون وڏيون چوريون، جيئن تہ ڪنهنجي سائيڪل جي گهنٽي چورائجي وڃي، ڪنهن جي بُليٽ گاڏيءَ جي پيٽرول جي ٽانڪي خالي ٿي وڃي، ڪنهن جي ڳئون ڌهڻ وقت ڳابو ڇٽي وڃي، تلائن ڪوهن تي مايون ڪپڙا ڌوئنديون هجن يا وهنجنديون هجن تڏهن وڻ جي ٽارين تي چڙهي لڪي لڪي نهارڻ واري عادت، ڪير ڪنهن سان هلي ٿو ان جون ثابتيون ڳولڻ، دير رات جو ڪنهن اڪيلي رهندڙ عورت جي ڇت تي پٿر پتر اڇلائڻ، ڪنهن بينل بنيءَ ۾ ڊور ڇڏي ڏيڻ ۽ وجهہ ملي تہ ٺاڪر مندر مان پرچورڻ ميڙي وڃڻ .... اهڙا ڪئين ڪيترن گورک ڌنڌن جو ڪارتڪ ساٿي ۽ ساکي رهيو هو.

هڪ ڏينهن واڙي ۾ ڪارتڪ لغڙ اڏائي رهيو هيو. ۽ ويريدر پنهنجن ساٿين سان گڏ اچي پهتو. ڪارتڪ ڪجهہ سمجهي تنهن ڪان اڳ هن جا لغڙ ڦاڙي ڇڏيا. ڏورن واري ڊيري دور تلاءَ ۾ اڇلائي ڇڏي ۽ لتون مڪون هڻي ڪارتڪ کي هيٺ ڪيرائي ڪيس ٻبرن جي ڪندن ۾ گهليو ويو.

“ وڃ. تنهنجي ماءُ کي پڇي اچ تہ هن جا گهڻا مڙس آهن؟ ۽ هن حراميءَ کي چئج تہ توکان ٿئي سو ڪري ونج. هو توکي ٻڙودي موڪلي ٿو، مان ڏسان ٿو ڪيئن ٿو موڪلي هو؟ ”

ڪارتڪ مار تہ سهي ويو هو پر ويريدر ڪنچن ۽ پلا پائي تان جيڪا ڪيچڙ اڇلائي هئي اها هن جي برداشت ڪان ٻاهر جي ڳالهہ هئي. هو هيٺ پيو هو پر سندس هٿ ۾ آيل سِر ڪٽي ويريدر جي مٿي ۾ نڪا ڪيائين. رت جي ريلي سان ويريدر ويهي رهيو. ان وقت هرجي پٽيل وارو ڪالو سيم مان موٽي رهيو هو. هن هڪل سان ٽولي کي پڃايو. ڪارتڪ جا ٻئي پير لهي پيا هئا. ڪيس ڪلهي تي کڻي گهر وني آيو.

ڪارتِڪ جو ڪابو هٿ اڪڙي پيو هو. پلاپائي کي جيئن خبر ملي تہ هو گاڏي وني ڊوڙي آيو ۽ ڪيس پاسي واري ڳوٺ سيجڪ پور ۾ ڪنهن ويد وٽ کڻي ويو. ڪنچن کي گڏ اچڻ لاءِ چيو پر هن پهريان تہ نا ڪئي. پلا پائي چيو “ ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين ۾ هيئن نراس ٿي ويندينءَ تہ ڪيئن هلندو؟ هل، پٽ تو لاءِ هيڏو سَنو آهي ۽ تون پوئتي هٽي رهي آهين.” ڪنچن ويئي. ويريدر بہ موٽر ۾ هو. هن کي تعلقي جي ڊاڪٽر ٽانڪا ڪنيا. موٽندي

پلا پائي چيو “ هي ٻار وڏڙن جي ميرن منن جو پڙاڏو هوندا آهن. حقيقت ۾ هو ماٺهو اهڙا نہ هوندا آهن.”

ڪنچن واپس آئي تہ ڪيترن ئي ڏينهن تائين طبيعت پڇڻ وارن ماڻهن جي قطار لڳي ويئي. سڄو ڳوٺ پارت سنگهہ ۽ ان جي ماڻهن کان عاجز هو. سڀيئي واٺ نهاريو وينا هئا تہ ڪو اڇي منيءَ جي ڪنڌ ۾ اڇي چڙو ٻڌي! آخرڪار صفا غريب لڳندڙ ڪارتڪ اهو ڪم ڪري ڏيکاريو. ڪنچن کي انهيءَ ڳالهہ جي خبر پيئي تہ هن ڪارتڪ کي چيو “ تو چو جهيڙو پاڻ تي کنيو؟ هتي تہ اڪيليءَ عورت کي عالي موالي گاريون ڏيئي ويندا آهن. ڪنهن کي ڪا لڄ شرم آهي ڪونہ. تون ڪنهن جي ڪنهن جي منهن تي چاٽي ٻڌڻ ويندين. هن ڀيري تون بچي ويو آهين، پر وري اگر ڳالهہ وڌندي تہ هي ماڻهو توکي جيئرو ڪونہ ڇڏيندا.”

“ پلي، اهي ماڻهو مونکي مارڻ کان وڌيڪ ٻيو ڇا ڪندا؟ پر هڪ ڳالهہ تون بہ ڪن کولي ٻڌي ڇڏ. مان سڀ ڪجهہ سهي ويندس، پر ڪو تنهنجو نالو وٺندو ۽ منهنجي پيءُ تائين ويندو تہ مان ان کي جيئرو ڪونہ ڇڏيندس. ”

ڪنچن کي ٿيو هاڻي ڪارتِڪ وڏو ٿي ويو آهي. هن کي پنهنجي مٿان ٿڌي ڇانو جو احساس ٿيو.

پلاپائي جي سڄاڻپ جي ڪري ڪارتڪ کي ٻڙودي جي فائين آرٽس ڪاليج ۾ داخلا ملي ويئي. پهريئين سال جو تہ سمورو خرچ پلا پائي کنيو ٻئين سال کان ڪارتڪ ننڍا وڏا گرافڪ جا، ڊزائن جا ڪم ڪٽي ٿورو گهڻو ڪمائڻ لڳو. هن لائن تہ پيئنٽينگ واري ڪنئي هئي پر ڊيمي ڊيمي هن جو ڪامرشيل آرٽس طرف لاڙو وڌندو ويو. ٽئين سال هن پڙهائي ڇڏي ممبئي جي واٽ ورتي. اتي اشتهارن جي ڪمپنيءَ ۾ ڪم بہ ڳولهي ورتو.

چندرڪانت پڙهڻ ويو تڏهن ڪنچن کي لڳو تہ اروٽا ۽ ڪارتڪ آهن. اروٽا ويئي تہ ڪارتڪ جو سهارو هيو پر ڪارتڪ جي وڃڻ بعد هوءَ بلڪل اڪيلي ٿي پيئي. هيل تائين هن جيڪو ڪجهہ ڪيو پئي ان جي پويان صرف هڪ مقصد هيو ٻار، انهن کي پالڻ، پڙهائي ڍنگ سان ٿئي ۽ هو لائقيءَ لڳي وڃن. ڪنچن کي ٿيو ٻار شروعات وارن ڏهن سالن ۾ جڻ تمام هوريان هوريان وڏا ٿيندا لڳن، پر پوءِ تہ اچانڪ هڪدم وڌندا يعني گهڙيءَ گهڙيءَ وڏا ٿيندا محسوس ٿين. اڃا هينئر ئي تہ چندرڪانت جو آواز بدلجيو هيو تان ڪارتڪ جي منهن تي بہ منهن سَر ڦُٽي آئي هئي. اروٽا ۽ ڪنچن جي چپل جي ماپ

چپٽي وڃائيندي هڪ ٽي ويئي هئي. ڇهنب ـ پنڪ ايندي سيپيئي پنهنجي پنهنجي دشائن ۾ اڏامي ويا.

اروٽا بي. اي. ٽي ويئي. ڪنچن کي هاٽي ٻنهي کي گڏ پرٽائڻ جي اٽتڻ ٽي. هن جَيا کي لکيو لائق ڪنيا ۽ گهوٽ نظر ۾ رکج. پر اروٽا صاف چئي ڇڏيو تہ پهريان نوڪري پوءِ ٻيون ڳالهيون. هوءَ سرڪاري نوڪريءَ لاءِ امتحان ڏيڻ جون تياريون ڪرڻ لڳي. ڪنچن کي ڌڪ ٽيو تہ اروٽا شادي ڪرڻ جي نابري نہ واري ڇڏي يا هن من ئي من ۾ ڪنهن کي پسند نہ ڪري ڇڏيو هجي؟ هن احمدآباد وڃڻ جو طيءِ ڪيو.

## 26

ڪنچن احمدآباد وڃڻ جو طيءِ ته ڪيو پر وڃڻو ڪهڙي ريت؟. پوين سترهن سالن ۾ مڏ ڪانپ تائين وڃڻ ٿيو هو ۽ اهو به مشڪل سان به ٽي دفعا. وري ڪنهن نه ڪنهن جو ساٿ ته هيو ئي. هيءُ ته احمدآباد وڃڻو. ڊگهو رستو، اچڻ وڃڻ ۾ هفتو لڳي وڃي. ايڏا ڏينهن ڪم ڏنڌو ڇڏي ڪير گڏ هلي؟ ڪنچن اڪيلو ئي نڪرڻ جو ويچار ڪيو.

ڪانپ مان احمدآباد وڃڻ جي بس به ملي ۽ ريل گاڏي به. حالانڪ چوماسي ۾ بس بند رهندي هئي. ريل گاڏي ۽ بس جي ڀاڙي ۾ به فرق ۽ احمدآباد پهچڻ ۾ به تفاوت. گاڏيءَ جو ڀاڙو گهٽ پر وچ ۾ ويرمگام جنڪشن ڪان احمدآباد وڃڻ لاءِ گاڏي تبديل ڪرڻي پوي ان ۾ به اگر صبح جو نڪرجي ته اوندهه ٿيندي احمدآباد پهچجي. وچ ۾ اجا ٻين گاڏين جا ڪراسنگ ۽ ڪنڪشن نڙن اهي نفعي ۾. ڀاڳن سان ڪا گاڏي وقت سر پنهنجي منزل تائين پهچائيندي هئي تنهن ڪان ته بس سني. ڀاڙو ٿورو وڌيڪ پر وچ ۾ ڪٿي به ڪجهه بدلائڻ جي جهنجهٽ ڪانه هئي. ڪانپ مان ويناسين سڌو احمدآباد لهڻ.

ڪنچن ڪانپ مان احمدآباد وڃڻ واري بس ورتي. بس ننڍيا وڏا ڳوٺ وٺندي وڃي. گهڙيءَ ۾ پڪن رستن تي هلي ٿي ته گهڙيءَ ۾ ڪچن رستن تي لهي ٿي وڃئي. ننڍڙن ننڍڙن ڳوٺڻ ۾ به ويئي پي. ڪنچن صبح جو ٻارهين لڳي بس ۾ ويني ۽ وجي شام جو ساڍي ڇهين بجي احمدآباد پهتي. گيتا مندر اسٽئنڊ تي لٿي پل پر لاءِ سندس اکيون چرخ ٿي ويئون. ڊگهي عرصي کان اونداهي ڪمري ۾ رهڻ بعد اچانڪ ڪليل موڪري روشن ميدان ۾ اکين کي هير پوڻ ۾ وقت لڳندو آهي. ڪنچن جو ٻالڪپڻ پلي ٻهراڙيءَ ۾ گذريو هو پر هن جو هڪ شخصيت طور وڪاس ڪراچيءَ جهڙي شهر ۾ ٿيو هو. سُڌ ۽ سمجھ ڪراچيءَ مان پرائي، سياڻي ٿي. ان ڪري هوءَ ڪيترا ئي سال ڳوٺن ۾ رهي پر پاڻ کي سڏائي ته شهري. هن جي رهڻي ڪهڻيءَ ۾، ويچار وهنوار ۾ ڳوناڻي ڪهرائي گهٽ ۽ شهري نزاڪت وڌيڪ هئي. ڪنچن جي چرخ ٿيل اکين به چار پيرا اُپٽ پور ڪئي ۽ من ۾ ڪراچيءَ جا ويڪرا صاف رستا، ڊگهيون عمارتون، ٽرام وي ۽ ريل گاڏين وارا منظر ايري آيا. ڪاش! اهي سڀ نرجيو ـ استِر درشيه هجن ها! ڪنچن جي اکين ۾ بوندون اچي ويئون. هاڻي ته صرف يادن ۾ اهو شهر ۽ ان جا رهواسي .... هن هڪ شوڪارو ڀريو ۽

ٿيلهيءَ مان چندرڪانت جي سرنامي وارو ڪاڳر ڪڍيو. هونئن ته جيا جو سرنامو هيو، پر هن سوچيو ته هيئن اوچتو چندرڪانت جي ڪمري تي وڃي ڏسان ته سهي! ڪيئن رهي ٿو ڪيئن نه ، خبر ته پئيم.

هُن اسٽئنڊ تي گهمندي ڪنڊڪٽر کي سرنامي وارو ڪاڳر ڏيکاريوءِ وڃڻ جو رستو پڇيو. ڪنڊڪٽر ڪاڳر پڙهيو ۽ هڪ نظر ڪنچن جي سامان تي وجهندي چيو: " هتان ڪان پري آهي، هيڏو سارو سامان ڪٽي پيادل پڇي ڪونه سگهبو. پيدل رڪشا ڪري وٺو." ڪنچن کي شش وپنج ۾ ڏسي هن چيو: "ڏيو مان ٿو توهان کي رڪشي وارو ڳولهي ڏيان. توهان کي ٺڪاڻي پهچائي ڇڏيندو ۽ پيسا به واجبي وٺندو." ڪنڊڪٽر جي انسانيت ۽ ماٺهپائي ڏسي  ڪنچن کي ٿيو دنيا ۾ اجا سنن ماڻهن جو ڏڪر ڪونهي.

پيدل رڪشا کي ڏسي ڪنچن جا به قدم پوئتي هٽي ويا. گاڏن، ايڪن، گهوڙي گاڏين ۾ وهندي آهي ته بار ڇڪيندڙ جانورن تي ديا ايندي آهي. هت ته ماڻهو ماڻهوءَ جو بار ڇڪي رهيو هو! هن ناڪار ڪئي. ڪنڊڪٽر سمجهائيندي چيو: ادي گهوڙا گاڏيءَ وارو وڌيڪ پيسا وٺندو. ۽ هي ته ڪجھ سنو به آهي. سائيڪل رڪشا کي پيدل هٽٽا پون جنهن جي ڪري رڪشا واري کي گهڻ محنت پوندي آهي. ڪلڪتا جهڙي شهر ۾ ته ماڻهو بن هٿن سان گاڏي جا اڳيان ڊگها به هٿا پڪڙي جانور جي جڳهه تي ڊوڙندا آهن. ۽ بابو پنيان وهندا آهن. رڪشا واري به جوڙيندي چيو: ادي توهان جيئن اگر سيبيئي اسان تي ديا ڪائيندا ته اسان ڇا ڪائينداسين؟

نئون شهر، وهڻ بنا بي ڪا واهه ڪانه هئي. مٿان سامان به گهٽو هو. بارن لاءِ هنيون پئي هُريو. يجمانن وٽان آيل اَنُ، ڪوڪن جو ڳوٽرو، اروٽا جي لاءِ پولڪي جا پيس، جَيا جي لاءِ پنج جوڙون ڪپڙا، ٿالهي پياليون، چندرڪانت ڌوتي پائيندو ڪونه هو ان ڪري ان لاءِ بن قميصن جيترو اڇو ڪپڙو ۽ منائيءَ جو دبو به. سامان وڌي پيو هو انهيءَ ڪري رضائي ڪٽي اڇڻ وارو ويچار ترڪ ڪري ڇڏيو هو. گهر شيون وٺنديون ويندييون هيون پر ڪائيندڙ يا واپرائيندڙ پاڻ اڪيلي . ڪڏهن ڪڏهن يجمانن کي شيون آٽڻ جي منع ڪرٽي پوندي هئي. ته ڪڏهن اوڙي پاڙي ۾ ورهائي ڇڏيندي هئي. جهوير پاپي بنا گهرڻ جي صلاح به ڏيندي هئي. تنهنجن جي پاءُ کي وڌيل شيون دوڪان تي ڏيئي روڪ وٺي ڇڏيندي هجين ته." پر ڪنچن جو من نه مڄيندو هو. تلڪچند اڌ قيمت ڏئي ها ۽ وري اهي شيون بيٽي قيمت ۾ يجمانن کي وڪٽي ها، اهڙا گورک ڌنڌا ڪير ڪري!

ڪنچن پئڊل رڪشي ۾ ويٺي ته سهي پر هن جو جيو ڏُري رهيو هو. پگهر ٽمندڙ پنيءَ تي ڇهتي ويل قميص، گوڏن تائين ميري گندي پوتڙي، پيرن جي پنڊين جا اپريل سنايو. ۽ هٿن جون چڪيل نسون، پر ڪندي چبو ٽيندڙ سرير. ايلِيس بريج واري ڍار ايندي ڪنچن کان صبر نه ٿيو هن چيو " بيهو ادا، هي ڍار مان هلي وينديس." رڪشا ٿوري ڊيمي ٿي ۽ هوءَ لهي ويئي.

پل وٽ ڪابي باغيچي جي ٻاهران رستي تي ۽ سامهون واري رستي تي هٽڙيون سميٽيندڙ ماڻهو، ويندي ويندي ڪجهه ڪتي وڃڻ جي لالچ ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ گراهڪ . جمعي واري بازار وڪرجي رهي هئي. پل جي ناڪي وٽ وجي رڪشا وارو پگهر اگهندي بِيهي رهيو. ڪنچن کي ڏسي چيائين " ادي تون هتان جا ته ڪونه تي لڳين. هتي ته پائي پائي وصول ڪرڻ وارا ماڻهو پيا آهن. ڪڏهن ڪڏهن اسان ٻاڻ وينتي ڪندا آهيون ته مهرباني تي سگي ته ٿوري دير جي لاءِ لهي پئو ته نيڪ ٿئي ته وڙهي پوندا آهن. ۽ پيسا ڪاٽي ونڻ جي ڌمڪي ڏيندا آهن. توهان جهڙا رحم دل انسان ته مڏ ملندا آهن." پوءِ ته رڪشا وارو چڻ گائيڊ جو ڪم ڪري رهيو هو.

" ادي هيءَ پل آهي ته لوهه جي پر ماڻهون هن کي ڪانئين پل چوندا آهن. هيءَ اهڙي پل آهي جو سو سالن تائين به هن کي ڪجهه نه ٿيندو." پل جي ٻنهي طرفن کان گولاڪار ڪمانن مان سابرمتي وهندي ڏسجي رهي هئي. پل ختم ٿيندي رڪشا واري چيو" سنيالي ڏاڍو جهلجهو." ۽ ڍار لهندي هن جي رڪشا ڊوڙڻ لڳي. رڪشا واري جي چهري تي سامت ڏسي ڪنچن کي ٿيو ' سجو رستو هلڪو ڦول هجي ها ته ! 'پر جيون ۾ سيني کي ڪٿي نه ڪٿي ڍار چڙهڻا پوندا آهن. ۽ ڪٿي لهڻا به پوندا آهن. شايد ٻئي شيون زندگيءَ ۾ ضروري آهن. نه نه حقيقت ۾ ته هڪ آهي جنهن جي ڪري ٻي آهي. سک نه هجي ڏک کي سڃاڻي به ڪير؟ ۽ ڏک نه هجي ته سک کي ڪيئن ماڻي سگهجي؟

" ادي ، هيءُ احمدآباد جو وڏي ۾ وڏو اسپتال " واڙي لال" رڪشا واري جي آواز جي ڪري ڪنچن جي ويچار تند ٽٽي. وسيع عمارت جي سامهون واري پاسي هڪ ٿنڀ تي مادلپور جو پاٽيو لٽڪي رهيو هو. ڪو جهونو ڳوٺ هوندو، هاڻي ته هن جو نالو به مٽجندو ويندو هوندو، شهر وڌندي ڪيترائي ننڍڙا ننڍڙا ڳوٺ ۽ قصبا انهي ۾ جذب ٿي ويندا آهن.

' ستياگره آشرم' وارو بورڊ پڙهندي ڪنچن کي ٿيو ' چلو ڪوچرب اچي ويو. موقعو ملندو ته جيا سان گڏجي سابرمتي آشرم به ڏسڻ وينديس.اهو ته چندرڪانت جي پاسي ۾ ئي آهي.' ڪنچن کي تمام وڻيو.

مندر جي مورتيءَ جا درشن پلي دور هجن پر پڙائيءَ جي درشن مان جيڪا راحت ملندي آهي اهڙي ئي ڪجھ راحت جو ڪنچن کي احساس ٿيو.

ڪوچرب ڳوٺ ۾ نئين پٽيل واس ۾ چندرڪانت جو روم ڳولهڻ ۾ ڪا خاص تڪليف نہ ٿي. ڏينهن الهڻ لڳو هو. ڪنچن رڪشا مان لٿي. رڪشا واري سامان هيٺ لاهڻ ۾ مدد ڪئي. طيءِ ڪيل ڀاڙي کان ٻہ آنا وڌيڪ ڪنچن رڪشا واري کي ڏنا ۽ چيو " توهان تہ مونکي احمدآباد ٻہ ڏيکاري ڇڏيو"

چندرڪانت جي ڪمري اڳيان پاٽيو لٽڪي رهيو هو ' شري چندرڪانت امرت لال شڪل، بي. ڪام ' ڪنچن جي ڇاتي ڳز ڳز ٿلي پيئي. ڪمري جو دروازو اڌ کليل هو. پهرين ڏاڪڻ تي پير رکندي ڪمري مان ڪنهن عورت جي ڪلڻ جو آواز آيو. ڪنچن بِيهي رهي. جوان ڇوڪرا! ٿورڙو پاڻ کي سنڀاليندي در کڙڪايو.

" اچان ٿو، اچان ." چندرڪانت جواب ڏنو.در پورو نہ کوليندي هن ٿورو منهن ٻاهر ڪڍيو" امان تون؟!! چوندي هو حيرت ۾ پئجي ويو. ڪائونس ڪنچن جي هٿ مان پيتي ونڻ ٻہ وسري ويو.

" ها ابا مان، هي هيٺ پيل سامان ڪٽي هل." چئي ڪنچن در وٽ بيهي رهي. ڦڪو ٿيل چندرڪانت ڪجھ ٻہ چوڻ جي بنا سامان ڪنيو ۽ سجو در پير جي اڱوٺي جي نيس سان کولي ڇڏيو. ڪمري ۾ گهڙندي ڪنچن ڏٺو تہ هڪ ڇوڪري کٽ جي سامهون پيل ڪرسيءَ تي ويني آهي. ڪنچن کي ڏسي اٿي بيني.

" ويهه پٽ ويهه، چوندي ڪنچن پاڻ کٽ تي وڃي ويني ۽ ساڙهيءَ جي ڇيڙي سان منهن اگهڻ لڳي. هوءَ ڇوڪري پاڻ پاٽي ڪٽڻ ويئي. هڪ ڀرپور نظر ڪنچن ڪمري ۾ گهمائي. ننڍين وڏين شين جي رکڻ مان ڪنهن جو امنگ ۽ اتساهہ بکي رهيوهو. ڪنچن ڏٺو تہ چندرڪانت ڏيمي ڏيمي گهر وسائڻ شروع ڪري ڇڏيو هو. پاڻ گهران ڏنل ٿانون کان علاوہ نئين گهاٽ گهاڙيٽي جا ٿانو ٻہ نظر اچي رهيا هئا. جن کي ڏسي هن کي ٻہ ڳڏيل مسيل احساس ٿيو. ڪيس برو تہ ڪونہ لڳو پر هوءَ راضي ٻہ ڪونہ ٿي.

ڇوڪريءَ جي هٿ مان پاٽيءَ جو پيالو وٺي ڪنچن کي ڏيندي چندرڪانت سهجتا سان چيو " امان هيءَ وِشاڪا آهي، ڳڏريل سال کان اسان سان جڙي آهي. "

وشاڪا نمستي ڪئي. جنهن جو جواب ڏيندي ڪنچن ڳالهہ کي الڳ ئي موڙ ڏنو. " ها، ڪجھ ڪجھ ٿورو ٿورو ياد اٿم، تو هڪ ڀيرو ٽپال ۾ لکيو هو." وري وشاڪا ڏانهن نهاريندي چيو" ڏاڍي تعريف ڪندو آهي تنهنجي. مونکي تو چوي " مددگار ٿئي اهڙي آهي."

چندرڪانت ڳالھ جي تند اڌ وچ مان ڪٽيندي چيو“ ڏس نہ ھي مونکي ڪلھہ تپ آيو ھو انھيءَ ڪري اڄ آفيس ڪونہ ويس تہ ھيءَ ھتي پڇڻ ھلي آئي آھي. وري چوي ٿي تہ ڏي تہ ڪچِٽي ٿي رڏي ڏيانو.”

وشاڪا ويئي تہ چندرڪانت ڳالھ ڪئي. وشاڪا جو پيءُ چالو نوڪريءَ اچانڪ گذاري ويو. جنھن جي ڪري ڪيس رحم راھ تي نوڪري ملي ويئي. ياڻس تمام ننڍڙو ھو ۽ ماڻس ڪو خاص پڙھيل ڪونہ ھئي. وشاڪا ڪاليج جي ٻئين سال ۾ ھئي. ڪيس مئٽرڪ جي آڌار تي ڪارڪن جي جڳھ تي ڪٽي ورتي. حالانڪ ماڻس ويچاريءَ کي ڊپ ھيو تہ ڇوڪري پرٽجي ويندي پوءِ ڇا ٿيندو؟ پٽ وڏو ٿئي انھيءَ انتظار ۾ بڪايل ٿورو جي سگھجي؟

احمدآباد ۾ پھرين رات بنا ننڊ جي ڪنچن ڪاٽي. ھن کي ڳُتي ھئي تہ اروٽا ڪو ڇوڪرو نہ ڳولھي وني.ھتي تہ الڳ ئي ڳالھ ھئي. حالانڪ اجا چندرڪانت صفا ڇٽو چيو ڪونہ ھيو پر چوڻ جي ضرورت بہ ڪھڙي ھئي. ڪنچن کي انھيءَ ڳالھ تي ڏاڍو صدمو رسيو ھو ائين بہ نہ چئي سگھجي. ھوءَ ڪڏھن ڪڏھن چوندي ھئي “ ڏيءَ آٽجي چاھي اُٽان، پر ڏيءَ ڏجي تہ ڪُلوان گھر ۾.” ھتي تہ انھي چوٽيءَ مطابق ئي ھيو” راجا کي وٽي سا راٽي” پر ڪنچن کي پٽ جي ماءُ تي وڏپ ڏيکارڻ جو جذبو ھيو. ٻن ڇئن گھرن کان ڇوڪريءَ وارا اچن ۽ انھن مان پٽ لاءِ ڪنوار پسند ڪئي وڃي! ھن کي نات پرنات جي ڪا خاص پرواھ ڪانہ ھئي. ايئن بہ ڪونہ ھيو تہ وڏ گھراٽي ڇوڪري اچي ۽ ڏاجي ۾ ڇگو ڏيج ڪٽي اچي. بس ڪنچن کي ٿورو من ۾ ھيو تہ چندرڪانت سندس ٿورو حق ڪسي ورتو آھي.

ٻئي ڏينھن چندرڪانت ھن کي جيا وٽ ڇڏي آيو. اروٽا سويل سويل ئي سنستا جي آفيس ۾ ڪم ڪرڻ ويندي ھئي. شيوا جي شيوا ۽ ٿورو دفتري ڪم ڪار بہ سگھي سگھجي. ڪنچن کي ڏسندي شرط ڪنچن سمجھي ويئي تہ ياپي ڪنھن ڳُتيءَ ۾ آھي. چندرڪانت جي ويندي ئي ھن پڇي ورتو. سڄي رات جي اوجاڳيل ڪنچن جَيا سان وشاڪا ۽ چندرڪانت واري ڳالھ ڪئي.

جيا چيو“ آھاھا … انھيءَ ڪان سنو ٻيو ڇا گھرجي؟ ڇوڪري اسان جو ڪم آسان ڪري ڇڏيو. ” پوءِ ڪنچن کي سمجھائيندي چيائين “ ياپي سچ چئجو ھتي اسان جو ڪير آھي؟ ھو تون چئين ٿي اھو گھمي ڦري رامپر واري جو ترِيُون. انھيءَ ۾ اسان تہ شروع کان ئي ٻاھر آھيون ۽ ھاٽي نات ٻاھر ڪير ڪيندو؟ ڳالھ صحيح آھي تہ اسان جي ڪراچيءَ ۾ شاخ وڏي آھي، پر ھتي؟ مونکي لڳي ٿو تہ توکي انھيءَ ڳالھ تي وڌيڪ منيان لڳي آھي تہ

چندرڪانت پاڻ پاڻ لاءِ پاتر (ڪردار) پسند ڪيو آهي. پاپي ٿورو سولو مطلب ڪڍيو. سياڻي هن پسندگيءَ جي جوابداري تو تي ته ڪونه وجهي سگهندو!.

ڪنچن چيو ته پوءِ اسان کي وشاڪا جي ماءُ سان ملڻ گهرجي. مونکي شڪ آهي ته چندرڪانت اسان جي پرستتيءَ بابت پيٽ ڇٽي ڳالهه شايد نه ڪئي هجي.” اروٽا آئي ته ٽئان پاپيءَ جي ڳالهه اڌ ۾ رهجي ويئي. ڪاڏيءَ جي ساڙهيءَ ۾ اروٽا کي ڏسي ڪنچن کي ٿيو ڄڻ هوءَ هن جي اڌورن خوابن کي پورو ٿيندي ڏسي رهي آهي.

هفتو گذري ويو جنهن جي سمڪ ئي نه رهي. انهيءَ وچ ۾ ڪنچن ۽ جيا وشاڪا جي ماءُ سان ملي آيون. جڏهن ڪنچن وشاڪا جو سرنامو گهريو ته چندرڪانت ايڏو ڪو راضپو ڪونه ڏيکاريو. جَيا صاف پڇي ورتو “ چوڪري توکي نٽي وٽي؟”

“ نه صفا ائين به ناهي، اسان سوچيو پئي ته هڪ ته هن جو پاءُ ڪٽي نوڪريءَ لڳي وڃي ۽ ٻيو اروٽا جو به ڪو بلو ٿي وڃي. خرچ بابت به ٿورو ترسون ته .... ”

جيا ڪجهه چوي تنهن کان اڳ ڪنچن چيو” ڏس ابا، توکي چوڪري وٽندي هجي ته پوءِ اسان کي جوان چوڪريءَ جي ماءُ کي بي فڪر ڪري ڇڏڻ گهرجي. اروٽا جو نصيب اروٽا سان، ۽ هاڻي خرچ جي به ڪا ايڏي چنتا ڪانهي. ڪارتِڪ به ممبئيءَ ۾ ٽائنيڪو ٿيندو پيو تو وڃي. اهو ته لک ملي ڪونه ۽ لڪاپتي ٿي نه سگهجي. آمدني شروع ٿي وڃي پوءِ سڀڻ رشتيدارن جي مدد به وني سگهجي ٿي. ڏيري ڏيري پيسا واپس موٽائي ڏجن. سنسار ۾ سپيئي وهنوار ائين ئي هلندا آهن. ۽ هاءِ اسان کي اسان جي حيثيت ۽ جوبدارين واري ڳالهه به هنن کي چئي ڇڏڻ گهرجي.”

وشاڪا جي ماءُ سان ڪنچن ۽ جَيا ملي آيون. انڌي کي چا ڪپي؟ به اکيون. وارو تال هيو. اهي ناگر برهمڻ هئا. انهن کي به نات پرنات کان پوِشيه جي وڏيڪ چنتا هئي. ڪنچن وشاڪا جي ماءُ کي بي فڪر ڪري ڇڏيو. ” چندرڪانت جهڙو منهنجو پٽ آهي تهڙو توهان جو به. جوان چوڪرو آهي اسان کي ڳالهه پڪي ڪري ڇڏڻ گهرجي. شادي پلي سال مهنن بعد ڪبي. ۽ شادي سادگيءَ سان ڪبي. توهان جوڙ ڪپڙن ۾ ڏيءَ ڏيندا ته به اسان کي ڪا شڪايت نه رهندي. پر هڪ ڳالهه مونکي واضح ڪرڻي آهي ، منهنجو گهر غريب گهراڻو آهي، هتي يجمان ورتي ۽ چوڪري جي نوڪري آهي. هتي پيسن جي ريل پيل ناهي. ٿورو خيال سان هلڻو پوندو. باقي منهنجي گهر توهان جي نياڻي ڏکي ڪونه ٿيندي.” جڏهن چندرڪانت وشاڪا سان پڪي ٿيل رشتي جو گُڙ ڪاڏو، انهيءَ ڏينهن جَيا چندرڪانت کي

سون جي منڊي ۾ ڏيءُ وشاڪا کي سون جو ڏورو پارايو. چندرڪانت کي تعجب ٿيو پر هن ڪجھ ڪڇيو ڪونہ.

وچڙ جي اڳئين ڏينهن اروڻا ڪنچن کي سابرمتي وٺي ويئي. ڳوٺ جي پڇڙ تي. وچ وچ ۾ بنگلا ۽ ڳوٺڙا بہ آيا پئي. هونئن تہ مڪانن ڪان وڻ جهجها هئا . آشرم ۾ گهمندي ڪنچن جي نظر ۾گوتم جي جنم ڏينهن واري اڳين شام  تري ويئي. ڪراچيءَ جو بمبا گرائونڊ. منچ تي گانڌيجي ۽ پنڊال ۾ بيٺل لليتا! ڪنچن جو من پرجي آيو. ڇا گانڌيجيءَ ڀهڙي رت سان رڱيل آزاديءَ جو خواب ڏٺو هو؟

گهر پهچي در ڪوليائين تہ ورانڊي ۾ بہ ٿپالون واٽ نهارينديون پييون هيون.

## 27

احمدآباد کان جساپر پهچي ڪنچن در کوليو تہ وراندي ۾ بہ ٽپالون سندس واٽ ڏسيو پييون هيون.سامان ڪمري ۾ رکي ڪنچن وراندي ۾ آئي ۽ ٽپال کڻي جهولي ۾ وڌي. هڪ پوسٽ ڪارڊ هيو. اکرن مان لڳو پئي تہ ڪارتڪ جو آهي. ٻيو هڪ ڊگهو لفافو هيو اکر اٽچاتل ، وري انگريزيءَ ۾ هيا. ڪنچن پهرين ڪارتِڪ وارو پوسٽ ڪارڊ پڙهيو. چندرڪانت ۽ اروٽا سان هوءَ ملي آئي هئي ۽ هتي ڪارتِڪ جي ٽپال آئي هئي. هن کي ڏاڍو سنو لڳو. ڪارتيڪ ٽپال لکڻ ۾ ٿورو سست هو. ڪنچن جڏهن ڏوراپو ڏيندي هئس تہ چوندو هو " ڪي سٺا يا خراب سماچار هجن تہ خط لکان نہ، باقي مان مزي ۾ آهيان ۽ توهان بہ مزي ۾ هوندا، اڳيان ماحول جا سماچار ۽ آخر ۾ طبيعت سنڀالجو ، فڪر نہ ڪجو، بس. تون چوين تہ منهنجي اکرن ۾ هر روز جي حساب سان اهڙا پوسٽ ڪارڊ ڇپائي ڇڏيان ۽ ٽپال واري کي چئي ڇڏيان تہ روز آفيس کان گهر ويندي پاڇيون ونڻ وجين تہ منهنجي ٽپال بہ وجهندو وڃجانءِ." ڪارتڪ جي ڳالھ سچي پر تہ بہ ويچاري ماءُ جو من. مهني ۾ هڪ اڌ ڀيرو تہ پٽ جا اکر ڏسڻ لاءِ اڪ ترسي. اهو ڪجھ غلط بہ نہ هيو.

ڪارتڪ نوڪري بدلائي هئي. نئين نوڪريءَ ۾ پگهار وڌيڪ هئي.هن رهائش واري جڳھ بہ بدلائي هئي. آفيس جي نزديڪ واري علائقي ۾ پيئينگ گيسٽ طور رهڻ جو انتظام ڪيو هئائين. ڪنچن سوچيو هڪ تہ پگهار وڌي ۽ ٻيو گاڏيءَ ڀاڙو بہ بچندو. هن سڀ کان پهرين ڪارتڪ جي نئين آفيس جو سرنامو لکي ورتو.

لفافو هٿ ۾ ڪڻدي ڪنچن کي ٿيو ڪنهن جو هوندو؟ ڪو سرڪاري ڪاڳر تہ ناهي؟ ڪراچيءَ کان پجي آيا هئا تڏهن ماڻهن چيو هئو تہ توهان ضلعي جي آفيس ۾ وڃي پاڻ جو نالو پناهگيرن ۾ لکرائي اچو. سرڪار زمين يا مڪان ڏيڻ لاءِ سوچيو آهي. احمدآباد ۾ سڄي نڪرباپا نگر ۽ آس پاس واري علائقي ۾ هن طرح جا پناهگير ئي رهندا آهن. ڪانپ ۾ بہ سنڌ گجرات سوسائٽيءَ ۾ گهڻن کي زمينون مليون. ڪيترن ماڻهن تہ گهٽيون ئي صحيح غلط ملڪيتون ڏيکاريون ۽ زمينون هٿ ڪيون. ننڍڙي زخم کي وڏو ڪري ڏيکاري ماڻهن لاڀ پرايا. پر ڪنچن چوي اسان ڪهڙا پناهگير آهيون، ڪجھ تہ ڪجھ پر اڇهو تہ آهي!

ڪنچن ويچار ئي ويچار ۾ لفافو کوليو. انهيءَ ۾ هڪ ٽائيپ ڪيل ڪاڳر هيو، ۽ ٻيو هٿ سان لکيل. ڪنچن کي انگريزي تہ ايندي ڪانہ هئي. هن کي ٿيو ٿي سگهي ٿو

پرديس ۾ رهندڙ امرت جا ڪي سماچار هجن! پر تہ پوءِ امرت انگريزيءَ ۾ خط چو لکيو آهي؟ هن کي خبر آهي تہ مونکي گجراتي بہ مڏ مڏ ايندي آهي، تہ آخر هي ڪنهن جو ڪاڳر تي سگهي ٿو؟ گوتم جو؟ هڪ ناممڪن ڪلپنا ڪندي ڪنچن ڪنبي ويئي. امنگل آشنڪا جي ڪري هن جو جيءُ اونهون لهڻ لڳو. هن هٿ مان لفافو هيٺ رکي ڇڏيو. اهو جڻ ڪو ڦاٽندڙ پدارٿ هيو. هن چاهيو تہ چئن رستن تي منتريل دائرن ڪان جيئن هوءَ پاسو ڏيئي هلي ويندي هئي تيئن هوءَ هن خط ڪان بہ بچي نڪري وڃي. پر انهيءَ ۾ ڇا هوندو؟ هي ڪنهن جو خط هوندو؟ پڙهڻ بنا رهي سگهجي ائين بہ نہ هيو. ڳوٺ ۾ ڪنهن ڪان ڪاڳر پڙهائجي؟ جسوءَ کي تہ چئي نہ سگهجي. اهو تہ جيئرو جاڳندو چاپو آهي. ۽ هن کي انگريزي ڍنگ سان ايندي بہ نہ هوندي. پلا پائي پڙهي ڏئي ۽ هو اهڙو ڪجھ هجي تہ گهر جي خانگي ڳالھ کي بہ  هيٺ لڪائي ڇڏي. ڪنچن گهڙيال ۾ نهاريو. پلا پائي تہ رات جو مانيءَ ٽاڻي بيٺڪ تان اچي. ڪنچن جيئن تيئن رات جا نو وڃايا.

ڪنچن ناڪر صاحب جي حويليءَ تي پهتي تڏهن جيوو بيٺڪ جو دروازو بند ڪري رهيو هو. وچ وارو چونڪ لنگهي ڪنچن هري پريا واري ڪمري ڏانهن مڙي. وراندي ۾ پيٽروميڪس ٻري رهي هئي. ڪيسر سامهون ملي. هوءَ جوني ٿالهي چوڪڙيءَ ۾ رکڻ وڃي رهي هئي. ڪنچن پڇي ان ڪان اڳ چيائين “ پاپي ۽ ادا اندر وينا آهن. وڃو. ” فانوس جي روشني ۾ هري پريا وچٿو هٽندي ويني هئي ۽ آسن تي وينل پلاپائي سُئڙي سان سوپاري ڪُتري رهيو هئو. سامهو صندلي ۽ آسن پيا هئا. ڪنچن کي ڏسي هري پريا اٿي پليڪار ڪئي. ۽ هٿ ڪان جهلي پاڻ وٽ غاليچي تي وهاريندي چيو:

“ سکي، توکي احمدآباد ۾ لڳي ٿو تہ ڏاڍي موج اچي ويئي هئي.”

“ نہ، ادي تو بنا نہ سري تڏهن تہ موٽي آيس.”

“ موٽي وڃن تنهنجا دشمن. ائين اهڙا ڪڏا اکر جو پيئي ڳالهائين. اجا تہ چندرڪانت جي لاڏي جو وٺي اچٽي آهي. ناني نبيرٽو آهي. ائين ڪو موٽبو.

آسن تان اٿندي پلا پائيءَ چيو:

“ جيہ نارا'ڻ.”

ڪنچن مٿي تان اوڍيل سريکو ڪيو ۽ چيو “ جيہ نارا'ڻ.” ۽ هٿ ۾ جهليل لفافو هن طرف ڊگهيڙيو.

“ ڇا آهي؟” هري پريا پڇيو.

“ مان احمدآباد هيس تڏهن ٽپال ۾ آيو آهي. انگريزيءَ ۾ آهي.”

“ جيوا ذرا پئٽروميڪس تہ ڪٽي اچ.” چئي پلا پائي ڪمري ۾ پيل پاٽ تي وينو.

لفافي متي يوگاندا جي ٽڪلي ۽ ڪمپالا جو سڪو هو. پلا پائي کي خبر هئي تہ ڪنچن جو گهروارو ڪمپالا ڊنڊو ڪرڻ ويو آهي. پر هو انگريزيءَ ۾ خط ڇو لکي؟ هن سوچيو ڪو دفتري معاملو بہ ٿي سگهي ٿو. من ۾ ٿورو ڪٽڪو بہ ٿيس. ڪا آفت تہ ڪانہ هوندي نہ؟ هو ڪاڳر پڙهڻ لڳو. ڪنچن ۽ هري پريان سامهون وينيون ڪاڳر پڙهندڙ پلا پائي ۽ کي ڏسي رهيو هيون. شروعات ۾ پلاپائيءَ جو چهرو ڪجھ سامانيہ هيو. جيئن جيئن پتر اڳتي پڙهندو ٿي ويو چهري جا ڀاوَ بدلجندا پئي ويا. بند ٿيندڙ چپ، اونچيون ٿيندڙ اکيون، ڪندن ڪان جهيٽيون ٿيندڙ اکيون ـ ڪنچن ۽ هري پريا جا چهرا پلاپائيءَ جو آئينو بڻجي ويا. نہ آئينا نہ. انهيءَ ۾ استري سهج اٽڻ بہ شامل ٿي رهي هئي. پتر جو انت ڀاڱ پڙهندي پلا پائي من ئي من ڪتي ڪتي رڪجيو، مُنجهيو، ساهہ کنيو ۽ خط ويڙهي ڇڏيو. پلا پائي خط پڙهي پورو ڪيو تڏهن ڪنچن کي ياد آيو تہ ساهہ بہ ڪٽبو آهي.

ڪجھ وقت لاءِ ڪمري ۾ خاموشي ڇانئجي ويئي. ٽنهي مان ڪو بہ ان ايڪانت ۾ پن اچلڻ لائي بہ تيار نہ هو. ٽنهي کي خبر هئي تہ نہ ٽيڻ جهڙو ڪجھ ٿي ويو آهي. ٽنهي ڄاتو ٿي تہ جيڪو ڪجھ ٿيو آهي ان بابت ڄاڻڻ بنا چوتڪارو بہ نہ آهي. پر انهي پڙ پڙ ڪندڙ آگ ۾ هٿ ڪير وجهي اهو سوال هيو. پلاپائي ڄاڻندو هئو، پر ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو بئي کي نہ چئي بہ سچائيءَ کي پاڻ کان بہ لڪائي سگهندو آهي. پر هڪ پيرو جو ظاهر ٿي وڃي تہ پوءِ ان جو مقابلو ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو آهي.

پلاپائي اٽڻ ۾ هئو. ڪنچن خط بابت ئي ڄاڻڻ آئي هئي. عام طور سان هوءَ رات جو ڪڏهن بہ ڪنهن جي گهر نہ ويندي هئي. هن لاءِ اهو خط جيئڻ مرڻ جو سوال هو انهيءَ ڪري تہ هوءَ آئي هئي. هن کي ٽيو خط جي ڳالھ اج ئي ڪرڻي پوندي. سڀاڻي صبح تائين هوءَ ڪيئن صبر ڪري سگهندي؟ وري ٽيو هينئر چوندس تہ هيءَ رات ڪيئن ڪاٽي سگهندي؟ هن وچون رستو ويچاريو. ڪنچن کي ڄوان ٻارن کي گهرائي وٺي. پلا پائي گلو صاف ڪيو.

“ مونکي لڳي ٿو سڀاڻي ٻارن کي گهرائي وٺو.”

“ ضرورت پوندي تہ ٻارن کي بہ گهرائي وٺنديس. منهنجي چنتا نہ ڪريو. مان ڪو بہ صدمو سهي وينديس. مونکي خبر آهي منهنجي ڀاڳ ۾ آيل بار مونکي ئي ڪٽڻو آهي. توهان هينئر ئي مونکي جيڪا سچي حقيقت هجي سا چئي ٻڌايو.”

پلا پائي هڪ ڪڻ ڳالهائيندڙ ڪنچن کي ڏسندو رهيو. ۽ هڪ پل لاءِ اک بند ڪئي. جڻ هڪ ديپ شيکا کي انتر ۾ نهاري ڏٺو. اک کولي هري پريا سامهون نهاريو. هن جي نظر ۾ به انهيءَ ديپ شيکا کي ڏسي خط جو گجراتيءَ ۾ ترجمو ڪندي چوڻ لڳو:

پريه ڪنچن،

اسان هڪ ٻئي کي سڃاڻو نٿا، پر اسان جو ڏاڍو نزديڪيءَ وارو ناتو آهي. ڪٿي چوان ته هڪ ئي مارگ جا مسافر آهيون.

منهنجو نالو اِيو آهي. منهنجي پيءَ جي ڪمپالا ۾ وڏي اسٽيٽ آهي. مان هن جو هڪ ئي سنتان آهيان. اڄ کان پندرهن سال پهريان اسان جي اسٽيٽ ۾ امرت لال بطور مئنيجر جڙيو. تمام گٿ عرصي ۾ هو منهنجي پتا جو ساڄو هٿ ٿي ويو.

ڏنڌي ۾ ڪجھ مشڪل حالتون اپيون ٿيڻ جي ڪري منهنجي پتا منهنجي شادي امرت سان ڪئي. مونکي ڏيءَ طور ۽ امرت کي وفادار نوڪر طور هيءَ شادي قبولڻ کان سوائي ٻيو ڪو چوٽڪو نه هيو. هن خط ۾ ان ڪشمڪش جو ذڪر ڪرڻ واجب ناهي، پر مونکي چوڻ گهرجي ته اسا جي شادي پلي حالتن پٽاندر ٿي پر اسان ٻئي هڪ ٻئي کي حاصل ڪرڻ ۾ نصيب وارا رهياسين. شاديءَ جي ٽئين سال اسان کي هڪ پٽ به ڄائو. جنهن جو نالو آهي ڪيوون آهي.'

جڻ ڏونگر جي ڪنهن چوٽيءَ تي پهتو هجي تيئن پلا پائي اٽڪيو. هن ڏٺو ڪنچن قاتل اکين سان سڀ ڪجھ ٻڌي رهي هئي. هري پريا ڪنچن جي ساڄي هٿ جي تري پنهنجي هٿن جي ٻنهي ترين ۾ جهلي ويٺي هئي.

پلا پائي اڳيان پڙهڻ شروع ڪيو

' توکي ٿيندو هوندو ته اهڙو ته ڇا ٿيو جو اڄ، هيترن سالن کان پوءِ هي خط مونکي تو ڏانهن لکڻو پيو. مونکي ڇاڻائيندي ڏاڍو ڏک ٿي رهيو آهي ته ٻه مهنا اڳ هڪ ڪار حادثي ۾ امرت جو دردپريو موت ٿيو آهي.'

هاڻي اڳيان کي ڏاڪڻيون چڙهڻيون نه هيون. جتي پهتا هئا اتان هيٺ نظر ڪرڻ کان سوائي چوٽڪو نه هيو. ۽ اتي هئي اونهي ماتري. ڪنچن جبل جي چوٽيءَ تي بيهي هيٺ پنهنجي نيَتيءَ کي نهاري رهي هئي.

'امرت جي موت بعد مون جڏهن هن جو انگت لاڪر کوليو ته انهيءَ مان هڪ ڊائري ملي. توکي حيرت ٿيندي ته منهنجو پتا ان ڳالھ کان باخبر هئو ته امرت جي هڪ شادي ته ٿيل آهي. مان هڪ اڻ سڃاتل مرد يعني منهنجي پتيءَ دوارا ن ئي نه، پر منهنجي سڳي پيءَ

دواران بہ  نڳجي هئس. تي سگهي ٿو تون منهنجي پيڙا سمجهي سگهندينءَ. ڏائري پڙهي مان اهڙي تہ پڇي پيس جو ترت توکي خط نہ لکي سگهيس. ڪوڙ ڪونہ چونديس. مونکي توهان جي ايرڪا بہ تي. مان مجيندي هيس تہ منهنجو پتي صرف مونکي ئي چاهي ٿو. پر مون ڏٺو تہ هن جي ڏائريءَ ۾ هن جو پنهنجو نِجي ۽ علاحدو جڳت بہ هو. جتي منهنجو داخلو منع ٿيل هو. خير!

امرت توکي خط لکيو هو پر ان جو جواب هن کي ڪونہ مليو. هن توکي مُئل سمجهي ڏائريءَ ۾ روج راڙو بہ ڪيو آهي. پر خبر ناهي چو مونکي گذريل مهني کان ائين لڳي رهيوآهي تہ تون حيات آهين. تنهنجا ٻار آهن. امرت جي پيار توکي مرڻ نہ ڏنو آهي. هو تہ ويچارو ڏائريءَ ۾ بہ پنهنجي من جو مقابلو نہ ڪري سگهيوهو. شايد امرت جي اڌوري رهجي ويل ڪم کي پورو ڪرڻ جي مونکي پريرٽا ملي هجي. انهيءَ ڪري هي خط لکي رهي آهيان. ۽ هڪ موقعو ونان ٿي. مونکي پڪ آهي تہ تون اج بہ امرت جي واٽ نهاريندي هوندينءَ.'

هڪ سڏڪو ٻڌڻ ۾ آيو. ۽ پلاپائي ٿنيي ڪائي ويو. ڪنچن هري پريا سان چهٽي روئي رهي هئي. هن جو سڄو سرير ساري پيڙا دٻائڻ جي ڪوشش ۾ ڪنبي رهيو هو.

سڄو ڪمرو ڪنچن جي درد ۾ ٻڏي رهيو هو. هري پريا ڇا چوي؟ هوءَ تہ روئي رهي هئي. آنسو پريل اکين سان پاٽي ڪٽي آئي. پلاپائيءَ اڳيان پڙهيو:

' هي خط لکڻ جو خاص مقصد هڪ ٻيو بہ آهي. امرت ڪجهہ رقم فِڪس ۾ رکي هئي. جنهن جي وارث طور تنهنجو نالو آهي. هن خط سان گڏ امرت جي موت جو ڊاڪٽري سرٽيفڪيٽ بہ آهي. تہ جيئن  توکي منهنجي ڳالهہ ۽ منهنجي ارادي بابت ڪو شڪ نہ رهي.

خط جو جواب ضرور ڏجو. توهان جو خط ملندو تنهن کان پوءِ توهان جي حصي واري ملڪت توکي ملي تنهن بابت قانوني ڪارروائي ڪري سگهنديس.

تنهنجي ٻارن کي پيار.

ايو.

خط پورو ٿيو. امرت جي جيون جو گرنٿ پورو ٿيو. ۽ ڪنچن جي جيون جو هڪ نئون باب شروع ٿيو.

## 28

ايو جو خط پورو ٿيو. امرت جي جيون جو گرنٿ پورو ٿيو. ان گرنٿ ۾ ڪيترن ئي سوالن جا جواب ملڻا باقي رهجي ويا هئا. هاڻي ته اهو گرنٿ پورو ٿي ويو هو اها به هڪ حقيقت هئي.

پلاپائي خط ويڙهي لفافي ۾ وڌو. هري پريا جي هنج ۾ متو رکي روئنڊڙ ڪنچن، هن جي پنيءَ تان هٿ ڦيريندي، ور ور ڏيئي پنهنجي ساڙهيءَ جي پلو سان اکيون اگهندي هري پريا، ڪماڙ وٽ ويني رکي رکي نڪ سُرڪائينڊڙ ڪيسر ۽ پاٽ متي چپ چاپ متو جهڪائي وينل پلا پائي، سيني جي دماغي حالت لڳيڀڳ ساڳي هئي. ڪير ڪنهن کي دلاسو، دلداري ڏئي. ڪنچن ته لڳيڀڳ زمان مڪان جو پان پلجي ويئي هئي. هري پريا، ۽ هري پريا جي ذريعي پلاپائي ڪنچن جي ويَٽاڳاٽا جا ساکي هئا. ڪنهنجي ويَٽا جو ساکي هوئڻ ۽ پاڻ انهيءَ ويَٽا مان پسار ٿيڻ اها الڳ ڳالهه آهي. پر تنهنجي باوجود ڪڏهن ڪڏهن اهڙيون ويٽائون الڳ ناهي رهنديون آهن. گهڻي دفعي ته ساکين جي پيڙا وڏي ويندي آهي ائين به ٿيندو آهي. دور وينل ساکي ويچارو چاهڻ جي باوجود مدد نه ڪري سگهي ان وقت جنهن اسهائتا جو انيو ڪري ٿو اها حالت وڌيڪ پيڙا ڏيندڙ هوندي آهي.صرف ساکي بڻجي رهڻ آسان ناهي. جنهن پَل ماڻهو ساکي ٿيندو آهي ان پل انهي گهٽنا يا استٿيءَ جو جزو بڻجي ويندو آهي. هو مڪت ٿي نٿو سگهي. هينئر هري پريا ۽ پلاپائيءَ لاءِ هيءَ ڪڻ ڏاڍي ڏکي هئي. هو ٻاهر به هيا ته اندر به، هو اڇوتا نه رهي سگهيا. هري پريا ته اڄ ڏينهن تائين ساهيڙي هوئڻ جي ناتي ڪنچن سان سک ڏک ونڊيندي رهي هئي پر پلاپائي! هو ورلي ڪو هن طرح سئون سڌو ڦاٿو هو.

ننڍڙي هئي تڏهن ڪنچن پلا پائي کي تورو گهڻو ڪو ڏٺو هو. راجڪوٽ ۾ پڙهندو هو انهيءَ ڪري وئڪيشن ۾ ئي گهر ايندو هو. هو جڏهن پڙهي رهيو هو تڏهن ڪنچن جو ڪٽنب ڪراچيءَ هليو ويو هو. انهيءَ ڪري ٻنهي جي وچ ۾ اصل پل ته هري پريا ئي ٿي ...! ڪراچيءَ کا پجي اچڻ بعد هري پريا ڪنچن کي سکي پد تي براجمان ڪيو. جنهن ۾ وقت گذرندي پلاپائي جو حب شامل ٿيندي وئي. ڀهراڙيءَ جي تاثير ڏسندي پلاپائي ورلي ڪو ٻاهر ظاهر ٿيندو هئو. چو ته هتي ته استري پُرشن جي وچ ۾ طيءِ ٿيل نالا هئا ۽ نشچت وهنوار به. يا ته ڌرم جا پاءُ پيڻ هجن يا ڏير پايي. پلاپائيءَ جو ڪنچن طرف سنيهه آدر يا ڪنچن جو پلاپائيءَ لاءِ سدياءُ هن خاني ۾ ڪٿي ٿي فٽ ٿي سگهيو؟ هري پريا جي

ڪري ئي هي ٻئي سنگت سات محسوس ڪندا هئا. اج هري پريا جي هنج ۾ روئندڙ ڪنچن کي ڏسي پلا پائي بي چئن ٿي پيو. پاٽ تان اٿندي هو هري پريا وٽ آيو ۽ هيٺ غاليچي وٽ اچي وينو. اکين مان وهندڙ لڙڪن کي روڪيندي هن ڪنچن جي مٿي تان هٿ ڦيريو ۽ چيو:

" اُٿ، سکي، تون ئي ائين پڇي پوندينءَ ته ......" پويان لفظ هن جي گلي ۾ اٽڪي پيا. ڪنچن اٿي کڙي ٿي. پلاپائيءَ کي هن طرح ڊلوءِ نِستو ٿيندو ڏسي هن پاڻ کي سنڀالي ورتو. پاڻي پيتو، منهن ڌوئي هري پريا کي چيو " هاڻي مان گهر هلان؟" هري پريا ڪنچن کي اڄوڪي رات هتي ئي ٽڪي رهڻ لاءِ چيو. هن جو من ڪنچن کي گهر موڪلڻ تي نه ٿي رهيو هو. حالانڪ هن چاتو ٿي ته پلي ڪيترو به آگرهه ڪبو، منٿ ڪبي پر ڪنچن رڪجندي ڪونه.آخرڪار پلاپائي ڪيسر کي گڏ موڪلي ۽ رات جو اتي رڪجي وڃڻ جو هن کي چيو تڏهن ڪنچن ڪجهه به ڪين ڪڇيو. هري پريا ۽ پلا پائيءَ کي اندر ۾ هڪ دهشت هئي ته اج ڪنچن اڪيلي رهندي ته ٿي سگهي ٿو جذبات ۾ اچي هوءَ ڪجهه ڪري وهندي ته پوئي؟ ٻنهي جي چنتا کي سمجهندي ڪنچن چيو:

"ساهيڙي، مان مري ڪونه ويندس. مئي پڇاڻا ماڻهو طرح طرح جون ڳالهيون ڪن ته منهنجي رک به لڄي ٿيندي. اهڙو مان ڪجهه به نه ڪنديس. توهان مونکي وڃڻ ڏيو."

ڪنچن اج بلڪل اڪيلو رهڻ چاهيو ٿي. هن کي ڍءُ ڪري روئڻو هيو. ڍءُ سان امرت کي ياد ڪرڻو هو. ۽ امرت سان وڙهڻو هو. اج ڏينهن تائين امرت جو انتظار ڪندي ڪندي سڄو ڪاروبار ڪنيو هو، جيڪي جيڪي جوابداريون اينديون وييون، سُجهندو هو تيئن رستو ڪيندي ويئي. هن سڄي جهنجهٽ ۾ هردي ۾ سانڍي رکيل امرت کي خاص طور سان ياد به نه ڪري سگهي هئي. هوءَ ته جيڪو ڪجهه ڪندي هئي هن جي من امرت کي ارپڻ هيو. پر هاڻ؟ امرت جو انتظار ڪرڻ نه هو. امرت جا بار پيرين پر ٿي ويا آهن. اج هن کي ڪجهه عجيب فرصت جو احساسي ٿي رهيو هو. اج تائين شدت سان امرت جي اچڻ جون واٽون نهاريون هيون. ڏينهن، مهين، سالن جو پل پل جو حساب امرت کي ڏيڻو آهي ائين جيئري رهي آهي. ڏينهن ايرندو آهي ۽ ٿيندو آهي ته اج امرت جي خبرچار ملندي. هن جي راهه ۾ ڏينهن الهي وڃي. وري ٻئي ڏينهن جي اميد. هوءَ هميشا تيار رهندي هئي، سُچيت رهندي هئي. ڪهڙي خبر ڪهڙي ڏس ڪان امرت جي خبرچار ايندي ۽ پاڻ غافل هوندي ته؟ هوءَ سنسار وهنوار جا سيئي ڪم ڪندي هئي پر من ته بس در وٽ بيهي واٽ

نهاريندو رهندو هو. بس هاڻي سڀ پورو ٿي ويو. ڪجھ ڪرڻو نہ هيو. سامهون چڙيل زمين جهڙو جيون هيو. خالي خالي ڪورو ڪورو.

ڪنچن ويئي. هري پريا ۽ پلا پائي اوٽي تي بينا انتڪار ۾ اوجهل ٿيندڙ ڪنچن کي ڏسندا رهيا. ڪنچن انتڪار ۾ الوپ ٿي تہ هنن گيٽ بند ڪيو پر ترت ڪمري ۾ وڃڻ جي اڃا نہ ٿين. ٻئي وراندي ۾ ٽنين جو ٽيڪو وٺي آمهون سامهون وينا. ٻنهي جي من ۾ گهمساڻ هلي رهيو هو. پلا پائيءَ جو چهرو ڪنهن غمخوار حادثو ڏسڻ واري ويدنا سان رهڙيل هيو. هري پريا اهو ڏسي ڪنبي ويئي. ' پاڻ تہ روئي روئي هلڪي ٿي سگهندي پر پتي؟' هن جي ڪن ۾ پتيءَ جو آواز گونجي اٿيو 'اٿ سکي، تون ئي ائين پڇي پوندينءَ تہ .....” هن پتيءَ کي چيو “ مونکي توهان کي ڪجھ چوڻو آهي.”

پلا پائيءَ چيو، ٿي سگهي ٿو توکي اهو ئي چوڻو آهي جيڪو مونکي چوڻو آهي. توهان کي اڄ مونکي ٻولڪو ڏسي عبب لڳو هوندو. ٿي سگهي ٿو منهنجو اهو انداز توکي نہ وڻيو هجي. پر سچ چوان تہ مان ڪڏهن توهان ٻنهي جي ساهيڙپ جو همسفر ٻڻجي ويس، ان جي مونکي سمڪ ئي نہ رهي. تون انيڪ وار ڪنچن جون ڳالهيون ڪندي هئينءَ. مان ٻڌندو هوس. تو سان چرچا ڪندو هوس. توکي چنتا ۾ ڏسي مان بہ چنتت ٿيندو هوس. ڏيري ڏيري تنهنجي ساهيڙپ جو هڪ سلو چڻ مون ۾ بہ ڦٽي نڪتو. ٿي سگهي ٿو توکي اڻ پرندو لڳو هجي ....”

مڙس کي اڌ وچ ۾ روڪيندي هري پريا چيو، “ اهو ڇا چيئي؟ اهڙو ڪبوتر جهڙو هردو ڪٿي سڄي سماج کي هڪ پاسي رکي توهان سان گڏ هلي نہ آئي آهيان؟” شروعات ۾ روڪيندڙن چوڻ ۾ ڪجھ بہ باقي نہ رکيو هو، ان وقت بہ منهنجو لون بہ نہ لڏيو هو، اتي هاڻي تہ؟ الٽو اڄ توهان اگر ويڪت نہ ٿيا هئا تہ مونکي توهان جي انسان هوئڻ تي بہ شڪ وڃي ها يا سوال ٿئي ها تہ هيڏي حد تائين غيرجانبداريءَ جي اداڪاري ڪرڻي پوي اهو ڪهڙو لڳاءُ آهي؟”

پلاپائي هري پريا جو هٿ جهلي ڪمري طرف هليو.

گهر وڃي اڱڻ جي اوٽي جي وچ تي ڪنچن ٻيهي رهي. پوءِ تڪڙو ستي ماتا جي استانڪ ڏانهن هلي ويئي. ستي ماتا ڏانهن حملو ڪرڻ واري نوءَ ۾ نهاريندي ويني. هن جي اکين مان لڙڪن سان گڏوگڏ تيرن جهڙا سوال ڇٽي رهيا هئا. “ ٻڌائي، مون ڪنهن جا آنڊا ساڙيا آهن؟ ٻڌائي مون ڪنهنجو حق ڪسيو آهي؟ مون ڪنهن جو دل دکائي آهي؟ مون ڪنهن جي دل چوري ڪئي آهي؟ ٻڌائي منهنجا ڪهڙا ورت وار من سان ڪونہ هيا؟ ٻڌائي

مون ڪڏهن ٽتل چانورن سان تنهنجي پوڄا ڪئي جو تو منهجون چوڙيون ـ چاندلو ڀڳو آهي؟ ۽ اهو بہ هن ريت؟ منهنجي سهاڳ ۾ تہ پهاڄ بہ ڀائيواري ڪئي پر منهنجي ڪوري ڪپار کي بہ نہ ڇڏيو؟ ڪهڙي ضرورت هئي اهو سڀ لکڻ جي؟ مان هن جي انتظار ۾ رهيل عمر پوري ڪري ڇڏيان ها! هاڻي مان ڇا ڪنديس؟ جياپي جو آڌار ئي کسجي ويو ۽ اهو بہ ويندي ويندي منهنجي گذريل ورهين جي اوجاڳن کي اڪارٿ ڪندو ويو. هاڻي وراثت وٺي ڇا ڪريان؟ ميل جو پورو ملڪت ۾! اڙي الا مان ڪيڏي نہ اياڻي آهيان جو هن جو منهن بہ نہ ڏسي سگهيس؟ اهڙا تہ ڪهڙي جنم جا منهنجا پاپ آڏا آيا جو هن خط لکيو هو پر اهي اکر بہ مونکي ڏسڻ نصيب نہ ٿيا. ' ڪاڳر واري ڳالهہ ياد ايندي ڪنچن کي ياد آيو ' ڪنهن اهو ڪاڳر گم ڪيو هوندو؟ جو ايوَ جو ڪاڳر پهچي سگهي تو تہ امرت جو ڇو نہ! ايوَ جيڪو خلاصو ڪيو آهي اهو امرت جي اکرن ۾ پڙهڻ لاءِ مليو هجي ها تہ؟ من پل پر لاءِ اٽڪي ويو ۽ پڇي وينو، تہ تون امرت کي معاف ڪري ڇڏين ها؟ اڄ تہ هاڻي هو آهي ڪونہ. مڃي وٺ اگر هو هجي ها ۽ تون هن جي ٻي شاديءَ واريءَ ڳالهہ جو سويڪار ڪري سگهين ها؟ شايد نہ. '

ڪيسر چپ چاپ ويٺي ڪنچن کي ڏسي رهي هئي. رات ڪافي گذري چڪي هئي. هن چيو:

هلو گوراڻي امان گهر ۾." ڪنچن اٿي اٿي. ڪنهن بہ ڀاو بنا گهلجندڙ جسم سان گهر ۾ ويئي ۽ هن وڃي ڪيسر لاءِ کٽ وڇائي. ڪجهہ بہ چوڻ بنا مٽي تي ساڙهيءَ جو پلو پائي پاسو ورائي ڪنچن سمهي رهي. ڪيسر لڳيگ سڄي رات جاڳندي رهي. رکي رکي ڪنچن جا دٻيل سڏڪا ٻڌڻ ۾ پئي آيا، ڪڏهن ڪڏهن ڪا ٻارڙي ننڊ ۾ روئندي هجي اهڙا اونڪار بہ. ڪيسر ڪنچن جي نيم بيهوشيءَ واري حالت ڏسي صبوح ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳي.

خبر ملندي احمدآباد مان چندرڪانت، اروٽا ۽ جيا پهچي آيا. جَيا جي اچا تہ رڪجڻ جي هئي پر جنهن ريت ماڻهو مسلمان هوڻ جي باوجود تلڪ لڳائڻ وارو راز پڇي رهيا هئا اهو ڏسي هن کي ٿيو هتي نہ رهڻ ۾ ئي ڀلائي آهي. پنيان ڪنچن لاءِ مشڪل ڪڙي ٿيندي اهو سوچي انهي ڏينهن ڪانپ هلي ويئي. جيا جو بہ کهڙو درياڪيہ جو سڳي ياءُ کي بہ ڏرم جو ياءُ چوٽو پوي ۽ ان جي گذاري وڃڻ جي ڳالهين تي منهن ڦيري روئي بہ نہ سگهجي. اروٽا وٽ پيءُ جون تمام گهٽ يادون هيون. هونئن بہ هن جي جنم بعد امرت ۽ ڪنچن جي وچ ۾ لليتا وگهن ڪڙو ڪيو هو. اروٽا يا تہ چندرڪانت جي ڳالهين ۾ يا ڪنچن جي ڳالهين ۾ ئي پيءُ جو احساس ڪيو هو. چندرڪانت جي من ۾ شروعات وارن

ڪافي سارن سالن جون يادون سانديل پييون هيون. پِتا هن جا آدرش هئو. ڪنچن امرت جي موت ڪان پوءِ واري وڏي يا شراڌ وغيره جي ڪا ڳالهه ڪئي ته هن ماڻس کي پڇيو ٻه سهي. جواب ۾ ڪنچن چيو “ ٻه منا اڳ گذاري ويل امرت جي وِيڌي کهڙي ڪرڻي. وري ممڪن آهي ته هُتي هُن عيسائي ڌرم ٻه قبول ڪيو هجي. ” ڪنچن کي ڳالهه ڪجهه سمجهه ۾ نه آئي، پر هن چرچا نه ڪئي. ڪارتِڪ کي ممبئي ٽپال لکي هئي، پر هن جا ڪي سماچار ڪونه هئا. ڪنچن جي رشتيدارن ۾ جيڪو ڪجهه ليکيو اهو اولاد ۽ جيا. انهن کان سواءِ بين کي خاص ڪو جاڻائٽو نه هيو. رامپراواري ترِيون کي اڏندي خبر ملي ته هو هتان ٽي ويو. هو وهڻ يا ڏوِ ڏيڻ آيو هو يا اتهاس جاڻن ڪنچن کي سمجهه ۾ نه آيو.

ڪنچن جي حالت عجيب هئي. ڳوٺ جا ماڻهو ايندا هئا، وهندا هئا، ڳالهيون ڪندا هئا پر جڻ ڪنچن لڳيڳ غيرحاضر رهندي هئي. هن جي لڙڪن جو وهڪرو ٻئي ڪيڏاهن مڙي ويو هو. خالي اکين ۽ پاوهيڻ چهري سان ويني هوندي هئي. ايندڙن سان گڏ چندرڪانت يا اروٽا ڳالهائيندا هئا. هڪ ڀيرو اروٽا ٻڌو، رُڪي مامي ڪنهن کي چئي رهي هي ، 'چا ڪري ادي، پوين ارڙهن سالن کان لڳاتار واٽ نهاريندي هن جي اکين جا آنسو ئي سڪي ويا آهن. ڀڳوان ٻه کهڙو آهي، ڪريل کي ڪوڙا هٽي پيو. ههڙي قهري ڪال ۾ ڏرتيءَ جهڙي ڏرتيءَ جا نير سڪي وڃن هيءَ ته ويچاري غريبڙي مائي آهي. '

ڪنچن وٽ اروٽا هفتو رهي. چندرڪانت کي مڏ ٻن ڏينهن جي موڪل ملي هئي. ڪارتِڪ جي راهه ۾ هڪ ڏينهن وڏيڪ ڪيڍائين پر هو آيو ڪونه. چندرڪانت جي وڃڻ واري ڏينهن جي مهندين رات جو هري پريا اِيو وارو پتر ڏيڻ جي لاءِ ڪنچن وٽ آئي هئي. ان رات ته ڪنچن کي کهڙي ڪا سڌٻڌ هئي جو خط سنيالي وني. خط ڏسي ڪنچن چيو:

“ جو ڪاڳر واپس ڪٽي آئي آهين؟ ڦاڙي چڏڻ ڪپي نه. گهر ۾ گونهه رکبو آهي چا؟ ”

هري پريا چندرڪانت ۽ اروٽا طرف اشارو ڪندي چيو “ ڪاڳر توهان ڏانهن لکيل آهي، اڳيان چا ڪرڻو آهي اهو توهان جي اختيار ۾ آهي، پر ٻارن کي سندن پيءُ بابت جاڻڻ جو اڌيڪار آهي. پلي پوءِ توهان ڦاڙي اجلائي چڏيو.” اروٽا ڪاڳر پڙهيو ۽ راڙ ڪري روئڻ لڳي. هري پريا ماٺ ڪرايو. چندرڪانت خط پورو ڪري پڇيو “ امان! هن کان اڳ پتاجيءَ جو خط آيو هو اهو ڪٿي آهي؟ ” ڪنچن تورو آواز بدلائي پڇيو “ مطلب؟” پڇندي ته پڇجي ويو پر چندر ڪانت کي پنهنجي پل سمجهه ۾ اچي ويئي هئي ، پر هاڻ هڪ وار منهن مان نڪتل لفظ واپس تورو وجي سگهن! اهو ته تير جهڙو آهي. چٽڻ بعد يا ته ڪنهن جي آرپار نڪري ويندو آهي يا موٽندي ڌڪ هٽي. هن کي پل جو احساس ٿيندي هن چيو، “

نہ، نہ، اهو تہ جيڪو آهي سو يا تہ تون اسان کي ڇوڙ پلجي ويئي هوندينءَ يا هيڏاهن هوڏاهن ڪٿي رکجي ويو هوندو!.”

“ ڏسو پٽ، توهان جي امڙ جنهن جي لاءِ ساري زندگي گسائي ڇڏي ان جي خبر چار اچي ۽ توهان کي نہ ٻڌائي اهو ڪيئن تو ٿي سگهي؟ شايد اهو ٿي سگهي ٿو هن کي توهان جي پتاجيءَ جي ٻي شادي ڪرڻ واري ڳالهہ منظور نہ هجي، پر هوءَ توهان کي هنن جي خيريت جي بہ خبر نہ ڏئي اهڙي اونهي ۽ من جي ميري تہ ناهي توهان جي امڙ.” هري پريا پرسٽتيءَ کي سنياليندي چيو.

تو پوءِ ڪنهن نہ ڪنهن ضرور وچ مان ئي ڪاڳر هڙپ ڪري ورتو هوندو. ڪير ٿي سگهي ٿو اهو؟ ” چندرڪانت جو سوال ڪنچن، هري پريا، ۽ اروٽا جي من ۾ گونجيو. ڪير ٿي سگهي ٿو اهو؟

29

ڪير هوندو اهو؟ هلڪي بيهوشيءَ ۾ بڌل من سوال دهرايو ۽ ڪنچن هڪدم هوش ۾ اچي ويئي. اوندهه سان اک جي عادي ٿيڻ تي خيال آيو تہ پاڻ تہ شڪتي ماتا جي آسري آئي آهي. جاڳڻ جي باوجود من ڪنهن قاتل رڪارڊ جيئن بولي رهيو هو، ڪير هوندو اهو؟ ڪير هوندو اهو؟ اڱڻ واري نم تي تاڙو تنواري رهيو هو. چوماسي واري آڪاس ۾ پهرين وڏري نڪرندي تاڙي جو تنوارڻ شروع ٿي ويندو آهي پي .... پيهو .... پي .... پيهو .... جڏهن جڏهن چت جي پٽ تي يادگيريون چڙهي اينديون آهن تڏهن ڪليجي ۾ اهڙي تہ ڪسڪ اٿندي آهي جنهن کي زوريءَ دبائي نہ سگهبو آهي. تاڙو تنواري رهيو هو ۽ ڪنچن با جي مسلسل پِيڙا جو پڙاڏو پئجي رهيو هئو.

ڪنچن با اٿي ڪري ٻتي ٻاري، ۽ گهڙيال ۾ ڏٺو. پنج ٿي رهيا هئا.ڪيس ياد آيو، اج کهڙي تِٿ آهي؟ هوءَ احمدآباد کان نڪتي هئي تڏهن ساوٽي پنچم هئي. حالانڪ هي اڏڪ ماس وارو ساوڻ هيو. حقيقي ساوڻ تہ اجا اچڻو هو. هن آڱرين جي ڳرين تي تٿيون ڳڻيون.پانچم، چٺ، ساتم. ورانڊي وارو در کوليو. ٻاهر آئي، آڪاس سامهون نظر ڪئي. الهندي ڏس ۾ ٿوري رتي چنڊ کي ڏسي ڪنچن با کي پاڪستان سان ٿيل لڙائي ياد اچي ويئي. تقريبن اٺويهہ سو ايڪهتر وارو سال هو. ان سال ملڪ ۾ اناج جي سخت اٽاٽ هئي. ماڻهو ڪلاڪن تائين راشن جي دڪان تي قطارن ۾ بيهندا هئا. تڏهن پرديس مان آيل رتي ڪٽڪ ۽ رتي جوار جو اٽو ڏيندا هئا.

روزاني ڪرت مان فارغ ٿي تلاءُ تان واپس آيل ڪنچن با ڏٺو تہ ڪيسر جو گهر ڪليل هو. ڪنچن کي ٿيو، لڳي ٿو ڪنچن رامپرا کان موٽي آئي آهي. ٿي سگهي ٿو ڪيس مون واري انشنان جا سماچار سَمتا، يا رنجن وٽان ملي ويا هجن. انهيءَ ڪري هوءَ ملڻ آئي هوندي. ڪيسر معني ڪنچن جي بنا مُندن واري چيلي. هري پريا جي ڪارڻ ڪنچن با سان ڏيٺ ويٺ ٿي. جڏهن کان ڪنچن با رنول ٿي هئي تڏهن کان هن جو اڻ تار نيم. روز رات جو ناڪر صاحب جو ڪم پتائي پنهنجي پونگيءَ تي وڃڻ کان اڳ ڪنچن وٽ وڃي.چوي، هلو گوراٽي امڙ ٻہ چار گهڙيون ست سنگ ڪريون. ڪنچن کي ٿيو منهنجي وڏوا ٿيڻ وارن شروعات وارن ڏينهن ۾ ڪيسر بنا چوڻ جي مونکي ڪيڏو نہ سنڀالي ورتو هو! ڪنچن

ڪڏهن شريمد ڀاڳوت پڙهي ته ڪڏهن مهاڀارت جي ڪٿا ڪري. ڪڏهن تلسيداس جو رامايڻ پڙهي. ڪنچن جو گلو سريلو هو انهيءَ ڪري سُر سان چوپائي ڳائي. ڪيسر جي ياد شڪتي ڏاڍي تيز. پرسنگ، پاترن سان گڏ چوپائين جو راڳ به ڪيس ياد رهي. هري پريا جو ڪم ڪندي ڏينهن سارو ڳائيندي وتي. چيتنيه پربو جي پرائي راڌا جيئن سنسار جا سڀيئي ڪم ڪرڻ جي باوجود سندس من ته ايشور سان جڙيل ئي رهي.

ڪيسر شروتا سني. ٻڌندي ٻڌندي هن ڪي سوال به ٿين. رام ۽ ڪرشن جي تلنا ڪندي پڇي 'رام ته ڀڳوان، اهو ته سمجهاسين هن سچي زندگي هڪ پتني ورت پاريو. وري راڪاسن کي ماري ماڻهن جو ڪلياڻ ڪيو پر هي ڪرشن ڀڳوان؟ ڀانت ڀانت جون ليلائون ڪري. سورهن هزار راڻيون رکي، ته به ڀڳوان چئجي؟ ڪنچن هن جي من جو سماڌان ڪرڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن شاسترن جو آڌار ته ڪڏهن لوڪ مانس جو سهارو وٺي. " تون ئي ٻڌائي، متورا جي راجا ڪنس جي قيد مان جن استرين کي ڪرشن ڀڳوان ڇڏايو انهن کي رکڻ لاءِ ڪو تيار ٿئي ها؟ هن ورهاڱي وقت ڪيترين ئي ڌرم بدلايل چوڪرين کي سندن مائٽ به رکڻ لاءِ تيار نه هئا. تيئن ڀڳوان ته لاورث، ڇڏيل، ڏڪايل، دڪايل، ۽ ستايل استرين کي آسرو ڏنو ۽ پنهنجي پتنين طور سماج ۾ مقام به ڏنو. ڪرشن جي ليلا کي سمجهڻ ٿورڙو ڏکيو آهي. متو ڏوڻيندي ڪيسر چيو اهو سڀ وڏ ذات وارن ۾. اسان گهٽ ذات وارن ۾ ته ڏيئي ڇڏڻ وارا به ماڻهو پيا آهن. اسان جي هن والجي ڀڳت جو مثال وٺو. ڪنچن کي ٿيو ڇاپيل ڪتابن ڪان ته هي جيئرا جاڳندا ماڻهو به ڪجھ گهٽ ڪونه ٿا سکائين!

مهاڀارت پڙهڻ وقت به ڪيسر جي من ۾ هرهر سوال اٿندا هئا. گوراڻي امان، ڌرم جو مطلب ڇا آهي؟ ڌرم جي وياکيا ڪرڻ ٽاڻي انيڪ وقت مهرشي وياس مَوِن (خاموشي) اختيار ڪيو آهي اتي ڪنچن جو کهڙو ڳجو؟ هڪ وار دروپدي چيرهرڻ وارو پرسنگ ٻڌي ڪيسر جي اکين مان ساوڻ ٻدو وسڻ شروع ٿي ويا. ڪنچن ويچار ۾ پئجي ويئي. اهڙي ته کهڙي پيڙا هوندي جنهن ڪيسر ۽ دروپديءَ کي هڪ ڪري ڇڏيو! هن ٻئي ڏينهن هري پريا کان پڇيو. هن منڊ کان ئي ڳالھ ڪئي.

" ڪيسر جو جنم چوڻ ۾ ايندڙ گهٽ ذات وارن ۾ ٿيو هو، پر سنسڪار تمام اونچا. جيجي امان چوندي هئي هيءَ پورب جنم جو ڪو اونچو آتما آهي. پورب جنم يا پُنر جنم ته نيڪ پر ڪيسر جي ايمانداري ۽ ماڻهپائي هن جي جيون جي ساتوِڪتا جي ساک ڀري رهيون آهن. گهر ۾ ڪافي چيزون ـ شيون، روپيا ـ پيسا، سون چاندي، ڪيسر هجي اتي

تالو ڪـھڙو؟ هٿ جي اهڙي صاف جو گھر ۾ ڪيت مان آيل پوهي مڱ، يا چٽن جا ڏِڳ پيا هجن پر حرام جو ڪيسر انهن مان ڪڻ بہ چڪي. جيڪو ملي تنهن ۾ راضي.ڪبوترن ڪي جوار وجهڻ لاءِ يا ڪيولين ڪي ڪاڏو ڏيڻ لاءِ پنهنجي هڙ جا آنا خرچي. جيجي امان چوي هيءَ ٻاجهري سڙي ويندي اها ڪٽي ويندي هجين تہ؟ پر نہ معني نہ. وري چوي ، پنهنجي چڱن لڱن ڪمن ۾ ٻين جو حصو نہ هلي. اهو پاڻ کي ڪمائٽو پوي ۽ پاڻ ڪي پوڳٽو پوي. امان تون ئي تہ ڏيندي آهين واليي اڙيل جومثال. ڪنچن ڪي ٿيو هت تہ گرو گھمنڊ ۾ رهجي ويو ۽ چيلا چمڪي ويا.

شادي ڪري آئي هئي تنهن ڪي پنج سال گذري ويا هئا پر ڪيسر ٻي اولاد رهي. ويدن ويجن ڪان وني ڏورن ڏاڳن تائين ڌوڙيا پر ورريو ڪجھ بہ ڪين. پڇاڙيءَ ۾ هري پريا جيوي ۽ ڪيسر ڪي وني ڪانپ ۾ وجي ڊاڪٽر ڪان بہ تپاس ڪرائي. هڪ اڌ وار هن داٽو دٻائي ڏنو، هن ڪيسر ڪي چيو:

“ توکي ٻئي وٿ وجڻ ۾ ڪتي ڪو مهٽو آهي، 'اهو تہ ڪوليءَ جو پونگو، هڪ چڏي ٻيو ايو.' ان وقت صرف ايترو ئي چيو “ پاپي سانئڻ ڪم ۾ ريس ٿيندي آهي ڪرم ۾ نہ. پڳوان ڏاڍو سياڻو آهي. هو اڳ ڪان ئي سڀ ڪجھ سوچي هلندو آهي. هو اسان ڪي اوترو ئي ڏيندو آهي جيترو اسان جهلي سگھون. ان سان مهاڏو اٽڪائڻ ۾ مزو ناهي. هڪ ڪندي ٻيو ٿئي. چلھ مان نڪري هنج ۾ پئون. توهان اهو راندل وارو گيت ناهي ٻڌو؟ راندل جي پوڄا لاءِ ويندڙ ننهن ڪي سُهرو مهٽو تو ڏئي تہ ننهن چويس ٿي:

سُهرا سند سند چا ٽا ڪريو ڙي الا

منهنجي جيٺ جا سي منهنجي پيٺ جا

منهنجي ڏير جا سي منهنجي وِير جا

منهنجي ٺاڻ جا سي منهنجي ڌرم جا

منهنجي پهاچ جا سي منهنجي اڌ انگ جا.

ڪيسر تہ من ڪي مجائي ورتو هو. پر هن مٿيين ڪي بہ ڪڏهن ڪڏهن سخت امتحان ونڻ جو سُجهندو آهي. سچي ماٽهوءَ ڪي ئي هو وڌ ۾ وڌ آزمائي ٿو.

ٿيو هين جو هڪ وار ساتم آنم ڪرڻ ڪيسر پيڪي ويئي. واعدو تہ نوم واري ڏينهن واپس اچڻ جو هو پر برسات جي ڪري بہ ڏينهن وڌيڪ ترسٽو پيو. اگيارس جو ماٽس چيو ڦراڙ ڪري وجج. جنهن جي ڪري نڪرڻ ۾ دير ٿي ويس. چوماسي جا ڏينهن. رامپرا ڪان جساپرا پيادل اچٽو پوي. ڪيسر ڏادي تيز هلي پر ڏينهن مڙڻ لڳو هو. ان ۾ بہ

وري آسمان ۾ اچانڪ مڙي آيل بادلن جي ڪري ڪجھ جلد ئي اندھ تي وئي. جساپر ڳاھو ڪن پري ھو. ۽ گھاٽو مينھن وسڻ لڳو. ڪيسر ھيڏاھن ھوڏاھن ڏٺو. پر واري ڪيت ۾ ھڪ جار جو وڻ ڏسڻ ۾ آيو. وڻ ڪافي جھونو ۽ گھاٽو ھو. ھن جا پالورا زمين سان لڳي رھيا ھئا. دور ڪان اھو وڻ ننيڙي اھڙي پونگي جھڙو لڳي رھيو ھو. ڪيسر مينھن ڪان بچڻ لاءِ انھي جار جو سھارو ورتو. ويچاريءَ کي کھڙي خبر تہ اھا جار ھن نياڳيءَ لاءِ ڪو جار ھئو. ھوءَ جار ۾ قاسي پيئي. پوءِ تہ ڪيس سُڌ بہ نہ رھي تہ گھڻن حيوانن ڪيس چونٽيو آھي. ھوءَ بي ھوش پيئي ھئي. ۽ سڄي سيم ڪنھن راڪاس جيان ڪان ڪندي ھن جي سامھون وڌي رھي ھئي.

اھو تہ وري ايشور جو اشارو جو صبح سويل سَوجي پٽيل گاڏو جوٽي نڪتو. ھلندي ھلندي ڍڳا ھڪدم ٿھي بيھي رھيا. سوجي پٽيل کي ٿيو رُمجھُم ڊوڙندڙ ڍڳڙا ڪلي جيئن آخر ڪُپي چو رھيا. ضرور ڪجھ نہ ڪجھ آھي. ھن گاڏي تان ھيٺ لھي نھاريو. واٽ جي وچو وچ رت ۽ گپ سان ليتاڙيل ڪيسر جو اڌ اگھاڙو جسم! ٿوري دير لاءِ تہ ھيبتجي ويو. بہ قدم پوئتي ھٽي ويو. وري ٿيس، تي سگھي ٿو جيئري ھجي. ويجھو وجي ڊجندي ڊجندي ڪيسر جي متي تي ھٿ رکيائين. بت اجا ڪوسو ھو. پوتيءَ جي ليڙن سان جيئن تيئن ڪري ڪيسر جي بت کي ڍڪي گاڏي ۾ سمھاري. ھو ڳوٺ سامھون واپس وريو. ڍڳا بہ جڻ سَوجي پٽيل جي تڪڙ کي سمجھي ويا ھئا، تيئن تيز تيز ڊڪڻ لڳا.

سيم ڏانھن ويندڙ ماڻھن سوچيو، ڪڏھن بہ نہ اڄ سَوجي پٽيل جو گاڏو چو گھرڙاٽ ڪندو ڊوڙندو واپس پيو اچي. ناڪر صاحب جي حويليءَ تي گاڏو پھتو تڏھن ڪيسر ٿوري چُري. گاڏي مان ڪٽي لاھيندي ھن جيوي کي ڏسي رڙ ڪئي، ۽ وري بي ھوشيءَ ۾ ھلي ويئي. جڳھہ تي جمع ٿيل ماڻھن کي ويچاريندو چڏي پلاپائي موٽر ڪدي. جيوو اڳيان وينو ۽ ھري پريا ڪيسر جو متو ھنج ۾ جھلي پنيان. ڪانپ پھچندي ڪيسر لک ۾ ھوش ۾ آئي پئي، پر پيڙا جي ڪري ڪنجھي ٿي ۽ وري بي ھوش ٿي ٿي ويئي. ڪانپ جي ڊاڪٽر چيو : ياڳ وارا آھيو جو وقت سر آيا آھيو نہ تہ ھڪ ڪان وڌيڪ وار بلاتڪارن جو بک بڻيل ڪيسر جو بچڻ مشڪل ھو.

تن سان چڱي پلي ٽيڻ بعد بہ ڪيسر کي من سان چاڪ ٽيڻ ۾ چڱو وقت لڳو. ھري پريا جي ڪارڻ ڪيس ناپر ۾اچڻ ۾ ڪجھ نہ ڪجھ مدد ملي رھي ھئي ۽ زخم پرجي رھيا ھئا تان بئي مھني ڪيسر کي سمجھ پيئي تہ ھري پريا ڪيس ٻيو گھر منڊڻ جي صلاح چو ڏني ھئي. ھن ھري پريا سان ڳالھ ڪدي. ھري پريا جيوي سان، جيوي جي ڳالھ صفا سِڌي

هئي. تہ ڪيسر ٻئي مرد سان شاريرڪ سنٻڌ رکي ۽ آڱر پڪڙي ٻارڙو ونئي اچي ! وري هري پريا کي ٿيو تہ ائين ڪرڻ سان بہ ڪيسر جو وانجهہ مهٽو پڄندو هجي تہ سنو ! هري پريا ڪيسر کي سمجهايو. پر هن چاهيو نہ پئي تہ اڌرم جو ٻج ڦٽي. ۽ پاڻ اڳيان بہ مڙس واري کوٽ ظاهر ٿئي. اهو هن لاءِ برداشت کان ٻاهر هو. ڪيسر چوٽڪارو حاصل ڪري ورتو هو اهو حادثو ٿيڻ بعد ڪيسر ڪڏهن جيوي کي ويجهي ڪونہ ٽي.

شڪتي ماتا جي ٿانڪ جو ٻاهريون دروازو کوليندي ڪنچن جي نظر وري هڪ ڀيرو آسمان ڏانهن ويئي. سج جي روشني ٿيندي چنڊ جو جوهر جهڪو ٿي ويو. هاڻي هي سڄو ڏينهن هتان ڪان هُتي لڏندو رهندو. ڪرشن پڪش چنڊ جي تہ نيَتي ئي اها. دير سان ايرڻ ۽ الهڻ جو موقعو ئي نہ ملي.

سفيد پوٽيءَ جهڙو اڇو اجرو چهرو ونئي رات جي راهہ ڏسڻ. اڄ ڪنچن ٻا مندر پهتي، ڏنائين تہ وراندي جي ڪنڊ ۾ ڪو چانهہ جو لوٽو ڍڪي ويو هو. سَمتا هوندي. چانهہ پي ڪنچن ٻا انشنان ۾ ويهي رهي.

اڳي ايندو هو تنهن ڪا اڄ جڳديش ٿورو دير سان آيو. هن سان گڏ ويريدر بہ هو. ويريدر هر وقت پارٽيون بدلي راڄ ڪارڻ جا نہ پر ستاڪارڻ جا پينترا ڪيڏندوهو.ٿيو ڏينهن شام جو جڳديش کي سرپنچ جي گهر ويندي ڏنائين. هن کي ٿيو اڄ موقعو آهي. لوهہ تپڻ جي تياريءَ ۾ آهي. هٿوڙي جو هٿو مضبوط ڪري رکڻ گهرجي. ڪنهن کي خبر تہ ڪهڙي وقت هن جي ضرورت پئجي وڃي. تپيل لوهہ مٿي جو وقت سر هٿوڙو پئي تہ سنا سنا آڪار بدلجي ويندا آهن. اگر ڳوٺ ۽ آس پاس ۾ وڏ ذات وارن کي پاڻ طرف چڪي ونجي تہ ايندڙ چونڊن ۾ شنا پائيءَ جو پتو ڪٽي سگهجي ٿو. ان سوچ جي لحاظ سان جڳديش ڪم جو ماڻهو آهي. رامپرا ۽ جساپرا ٻنهي ڳوٺن ۾ هن جو پير پختو آهي.

“ڪيئن جڳا حويليءَ تي هٿ ڏيئي آئين نہ؟ ” جڳديش کي ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ آيو.

“ مطلب؟”

اهو ئي، ڪلهہ شام جو تون سرپنچ جي گهر ويو هئين نہ؟ ڇا اُٻاري آئين؟

“ سويتا بين تہ گانڌينگر آهي. روجي ماستر تہ ٺڏي ساتم ڪيو وينو هئو. ”

موقعو ڏسي اڙي هٽندي ويريدر ڇيو:

“هو ڇا ڪري رهيوهو؟ هن ڪراڙيءَ جي ڪوهہ جو پاڻي لڳي تو هن جي رت ۾ ملي ويو آهي. تون فڪر نہ ڪر، مان جو وينو آهيان نہ. اسان سياڻي ئي فيصلو ٽا ڪري ڇڏيون.

اها پوڙهي ٻن ڏينهن ۾ هتان ڪان ٽپڙ تاڙي ڪٽي هلي نه وڃي ته منهنجون مڇون ڪوڙائي ڇڏيان.

" پر ڪنچن با ڪٽي ڪجهه چوي ٿي؟ هوءَ ته موءن ورت وٺي انشنان ۾ ويني آهي ."

ويريڊر جڳديش جي نزديڪ وڃي ڪيس ڪن ۾ راز ڀري آواز ۾ چوي ٿو: تڏهن ئي ته سُچيت رهڻو پوي ٿو. هوءَ ڳالهائي نٿي جنهن جو مطلب اهو آهي ته هوءَ ڪو وڏو ڪارنامو انجام ڏيڻ واري آهي. " پوءِ ذرا گهمنڊ ڏيکاريندي چيائين " ڏس اداء اهو ته تون برهمڻ جو پُٽ آهين ان ڪري تو لاءِ پيٽ ڀري ٿو. باقي ٻيو منهنجو کهڙو سوارٿ! ڪٽي ائين نه ٿئي جو تون هن جي ٻولڻ جي واٽ نهاريندو رهين ۽ هوءَ تنهنجي زبان ئي بند ڪري ڇڏي.."

هرديہ جي ڪمزور جڳديش آخرڪار ويريڊر جي شرڻ سوڪاريندي چيو : " ته باپو اسان کي ڇا ڪرڻو آهي؟"

" ڏس سپاٽي سوير مان تو سان گڏ هلندس. اسان پنيان واڙي ۾ جڳهه جوڙڻ جو پلان ڪنداسين. اڌ ۾ ته اسان جون ڳالهيون ٻڌي پوڙهي پاٺين مڙي ويندي."

شڪتي ماتا واري پاڙي ۾ اچي وير پدر هٿ ۾ ميجر ٽيپ الاريندي الاريندي وڏي آواز مان چيو:

" جڳا تون ڪا چنتا نه ڪر، ڪانپ ۾ منهنجي دوست جو دوڪان آهي. تون چوندين اوترو سيمنٽ، پترا، لوهه سڀ اوڌر تي ڏيندو. رڳو هڪ ڀيرو تون نقشو نهرائي پاس ڪر، بس ايتري دير آهي. "

ڪنچن با مندر ۾ ماتاجيءَ جي مورتيءَ اڳيان ويني هئي. نظر سامهون هيس. اشٽ پوجا واري ماتاجيءَ جي مورتي، هٿ ۾ ڦرنڊڙ مالها جا مڻيان، گڏوگڏ هڪ هڪ گائتري منتر ۽ من ئي من ۾ گونجي رهيو هو. ويريڊر ڏٺو ته هن جي يا جڳديش جي اچڻ جي باوجود ڪنچن با جي منتر جاپ جي ليہ نه ته ڀنگ ٿي، نه ٽٽي. هو هلندو رهيو. هن ٻاهرا لٽڪندڙ گهنڊ وڄايو ۽ زور مان " جئہ ماتاجي." گهوش ڪيو پر بيڪار. جڳديش ڦڪو ٿيندي ويريڊر کي چپ رهڻ جو اشارو ڪيو.

" نيڪ آهي جڳا تون پوڄا پتائي. مان ذرا واڙي ۾ وڃي پلاٽ ماپي ٿو اچان. چوندي ويريڊر وڃڻ لڳو.

اڄ جڳديش عادت مطابق ماتاجيءَ جي پوڄا آرتي ڪندو رهيو پر هن جي من ۾ لڳاتار سوالن جا گهيرا نهي رهيا هئا. هن باپوءَ کي اچانڪ ڪيئن مون تي ديا آئي آهي؟ هتان ٻڪر ڪڍندي اُٿ تہ ڪونہ ويهي رهندو؟

آشڪا ونڻ لاءِ هو آرتي وني ڪنچن وٽ ويو تہ گهڙي پل لاءِ ڏڪي ويو. ڏينهن جي اجالي ۾ ۽ ڏيئي جي روشنيءَ ۾ ڪنچن با جو چهرو ڏسي هن جون اکيون ڪيريون تي وييون. ڪنچن با چپ چاپ آشڪا وني ماتاجيءَ کي هٿ جوڙيا. هڪ پل لاءِ تہ جڳديش کي ٽيو سڌو نڪري وڃا. پلي پنيان واڙي ۾ ويريڊر وينو واٽ نهاري.

وراندي جون ڏاڪٽيون لهي هو ٽوريءَ دير لاءِ بينو رهيو، ۽ سوچيائين ' مونکي مم مم سان ڪم يا ٽپ ٽپ سان؟ جيڪو ڪري ڏي سو. سويتا ڪري يا يا ويريڊر. هڪدم هو پنيان واڙي ڏانهن ويو.

جڳديش واڙي ۾ پهتو تہ ويريڊر ڊنڪيءَ جي چوڏاري نهيل ٿلهي تي وينو هو. هو بيڙي چڪي رهيو هو. سندس اکيون ڪٽي ايڪاگر ٽيل چٽ جي شاهدي ڏيئي رهيون هيون. جڳديش کي ڏسي هن جي اکين ۾ ڪنهن شڪار جي ڦاسڻ واري چمڪ اچي ويئي.

30

شام واري آرتي جلد بازيءَ ۾ پوري ڪري جڳديش هليو ويو. هرجي پٽيل واري رنجن ڪنچن با کي چيو ته سهي : “ اڄ ته جڳي ياءُ ڳڙٻڙ گوٺو ، پريو موٺو ڪري جهٽ وينٺو واريو.”

“ هوندو، هوندس اڄ ڪو ڪم.هاٽي تون ته گهر وڃ. ” ڪنچن با چيو.

“ پر امڙ ، تون بابا کي چوڻ ڪڏهن ايندينءَ؟”

“ ڇا چوڻ؟”

هاٽي ڏسو، ايتريءَ دير ۾ ته پلجي به وئينءَ. ٻيو وري ڇا؟ اها ئي چتر ڪلا جي پڙهائيءَ واري ڳالهه، تو سان ڪانه ڪئي هئم. رنجن جي اواز ۾ توري ڪاوڙ شامل ٿي.

ڪنچن با کيس پرچائيندي چيو، اڙي ها، اهو ته مان پلجي ويس، سنو ٿيو جو ياد ڏياري، سياٽي ڳالهه، سياٽي ضرور تنهنجي بابا سان ملڻ ايندس.”

“ ملڻ نه، چوڻ.”

“ ها امان ها، چوڻ بس، تون هاٽي وڃ. هو ڏس اڄ به ڏاڍي ڪنوڻ پيئي ڪنوي. متان مينهن نه شروع ٿي وڃي.”

رنجن جي وڃڻ جي وات نهاري رهي هجي تيئن ترت تلڪچند واري پاونا آئي. ماتاجيءَ جا درشن ڪري هن ڪنچن با وٽ ايندي چيو“ جئه ناراڻ پڦي.”

هڪ پل لاءِ ته ڪنچن هن کي سڃاڻي نه سگهي. اڄا ته ٽيهارو سال به مڻ ٿيا اتس ۽ ڇهري ٿي توتر! ۽ ڪپهه جي ڳوڻ جهڙو سرير. ڪنچن با هن جي ڳِل جي ڪاڀي پاسي واري ترِ جي ڪري کيس سڃاڻي سگهي. ڪارتڪ ننڍو هو تڏهن اروٽا کي چوندو هو “ ادي، توکي چو پاوليءَ جهڙو ترِ ناهي؟”

“ائي الا، امان توهان ته سڃاپجين به ڪونه ٿي.” ڪنچن با چئي ته ويئي پر پوءِ من ۾ هُرکُر ٿيس. مڙس، ٻار، گهر، ڏنڌو سڀ ڪجهه هجي پر جنهن عورت جي مٿي تان هميشهه هڪ تلوار لٽڪندي رهندي هجي اها عورت وقت سان قدم ڪيئن ٿي ملائي سگهي؟ يا ته هروقت پڇندي پڇرندي پون ۾ لهندي ويندي آهي يا روز وڪرجندڙ پريءَ جهڙي ٿي ويندي آهي. ڪنهن جي سامهون ڳالهائي به نه سگهندڙ استري هين پاڻ ڪان بدلو ونڻ ڪان سوائي ٻيو ڇا ڪري؟ چون ٿا ته هريش جو ڪانپ ۾ ڪنهن سان لڦڙو آهي. اهو ڇڏائڻ لاءِ ئي تلڪچند نانيءَ کي ڳوٺ وٺي آيو ۽ پنهنجو ڏنڌو سونپيو. ناني به ڏاهي ماءُ جو پٽ نڪتو.

نندپڻ ۾ مائٽ گذاري ويس. ٻارن لاءِ سڪندڙ ماميءَ سانڊي وڌو ڪيس. پلي هزار روپين جي هجي، پر نوڪري آخر نوڪري هوندي آهي. تيار مانيءَ تي ويهڻ جو موقعو هن ٻه وٺي ڇڏيو. ورهين کان جمايل دڪان ۾ هفتي ۾ مال خريد ڪرڻ لاءِ کانپ جو چڪر. ڪنچن کي پاونا جي پيڙا جو ڪجهه ڪجهه اندازو ته هو. ان ڪري ئي هن ڳالهه کي موڙيندي چيو:

“اهو ته توکي ڪافي وقت کان پوءِ ڏنو اٿم ان ڪري سجاڻي نه سگهيس. ۽ اجا هڪ ئي اک جو موتيو لهرايو اٿم. ٻي اک وارو باقي آهي. ڊاڪٽر چوي تو پڇي پوءِ ڳالهه. چو اڄ اپاسر ( جين ساڌن جي رهڻ جو هنڌ) تي پرتيڪرمڻ ( پاپ جي مافيءَ جي پرارٿنا، جين آچاريه وٽ وڃن اها وڏي) ڪرڻ ناهي وئينءَ ؟”

“ نه اڄ ناهي ويس. توهان سان تورو ڳالهائڻو هيو ان ڪري. هونئن ته مونکي سويل ئي اچڻو هو پر تون موءن ورت ۾ هوندي آهين ان ڪري هينئر آئي آهيا.”

“اهڙو ته ڪهڙو ڪم پئجي ويو جو پرتيڪرمڻ وارو نيم توکي ٽوڙڻو ........”

“ ڪنچن ٻا کي اڏ ۾ روڪيندي پاونا چيو:

“ٻنپهرن جو روپا پيءُ گهر مانيءَ تي آيو تڏهن جڳديش ۽ ويريدر هن سان ملڻ آيا هئا. سياڻي شام جو پئنچات آفيس ۾ ميٽنگ رکڻ وارا آهن. ....... چوندي پاونا اٽڪي ويئي.

ڪنچن ٻا سوالي اکين سان پاونا کي ڏسندي رهي. پاونا کي ٽيو ڳالهه چٽي ڪرڻ کان سواءِ ڪونه هلندو. هن اونهون ساهه کنيو ۽ هڪدم چوڻ لڳي.

“ ....... هيءُ تون هتي جيڪو رهين تي ان ڪري جڳديش کي ائين من ۾ آهي ته ڏيري ڏيري تون هن تي حق جتائيندينءَ. ضرورت پوڻ تي سڄي ڳوٺ کي گڏ ڪري سيا ٻه ڪنداسين ان طرح جون ڳالهيون ڪري رهيا هئا.” ڳالهائڻ کان پوءِ پاونا جڻ مٿي تان پري لاهي هيٺ رکي هجي ائين سامت جو ساهه کنيو.

“ اوهو جهرڪي نندڙي ۽ قرڙات وڌو. تون ٻه ڇا ههڙي ڪک جهڙي ڳالهه جي چنتا ڪرين تي؟ ” چوندي ڪنچن ٻا کلي ڏنو. هن جي کل ۾ تورو ڪوءڙو سواد گهليل هو. هن پاونا کي دلداري ڏيندي چيو:

“ ڏس پاونا، هڪ ڳالهه تون ٻه سمجهي وٺ. مان شڪتي ماتا جي آسري آئي آهيان. ڪنهن عالي موالي‌ءَ جي نه. مونکي پوري خاطري آهي ته منهنجو وشواس ڪڏهن ٻه اڪارت ڪونه ويندو. چنتا ته ان کي ڪرڻي پوندي آهي جنهن کي ڪجهه لٽجي وڃڻ جو ڊپ هوندو آهي. تون ڏسج ته سهي. اچڻ ڏي، وڃندي گجندي منڊپ تي.

“ پر ..... ” پاونا اجا ٻي يقينيءَ ۾ منڌل هئي.

“ ڏس توکي چنتا ٿئي اهو سياويڪ آهي. تنهنجي پيءُ هميشه مونکي پيڻ مجي ٿي سگهي اهڙي مدد ڪئي آهي. هن چوڪڙيءَ ۾ تنهنجو ور شامل ٿئي اهو به توکي نه وٽي پر ڏس امان مڏ تنهنجو سنسار پنڙيءَ چڙهيو آهي. تون هريش ڪمار کي حرف به نه چئج. تنهنجي يا منهنجي چنتا ڪرڻ سان ڪجهه ورٽو ڪونهي. اسان کي بس هڪ ئي منتر رکڻو، جيڪو ٿئي پيو سو سنائيءَ لاءِ چڏ هاڻي هن ڳالهه کي. ٻيو ٻڌائي سڀ نيڪ هلي ٿو پيو نه؟”

“ ها، هاڻي هتي اچڻ ڪان پوءِ گهڻو سڌرندو پيو ٿو وڃي. پر اجا هفتي ڏهين ڏينهين مال ونڻ ڪانپ ويندو آهي. هن جي غير حاضريءَ ۾ مونکي دڪان سنڀالڻو پوندو آهي. گهر ۾ ڪم هوندو آهي تڏهن روپا يا درشن کي وهاري ويندي آهيان، پر روپا وڏي ٿيندي پئي ٿي وڃي ۽ درشن ننڍو. مان نه گهڻو ئي چوندي آهيانس ته ڳوٺ مان روز ٽيمپو ڪانپ ويندو آهي. ڪانپ جا واپاريءَ به سجاڻا آهن. ٽيمپو واري کي لکي ڏنو هجي اهو سڀ مال گهر ويني اچي وڃي. ڪانپ ۾ وڃڻ جو ڀاڙو لڳي ۽ نفعي ۾ ڏينهن سجو ٽٽي. ڪڏهن ڪڏهن نه به ڏينهن به. سجو حساب ڪجي نه ٽيمپو سستو پئي پر هو مجي تڏهن نه! خير اهو ٻڌائي نه ڪارتڪ جا ڪهڙا سماچار آهن. هن شادي بادي ڪئي يا نه؟”

“ نه امان نه اجا ڪٿي ڪئي اٿس، هو ڪٿي مجي ٿو. مان نه ڪيس سجي چوٽ ڏيئي چڏي آهي. هن ممبئي جهڙي شهر ۾ ڏهاڙيئي جهڙو جيون ڪهڙي ڪم جو؟”

“ پڪي، من ماري ڪري ڪنهن جو ساٿي ٿي ڪري زندگي جيئڻ ڪان نه اهو ڏهاڙيو جيون سنو. پلي تڏهن هاڻي مان هلان ٿي. چوندي چوندي ڀاونا ڏاڪڻيون لهي ويئي.

ڪنچن ٻا کي ٿيو هيءَ ڀاونا اچانڪ چو هلي ويئي؟ ويچار ڪندي هوءَ اهلي. سجو ڏينهن لڳاتار وهڻ جي ڪري سندس سرير ونجي ويو هو. ڪمر جڻ چڪيل ڪمان جيان زمين ڪان مٿي رهي. ٿوري دير ڪان پوءِ ڍلي ٿي. هن کي ياد آيو ' ڪارتڪ ننڍڙو هو تڏهن ڪڏهن ڪڏهن ڪم نه ڪندو هو تڏهن اروٽا ڪاوڙجي چويس : هي بينل ٽُڙ وڏو ٿي ڪنهن سينيئي جو گهرناني ٿي رهندو. تلڪچند مامي جهڙي ڪنهن جي دڪانڙي تي وينو رهڻو ۽ ماني ڪائي پيٽ وڌائڻو. جواب ۾ ڪارتڪ چوندو هو، “ ادي ڀاوليءَ سان شادي ڪري سگهجي ٿي؟” ڪنچن وچ ۾ پوندي هئي “ ٻيهي مئا پٽيا، اها نه پيڻ چئجي.” نه چا ڪارتڪ ۽ ڀاونا جي وچ ۾؟ پر چو ڀاڻ کي ڪو شڪ به نه پيو. ها، ننڍڙا هئا تڏهن ڪارتڪ ۽ ڀاونا سجو ڏينهن گهرگهر راند ڏاڍي ڪيڏندا هئا. انهيءَ ڪري ئي ڀاونا هين اچانڪ اٿي ۽

........ ڪارتڪ بہ لڇو آهي. ڪڏهن سندس من جي ڳل بہ نہ پوڻ ڏنائين. ڏس نہ سندس پيءُ ڳذاري ويو تڏهن بہ ......'

ڪارتڪ جي واٽ نهاري چندرڪانت احمدآباد واپس هليو ويو.هفتي کن ۾ اروٽا بہ هلي ويئي. هن کي اڄ ڪلهہ ۾ زباني انٽريو اچڻو هو. سرڪاري نوڪريءَ لائي ڏنل ليکت امتحان ۾ تہ هوءَ پاس ٿي ويئي هئي. شروعات وارن ڏينهن ۾ ڳوٺ جي ماڻهن کي عجيب لڳي رهيو هو.سُس پُس ڪندا رهيا. ' پيءُ جهڙو پيءُ ڳذاري ويو تہ بہ ڪارتڪ ماءُ جي منهن ڪونہ چڙهيو! ڪنچن لاءِ اها ڳالهہ وڏيڪ چنتا جو سبب بڻي ويئي هئي. ڪارتڪ چو ڪونہ آيو؟ سندس سرنامو تہ برابر هو. تہ پوءِ ؟

هونئن تہ سماج جي ريت رواجن مطابق وڌوا ٽيل استريءَ کي هڪ مهني تائين ڪنڌ جهلڻي پوي.سالانو شراڌ يعني ورسي ڪرڻ کان پوءِ هوءَ پيڪي گهر سوڳ لاهڻ وڃي. حالانڪ پارتي سماج ۾ عورت جي بيوهہ ٿيڻ بعد ڪڏهن بہ سوڳ لهندي ناهي. شايد وڌندي ئي ويندي آهي. ڪنچن بہ انهيءَ ۾ اپواد نہ هئي. امرت جي اوچتي موت کي ڪٽي ٽيندڙ ڳالهيون، امرت جي موت کان پوءِ وِڌي ـ وڌان، چوڙي ڪرم، پڳڙيون، شراڌ يا ٻارهي تيرهي جا پوڄن جهڙن مُدن تي مچڪوڙيل منهن يا ڪارتڪ جي نہ اچڻ جي ڪري ٽيل ڏڱها ـ نندا هٿ. ڪنچن اندران ئي ندر ٻاهران بہ گهيرجي رهي هئي. هن کو بہ خلاصو نہ ڪرڻ جو فيصلو ڪري قلعي بندي ڪري ورتي هئي. لوڪ کي تہ چاهي؟چاهي تنهن کي گنهگار واري پڃري ۾ بيهاري ڇڏي. الٽ تپاس ۾ جو خلاصو ڪرڻ وڃو تہ ڄڻ سڄي سماج کي بچائڻ جو ٺيڪو ڪنيو هجي تيئن توهان تي چڙهي وهن. پر جو توهان خاموشي اختيار ڪري گنهگار واري پڃري ۾ بيهڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو تہ پوءِ هو آخرڪار تڪجي توهان کي ڇڏي ڏين ٿا. حالانڪ سڄي لڙائيءَ ۾ ڏاڍي ڌيرج جي ضرورت پوي. هٿيار سامهون هٿيار ڪٽي وڙهڻ ڏاڍو سولو آهي. پر هٿيار کي نظرانداز ڪري مُڏو ڪرڻ لاءِ اندرين طاقت گهرجي. ڪنچن ڏکيو رستو ورتو هو. ممڪن هو تہ هن ۾ سنتان طرفان بہ سهڪار نہ ملي. ڪنچن کي خبر هئي تہ چندر ڪانت ڪجهہ ڪٽڪندڙ من سان احمدآباد ويو آهي. هن پيءُ جي موت پنيان ڪجهہ وِڌي وڌان ڪرڻ چاهيا پئي. پر ڪنچن صاف منع ڪري ڇڏي. تڏهن هن سهج چيو هو " ماڻهو ڇا چوندا؟"

تڏهن نہ سرندي ڪنچن منهن ڪوليو " اگر تون حقيقت ۾ هنن ڪرم ڪانڊن ۾ مڃين ٿو تہ ٺيڪ آهي. پر توکي تہ ڄٽيو بہ ڏنل ناهي. توکي ڪير وڏيءَ ۾ ويهڻ ڏيندو؟ ۽ جو توکي پرائي ذات مان ڇوڪري ونڻي اچڻ ۾ ماڻهو آڏا نہ ايندا هجن تہ پوءِ هن ڳالهہ ۾

ڪھڙو ڏپ؟ هڪ ڳالھ سمجھي وٺ چندرڪانت، تنهنجي پيءُ جي هيترا سارا سال اسان اڪيلن واٽ نهاري آهي، هنن جي جدائي سَني آهي. ۽ هاڻي جيڪا ٿي آهي سا بہ اسان جي گھر جي ڳالھ آهي. انهيءَ ۾ ماڻھن جي ڏپ کان ڪجھ بہ ڪرڻ واجب ناهي. ۽ اهي سڀ ڪرم ڪانڌ نہ ڪرڻ سان ڪنهن کي بہ نقصان ڪونہ ٿيندو، تہ پوءِ ايڏو مڙيوئي ڇو سوچجي.”

ڪنچن ڪنهن کي بہ پاڙي مان گھرائڻ کان سوائي چوڙي ڪرم ڪيو. چوڙيون لاهي تلڪ ڊاهيو.رنگ تہ هوءَ اڳي ڪتي کي چمڪيلا پائيندي هئي؟ سفيد ساڙهي پاتي. وار هن ڪونہ ڪَٽيا. هن کي ياد هو تہ پهريون ڀيرو امرت هنن وارن جي چوٽي کي ڳلي تان ويڙهيندي هنن بنا مري وڃڻ جي ڳالھ ڪئي هئي. هوءَ امرت جي انهن يادن کان الڳ ٿيڻ لاءِ تيار نہ هئي.

تقريبن ڏيڍ مهني ڪارتِڪ آيو. اڱڻ ۾ بيني بيني هن ڏنو تہ ڪنچن يت جي سهاري ويهي وراندي ۾ پاچي ڪتي رهي هئي. گھڙي ڪن لاءِ تہ هو ڪنچن کي دور کان سڃاڻي ڪونہ سگھيو. سفيد ساڙهيءَ ۾ ماٿس کي ڏسي هو ٿورو هيبتجي ويو. ڪورو ڪپار ۽ لسا هٿ ڏسي ڪارتڪ کي ٿيو تہ پيءُ جو موت معني ڇا؟

ڪارتڪ کي ممبئي ۾ خط مليو تڏهن ڪجھ گھڙيون ڪيس ڪورو رکي پسار ٿي ويئيو. پوءِ ڪجھ ياد ايندي هن خط ڦاڙي ٽڪرا ڪري ڇڏيو. اسٽاف يا دوستن مان ڪنهن کي بہ هن لڪا ڪون ڏني. شايد هن پنهنجي وجود کي بہ ڄاڻائڻ نہ پئي چاهيو. پر جنهن کي هو ننڍڙي ئي ڦرڙي سمجھي جيئندو رهيو هو اها ڦرڙي هيءَ خبر ٻڌي شايد پچي پيئي هئي. مٿان مٿان ننڍڙي نظر ايندڙ اها ڦرڙي اندريان وڏو رت ڳڙهہ هوندو انهيءَ جي خبر اڄ پيس. هو تہ مجيندو هو تہ ويريڊر جو متو ڦاڙڻ سان ڳڏ اها ڦرڙي بہ ڦوڙي ڇڏي آهي. پر ائين ڪونہ هيو.ڳڙهہ پنهنجو پرچو ڏيڪاريو هو. لک ڪوششون ڪرڻ جي باوجود پيڙا جا سٽڪا ڪيس ويهڻ نہ ڏيئي رهيا هئا. هن جي اندر ۾ ئي ڪوئي ڏماچوڪڙي ڪري رهيو هو.

وير پدر چيو ۽ تو مجي ورتو. هن ڪاڳر تہ تنهنجي هٿ ۾ ڏنو ڪونہ هيو. ڪهڙي خبر تہ هن پاڻ انهيءَ خط ۾ نئون نئون ڪجھ جوڙيو نہ هجي؟

پر تہ پوءِ امان ائين ڇو ڪندي هئي؟ مونکي هميشھ لڳندو هو تہ مان سندس اڻ ياڻيل اولاد آهيان. بيا مائٽ تہ پنهنجن معذور ٻارن کي وڌيڪ چاهيندا آهن، پيار ڪندا آهن. پر امان تہ ڄڻ ڪنهن جا خار ڪيندي هجي ائين لڳندو هو.

' پلجي ويو آهين توکي مارڻ کان پوءِ بہ لڪي ڪنڌ ۾ روئندي هئي هوءَ. ڪڏهن ڪڏهن ڪجھ نظرن سان ڏٺل بہ صحيح نہ هوندو آهي، اتي تو تہ ٻُڌل ڳالھ تي ويساھ ڪري ورتو. ڪارتڪ وٽ ڪو جواب نہ هو.

هن جي ڪوري من آڪاش ۾ وير پدر جون ڳالھيون سرٽين جيان لامارا هٽي رهيون هيون. گهمي رهيون هيون، گونجي رهيون هيون. 'ڏس تنهنجو نالو بہ ناهي خط ۾ ..... تنهنجو پيءُ آهي سو گوري مدم رکيو وينو آهي ...... هتي تنهنجي ماءُ .......... ڪهڙي خبر تنهنجو پيءُ ڪير هوندو. ...... '

ڪارتڪ کي ٿيو هنن سيني سوالن جا جواب امان وٽان ملندا. ڪنچن کي ڏسي هن جا سارا سوال ڪٿي گم ٿي ويا جيئن خبر ناهي ڪيڏاهن اڏامي ويا. واچوڙي پنيان جي مينهن جيئن ماءُ پٽ ٻئي پُسندا رهيا.

## 31

ڪارتڪ آيو دير سان پر ڪنچن ڪي جيون ۾ پهريون ڀيرو ڪارتڪ جي هوئڻ جو احساس ٿي رهيو هو. ڪارتڪ بہ خبر ناهي ماءُ سان گڏ هين آرام سان رهڻ لاءِ ملندو يا نہ اهڙي للڪ سان رهيو. موڪل تہ چئن ڏينهن جي هئي پر ڏهہ ڏينهن رهيو. ڪنچن ڪي حيرت ٿي تہ ننڍو هيو تڏهن تمام گهٽ گهر ۾ گذاريندو هو. گهر ۾ ويهندو هيو تہ ڪنچن ۽ چندرڪانت جي سامهون تمام ٿورو ايندو هو. اڪثر اروٽا جي ارد گرد گهمندو رهندو هو. اروٽا ماني پچائيندي هئي تہ اتي مان ذات ذات جا پکي ـ جانور ناهيندو رهندو هو. پوءِ ضد ڪندو هو تہ اهي پچائي ڏي. اروٽا بيلڻ ڪٽي ڪيس مارڻ لاءِ ڊوڙندي هئي. اروٽا ڪٻٽ جي وڏي آرسيءَ سامهون بيهي تيار ٿيندي هئي تہ اڪيون ڪپائي ڏسندو رهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن اروٽا چويس : "چوڪري آهين چا. وڃ نہ ٻاهر ڪيڏ." شرمائيندو ٻاهر ڊوڙي وڃي پر ڪلاڪ ۾ واپس اچي. ڪاوڙ مان اڪارڻ الر ڪندڙ ڪنچن جي مار کان اروٽا ئي ڪيس بچائيندي هئي. انهيءَ ڪري ئي هو ماءُ کان پيڻ وٿ وڏيڪ رهندو هو. لڳيڳ ڏهن ـ ٻارهن سالن جو ٿيڻ بعد ئي هو پاڻ کي ڏيري ڏيري گهر کان الڳ ڪرڻ لڳو. انهي عرصي ۾ ويريدر سان صحبت ٿي. ويريدر جي ٽولي ۾ ملي نہ ڪرڻ جهڙا ڪم ڪندو هو. ٿي سگهي ٿو هو ڪجهہ رفع دفع ڪري ڪنهن سان وڙهڻ جو سُک وٺندو هو. ڪڏهن ڪڏهن هن کي محسوس ٿيندو هو تہ هي سک تہ مرگ جل جهڙو آهي. هو آڌيءَ رات جو جاڳي ويندو هو. ۽ وراندي ۾ پيت جي سهاري ويهي چپ چاپ ڪنهن جي وات نهاريندڙ ماءُ کي ڏسندو هو. يا ڪم ڪندڙ ماءُ هٿ ۾ ڪنيل ڪم پلجي پولار ۾ تڪيندي رهندي هئي تڏهن ڪيس سمجهہ ۾ ايندو هو تہ اهان خبر ناهي ڪيترن جو مقابلو ڪري رهي آهي. هو ڄاڻندو هو تہ ماڻس جي ويڙهہ پائيدار آهي. پاڻ تہ آشنڪا جي ڪارڻ پنهنجي وجود سان لڙندو رهي ٿو. انهيءَ ۾ بہ جڏهن ڇهين ڪلاس ۾ آيو ان سال هُن ويريدر سندس من ۾ شڪ جو ڪينئون اهڙو تہ رکي ڇڏيو جو هو مسلسل دکي ٿيندو رهيو هو. جلندو، سڙندو رهيو هو. پيءَ جي موت واري خبر جڻ هن تي چئن ئي پاسن کان حملاور ٿي هئي. انهي ڪري هو ماءُ سان ملڻ ڊوري آيو هو. ماڻس جو سچو چهرو ڏسي هن جي من جا گهوڙا بيهجي رهيا.

ڪنچن جي چهري تي ڪنهن جي انتظار ۾ اُڪريل جذبا نہ هئا. هاڻي هن کي ڪنهن جي بہ وات ڏسڻي ڪانہ هئي. هوءَ امرت جي پرتيڪيا جون لاهيون چاڙهيون لهندي چڙهندي ڪنهن هموار زمين تي اچي ويئي هئي. ڪارتڪ ڪيس سامهون اچي ڳالهائي رهيو هو. هوءَ

ڳالهيون ڪندي هئي. ڪارتڪ گهر ۾، ورانڊي ۾، پاڙي ۾ گهمي. ڪنچن جي نظر هن جي پويا پويان گهمي. هوءَ پوڇا ڪندي هجي تڏهن به ڪارتڪ چپ چاپ هن جي پير ۾ اچي ويهي رهي. بنا چوڻ جي ماءُ پٽ ٻنهي کي احساس ٿي رهيو هو ته ٻنهي جي وچ ۾ پيپل کاهي پرجي رهي آهي ۽ هڪ پل آڪار وٺي رهي آهي.

هڪ ڏينهن ڪنچن کي ٿيو ته مونکي ڪارتڪ کي اُيوَ واري خط بابت ڳالهه ڪرڻ گهرجي. هن ڪاڳر ڳولهيو. هونئن ته هميشهه کو به آيل خط هوءَ ڪٻٽ ۾ ڪپڙن جي تهه هيٺان رکندي هئي پر اُيوَ وارو ڪاڳر نه مليو.ڇا ڪجي؟ ڪارتڪ کي چوان ته ڪيئن چوان؟ ڪنچن کي خبر هئي ته پنهنجي زبان ۾ اها ڳالهه ڪرڻ آسان نه هئي. سوچ ويچار ڪندي هفتو گذري ويو. وچڻ جي مهندين رات هن ڪارتڪ کي پير ۾ ويهاري چيو: ڏس ابا، مونکي توسان هڪ ڳالهه ڪرڻي آهي. تنهنجي پيءُ ڪمپالا ۾ ٻي .......

" مونکي خبر آهي. هن پنهنجي سيٽ جي ڏيءَ سان ٻي شادي ڪئي هئي. هن کي هڪ پٽ به آهي. " ڪارتڪ سانت آواز ۾ چئي رهيو هو. ڪنچن چرڪجي ويئي. پر ترت ڪيس سمجهه ۾ آيو . ته پوءِ ڪارتڪ امرت وارو خط .....؟

" نه امان مون وٽ اهو ڪونهي. ويريدر جيوي ٽپاليءَ کي ماري اهو ڪاڳر ڦري ورتو هو. ڪارتڪ ڳالهائيندي رڪجي ويو. هن جي من تي ويريدر جا هنيل ڏنگ وري چُري پيا. هن ٻڌو ڪنچن چئي رهي هئي:

"ڪارتڪ تنهنجي پيءُ ٻي شادي ڇو ڪئي تنهن جي ڪا خبر توکي آهي؟" 'تنهنجي پيءُ ' لفظن ڪارتڪ کي ڏڪائي ڇڏيو. ڇا امان کي اجا به خبر ڪانه هوندي؟ يا پوءِ ڄاڻي ٻجهي؟

ويريدر منهنجي هٿ ۾ ڪاڳر ڏنو هجي ها ته خبر پوي ها. هن چيو هو ته ڪاڳر ۾ تنهنجو ته نالو به ڪونهي. " امان ائين ڇو؟ "حقيقت ۾ ڪارتڪ کي پڇڻو هيو ته "منهنجو پيءُ ڪير آهي؟ '" پر هن جي زبان نه هلي. پر بنا پڇڻ جي ڪنچن سمجهي ويئي هئي ته حقيقت ۾ ڪارتڪ ڇا تو پڇڻ چاهي. ڪنهن به پُٽ کي پنهنجي ماءُ کان پڇڻ ۾ حجاب ٿئي اهڙو سوال پڇڻ واري ڏکي حالت مان ڪنچن ڪارتڪ کي بچائي ورتو. ۽ چيو :

"ڏس ابا، اڄ تائين تون من ۾ ڇاجو ڇا دٻائي جيئرو رهيو آهين. مان اياڻڻ تنهنجي من تائين پهچي نه سگهيس. ٿي سگهي ٿو منهنجي تنهنجي من تائين پهچڻ جي تياري نه هئي. ٿي سگهي ٿو مون مڃي ورتو هجي ته توکي ڪو سوال ڇو ٿئي! ٿي سگهي ٿو مون پنهنجي وجود کي به ڪجهه ڳالهين کان دور رکڻ پئي چاهيو. مون اڄ ڏينهن تائين بين

سيني مورچن تان لڙڻ ۾ هن سوال کي پلجڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر اها منهنجي پل هئي. نه اهو سوال منهنجي من مان ويو آهي ۽ نه تنهنجي من مان. پر اڄ هيترن سالن بعد بيهر  انهي وقت کي مان جي رهي آهيان. مونکي ٿئي ٿو ته تون منهنجي جيون جي آخرين سک ڏيندڙ گهڙيءَ جو سنتان آهين. ۽ ڳڏوڳڏ منهنجي جيون جي سڀ کان وڏيک خوفناڪ حادثي جو  سنتان به.

“ تون نه نندو هئين، ابهم هئين. تنهنجو پيءُ ڪير آهي ۽ ڪير نه، انهي اٽڪڻ ۾ مون ڪيترين ئي راتيون ڦٿڪندي گذاريون آهن. آخرڪار مونکي منهنجي انترآتما وٽان هڪ ئي جواب مليو آهي اهو جواب هي آهي ته تون منهنجو اولاد آهين ۽ مان تنهنجي ڄڻيندڙ ماءُ آهيان.

ڪنچن وچ ۾اٽڪي، ڪارتڪ پت جي سهاري وينو ڪيس هڪ چت ٿي ٻڌي رهيو هو. ڪنچن اڳيان وڌي.

“ تي سگهي ٿو توکي خبر هجي. اسانجي پراڻن گرنٿن ۾ ستيه ڪام جابال جي ڪٿا اچي ٿي. ستيه ڪام گٽيڪا جابال جو پُٽ هو. گروءَ وٽ گيان وٺڻ لاءِ ويل ستيه ڪام کي گروءَ پيءُ جو نالو پڇيو.  ستيه ڪام کي خبر نه هئي. هو ماءُ وٽ آيو. ماٽس چيس ته، انيڪن جي شيوا ڪندي تون مونکي مليو آهين. مان به نٿي ڄاڻا ته تهنجو پِتا ڪير آهي؟ ستيه ڪام گروءَ وٽ وڃي ماٽس جو جواب ڪيس ٻڌايو. اتي وينل شش ستيه ڪام جي صاف ستري ڳالهه ٻڌي کلڻ لڳا. پر گرو ستيه ڪام جي سچي ڳالهه چوڻ واري همٿ ڏسي خوش ٿيو. ۽ چيو ته، ستيوادي ماءُ جو  ستيوادي پٽ ستيه ڪام گيان جو سچو حقدار اهي. گروءَ ستيه ڪام جي سچي سڄاڻپ ڏني ۽ نالو رکيائونس ستيه ڪام جابال. بيٽا سنسار جو ڌرم نڀائيندي، گرهستيءَ جو ڌرم بجائيندي مونکي تون مليو آهين. هاڻي تون ئي منهنجي سوال جو جواب ڳولهي وٺ.

ڪارتڪ جي ممبئي وڃڻ بعد لڳڀڳ ٻن مهنن پنيان سندس خوش خيريت وارو خط آيو. تنهن سان گڏ اخبار ۾ ڇپيل اشتهار جو ننڍڙو تراشو به. هن پنهنجو نالو ڪارتڪ امرت لال شُڪل مان بدلائي ڪري ڪارتڪ ڪنچن با ڪيو هو.

حالانڪ چندرڪانت کي ڪارتڪ نالو بدلايو هو اهوڪم وٽيو ڪونه هيو. هن ڪارتڪ کي چيو به سهي. چندر ڪانت جي من هيءَ نالو بدلائڻ واري گهٽنا اڄ ڪلهه جي نوجوانن ۾ شوقيه ڏسڻ لائي ملي ٿي. هن مهٽو ڏنو “ ههڙا تهرا نالا بدلائي ماٽهن جو ڏيان ڇڪايو ٽا ته پوءِ اونڌي منهن چو نٽا هلو؟” ڪارتڪ هڇمچي ويو. هن ڪو جواب ڪونه ڏنو.

ان ۾ به چندرڪانت جي شاديءَ ٽاڻي ڪنڪوتريءَ جي ڊزائين تيار ڪرڻي هئي. هن چندر ڪانت کي صاف ٻڌائي ڇڏيو ته اگر تون منهنجو نالو نينڊ پتر ۾ ڇپائڻ وارو هجين ته منهنجو نالو ڪارتڪ ڪنچن با رهندو ۽ توکي نه پسند هجي ته سچو نالو ڪٽي ڇڏڻ جي توکي موڪل آهي. چندر ڪانت ڪارتڪ جي چيل ٻئي نمبر واري ڳالهه ۾ راضي هو. ڪنچن کي ٿيو سنسار ۾ صفا به پاڻ آهن. اگر هينئر ڪان ئي وهنوار تتي ويندن ته؟ هن رستو ڪڍيو. "ڪنڪوتريءَ ۾ صرف منهنجو نالو رهندو."

ڪنچن کي گهڻا دفعا ٿيندو هو ته ' هن چندرڪانت ۾ چو هيڏي جهونائي ۽ جڙتا آهي. هونئن ته هو پنهنجي انگت ڳالهين ۾ رخنو ٻڄندر اهڙين ڳالهين کي ليکندو ئي ناهي. چا سمجهه اچڻ سان گڏ جيئڻ جو، تڪي رهڻ جو سنگهرش متي پوڻ جي ڪارڻ هو ويجها لاپ ڏسندو هوندو؟ ڪڏهن ڪڏهن آخرڪار چندرڪانت جي سياءِ ۾ گنگابا جي سُتيءَ جو اثر ظاهر ٿئي ٿو. هنجو به کهڙو ڏوهه؟ هميشهه ٻين جي سهاري رهڻو هجي اهڙي ٻال وڌوا استريءَ جا ههڙا انتر وروڌ تي سگهي ٿو سوارٿ ورتيءَ جي ڪارڻ وڌيڪ وڌندا هوندا.

امرت جي موت وقت جيا ڪنچن وٽ رڪجي نه سگهي هئي. ٻهراڙيءَ جو ڳوٺڙو ۽ ڪرم ڪاند ڪندڙ گوراڻي ( برهمڻي) جي گهر هڪ مسلمان عورت جو رهڻ انيڪ سوال ڪڙا ڪري ها! جيا جي لاءِ ته سڀني پاڻ جو موت ۽ ٻيءَ شاديءَ وارن سماچارن وارو آگهات سهڻ ئي ڏکيو هو. هوءَ پنهنجي پيڙا متان ڪنچن جي پيڙا جو انومان ڪري سگهي ٿي. ڪنچن کي آٿت ڏيندي ٻيا سوال ڪڙا نه ٿين انهي ڪري پنهنجي ڇاتيءَ تي پهڻ رکي هوءَ تڪڙي هلي ويئي. ڪنچن جي ته ڏاڍي دل هئي ته جيا رڪجي وڃي پر سندس دماغي حالت اهڙي نه هئي جو هوءَ جيا ۽ ذرينا جهڙن ٻن روپن کي ساهي سگهي. پر چندرڪانت جي شاديءَ ٽاڻي ڪنچن جيا کي هفتو ڪن اڳ گهرايو هو.

جيا آئي ۽ ٻئي ئي ڏينهن ڪنچن کي ٿيو اڄ حقيقت ۾ گهر موقعو آيو آهي. ماڻهن پڇيو ٿي، ڇڻ پڻ ڪئي ٿي پر ڪنچن کي ڪٿي ڪا پرواهه هئي. هڪ اڌ ڀيرو جيا چيو به سهي ته هن وٽ جواب حاضر هو " چا ڪندو لوڪ؟ منهنجي ٻدران ٻيو برهمڻ ڳولهيندو، ته ڳولهڻ ڏيونِ ۽ هي پٽ ـ ننهن ڪونه رکندم ته تون به ڪونه رکندينءَ چا؟"

جيا ڪنچن کي پاڪر ۾ پريندي چيو" هي چا پيئي چئين پاپي؟ ڀڳوان نه ڪري توکي تنهنجي ٻارن ڪان جدا ٿيڻ جو موقعو اچي. پوءِ به اگر آيو ته مان ويني آهيان نه. مون سان گڏ سنستا ۾ مزو نه ايندو ته الڳ مڪان به آهي منهنجو آمباواڙيءَ ۾. هڪ روم رنڌڻو آهي. جيئين تيستائين تنهنجو. مڪت رهج ۽ ويني پريوچن ڪج."

جيا رهي، ۽ نہ صرف ايترو سندس سلوڪت ۽ لکڻ ڏسي آڙي پاڙي وارا ڏندين آڱريون ڏيئي ويا. پوريون ناهڻ کان ونني ڪچرو ٻهارڻ تائين هر ڪم ڪار ۾ جيا اڳري رهي. ڪو بہ اهڙو گيت نہ هو جو هن کي نہ ايندو هجي. ڪنيا پڪش وارن جي گيت " پقيءَ جو پاڙي جيڏو پيٽ " تي جيا سيني کي چتاءُ بہ ڏنو. " پرائي جج ۾ ذرينا جو هيڏو لٽڪو وري چاجو؟ وهانو پورو ٿيندو ڪڏي چڏيندا پوءِ لڳندس جهتڪو. ... جيا ٻيٽي اتساهہ سان جواب ڏيئي رهي هئي. هوءَ جڻ من ئي من ۾ طيءِ ڪري آئي هئي تہ هيترن سالن جي ڪشمڪش کان پوءِ آيل موقعي کي ذرا بہ جهڪو يا ڦڪو ٿيڻ ناهي ڏيڻو.شروعات ۾ گٽيش منڪي ڪٽڻ ۾ اڳيان پويان ٿيندڙ ڪنچن کي هن ٿيلهو ڏيئي اڳيان ڪيو. ڪنچن جي من ۾ ڪُت ڪُت هئي. جيا صاف چيس تہ پاپي تون ڪنڪو واري آڱر ڪونہ ڪندينءَ تہ مان چندرڪانت کي ڪورٽ ۾ وجي پرٽائي ايندس. پلي تنهنجون مڻ اٿي جون پوريون خراب ٿين. سنتان لاءِ سُنو ماءُ کان وڏيڪ ٻيو ڪير چاهيندو؟

چندرڪانت وشاڪا کي پرٽجي آيو تہ ڪيس موڙ ٻڌي جيا سواگت ڪيو. ور گهوڙي جو رستو روڪي بينل اروٽا مشڪري ڪندي جهوير کي چيو بہ سهي " ذرينا بين هن اروٽا لاءِ بہ ڪو ڳولهٽو هيو نہ ڳڏوڳڏ. هيءَ هرويرو ياءُ - ياجائيءَ کي آڏي ايندي." ڪاوڙجي اروٽا جواب ڏنس " مونکي شادي ڪرڻي ئي ناهي، تون بي فڪر رهہ، ياءُ - ياجائيءَ کي آڏي ڪونہ ايندس. الٽو اوڍرو تي رهنديس."

وهانو پنيان موڪلائيندڙ جيا جي پلوءَ ۾ ڪنچن پنج سو هڪ روپيو ٻڌا. جيا ويئي. ڪنچن کي ٿيو جڻ ٻيهر هن گهر ڇڏيو. ڪنچن ۽ جيا کي موڪلائڻ وقت سُڏڪا پريندو ڏسي وشاڪا کي بہ حيرت ٿي. حيرت چندرڪانت کي بہ ٿي. هن ڪنچن کي چيو بہ هو ذرينا پقيءَ کي پنج سو هڪ روپيا ڏيڻ وڏيڪ چئبا. هوءَ ڪٿي اسان جي رشتيدارن يا ذات مان آهي؟ اسان جو ۽ هن جو ڌرم بہ الڳ آهي.! ڪنچن کي ڪافي ڪجهہ چوڻو هو " پُٽ هوءَ تہ تنهنجي پيءَ جي ماءُ جٽي پيڻ آهي. توکي ڪهڙي خبر تہ سنسار ۾ هڪ ڳوتريءَ جي رشتي کي چا چئجي؟ ڪنچن جي ڪليجي ۾ ڪٽاري لڳي. وشاڪا کي مانيءَ تي ويهاري جيا سونا ڪنگڻ ڏنا تڏهن چو چندرڪانت ائين نہ چيو تہ هيڏو سارو نہ ڏجي. ڪنچن ڪجهہ چيو ڪونہ پر هڪ ڏينهن تہ ڪيس چوڻو ئي پيو.

32

وڏي پُٽ جي شاديءَ بعد ڪنچن اهو برهمڻڪو ڪم ڇڏي ڏنو. ڪنچن ڪي رُڪي پايي سماچار ڏيندي رهي. ڪڏهن ڪڏهن هوءَ چوي " لوڪ ته چندرڪانت جي شاديءَ جي ڌوم ڌام جي واکاڻ ڪندي ٿڪجي ئي نٿو. اوهو گوراٽي امان ته ماڻهن کي ڪارائڻ سان پلاپلي ڪري ڇڏي. ڪو به گهر اهڙو نه هيو جتي نيوتو نه ويو هجي يا رسوئي نه پهتي هجي. ڪري ڏيکاريو باقي هن ته. سڄي زندگي پل اتو پنيو پر موقعي تي استعمال به ڪيو. ته ڏيمي آواز ۾ ڳوٺ ۾ ٽيل چڱ پُڻ به چوندي وڃي " هن گوراٽي امڙ کي اونڌي سُڌي جو هڪ مسلمان مائيءَ کي گهر ۾ رکيو، وري پاڻ هن جي ويجهو ويهي رسوئي به پرچي. سچ چئجو پائي هاٽي هوءَ آيڙجي(اپويتر) ويل نه چئجي! هن جو ڪرايل ڌرم جو ڪم پڳوان تائين پهچندو به الاءِ نه؟

ماڻهو منهان منهن ڪجهه چون تنهن کان اڳ ڪنچن ظاهر ڪيو ته " هاٽي مونکي آتم ڪلياڻ جي لاءِ پتو بڌٽو آهي. گهڻا سال ڪيم. پار وڏا تي ويا آهن. ٽيئي ڪمائيندا آهن. هاٽي ڪنهن جي لاءِ سڀ گڏ ڪريان؟ مونکي هاٽي بس پاڻ جيتري سوڙ، ٻه جوڙون ڪپڙا ، مُٺ ان جي ....! پارن جو نصيب پارن سان. ڪلهه جي ڪنهن کي ڪل؟ سنت تڏهن ئي ته چون ٿا ـ پوت سپوت توڪا ڌن سنچي؟ پوت سپوت توڪا ڌن سنچي؟ اگر سنتان سپوت آهي ته پوءِ هنن لاءِ ڌن سمپتي گڏ ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ ڪُلوان پرجا نپجي ته پٽر ٽوڙي پاٽي ڪدي. وري ڪپوت سنتان لاءِ ملڪيت ناهڻ مان ڪهڙو فائدو؟ توهان جي رت ست جي ڪمائي بي لڪٽي پرجا ڌوڙ ڌاٽي ڪري ڇڏي. ڌن سمپتيءَ جي ويرتتا ڪنچن کان وڌيڪ ٻيو ڪير ڄاڻي؟ ڪراچيءَ ۾ هئي تڏهن چاچا نه هيو؟ اهڙي آسماني سلطاني ڏسڻ کان پوءِ پوشيه جو پروسو ته ڪو بي سڌو ئي ڪري!

پار به ڪنچن کي برهمڻڪو ڪم ڪرڻ کان منع ڪندا هئا. چندرڪانت نوڪري چڙهندي ئي چئي ڇڏيو " امان هاٽي ڪان مان توکي پيسا موڪليندس." چندر ڪانت ڪڏهن سو ته ڪڏهن ڏيڍ سو روپيا موڪليندو رهندو هو. ڪنچن جو ڳاڏو ته ننڍن وڏن ڪرم ڪانڊن سان هلندو پيو رهندو هو. هاٽي پن ٽن گهرن مان ئي اتو ونڻ ويندي هئي. ڪيس روڪ پيسن جي تمام گهٽ ضرورت پوندي هئي. پاجيءَ پن ته ان جي متا سٽا تي ملي ويندا هئا. اڌ سير ڪير ته روز ناڪر صاحب جي حويليءَ تان ايندو هو. ڪنچن چندر ڪانت وارا موڪليل پيسا گڏ ڪندي ويندي هئي.هن کي هيو ته ڪلهه سياٽي پاءُ ـ پيڻ جو پرسنگ

اچي بيهندو. شاديءَ ٽاڻي چندرڪانت جي. پي. ايف. مان لون وٺڻ جي ڳالھ ڪئي ته ڪنچن منع ڪري ڇڏي. ٿورا گھڻا پيسا ڪنچن وٽ هئا. چندرڪانت به بچت ڪئي هئي. اروڻا ۽ ڪارتڪ وٽان به سٺي اهڙي رقم نڪتي. اروڻا جيا سان گڏ رهندي هئي انهيءَ ڪري سندس ايڏو ڪو خاص خرچ نه هيو. جيا جي وري خاص تاڪيد هئي ته خرچيءَ لاءِ پيسا ڪپڻ ته گھري ونج، پر پگھار ته سڄي ساري جمع رهڻ ڪپي.

شاديءَ ڪان پوءِ سپاويڪ آهي ته چندرڪانت ڪي نئون گھر ويُوستت ڪرڻو هو. مٿان سندس سهري جي گھر جي جوابداري به هئي. ڪارتڪ وڏي ياءُ ڪي هلڪو ڪري ڇڏيو ، هو ڪنچن ڪي نيمت پيسا موڪليندو رهندو هو. ڪنچن چوي:

“ هيڏن سارن پيسن ڪي مان ڇا ڪريان؟”

“ جو اروڻا ڪي پرڻائڻو ناهي ڇا؟”

“ ها، پر تون اتي ممبئيءَ ۾ جمع ڪندو وڃ. جنهن جو وياج به ملندءِ.”

“ نه اتي مونکان واپرائجي وڃن. تون هتي پوسٽ ۾ کاتو کولائي ڇڏ.

ڪنچن سمجھائيندي هئي “ تون ڪجھ ٽائيڪو ٿي. توکي به پرڻجڻو آهي. گھر هلائڻو آهي.”

“ امان، ڏيڍ پيري ڪي ڪير ڇوڪري ڏيندو؟ ۽ مونکي سادي ڇوڪري ته هلندي ڪونه. هن کي اڍائي پير هوندا ته ئي اسان جي جوڙي ڄمندي. ” ڪارتڪ ڳالھ کل ۾ ڪڍي ڇڏيندو هو.

“ ويھ، ڏاهو ٿي هاٽي. تنهنجي لاءِ به پڳوان ڪٿي نه ڪٿي ڪا ڪنيا ضرور ناهي ئي ته هوندي . تو جهڙو نماڻو، ڪمائيندڙ ڇوڪرو هجي ان ڪي موڙ ٻڌڻ ۾ کھڙي دير! جيئن ئي اروڻا جو ٻلو ٿئي، تنهنجو ئي وارو. مونکي ته وڏي سان گڏ ئي اروڻا ڪي پرڻائڻو هو پر ڏس نه اجا هوءَ ڪجھ ٻولي ئي نه پيئي.

شروعات ۾ اروڻا پڙهڻ جو عذر اڳيان رکيو هو. پوءِ نوڪريءَ جو. ڪنچن ڪي ائين هيو ته چالو نوڪريءَ پرڻجندي. پر پوءِ ته هن صاف انڪار ڪر ڇڏيو. چندرڪانت به چار دفعا سٺن عهدن تي نوڪري ڪندڙ سٺا ڇوڪرا ڳولهي آيو، پر ڏسڻ جي ڳالھ ته دور اروڻا ڇوڪرن بابت ٻڌڻ جي به منع ڪري ڇڏي. ڪنچن ۽ جيا سمجھايس پر هن جو ته هڪ ئي جواب هيو:

“ امان، هن وڪاس گرهه ۾ صبح ڪان شام ٽائين ڪيترين ئي مايون ڏسندي آهيان. شادي ڪري موج ڪنديون هجن اهڙو هڪ به مثال ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي. هميشھ

پيڙهجڻو، چِلهجڻو ڪنهن نہ ڪنهن جو زوربر سهڻو. مونکي تہ شادي لفظ کان نفرت ٿيندي پئي ٿي وڃي. هاڻي تون ئي چئہ امان توکي شادي ڪري ڇا مليو؟ سڄي زندگي گهر جو بار ڍوهيندي رهينءَ ۽ بابا؟ ٻي شادي ڪرڻ کان اڳ ڪڏهن ويچار ڪيو هوندو تہ منهنجي زال ۽ ٻارن جو ڇا؟ ڇڙو هيو انهيءَ ڪري هن کي ڍوڙڻو هيو ۽ لاهي ملي ويس.

ڪنچن امرت جي بچاءَ ۾ ڇا چوي. اگر هن جو خط مليس ها تہ.

“ ڌيءَ، اسان کي ڪهڙي خبر تہ تنهنجي پيءُ ٻي شادي ڪرڻ کان اڳ ڇا سوچيو هوندو؟ هن ڪنهن مجبوريءَ جي ڪري ئي ٻي شادي ڪئي هوندي. ڄاڻڻ سمجهڻ جي بنا ٻئي کي دوش ڏيون تہ اسان جي انسانيت لڄي. ماڻهو پاڻ خراب نہ هوندو آهي، وقت خراب هوندو آهي. انهيءَ ڪري ئي انسان پل ڪري ويهندو آهي. اسان کي ڪنهن ستايل ماڻهو لاءِ بہ تڪڙي رائي نہ ٻڌڻي ڪپي. جڏهن تہ هي تہ پنهنجو ماڻهو آهي. ۽ تون منهنجي ڳالهہ ڪرين ٿي نہ. مان عورت آهيان. سنهڙن اهڙن ڪکن ڪانن کي بہ آکيرو سمجهي زندگي گذاري وڃڻ جي مون ۾ سگهہ آهي انهيءَ ڪري تہ قدرت مونکي ماءُ ٻڻجڻ جو وردان ڏنو آهي. اسان جي رچيل ڪائنات ئي اسان کي جيئڻ جو ٻر ڏئي ٿي. ڌيءَ ٻيو تہ ڇا چوان ماءُ هوئڻ جي ڪري منهنجي هڪ مرجات آهي، پر هي مان توهان سيني کي وڏا ڪري سگهيس، اهو هنن جي پريم ۽ پابوهہ جي ڪارڻ ئي. پُٽ ڏيو ۽ وٺ هجن پر تيل بنا تہ سڀ ڪجهہ بيڪار آهي نہ.”

“ تہ پوءِ هيءَ ٻقي؟ هيڏا سارا سال ٿي ويا آهن پڦڙ منهن بہ ڪونہ پاتو آهي ۽ ڪا چني بہ ڪونہ لکي اٿن، هي تہ چوڻ خاطر پرٽيل آهن. باقي ڪنوارن جهڙو ئي جيون آهي هنن جو.”

جيا جي ڳالهہ اڃي تہ ڪنچن کي منهن سبي چڏڻو پوي. اروٽا جي هڪڙي ئي ڳالهہ هئي، پرٽجو چاهي نہ پرٽجو، آخرڪار عورت کي اڪيلي ئي پار لهڻو آهي. تہ پرٽجي ڪشتيءَ ۾ هروبرو بار ڇو وڌائجي!

ڪنچن ڏنو تہ اروٽا جيون جي آڌار کي جيون جو بار چئي رهي هئي. هن کي ٿيو هنن سيني ڳالهين جو ڪو مطلب ناهي. بحث مباحثي ۾ بہ لهرون وڌيڪ اٿن. جيون ۾ ڪيترا ئي ستيہ انيوَ کان پوءِ سمجهہ ۾ ايندا آهن. اڄ تہ ٻانهن ۾ ٻر آهي هيئين ۾ همٿ آهي انهيءَ ڪري ڪشتي هلائڻ آسان لڳي ٿي. پر عمر جي ڪنهن موڙ تي هن خالي ڪشتيءَ جي بار جو ارٿ سمجهہ ۾ ايندو تڏهن ؟ صفا سچ جو بوجهو اهڙو تہ ڇبو ڪر ڇڏيندو آهي جو ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو هٿ ۾ رکيل پتوار هٽڻ ڇڏي ڪري ڪشتيءَ کي هوا

جي حوالي ڪري ڇڏي ٿو. ان وقت ڪنارو يا پتوار ، ٻنهي مان ڪجهه بہ هن جي هٿ ۾ هوندو ناهي.

ڪنچن کي رات ڏينهن اروٽا جي چنتا کوري ڪائيندي هئي. اروٽا ڪونہ پرٽجندي تہ ڏونگر جيڏي زندگي ڪيئن ڪٽي سگهندي؟ پائر سنا آهن پر هو پنهنجي سنسار ۾ ڪوئجي ويندا، پوءِ پيٽ جي سار سنڀال ڪيتري لهي سگهندا؟ اروٽا صرف مانيءَ جي محتاج ڪونهي، پر ماڻهوءَ کي مانيءَ کان علاوه ٻيو بہ گهڻو ڪجهه گهربل هوندو آهي. ڪارتڪ اروٽا پرٽجي وڃي پوءِ پرٽجڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو. چندر ڪانت جي وهانو کي اڄ ڪلهہ ڪندي پنج سال ٿيڻ تي آهن. ڳوٺ جا ماڻهو تہ وهانو جي ٻئين سال ئي پيڙن جي گهر ڪندي " ٻڌاءِ گوراٽي ماءُ ، هاٽي ڪڏهن تي پيڙا ڪارائين؟" ڪو چوندو هو " ادا پيڙا ئي چوءِ لڏون ڪارائيندي، موڙيءَ کان وياج وڌيڪ منو هوندو آهي." ڪنچن بہ انتظار ۾ هئي تہ ڪڏهن تي وشاڪا اميد سان ٿئي! پر هوءَ چوندي هئي اڃا تہ ڪنوار ننڍڙي ٻار آهي، هيڏي هوڏي گهمي ڦري سندس من ٺري پوءِ پلي ذميواري وڌي تہ ڪو هرج ڪونهي.

هاٽي تہ ماڻهو پيڙا ڪونہ ٿا گهُرن. ڪنهن ڊاڪٽر، يا پير فقير جا نالا سرناما ڏيڻ لڳا آهن. ڪنچن کي ٿيندو هوتہ چا ديوشنڪر شڪل جي خانداني ول اڳيان ڪونہ وڌندي؟ سوال سان گڏوگڏ هن جي چِت ۾ ايوَ وارو خط بہ چمڪات ڏيئي ويندو هو. هن جو پٽ تہ امرت جو نالو رکندو نہ؟ ڪهڙي خبر؟ پرديس ۾ استريءَ جي ٻي شادي ڪرڻ ڪا نئين ڳالهہ ڪونهي. وري هيءَ تہ پيسي پچڻ ۾ سکي مائي آهي. ٻار سميت سندس هٿ جهلڻ وارو ڪو نہ ڪو ملي ويندس. چا ايوَ جو ٻيو گهروارو امرت جي پٽ کي پنهنجو اصل نالو رکڻ ڏيندو؟ ڪنچن ههڙا ٻنا منهن متي وارا ويچار ڪري آڪڙجي ويندي هئي. هوءَ سڀ چندي ڇڏڻ جي ڪوشش ڪندي هئي پر ......

هڪ شام جو پلاپائي ڪيسر جي هٿان اخبار ڏياري موڪلي. ڪنچن کي حيرت ٿي، اهڙو تہ چا هوندو هن اخبار ۾؟ هن اخبار جا پنا پلٽيندي آخرين پنو ڏنوتہ ان پني تي پنج ڪن استرين جا گجرات جي مکيہ منتريءَ سان گڏ فوٽو هئا. جن ۾ جيا بہ هئي. گجرات سرڪار پاران پسند ٿيل عورتن جو هڪڙو وفد اسلامڪ ملڪن جي ملاقات تي وڃي رهيو هو. مهني پر جي سفر دوران اهو وفد مسلم عورتن جي حالتن جو جائزو وٺندو. الڳ الڳ ديسن ۾ هي وفد ڀارت جي عورتن بابت تقريرون بہ ڪندو. شريمتي ذرينا انيس سيد جي رهبريءَ ۾ هي وفد ايندڙ انين تاريخ تي روانو ٿيندو. ڪنچن ٻئي ڏينهن صبح جو احمدآباد لاءِ نڪري ويئي.

جيا کي ڇڏڻ ڪنچن ممبئي ويئي. ڪارتڪ کي بہ سماچار موڪليا ويا هئا انهيءَ ڪري هو اسٽيشن تي آيو هو. ڪارتڪ کي ڏسي ڪنچن کي تيو، هاڻي سرير ٿورو نيڪ ٿي ويو اٿس. جيا تہ چيوبہ سهي، ڪارتڪ توکي هيڏن ورهين کان پوءِ لوج جي ماني لڳي آهي. ٿورو رنگ بہ ڪليو اٿئي.ءِ تازو توانو بہ ٿيو آهين. موٽ ۾ ڪارتڪ ٿورو مشڪيو. جيا جو هوائي انهي ڏينهن ئي دير رات جو هو. اسٽيشن کان سڌو ايرپورٽ تي وڃڻو هو.

اخبار ۾ جيا جي پرديس وڃڻ بابت پڙهي، هفتو کن اڳ احمدآباد پهچي وڃڻ جي تياري ڪرائي.ممبئي تائين ڇڏڻ ويئي تيستائين ڪنچن اتساهہ ۾ هئي. سڄي گجرات جي مهلا ڪاريہ ڪرتائن مان ڪنچن جي پسندگي تي هئي اها ڪا ننڍڙي ڳالهہ ڪانہ هئي. پر جيئن ئي ٽيڪسي ايرپورٽ پهتي ۽ ڪنچن هيٺ لٿي تہ سندس پير ڏڪڻ لڳا. ڪارتڪ ۽ جيا وڃڻ کان اڳ واريون ڪارروايون پوريون ڪرڻ جي لاءِ ڪائونٽر تي ويا. ڪنچن ايئرپورٽ جي وسيع لائونج ۾ ڪرسيءَ تي ويٺي سامان سنڀاليندي رهي. سامهون دروازي جي هن پار آيل، اينڊڙ يا اڏامڻ جون تياريون ڪندڙ جهاز ڏسجي رهيا هئا. مٿان ڌهن ڌهن منٽن تي گهرڙاٽ گگن گونجائي رهيا هئا. ڪنچن ٿيلهو کڻي ائين  ويٺي هئي جڻ سڀ ڪجهہ ڇاتيءَ تي ٻڌي نہ رکيو هجي. ايئرپورٽ ڏسندي هن کي پهريون ڀيرو ٿيو تہ جيا ديس ڇڏي پردي وڃي رهي آهي. هن جي هنئين تي جهونا ڦٽ ايري آيا. پرايو ملڪ، الاجي ڪهڙي ڌرتي سڏيندي هوندي؟ ڪٿي جا ان جل ڪُتا هوندا ۽ ڪٿي جا قرض نڪتا هوندا؟.

ڪائونٽر وارو ڪم پتائي جيا واپس آئي. پر ڪنچن گهوماتيءَ ۾ هجي تيئن هن ڪجهہ  ڪچيو ڪين. ڪارتڪ ۽ جيا ڳالهائيندا رهيا. اسهڻ کان اڳ جيا ڪنچن کي پاڪي پاتي. ڪنچن جي منهن مان مڏ بہ لفظ نڪتا 'سٽائي ۽ سنڀالج.' جيا سڪيوريٽي چيڪ اپ واري لائن مان ٿيندي اڳيان ڪئبين ۾ ويئي ۽ اکين کان آڏو تي ويئي. ڪنچن انهي ڏس نهاريندي رهي. روئڻ کي روڪيائين تہ سندس اکين ۾ رڪيل لڙڪ ڳاڙهاڻ ٻڌجي جرڪي پيا. ڪارتڪ ڪنچن جو ونجي ويل منهن ڏسي ويچار ۾ پئجي ويو. ڪيس انيڪ وار ڪنچن ۽ جيا جي پاڻ ۾ آتميتا ڏسي سوال ٿيندو هو، عجب لڳندو هو. ڪڏهن ٿيندو هئس تہ ذرينا پڦي بابا جي سڳي ڀيڻ ناهي انهيءَ ڪري امان جي هن سان هيڏي نهي تي. باقي ماٺهو تہ چوندا آهن ' نٽان ياجائيءَ ۾ تہ بارهون چنڊ ئي هوندو آهي ' ڪارتڪ ڪلهو پڪڙي ڪيس لوڏيو. "امان او امان، هل هاڻي، پڦيءَ جو جهاز تہ دير سان اڏامندو. هاڻي هن کي اسان ڪونہ ڏسي سگهنداسين."

" ڇا هوءَ ڪڏهن ڪونہ ڏسبي؟"

" تون بہ واھجي آھين. پڪي تہ مھني ڪن لاءِ وڃي رھي آھي. انھيءَ ۾ ھيڏو ڏلو ٽيڻ جي ڪھڙي ضرورت آھي؟"
" ڪارتڪ مونکي پڪي بہ ٿوري وقت لاءِ الوداع چيو ھو. پر ڪٿي ھن جنم ۾ سندس بيھر منھن ڏسي سگھيس! خبر ناھي ھاڻي جيا واپس ايندي يا پاڻس جيئن چڇي ويندي"
"جيا؟"
"ھا، پٽ تنھنجي پڪيءَ جو سچو نالو جيا آھي. ھوءَ منھنجي سھري جي ستن پٽن جھڙي ڌيءَ آھي. اھو تہ اسان قسمت جا ماريل سچو رشتو بہ جي نٽا سگھون."
موٽندي ٽيڪسيءَ ۾ سڄي وات ڪنچن جيا سان گھاريل وقت کي ياد ڪندي رھي.
ڪارتڪ عجيب اھڙي ٺٺان پاڇائيءَ جي ساھيڙپ کي چپ چاپ ماڻيندو رھيو. ڪجھ دير بعد ھن کي ڌيان ۾ آيو تہ گھر ويجھو ايندو پيو ٿو وڃي. پھريان ھن سوچيو ھو تہ اڄوڪي رات ماءُ پٽ ڪنھن ھوٽل ۾ روم وٺي رھندا. پر ڪنچن جي من جي حالت ڏسي ھن ڪجھ ڪچيو ڪين. گھر آيو، ڪارتڪ ٽيڪسي بيھاري ۽ ڪنچن کي " امان ھاڻي ئي اچان ٿو" چئي ھو ڏاڪڻ چڙھي ويو. ڪنچن کي ڪجھ سمجھ ۾ نہ آيو، ماٺ ماٺ ۾ ھوءَ سندس انتظار ڪرڻ لڳي. تقريبن ڏھن منٽن ڪان پوءِ ڪارتڪ واپس آيو. ٽيڪسيءَ واري کي پيسا چڪائي ھن چيو، ھلو امان.
ڏاڪڻيون چڙھي ڪنچن ڪارتڪ سان گڏ مٿي ويئي. ڪمري جو در ڪليل ھو ۽ ٽيوب لائيٽ ٻري رھي ھئي. ڪنچن لابيءَ ۾ پير پاتو، ھن کي لڳو تہ اندر ڪوئي آھي. ھن پنيان ڦري نھاريو. ڪارتڪ سامان ڪنيو بيٺو ھو.

33

ڪنچن گهر ۾ داخل ٿي. ڊم لائيٽ جي جهيٽي روشنيءَ ۾ هن ڏٺو ته گهر ۾ ڪير به ڪونه هيو. ڪارتڪ سامان هڪ طرف رکيو ۽ ٽيوب لائيٽ ڪئي. ڪمري جي وچ ۾ بينل روشنيءَ ۾ ڏٺو. گهر جي دروازي جي کابي طرف لوهه جو وڏو پلنگ هو. هڪ ٻئي متا پيل وهاڻا ۽ پيرانڌي پيل رلهي. پلنگ تي وچايل هلڪن رنگن جي گلن واري چادر تي هڪ به سر ڪونه هو. ڪنچن جي نظر ڪجهه ڳولهي رهي آهي اهڙو احساس ڪارتڪ کي ٿيندي هن چيو:

" امان پلنگ تي ويهه نه."

هڪ طرح جي هٻڪ سان ڪنچن ويني. هن کي ڪجهه حجاب به ٿيو. پاڻ چڻ ڪا جاسوسي ڪرڻ آئي هجي اهڙو ورتاءُ هوءَ جو ڪري ويني! پر نظر جيڪو ڏسي رهي هئي انهيءَ جو جيڪو مطلب سمجهه ۾ اچي رهيو هو اهو ڪنچن کي سياويڪ رهڻ ڏئي تيئن نه هو. پلنگ جي سامهون ديوار وٽ به لوهي ڪرسيون ۽ ٽپائي پيئي هئي. ڪنڌ ۾ تجوڙي هئي ۽ ٻي ڪنڊ ۾ دروازو. ڪنچن جو انومان صحيح ثابت ٿي رهيو هو. اليومنيم جا دٻا، ڪانچ جون برنيون، ڪاٺ جو گهوڙو. متي پچنديءَ تي رکيل واڌو سامان کي ڍڪيندڙ پڙدو. ڪنچن ويهي نه سگهي. هوءَ اٿي بيني. هن سامهون وارو بند دروازو کوليو جيڪو باٿروم ۽ رنڌڻي ٻنهي جي اپيوگ ۾ايندو هو. سامهون نهيل ڪٻٽ جي هيٺئين خاني ۾ پاٽيءَ جو مٽ پيو هو. متئين خاني ۾ چالو باسڻ. ساڄيءَ پٽ طرف ڪانيءَ جي وڏي ٽيبل تي گيس جو چلهو هو. هيٺ به بالٽيون پاڻيءَ جون پيئون هيون. ڪنچن رنڌڻي جي پچنديءَ مان پيالو ڪڍي پاڻي پيتو ۽ ساڙهيءَ جي جيڙي سان منهن اگهيو. ٻاهر اچي هن ڪارتڪ کان پڇيو:

" هيءَ ڪيڏاهن ويئي.؟"

"ڪارتڪ چونڪجي ويو، هن وراڻيو "ڪير؟"

" ڪير وري ٻي ڪير؟ هن گهر جي ڌياڻي؟"

" امان تون ڪنهن جي پيئي ڳالهه ڪرين؟ ڪارتڪ ڪکو وکو ٿيندي ورندي ڏني.

پلنگ تي ويهندي ڪنچن آرام سان چيو:

" ڏس پٽ، ماءُ وٽ پيٽ نه لڪائبو آهي. مون هيترا سال کي پاٽيءَ ۾ ڪونه ڪڍيا آهن. گهر ۽ گهر جو سامان ڏسي اندازو لڳائي سگجي ٿو ته هن مٿان ڪنهن جو هٿ گهُميل

آهي. توکي اسٽيشن تي ڏنو هئم تڏهن ئي شڪ پيو هئم. گهر آياسين ته تو مونکي ٽيڪسيءَ ۾ ويهاري رکيو. هاڻي پيٽ ڇٽي ڳالهه ڪر ۽ ڇئه ته منهنجي نيڏڙي ننهن ڪٿي آهي؟ "

ڪارتڪ سوچيو هو ته هڪ ئي رات جي ته ڳالهه آهي. واندو ڪونه ايندو. پر هاڻي ڇوڻ ڪان علاوه ٻيو ڪو چارو ئي ڪونه هو. هن چيو:

" هوءَ پاڙي ۾ ڇتيهه نمبر ۾ آهي."

" هوءَ معني ڪير؟" ڪنچن ڪارتڪ جي هٻڪ جو ڇڻ مزو وٺي رهي تيئن چيو.

" شانتا" ڪارتڪ شرمائيندي جواب ڏنو.

" هينئر رات جو يارهين وڳي ڪنهن ٻئي جي گهر هن جو ڪهڙو ڪم؟"

" نه، ڪنهن ڪم سان ڪونه ويئي آهي، اهو ته ......

" مان آئي آهيان انهيءَ ڪري تو هن کي هوڏي موڪلي ڇڏيو آهي، ائين نه؟" ڪارتڪ ڪجهه نه ڳالهايو.

" تو مونکي ٻڌائڻ جي بنا ئي شادي ڪري ورتي آهي. جاڻا تي زمانو بدلجيو آهي. پر توکي ته خبر ئي آهي مون چندرڪانت کي ٻه ڇوت ڏني هئي ته توکي ۽ اروڻا کي ٻه ٻڌو ناهي. مان اڪيلي عورت، مونکي ڪهڙو وڏو ڪٽنب آهي يا سيڻ سڳا آهن جو منهنجي ٻارن لاءِ گهوٽ يا ڪنيا بابت ڪا سفارش ڪن! وري توکي سُکي ڪري اهڙو پاتر هجي، منهنجي من ته اهو برهمڻ ئي آهي. مونکي ٿورو عجيب لڳو آهي ته مونکان ڇو لڪايو آهي؟ ڪنچن جو اواز ٿورو ڀاري ٿي ويو.

" امان تون جيڪو سمجهي آهين تنهن ڪان ڳالهه ڪجهه الڳ آهي. هاڻي ڳالهه نڪتي ئي آهي ته ٻُڌ. ممڪن آهي ته سچي ڳالهه ٻڌڻ ڪان پوءِ تون هن گهر ۾ ٻه ڪونه ويهندينءَ. شانتا مون سان گڏ آفيس ۾ ٽائپسٽ طور ڪم ڪندي آهي. مان ڪيس ڪافي سالن ڪان سڃاڻا تو. پر اسان ويجها ته پوين ٽن ڪن سالن ڪان ٿيا آهيون. ۽ ٻن سالن ڪان اسان گڏ رهندا آهيون. " ڪارتڪ ڪڻ پل رڪجيو. هن ڪنچن ڏانهن نهارڻ جي ڪوشش ڪئي پر منهن مٿي نه ڪري سگهيو. ڪنچن ڪن ڏيئي ٻڌندي رهي.

" شانتا جي شادي اڄ ڪان پنج سال اڳ سندس نات جي نوجوان سان ٿي هئي. ڪيرالا ۾ ڏاجي ڏيڻ جو رواج تمام چست. شانتا جا مائٽ سامانيه استٿيءَ وارا. هنن شانتا جي ساٿي ۾ انجينيئر پٽ پرڻايو. شانتا جو گهوٽ ريلوي ۾ وڏي عهدي تي. هن کي شانتا سان پرڻجڻو نه هيو پر ماٽنن اڳيان ڪجهه نه هليس. زوريءَ ڪيل شاديءَ ۾ ڪلفت وڌندي رهي.

آخرڪار شانتا پتيءَ جو گهر ڇڏيو. هڪ اڌ سال هوءَ مائٽن وٽ رهي پر اتي بہ پاڙس جو سنسار لڏڻ لڳو. انهي عرصي ۾ اسان ويجها آياسين. مون شانتا کي شاديءَ جو پرستاءُ ڏنو. هن طلاق جي گهر ڪئي پر سندس پتي طلاق ڏيڻ لاءِ تيار ناهي. هاڻي جيستائين طلاق نٿي مليس تيستائين شادي ڪرڻ ممڪن ناهي.

ڪارتڪ ڳالهہ پوري ڪئي. ٿوري دير لاءِ ڪنچن کي ڪجھ بہ سمجھ ۾ نہ آيو تہ ڇا ڪجي؟ شاديءَ بنا هين جوان ٻارن جو گڏ رهڻ ڪهڙو! ڳالهہ گلي هينان لهي اهڙي نہ هئي. وري طلاق واري عورت. ڪارتڪ جي پير ۾ ڪوٽ آهي انهيءَ ڪري ڪنواري ڪنيا نہ ملي؟ شاديءَ ڪان پوءِ پتي هڪ ٻُو جو نہ پر ستن پون جو ساٿي ڇئجي. شانتا کي هڪ ٻو مان بہ ٻو ڪندي ويچار ڪونہ آيو هوندو؟ ڪنچن کي هڪ ئي وقت ۾ جيا ۽ امرت ٻئي ياد آيا.امرت جي ٻي شاديءَ واري ڳالهہ ٻڌي تہ هن کي ذاتي طور ڏاڍو ڏک ٿيو هو. پر ڪيس اڻ ٿيٽي ڪانہ لڳي . ڇا پاڻ بہ ائين مجيندي هئي تہ پُرش ٻي شادي ڪري اها سامانيہ ڳالهہ ڇئجي! هڪ پل لاءِ ڪنچن کي ويچار آيو تہ هن کي اگر بہ ٻار نہ هجن ها تہ هوءَ ڇا ڪري ها؟ ڇا امرت بنا هوءَ جيئري رهي سگهي ها؟ ٻي طرف جيا صرف نالي خاطر ڪنواري هئي باقي پرٽيل جيئڻ جيون گهاري رهي هئي. ڪنچن کي ٿيو ڪٿي ڪا لاڳاپي جي تند هجي يا هجي اولاد تہ عورت اڪيلي جالي سگهندي هوندي. ڪهڙي خبر شانتا جي مٿان ڇا نہ گذريو هوندو؟ ڪٿي ائين تہ ناهي تہ پاڻ پيرن ڪان معزور آهي ان ڪري شانتا جو سويڪار ڪيو اٿس .

ڪنچن سوالن جي جهنگ ۾ منجهندي ويئي. اچانڪ هن کي ٿيو هاڻي هيڏي هڻ پٽ جوڪهڙو مطلب؟ شانتا ۽ ڪارتڪ گڏ رهن ٿا ۽ آڙي پاڙي وارا ڪين زال مڙس طور ڏسندا هوندا. من کي مجائيندي هن پڇيو:

“هينئر شانتا جو گهوٽ ڪٿي آهي؟”

“ ڊيپيوٽيشن تي آسام ويل آهي.”

“ تون ان سان مليو آهين؟”

“ نہ، مون شانتا کي چيو تہ هن سان هڪ ڀيرو ملي ڏسجي. پر هن منع ڪئي. هو ڏاڍو ڏنگو ماڻهو آهي. هن کي اگر ڪو شڪ پئجي ويو تہ طلاق بہ ڪونہ ڏيندو، مٿان پيسا بہ گهرندو. هاڻي ڇڏ انهن ڳالهين کي سمهي پئہ.”

ڪارتڪ پٽ تي گديلو وڇايو. ڪنچن ڪيس آگرهہ ڪري مٿي سمهاريو پاڻ پٽ تي سُمهي. سندس اندر واري ماءُ جي مريادا ننهن ـ پٽ جي پلنگ تي سمهڻ لاءِ سهمت نہ هئي.

ڪنچن سُمهي پر سندس اکيون ڪليءَ جيان ڪوڙجي ڇت کي تڪينديو رهيون. ٿوري دير بعد ڪارتڪ ڪونگرا هڻڻ لڳو. ڪنچن اٿي ويهي رهي. هن باريڪ نظر سان ڏٺو. گهڙيال ۾ رات جا ٻه ٿي رهيا هئا. هوءَ سوچڻ لڳي ڪارتڪ شانتا کي اڌ رات جو پاڙي ۾ موڪلي ناانصافي ڪئي آهي. ۽ پاڻ به انهيءَ ناانصافيءَ ۾ شامل آهي. پلي شادي ناهي ٿي پر هن گهر جي هڪ هڪ ننڍي وڏي شيءِ ڇئي رهي آهي ته هي گهر شانتا جو آهي. هين اچانڪ پنهنجي گهر مان ٻاهر وڃڻ لاءِ چوڻ ۾ اچي اهو به پنهنجي ڪنهن محبوب ماڻهوءَ طرفان جنهن کي پنهنجو سمجهي سڀ ڪجهه ڏيئي ڇڏيو هجي تڏهن ڇا ٿيندو آهي؟ هن اپمان جو ڊڪ ڪهڙيءَ ريت نڙيءَ هيٺ لهندو؟

ڪنچن بستري تان اٿي. هن ڏٺو ڪارتڪ مٺي ننڊ ۾ سمهيو پيو آهي. در کولي هوءَ گهرکان ٻاهران آئي. هن ياد ڪيو، ڪارتڪ ڇٽيهه نمبر جهڙو ڪجهه چئي رهيو هو. ٻه گهر ڇڏيندي هن پڙهيو 36 نمبر. در کڙڪائڻ لاءِ وڌيل هٿ ڪڻ لاءِ رڪجي ويو. شانتا ڪارتڪ سان ايڏو پيار ڪري ٿي جو هن لاءِ اڌ رات جو گهر ڇڏڻ لاءِ تيار ٿي! ڪنچن هڪدم آهستي آهستي در تي ٻه ٺڪاءَ ڪيا. ترت در ڪليو، ڇڻ ڪو واٽ نهاريو وينو هيو. ڪنچن ڏٺو سامهون بيٺل ناريءَ جو چهرو ٿورو جهڪو ٿي ويو. هيءَ شانتا هوئڻ گهرجي. ٿي سگهي ٿو هيءَ ڪارتڪ جي اچڻ جي راهه ڏسي رهي هجي. رنگ جي سانوري، پورو پنو جسم. شانتا جون وڏيون اکيون لڄ جي ڪري جهُڪيون ته ڪنچن چيو:

"تون شانتا آهين نه؟ هل، گهر هل." چوندي سندس هٿ جهلي هلڻ لڳي.

گهر جي در وٽ اچي هن شانتا کي ٻاهر ويهاريو. ستل ڪارتڪ کي جاڳايو. پهريان ته هو ڪجهه سمجهي نه سگهيو. ڪنچن هٿ پڪڙي کيس اٿاريو ۽ وڃي شانتا جي پير ۾ ويهاريو. رنڌڻي ۾ وڃي اسٽيل جو لوٽو کڻي آئي. ۽ ساڙهيءَ جو پلو مٿي تان اوڍي هن ڪارتڪ ۽ شانتا جي مٿي تان پنج ڀيرا لوٽو گهمايو ۽ اڱڻ ۾ ٿورو پاڻي ڇٽڪاري ٻنهي کي آشيرواد ڏيئي گهر ۾ آندو.

پيرين پوڻ لاءِ نوڙيل شانتا کي اٿاريو ته هوءَ ڪنچن کي ڳراٽڙي پاءِ روئي پئي. شانتا جا سُڏڪا پنهنجي آرپار نڪرندا محسوس ڪري هوءَ ڏڪي ويئي. هوءَ ڄاڻندي هئي ته پٽ جو ويَوستٿ سنسار منڊڻ ۽ پوٽي کي کُڏائڻ لاءِ اجا ڪجهه عرصو راهه ڏسڻي پوندي. هينئر ته کيس هڪ استريءَ جي لاچاري ڏسجي رهي هئي. ورهاڱي بعد شرنارٿي ڪئمپن ۾ ههڙين ڪيترين ئي نياڻين، ۽ استرين کي ڏٺو آهي. ماءُ پيءُ به رکڻ کان منع ڪن ته پوءِ

ڪاڏي وڃڻو؟ مٿان آسمان ۽ هينان ڌرتي. هن شانتا جي پنيءَ تان هٿڙو گهمائي ڪيس آٿت ڏني.

“ سڀ سٺائي ٿيندي پٽ، راهه ڏسڻ بنا چوٽڪو ناهي. جيڪو ٿيندو آهي سو سُنائيءَ لاءِ ٿيندو آهي ، اجا ته وڏو پنڌ پيو آهي. هي جيڪو وقت مليو آهي تنهن ۾ هڪ ٻئي کي سمجهي وٺو. باقي روپ يا پيسو انهن مان هڪ به نه رهندو آهي ...... جيڪو پاڻ ڪمزور لاچار هجي اهو ٻئي کي ڪيئن تو سهارو ڏيئي سگهي!

ٻئي ڏينهن صبح سويل احمدآباد وڃڻ واري ڳالهه ٻڌي شانتا ڪنچن کي رکجي وڃڻ لاءِ ڏاڍي وينتي ڪئي.

“ اينديس پٽ ضرور اينديس، ۽ تڪجي پوندينءَ ايترو ترسنديس. باقي جيستائين هي هٿ پير هلن تا تيستائين مونکي جساپر ۾ئي رهڻو آهي. وڏي جي ننهن به چوندي آهي. جڏهن ڪٽ تي ڪرنديس تڏهن توهان ڪان سواءِ ٻيو منهنجو ڪير آهي؟ هينئر توهان به چوٽ رهو مونکي به چوٽ رهڻ ڏيو. جڏهن به منهنجو ضرورت پويو تڏهن هڪل ڪجو اڌ رات جو اچي ٻيهنديس.”

جساپر ۾ چندرڪانت جي وهانو بعد سَمتا ڪڏهن ڪڏهن چوي:

“ گوراٽي امان، هتي اڪيلي رهين ٿي، وڃ نه پٽن - نهرن وٽ رهه. مزيدار ڪوسي ڪوسي ماني ۽ شيوا ٿهل ماڻ. هيڏا ورهيه هٿ پير هنيا آهن، هاٽي ته ساهي پٽ.”

ڪنچن چوي: تون ئي ٻڌاءِ سَمتا، مون اهي هٿ پير هنيا آهن ڪنهن لاءِ؟ منهنجي ئي ٻارن لاءِ نه؟ مينهن جا سگ مينهن لاءِ ئي مشڪل ڪڙي ڪن. ٻارن کي وڏو ڪيو اهو منهنجو فرض هيو. اهو ڪهڙو اُڌارو ڏنو هو جو وصول ڪرڻو پوي. وڃبو پُٽن ننهن وٽ وڃبو. اجا ته بلڪل چاڪ نمري آهيان. پنهنجو ڪم ڪار ڪري سگهان پيئي. هنن نهرن کي سَسيون تڏهن ته ڪونه وٺنديون آهن. ڏينهن سچو سٺائين ' اسان ته گهڻو ڪجهه ڪيو هاٽي توهين ڪجهه ڪريو. اسان ته تڪجي پيون آهيون. ' اڙي هٿ پير برابر آهن به تڪ مانيون سنيون پچن ٿيون پوءِ ڇا جون تڪجيون آهيو؟ اهو ته من جو ڪارڻ. ماٺهو اولاد کي ڇو پائيندو آهي؟ پوڙهپڻ ۾ لٺ ٿئي انهيءَ لاءِ . پر مومل منهنجا هي به پير پيڇڻ ته ڏي. هينئر ڪان ئي پاڻ کي ڪوتو سمجهي ٻارن مٿان پوٽو ۽ جڏهن حقيقي وقت اچي تڏهن ٻار توهان ڪان ڪڪ تي ويا هجن. سچ چوان ته تورو ايترو منو.”

ممبئي ڪان احمدآباد سڄي رستي ڪنچن پنهنجي جيون جي بدلجندڙ رنگن کي ڏسندي رهي. ڪڏهن گلابي روشني ڏسڻ ۾ تي آئي ته ڪڏهن آسماني رنگت، ڪڏهن ڪجل

جي ڪاراڻ تہ ڪڏهن ڳاڙهي ڳاڙهاڻ. ڪتي ٽڏيءَ چانو هيٺ ساهي پٽڻ ويني تي تہ خبر ناهي ڪتان ڪان اُس اچي ٽي نڪتي. ستت هڪ ڦلهيار جي رنگت جهڙيءَ اداسيءَ هن کي گهيري رکيو آهي.

اروٽا استيشن تي ونڻ آئي تڏهن هن جي چهري تي خوشخبري ڏيڻ جي آترتا واري چمڪ ڏسي ڪنچن جي من ۾ وري هڪ نئين اميد جاڳي پيئي.

## 34

ريلوي اسٽيشن کان ٻاهر نڪتي ۽ رڪشا ۾ ويهڻ جيتري ڊيرج اروٽا مڱ رکي سگهي.پوين ڇهن مهنن کان جنهن جي هوءَ بي صبريءَ سان راهه ڏسي رهي هئي اها خبر ٻڌائڻ جي لاءِ هوءَ ڪلهه کان ئي اتاولي هئي. جيا هئي ڪانہ، ڪنهن کي ڇئجي؟ ايئن تہ ڳوٺ ۾ چندرڪانت ۽ وشاڪا هيا پر جڏهن کان هوءَ هاءِ اسڪول ۾ آئي ۽ چندرڪانت هن کي اڳيان پاڙهڻ جو ڪو شوق ڪونہ ڏيکاريو تڏهن کان اروٽا کي چندرڪانت پنهنجو ڪونہ لڳندو هو. وشاڪا تہ هونئن بہ گهٽ ويجهو هئي. هوءَ اروٽا سان سنو وهنوار ڪندي هئي پر اهو وهنوار رسمي لڳندو هو. شاديءَ کان بعد چندرڪانت هن کي هڪ بہ پيرو ڳڏ رهڻ لاءِ چيو پر اروٽا هڪ ئي جواب ڏيندي هئي " پڪي اڪيلي تي ويندي." وشاڪا کي توري منيان لڳندي هئي تہ پڪيءَ سان اهڙو تہ ڪهڙو ناتو آهي جيڪو سڀني پاءُ کان وڌيڪ آهي! پر هڪ طرح سان اروٽا نہ اچي انهيءَ ۾ فائدو هو. ائين مڃي هوءَ ڪجهہ چوندي ڪانہ هئي.

ممبئي واري گاڏي جڏهن احمدآباد ريلوي اسٽيشن تي پهتي تہ ان مهل اروٽا کي هڪدم احساس ٿيو تہ 'امان آهي'!

ورهيہ اڳ احمدآباد آئي هئي تڏهن شروعات ۾ ماءُ جي ڪمي شدت سان محسوس ٿيندي هئي. ڪنچن کان ڪڏهن بہ الڳ نہ ٿيل اروٽا جيا کان لڪي لڪي روئندي هئي. وار تهوارن تي ڪارتڪ بہ ياد پوندو هو. هن جي تہ چنتا بہ ڪندي هئي. موڪلن ۾ ماڻس وٽ ڊوڙندي ويندي هئي. جيا کان هن جو ڏک لڪل ڪونہ هيو. ماءُ جي لاچاري سمجهندي هئي ۽ پنهنجو ڏک ڪڏهن ظاهر نہ ڪندي هئي. اروٽا ڏينهنون ڏينهن وڌيڪ پياري لڳندي هيس. جيا هن جي دوست ٻڻجي اروٽا جي من ۾ پرويش ڪيو هو پوءِ وقت گذرندي جڻ هوءَ ڪنچن جو پرڇايہ ٻڻجي ويئي. اروٽا جي من جيا ماءُ کان بہ وڌ هئي. روز شام جو روٽي ڪائيندي سڄي ڏينهن جي ننڍي ننڍي ڳالهہ بہ جيا سان ونڊيندي هئي. هاءِ اسڪول ۾ ليسن نہ ڪري وڃڻ جي ڪارڻ پهرين آڱونا پڪڙڻ واري سزا ٿيڻ واري گهٽنا هجي يا نوڪري ۾ هٽ هيٺ وارن ڪرم چارين کي پهريون پيرو ميمو ڏيڻ واري گهٽنا هجي، هوءَ جيا کي ٻڌائيندي هئي.

هيڏن سالن ۾ پهريون پيرو جيا هيڏي دور هيڏي ڊگهي عرصي لاءِ ويئي هئي. جيا جو پرديس وڃڻ هن لاءِ فخر جي ڳالهہ هئي پر ڪلهہ ڪيس لڳو تہ جيا ناهي. هن جي بدلي

گانڌينگر تي هئي. گاڏيءَ جي دٻي مان نهاريندڙ ڪنچن کي ڏسي اروٽا کي ٿيو سندس خوشيءَ ۾ شامل ٿيندڙ امڙ آهي، هوءَ صفا اڪيلي ڪونہ آهي.

اڪيلائپ جي ڳالھ اچي تڏهن گروجي چوندو هئو، ' آخرڪار تہ هر ڪو ماڻهو اڪيلو ئي آهي. اهو صرف جنم ۽ موت جي سلسلي ۾ ستيہ ناهي. جنهن جي چيتنا جاڳي وڃي ٿي اهو اڪيلائپ جو احساس ڪري ٿو. جيئن سيني سمهيلن جي وچ ۾ ڪو جاڳندڙ اڪيلائي محسوس ڪندو آهي تيئن. جاڳ علم يا سمجھ جو وردان ڳڻيو تہ وردان ۽ اپيشاپ ڳڻيو تہ اپيشاپ. هن اڪيلائپ کي جو هڪ وار ستيہ جي روپ ۾ سويڪاري وٺندا تہ پوءِ سڄي ڊوڙا ڊوڙِ شانت ٿي ويندي. اڪيلائپ ۾ ئي ''پاڻ'' سان مڪاميلو ڪرڻ ممڪن آهي. انهيءَ ''پاڻ'' کي وڏيوت پائڻ لاءِ گيان ۽ ڌيان مارڳ اپنائجي. جيڪو پاڻ کي حاصل ڪري وٺي ٿو تنهن کي سمجھ ۾ اچي وڃي ٿو تہ پاڻ کان سوائي ٻيو جيڪو ڪجھ آهي ساڌن ماتر آهي. ساڌن اديش ناهي. آشنا اپني حقيقت سي هو، اي دهقان ذرا. ڪائنات پيي تو، باران پيي تو، حاصل پيي تو. .... اي هاري تون تنهنجي وجود کي سڃاڻ، ڪيتي بہ تون آهين، برسات بہ تون آهين، ۽ فصل بہ تون ئي آهين. ...

ارُوٽا کي ڳالھ ڏاڍي وڻندي هئي. توهي ساگر هَي تو هي ڪنارا. .... پر انهيءَ جو احساس اڃا ٿيو نہ هئو. اڃا انهيءَ منزل تي پهچڻ جيتري هن جي ساڌنا نہ هئي، اوقات نہ هئي. انهيءَ ڪري ڪيس نوڪريءَ ۾ لڳندو هو تہ هوءَ غلط اچي ويئي آهي. نوڪري ڪرڻ جو ويچار آيو تڏهن کان هن سوچيو هو تہ نوڪري ڪندي تہ آفيسر جي عهدي تي. جيا سان گڏ رهي ڪيس ڏيتي ليتيءَ جوچگو اهڙو آزمودو ٿي چڪو هو. سماج ڪلياڻ کاتي ۾ مهلاوڪاس ايڪم ۾ ڪلاس ون آفيسر طور سڌي پرتي تي هئي تڏهن هن کي ڏاڍو اتساهہ هو. استرين جي سنستا ۾ رهي هن استرين جي مسئلن کي تمام وجهڙائي کان ڏٺو هو. پاريوارڪ ساماجڪ براين کي هڪ حد تائين وهيوت ۽ قاعدي سان قابو ڪري سگهجي ٿو. هن کي ٿيو تمارشاهي ( ڪاڳر پتنر) ۾ لٽڪندڙ استرين جا ننڍا ننڍا ڪم هاڻي تيزيءَ سان پورا ڪري سگهبا. پر ٿورڙي ئي عرصي ۾ اروٽا جو برهم ڀڃي پيو.

ڪم ڪرڻ جيترو سولو آهي ايترو ڪم وٺڻ آسان ناهي. اڌيڪاري پد تي ويهي هن محسوس ڪيو تہ هن جهڙيون بہ چار اڳتي اچي وڃن انهيءَ مان ڪجھ هٿ حاصل ٿيڻو ناهي. سرڪار ۾ وڏي پيماني تي اها سوچ آهي تہ 'مائيءَ جو عقل پير جي کُڙيءَ ۾' وهيوت يا انتظام هلائڻ ۾ هن کي ڇا خبر پوي؟ هن کي گهھ ڳڻنا، اچار چٽڻيون، پٽڙا پاراتا تنهن کان علاوه ٻيو اچي بہ ڇا! استري اڌيڪاريءَ کي ڪو بہ مرد ڪرمچاري پهرين هڪ عورت

طور ڏسندو هو ۽ پوءِ اڏيڪاري طور. شروعات ۾ اروٽا ڪرمچارين سان گڏ انوپچارڪ ( غير رسمي ) رهڻ جي ڪوشش ڪئي ته، هن ڏٺو ته ڪرم چارين ڪي ميدم جي تعريف ڪري لاپ پرائڻ ۾ وڏيڪ رس هو. هوءَ ويچو رکي رهڻ لڳي ته استري اڏيڪاريءَ جي حڪم جو عمل ڪرڻ وقت مرد ڪرم چارين جي منهن تي لاچاري ، ڪروڌ ۽ تچڪار وارو ڀاو ڏسي اروٽا جا لونءَ ڪڙا ٿي ويندا هئا. ههڙي اڻ اظهاريل ڪشمڪش جو مقابلو ڪرڻ ۾هن جي اڏ ڪاريہ شڪتي برباد ٿي ويندي هئي. هن کي خبر هئي ته چئمبر ۾ سامهون تت ـ پپ ڪندڙ ڪرمچاري ٻاهر نڪري پاڻ ڪنهن مايا اڳيان ڏيڪاريل مڙسيءَ جون وڏيون ڳالهيون ڪندا هئا. سندن سورهيہ ڪٿائون ٻڌندڙن ۾ مايون بہ هيون. افسوس جو رهسيہ پُرڻ ڪلندڙ يا ٻٽي معني واري ڪل ڪل ڪندڙ استرين جو سوَمان مري چڪو هو. نہ صرف ايترو پر ستت مردن جو قبضو سهندڙ انهن عورتن جي مانسِڪتا ۾ ڪجھ اهڙي ئي ٿي ويئي هئي. ڪين مرد آفيسرن جي غلاميءَ جي عادت پئجي ويئي هئي. ۽ عورت عهديدار جي اصولي ڪارروائي بہ کٽڪندي هئي.

بي. سي. ايس. آر. ۽ جي. آر جي نوڙيءَ ۾ ٻڌل ستا ڪڏهن ڪڏهن اڳيرو رستو ڏسندي هئي. تہ هڪ اميد جاڳندي هئي. تان متيون اڏيڪاري ۽ سياست جي ملي ڀڳت ٿيندي هئي ۽ هن جي ستا ڏاٽجي ويندي هئي. هوءَ مُنجهندي هئي. جيا وت انيڪ وار دل جي ڀاڙ ٻاهر ڪيندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ڪيس نوڪري ڇڏي ڏيڻ جو ويچار بہ اچي ويندو هو. جيا سمجهائيندي هئي. نوڪريءَ ۾ هوندينءَ تہ اڄ نہ تہ سڀاڻي ڪڏهن نہ ڪڏهن ڪجھ سنو ڪري سگهندينءَ. سڄي تنتر ( انتظاميا) ۾ هڪ اڌ مجاڳرو ٻڌجي وڃڻ جي احساس ۾ ڪم جو سنتوش ملڻ تہ درليڀ هو. ڪجھ سارٿڪتا لاءِ جهاوا وجهندڙ اروٽا وڪاس گرھ ۾ ٿورو جهجهو ڪم ڪندي هئي. پر پاڻ ڪي ڊگهي عرصي لاءِ ٻهلائي ڦسلائي نٿو سگهجي. اها آتت بہ جهجهو ٽڪندي ناهي.

رڪشا ۾ ويهندي ئي اروٽا خوش خبري ٻڌائي.

" امان، منهنجي بدلي گانڌينگر ٿي ويئي آهي." اروٽا جي آواز ۾ امنگ ڪي محسوس ڪندي ڪنچن پڇيو:

" تو بدلي گهري هئي ؟"

" نہ، پر منهنجي اڇا هئي ، اسان وٽان ڪو وڃڻ لاءِ تيار نہ ٿئي. توکي تہ خبر آهي مونکي گانڌينگر ڏاڍو وڻندو آهي. "

جڏهن بہ آفيس جي ڪم سان گانڌينگر وڃي تہ ڪيس احمدآباد موٽڻ سنو نہ لڳي. سرڪاري تنتر جي سوڙه جو ساٿو شهر جي ويڪر واري ڏئي. ڪليل چمريل سائو علائقو ۽ شانتي. آفيس وارا تقريبن سيئي احمدآباد ۾ رهن. انهن جي من گانڌينگر ۾ رهڻ معني ڪاري پاڻيءَ جي سزا برابر. ٿڙيل پڪڙيل مڪان، گهاٽا وڻ ۽ ٿوري آبادي. آفيس ڇٽڻ ڪان پوءِ ڇا ڇا ڪجي؟

هتي روڊن تي ٽرئفڪ جي پيهہ ڪونہ هئي. شام ٿيندي ملين جا گهٽيندڙ دونهان ڪونہ هيا. فٽ پاٿن واري بازار بہ نہ. نہ ٿئيٽر نہ هوٽل. نہ ناشتن جون ريڙهيون، ڪٿا ڪيرتن مجلسون نہ. ورگهوڙا ۽ جلوس نہ. صفا سچ ۾ رهجي تہ رهجي ڪهڙي ريت؟

اروٽا جي من گانڌينگر جي هريالي ۽ شانتيءَ اڳيان وڏنڊڙ ، وسنڌڙ شهر جون تمام مصيبتون معاف. احمدآباد _ڏينهون ڏينهن پرجندو پئي ويو. پيڙ ۽ شور ۾ من منجهندو ويندو هو. جهونين سوسائٽين جا عاليشان بنگلا ٽٽندا ويندا هئا. راتو رات ٿوهرن جهڙا شاپنگ سينٽر ڪڙا ٿيندا پئي ويا. گهر ۽ دڪان جي وچ واري پيد ريڪا غائب ٿيندي پئي ويئي.

اروٽا ڪي وڌيڪ خوشي اها هئي تہ هاٽي گروجيءَ جو آشرم ويجهو اچي ويو هو. احمدآباد ـ گانڌينگر واري رستي تي سابرمتي نديءَ جي ڪناري سوامي ڏيريانند گيان ساڌنا آشرم آيل هو. ٽي ڪن سال اڳ وڪاس گرهہ ۾ هڪ يوگ شبير ٿيو هو. انهيءَ يوگ شبير جي ادگهاٽن واري موقعي تہ هن پهريون پيرو سوامي ڏيريانند جن ڪي ٻڌو هو. هنن جي ڳالهين ۾ آڌياتمڪتا ۽ بوڌڪتا جي آميزش هئي. اروٽا صرف شرڌا سان ڪجھ سويڪاري نہ سگهندي هئي. پهريان هن ڪي ڪنهن بہ ڳالھ جو ترڪ سمجهڻ ۾ اچڻ ڪپي. سوامي جيءَ انوکي ڍنگ سان جيون جي سارٿڪتا جو ارٿ سمجهايو هو. ۽ يوگ شبير ۾ اروٽا پاڳ ورتو تہ هن ڪي آزمودو ٿيو تہ ڏيان درميان من جي ويَگرتا ڪجھ گهٽجندي آهي. پوءِ تہ نيم سان يوگ شبير ۾ پاڳ وننندي هئي. هر ٻئين ۽ چوٿين ڇنڇر آرتوار تي هوءَ ضرور آشرم ويندي هئي. اتي آيُرويد جو دواخانو بہ هو. اروٽا ڪي اتي بيمارن سان گڏ مزو ايندو هو. ڪجھ ڪم ڪرڻ جو سنتوش ملندو هو. هن آيُرويد جو ابياس ڪرڻ بہ شروع ڪري ڇڏيو هو. شروعات ۾ هڪ اڌ پيرو جيا سندس من ڪي ماپڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. جيا ڪي شڪ هيو تہ ڪٿي هوءَ اياون جي پورتڻ وارو رستو تہ نہ ڳولهي رهي آهي؟ نہ تہ اياون جي پورتي ٿيندي ئي هوءَ واپس ورندي تہ پنهنجي نظرن مان ئي ڪري پوندي. اروٽا ڪي ڪجھ

نوس ڪم ڪري سارتڪتا پائڻ جي خواهش هئي. جيا هن کي روڪيو ڪونہ. حالانڪ چندرڪانت ٿورو ناراض ٿيو هو.

ڪڏهن ڪڏهن اخبارن ۾ چپچنڊڙ ساڌو باون جي پراڪرمن بابت پڙهندي چندر ڪانت جي من ۾ اها ڳالهہ ويهي رهي هئي تہ اهڙن آشرمن ۾ نہ وڃڻ گهرجي. هو اروٽا سان ٿورو وڙهيو بہ سهي.

" هھڙا ڀڳت ششن جي ڳولها ۾ رهندا آهن. تون پڙهيل ڳڙهيل ھھڙن پاکندين جي ڳالهہ ۾ اچي وڃين اهو عقل جو ڏيوالو ناهي تہ ٻيو ڇا آهي؟"

اروٽا شانت آواز سان چندرڪانت کي جواب ڏنو " اخبارن ۾ اينڌڙ بہ چار قصن تان سيني ساڌن لاءِ ائين مڃي وٺڻ برابر ناهي. حقيقت ۾ سچي حقيقت ڄاڻڻ کان سوائي ھھڙا جملا ڪڍڻ ئي عقل جو ڏيوالو آهن. مان ڪنهن چمتڪار يا سِڌيءَ جي ڳولها ۾ آشرم ۾ نہ ويندي آهيان. ٻيو ڪجهہ نہ تہ بيمارن جي شيوا ٿئي اهو ئي منهنجي لاءِ ڪافي آهي. پر توکي منهنجي ڳالهہ سمجهہ ۾ ڪونہ ايندي. اها ٿوري سوکيم آهي."

رڪشا لڪڙي جي پل تان پسار ٿي تيستائين ڪنچن ڪجهہ نہ ڳالهايو. اروٽا کي ٿيو چو امان ڪجهہ ڳالهايو ڪونہ. هن پڇيو، "منهنجي بدلي ٿي آهي اهو توکي ڪونہ وڻيو ڇا؟

لڪڙي رهي ڪنچن چيو:

" مونکي تنهنجي چنتا آهي. هيءُ گانڌينگر روز اچڻ وڃڻ، بسين جي تڪليف، توکي تاڻ پوندي."

" اها ڪجهہ وقت لاءِ ٿي سگهي ٿي. مونکي سرڪاري مڪان ملي ويندو پوءِ تہ گانڌينگر ۾ ئي رهنديس."

" پر ماڻهو چون ٿا تہ اتي ڪا خاص آبادي ڪونهي. اهڙي ۾ اڪيلو رهڻ ....."

" ڏس امان، مون طيءِ ڪري ڇڏيو آهي تہ هميشهہ جي لاءِ اڪيلو رهڻو آهي تہ پوءِ ڊڃڻ ڇا جو؟ ڊڃڻ مان ڇا ملندو؟ وري اتان کان منهنجي گروجيءَ جو آشرم بہ ويجهو آهي. آشرم جي وشال جڳهہ ۾ ساڌڪن لاءِ ڏيان ڪُٽير بہ ناهي ويئي آهي. منهنجو ويچار پوِشيہ ۾ اتي هڪ ڪُٽير ناهڻ جو بہ آهي."

ڪنچن کي اروٽا جي ڪنڌ ۾ پاتل رُدراڪش جي ننڍن پارن واري مالها جو مطلب سمجهہ ۾ آيو. ڪنچن کي چوڻ جو من ٿيو، " جيئڻ لاءِ ماڻهوءَ کي ڪو نہ ڪو آڌار وٺڻو ئي پوي ٿو. ڪو گرهستاشرم جو تہ ڪو گيان ساڌناشرم جو."

ڪنچن ڪجهہ نہ چيو. اروٽا هاٽي ننڍڙي ڪونہ هئي. هن آزمودي مان جيڪو پرايو آهي اهو ئي سچ آهي. ماءُ کي ڪڌهن ڪڌهن اولاد کي ڪليل ماحول ڏيڻ کپي.

ڪجهہ دير ۾ رڪشا چندرڪانت جي اڱڻ ۾ اچي بيٺي. هن ڪوچرب وارو هڪ ڪمري وارو گهر ڇڏي ڏنو هو. هاٽي هو واسٽا ويجهو جواهر نگر سوسائٽيءَ ۾ رهندو هو. مڪان مالڪ لندن ۾ رهندو هو. بنگلي جو اڳيون روم ۽ وراندو بند هئا. اهي گهرڌڻيءَ جي قبضي ۾ هئا. چندرڪانت پنيان وارو هڪ روم ۽ رنڌڻو استعمال ڪندو هو. جهوني زماني جي اڏاوت هئي انهيءَ ڪري رنڌڻو ڪمري جيڏو وڏو هو.

رڪشا جو آواز ٻڌي وشاکا ٻاهر آئي. هن جو جسم ٿورو ٿلهو لڳي رهيو هو ۽ رنگت بہ نکريل هئس.

35

وشاڪا کي ڏسي ڪنچن اروٽا کي چيو : “ تون تہ مونکي پوريون خبرون بہ نہ ڏيندي آهين. ”

“ ڪهڙيون خبرون؟ اروٽا ٿورو منجهندي چيو”

“ اهي ئي، تون پڪي ٿيڻ واري آهين تنهن جون.” چوندي ڪنچن وشاڪا جي مٿي تي هٿ رکيو.

“ انهيءَ جي مونکي ڪيئن خبر پوي؟ پاپيءَ تہ ڪجهہ چيو نہ هو. ” اروٽا خلاصو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي چيو. ڪنواري اروٽا کي ڪيئن خبر پوندي؟ اهو تہ وشاڪا جو تڙيل روپ ۽ بدليل چال ڏسي ڪنچن کي خبر پيئي. انيوي ڪنهن کي چئجي؟”

وشاڪا جي چهري تي پورڻتا جو نور اوتجي رهيو هو ۽ چال ۾ نريل مغروري ڏسجي رهي هئي. هن کي ڏسي ڪنچن کي شانتا جو مرجهايل ڪوماڻيل چهرو ياد آيو. خبر ناهي هوءَ ڪڏهن ماءُ بڻجي سگهندي؟ ڪنچن ٿڌو شوڪارو پرڻ ڪان پاڻ کي جهليو. ڪهڙي خبر هن وشاڪا کي ڏينهن چڙهيا آهن انهيءَ ۾ شانتا جي تدي تيل آنديءَ مان نڪتل دعائن جو ئي اثر نہ هجي!

وشاڪا گهڻن سالن کان پوءِ اميد سان ٿي هئي. حالانڪ ڪنچن چاهٽندي هئي تہ جيستائين وشاڪا جو ننيڙو پاءُ نوڪريءَ نہ لڳي تيستائين چندرڪانت اولاد جي جوابداري وٺڻ لاءِ تيار نہ هو. هڪ ڀيرو رُڪي پاپيءَ ڪنچن کي چيو بہ سهي، “ اسان کي وشاڪا کي ڊاڪٽر وٽ وٺي وڃڻ گهرجي، تہ اڳيان چا ڪجي ان جي خبر پوي.”

اولاد نہ ٿيندو آهي تہ سڀ کان پهرين شڪ جي سُئي ننهن سامهون ويندي آهي. ايترو ئي نہ ڦناقث ٻي شاديءَ بابت بہ سوچجي ويندو آهي. ڪنچن رُڪي پاپيءَ کان خلاصو گهرندي پڇيو:

“ مطلب؟”

مطلب ڀيو ڪهڙو. ڪراچيءَ ۾ رٽيوڙ لائن ۾ رهندڙ انهيءَ مُگٽ لال هڪ انڌيءَ مائيءَ جي زندگي ڪونہ سڌاري ڇڏي هئي؟ چوي ٿو تہ ڪوٺ واري آٽجي تہ ڪوٺ پڄي. هن اولاد لاءِ ئي تہ ٻي شادي ڪئي هئي.”

“ مونکي ناهي ڪنهن مائيءَ جو پَو ساڙٽو يا سڌارٽو. جيڪا آهي سا مون لاءِ سون جي آهي.”

وشاڪا جي ٻار ڄڻڻ کان پوءِ ڪنچن لاءِ احمدآباد ۾ رهڻ ضروري ٿي پيو. وشاڪا جي پيڪي ۾ ڏيءَ جو پهريون ويم ٿيندو نه هو. سال اڳ ڪنهن پهريون ٻار ڄڻيندڙ ڏيءَ کي ويم کان اڳ وٺي آيا پر ٻار ڄڻڻ کان پوءِ ٻار ۽ ماءُ ٻئي گذاري ويا. تڏهن کان هو پهرئين ويم واري ڏيءَ کي گهر نه وٺي ويندا آهن. هونئن به وشاڪا جي ماءُ پاڻ پهچي سگهي ائين نه هئي، ۽ نه ئي پيسي ٽڪي ۾ پاڻ ڀري هئي. ڪنچن کي ٽيو هڪ طرح سان ته سُنو ئي ٽيو، ننهن کي ڪارائڻ پيارڻ ۾ سنڀالي سگهبو.

آنند جي جنم بعد سوا مهني وشاڪا رنڌڻي ۾ پير پاتو تڏهن هڪ ڏينهن چندرڪانت چيو، " امان هاڻي تون هتي ئي رهين ته اسان کي آنند جو الڪو نه رهي. نه ته اسان کي هن لاءِ ڪا مائي رکڻي پوندي، يا ڪنهن جي گهر ڇڏڻو پوندو يا ڪنهن پينگهي گهر ۾داخل ڪرڻو پوندو. پيسا ڏيندي ماڻهو ته ملي وڃي پر انهيءَ ۾ اسان جي جيءُ کي به چنتا رهي. ڇوڪرو سنڀالجي نه سنڀالجي؛ هونئن ته وشاڪا جي امڙ به آهي پر هلندي هن کي دم جي تڪليف ٿي پوي. ...."

ڪنچن ٻا کي احمدآباد رهڻ ۾ ڪو خاص واندو ڪونه هو. اهو صحيح هو ته هت سوسائٽيءَ ۾ رهندي ڪيس سڀ ڪجهه نئون لڳندو هئو. ڳوٺ ۾ جيڪا پنهنجائپ محسوس ٿيندي آهي يا حق سان ڪنهن جي مدد وٺي سگهجي تهڙو هت نه هيو. حالانڪ، چندرڪانت کان علاوه ڳوٺ ۾ جيا ۽ اروڻا به ويجهي ئي هئي. ڪنچن سوچيو اڄ تائين ڳالهه الڳ هئي. ننهن کي ٻار ڪونه هئا. هوءَ آزاد ۽ مان به ، پر هاڻي پنهنجي ئي پيٽ جي آنڊن سمان پوٽن کي ڇڏي آزادي ماڻڻ اهو ته صفا سوارٿ آهي. ۽ جساپر ۾ به اڪيلو گهٽو رهي سگهبو؟ اڄ نه ته سڀاڻي پٽ - ننهن وٽ ته اچڻو ئي پوندو.ڪٽ تي ڪرڻ کان پوءِ اينديس ته ننهن کي ٿيندو ته ڏس نه جڏهن مونکي ضرورت هئي تڏهن ڪونه آئي. هاڻ ڪيئن ٻي ڇئي ڊوڙي آئي آهي؟ پوءِ مان هن وٽان پيارءِ شيوا جي ڪهڙي منهن سان اميد رکي سگهنديس؟ ڪنچن ٻا احمدآباد ۾ رهڻ جو فيصلو ڪيو.

شروعات ۾ ڪنچن ٻا کي ٿوري تڪليف ٿي. هن جو سالن جو ڪم ڪرڻ جو ڍنگ. سويل اٿڻ، پٽ ٻهاري صاف ڪرڻ، سنان ڪري ئي رنڌڻي ۾ پير رکڻ، جڏهن ته وشاڪا جو ڊول الڳ هو. هوءَ سڄو ڪم ۽ رسوئي پتائي پوءِ ئي سنان ڪندي هئي. روٽي کائي آفيس ويندي هئي. صبح شام رسوئي پاڻ ناهي. ڪيس ائين هيو ته امڙ سڄو ڏينهن آنند کي سنڀالي ٿي ته ڪيس تڪليف ڇو ڏجي؟ شام جو ٻئي زال مڙس آفيس جو ٽائم پورو ڪري بازار جا ڪم پتائيندا گهر اچن تيستائين ڪافي دير ٿي ويندي آهي. پوءِ تڪڙ ۾ ڀاڃي

پاڪري ناهڻ کان علاوهه ٻيو ڪو وڪلپ ئي ڪونه هيو. وري سچو ڏنهن گذري وڃڻ بعد آنند وشاڪا کي ڏسي انهيءَ ڪري هو وشاڪا کي ڇڏيندو ئي نه هيو. هڪ دير سان ڪائنٽو ۽ اهو به صفا سُڪو. ڪنچن با کي هضم ڪرڻ ۾ تڪليف ٿئي. ان طرح ٻنهي سس - ننهن جي دل ۾ ڪا دغا ڪونه هئي پر ڪم ڪرڻ جي ريت جي ڪري هڪ نه ڏسجي اهڙي تنگ دلي ماحول ۾ ڏسڻ ۾ ايندي رهي. ڪنچن با آخرڪار پاڻ ئي واتاورڻ کي هلڪو ڪرڻ جي شروعات ڪئي.

” ڏس وشاڪا، هي آنند توکي سچو ڏينهن ڏسندو ناهي انهيءَ ڪري هي ڏاڍو بي صبرو ٿي ويندو آهي. تون صبح کان ئي رنڌڻي ۾ هلي ويندي آهين جنهن جي ڪري نه ڇوڪري جو خيال رکي سگهندي آهين ۽ نه ئي چندرڪانت جو. هاڻي کان رنڌڻو منهنجي مٿان، رسوئي مان ڪنديس. توکي صبح جو آنند کي پورتو وقت ڏيڻو ۽ رسوئيءَ کان علاوهه منهنجو ٻيو ڪم به ڪهڙو آهي؟ اهو ته سڀ ڪم ڪمواري ڪندي آهي ۽ مان ته اجا برابر آهيان. انهيءَ ڪري ڪم ڪنديس ته منهنجو سرير به هل چل ڪندو رهندو، نه ته سيئي سنڌيون، نبضون ڪٽجي جهلجي وينيدون. “

وقت گذري رهيو هو. آنند جي پهرين سالگرهه آئي ته جيا هميشهه جي لاءِ دبئي هلي ويئي هئي. وديس جي سفر دوران دبئي جي اخبارن ۾ ڇپيل هن جو نالو ۽ فوٽو ڏسي انيس جيا سان مليو. پاڪستان ڇڏي هو ڏهن سالن کان دبئي ۾ واپار ڪندو هو. جيا سان ملي وري هن سالن پراڻو ارادو دهرايو. انيس جي زال پاڪستان ۾ ئي رهندي هئي. پيءُ جي ملڪيت جي اڪيلي ئي وارث پتنيءَ انيس وٽان طلاق گهري هئي. جيا ان وقت ته ڪو جواب ڪونه ڏنو. هوءَ اڻ تڻ ۾ هئي. ذرينا نالو ڌارڻ ڪرڻوءِ ذرينا ٻڌجي انهيءَ ئي سماج جو انگ ٿي رهڻو، اهي ٻئي الڳ ڳالهيون هيون. تڙڳڻ جي طريقي بابت ڄاڻڻ ۽ تڙڳڻ ٻنهي ۾ جيترو فرق هوندو آهي اوترو ئي فرق هنن ٻنهي حالتن ۾ هو. هن ڪنچن سان ڳالهه ڪئي.

ڪنچن ڏنو ته جيا جنهن کي پنهنجو آڌار مڃيندي هئي انهيءَ اروٽا جي ڏس ئي بدلجي ويئي هئي. نوڪريءَ ۾ به جيا کي ايڏا سال ڪونه هيا. ڏينهون ڏينهن عمر وڌڻي هئي. ڪنچن به نه هجي تڏهن اڳهائي سگهائيءَ ۾ سندس ڪير؟ جوانيءَ ۾ اڪيلو گذاري ونجي. سرير ۾ سگهه هوندي آهي، من مضبوط هوندو آهي پر جيئن جيئن چاليهن واري لاهي لهجي تيئن تيئن اڪيلائپ جو احساس تيندو وڃي. ڪيڏو نه عجيب آهي هيءُ جيون! جيئن جيئن حقيقت جو مشاهدو تيندو وڃي تيئن ماڻهوءَ کي مضبوط ٿيڻ کپي پر اڪثر

ائين ٿيندو ناهي. الٽو ماٺهو ڪمزور ٿيندو پيو ويندو آهي. ڪنچن جيا کي دٻئي وڃڻ جي صلاح ئي نه بلڪ وينتي به ڪئي. اتي به جيا جي من کي وٽندڙ ڪمن ڪرڻ جو موقعو هيو. هيترا سال جنهن جي صرف نالي سان ئي پتني سڏائجندي  رهي آهي تنهن انيس جي سنگت ملندي. جيون ۾ پريم ۽ دوستيءَ بابت ڪڏهن به ڪو ليٽ  ناهي ٿيندو. جيا جڏهن هميشهه جي لاءِ پارت ڇڏيو تڏهن ڪنچن کي ٿيو ته ' هر ماٺهو کي مستقبل جي ڪا نه ڪا نشاني ملندي ئي آهي. جيا جڏهن پهريون ڀيرو پرديس ويئي تڏهن جنهن آترتا جو انپو ڪيو هو اهو ٿي سگهي ٿو هن الوداعيءَ ـ جدائيءَ جو  پوروَ سنڪيت هو. پر ان وقت اهو سنڪيت برابر سمجهه ۾ نه آيو هو. اگر سيني کي ههڙا اٿپرندا لڳندڙ سنڪيت سمجهه ۾ اچن ته پوءِ هرڪو ماٺهو اڳ ڪٿي ڪري سگهي. جيا ويئي. پٽ، ننهن، ڌيءَ، اوڙو پاڙو سڀ ڪجهه هوئڻ جي باوجود ڪنچن صفا هيڪلي ٿي ويئي.

احمدآباد اچڻ بعد اونهاري ۾ جساپر جو هڪڙو چڪر هٽٿو پوندو هو. چوماسي کان اڳ گهر جا نريا ناهڻ، ديسي نريا هئا. باندرن جي ڪارڻ سال درميان ٽتن. ڪڏهن ڪڏهن مور نانگن جي ڳولها ۾ اکوڙي ڇڏين. پلي رهٽو نه هجي پر گهر جي سار سنڀال لهڻ ته ضروري هئي. نه ته ڌهي پٽ پئجي وجي. چندر ڪانت کي اها متاڪٽ وٽندي ڪونه هئي. ڪيس اهو خرچ به بيڪار لڳي. انهيءَ ۾ وري جوڳ وينو ته ان جي مڪان مالڪ چندرڪانت کي مڪان خريد ڪري ونڻ جي آڇ ڪئي. يا ته مڪان خريد ڪري ونو يا خالي ڪريو. سني پاڙي گهٽيءَ ۾ مڪان مسواڙ تي ملڻ مشڪل. وري سرڪار مان مڪان لاءِ قرض ملي ته مسواڙ جيترا هفتا پرجن ته ايندڙ ڏينهن ۾ پنهنجو مڪان به ٿي وجي. قرض ته ملي پر ٻي رقم جو ڇا؟ چندرڪانت منجهندو هو. ڪنچن با جساپر وارو مڪان وڪٽي ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو.

جساپر وارو مڪان ڪير وننڊو اهو سوال ڪونه هيو. ناڪر صاحب جي اتي شڪتي ماءُ جو مندر ناهرائڻ جي ورهين کان دلي خواهش هئي.  ڪنچن با جي ڳالهه ٻڌي هري پريا کي پلڪ به نه وٽيو. هونئن به هاٽي ساهيڙي هتي ته رهي ڪونه ٿي. متان مڪان ڏيئي ڇڏيندي ته پوءِ ڇا هاٽي اهو پهريان جهڙو وقت واپس ايندو؟ دير رات تائين ٻئي ساهيڙيون تنهنجي منهنجي ڪنديون رهنديون هيون. پر وري ٽيس هاٽي اها عمر ۽ پرستٽي به ڪٿي رهي آهي؟ تنهن جي باوجود به هوءَ چوڻ کان نه رهي سگهي.

" مجي وٽ  اتي توکي ڪا تڪليف ٿيندي يا ننهن پٽ سان جيءُ هيٺ متي ٿيندو ته ....."

“ جيڏِل تنهنجي آشنڪا غلط ناهي پر تون ئي ٻڌاءِ، اسان هڪ سني ماڻهو طور جيئڻ لاءِ ڪنهن ڪنهن سان سمجهوتا ڪندا ناهيون؟ پاڙي واري ڪا وٽي ڪم واريءَ جي ٻه ڪن لاٿار ڪندا آهيون. هت ته پٽ سان انوڪول ٿيڻو آهي. ٻيو ته موڙي مُٺ ۾ هوئڻ جي باوجود پٽ کي پريشان ٿيڻو پوي انهيءَ ڪان ته پنهنجي هٿ سان هن کي هن جو حصو ڏيئي راضي ڪري ڇڏيان ته انهيءَ ۾ غلط ٻه ڇا آهي؟مان پنهنجو ئي سوچي گڏ ڪندي رهان ۽ ٻار تنگي پيا محسوس ڪن اهو وري ڪٿي جو نياءُ . انهن جا اجا هلڻ - ڦرڻ، گهمڻ - ماڻڻ جا ڏينهن آهن. سادگيءَ سان گهاربو ته عمر وڌندي ۽ تندرستي ٻه. باقي ڪنهن ڏنو آهي ڪلهه ڪي؟ پڳوان جيئن ڪيوليءَ کي ڪڻ ۽ هاٿيءَ کي مڻ ڏيندو رهي ٿو ته ڇا مونکي بڪايل رکندو؟ مون ڪٿي ايشور کي وڪٽي ڪاڙو آهي جو مونکي سياڻي جي چنتا ڪرڻي پوي. ڪندو هو پاڻيهي چنتا.

مڪان وڪڻڻ جو فيصلو ڪرڻ سولو هو پر اهو ڇڏڻ اولو هو. اهو گهر ڇڏڻ ڪنچن ٻا لاءِ ڪل لاهي ٻي پائڻ جهڙو هو. نانگ لاءِ ڪنجري لاهڻ ضروري آهي نه ته انهي ڪنجريءَ جو پڙدو ئي سندس اکين کي ڍڪي ڇڏي ٿو. پاڻ کي پيڙا جي ڪانٽي تي لٽڪائڻو پوي. ڪنجهڻو پوي، رهڙجڻو پوي پر انهي موهه مان مکت ٿيڻ ضروري آهي.

مڪان ناڪر صاحب کي سونپڻو هو تڏهن چندرڪانت گڏ آيو. ضروري شين ڪان سوائي ٻيو سامان وڪٽي ڇڏڻو هو. پتل جي ٿانون کي پنگار ۾ ڏيڻ لاءِ جدا ڪندي چندرڪانت چيو:

امان هاٽي هيءُ پتل جو پيالو رُکي مامي‍ءَ کي موتائي ڏيئي اچ .

ڪنچن کي چندرڪانت جي ڪيل مشڪري ڪونه وٽي. هن جاتو ٿي ته چندر ڪانت کي اهو پيالو پلڪ ٻه نه وٽندو هو. احمدآباد ۾ ڪو ساڌو اتو ونڻ ايندو هو ته هن کي ڏسي هو چرڪندو هو. برو پلو چوندو هو. پوتڪال ڪا پڃندو هو. ڪنچن جي من اهو پيالو اڻ ڪٽ هو.

ڪرشن دروپديءَ کي اڪشيه پاتر ڏنو هو. بنواس وارو اهو مشڪل وقت پانڊون انهي اڪشيه پاتر جي سهاري ئي پار ڪيو. تيئن مونکي رُکي پاپيءَ جهڙي پوري ۽ من جي سچي مائيءَ اڻ ڪٽ پيالو ڏنو آهي. منهنجي لاءِ هيءُ اٽڪُت پيالو جيئڻ ۽ جالڻ جو اڌار آهي. پلي نه هن زماني جي گردش منهنجو آزمودو ۽ امتحان وٺندي رهي. منهنجي جيون جو جهرٽو سڪو ناهي جنهن جو ڪارڻ آهي هيءُ پيالو. هن کي ڏسندي آهيان منهنجا پير ڌرتيءَ تي ٽڪيل رهندا آهن. هي پيالو مونکي هردم ياد ڏياريندو آهي ته وقت ڪان وڏي ڪا

شيءِ ناهي. اگر سُک جي چانو تڪندي ناهي تہ ڏک جو دور بہ ڪيئن ٽو رهي سگهي؟ هن ڪي ڏسي مان سِڪي آهيان تہ سڀ ڪجھ ڪال ڪي سونپي ڇڏجي ۽ جيئڻ جو سنگهرش نہ ڇڏجي. اها ئي منهنجي هڪ ماتر ڪمائي آهي. هي پيالو تہ اتهاس جو ٻوڏپاٽ آهي ـ سبق آهي.

احمدآباد اچڻ بعد ڪنچن نئين سر ا... ب...ت .. سکڻ، رٽڻ جي شروعات ڪئي. چندرڪانت ايم. جي. لئبريريءَ مان ڪتاب ڪٽي اچي. آڌياتمڪ ڪتابن جي بجائي ڪنچن با ڪي ڪهاٽيون ناول وڏيڪ وٽن. الڳ الڳ ڪردارن ۾ اندلني جيون جي رنگن ۾ رگجي ويندي هئي. اروٽا ڪڏهن ڪڏهن چويس:

“ امڙ هاٽي توکي هنن سيني ذميوارين مان مکت ٿي وڃڻ گهرجي. ياءُ ـ يايپيءَ بہ ڪي پنهنجن ٻارن جي جوابداري ڪٽي ونڻ گهرجي. تون مون وانگر آشرم ۾ هڪ ڏيان ڪٽير ناهي وٺ.”

ڏس ڏيءَ، تنهنجي ۽ منهنجي ڳالھ ۾ فرق آهي. توکي سنسار جو آزمودو ڪونهي. ڪجھ طرح جا ڪم ڪرڻ سان ڪيتري خوشي ملندي آهي اهو تون ڇا ڄاڻين؟ مان هت ڏيان ۾ وهان ۽ هُت سپيئي دکي ٿين. جيستائين منهنجا هٿ پير هلن ٿا تيستائين اگر ڪنهن ڪي مدد ڪري سگهجي ٿي تہ اهو ئي ڪافي آهي. منهنجي لاءِ تہ اهائي سهج سماڌي آهي.

آنند کي اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو. هن جو اسڪول ويجهو ئي هو. پنڌ ڪندي پندرهن منٽ ئي لڳن. اتي ئي اسڪول جي پر سان ٻماڙ بنگلي ۾ ٻيدا آشرم هلندو هو. ڪنچن با آنند کي اسڪول ۾ ڇڏي پاڻ انهي ٻيدا آشرم ۾ ٿي ڪلاڪ پسار ڪري. ڪنهن جو متو ڌوئي ڏئي، ڪنهن جي ڪپڙن ۾ ٻيڙا ٽانڪي ڏئي، ڪنهن کي وٽنڌ ڪجھ پڙهي ڏئي. ۽ ڪو بہ ڪم نہ هجي تہ وڃي رنڌٽي جي ڪم ۾ هٿ ونڊائي. هن طرح جي ننڍڙن ننڍڙن ڪمن ۾ ڪيس جيون سارٿڪ لڳيس. آنند اسڪول ڪان ڇٽي تہ ڪيس گهر وٺي اچي. پوءِ تہ آنند جو اسڪول بدلجي ويو. چندر ڪانت کي ٻيو پٽ ڄائو. اهو بہ اسڪول ۾ وينو. ڪنچن با جي ٻيدا آشرم ۾وڃڻ واري ڪرت جاري رهي.

هڪ شام جو ننڍڙي ٽيڪوءَ ڪي اسڪول ڪان وٺي چئين وڳي گهر واپس آئي تہ تار وارو سندس انتظار ۾ ورانڊي واري گيٽ تي بيٺو هو.

36

ڪنهن نئين ماڻهوءَ کي گيٽ وٽ بينل ڏسي نزديڪ وڃي ڪنچن با پڇيو:
“ ڪنهن جو ڪم اٿو؟”
“ هيءَ توهان جي تار آئي آهي. ” تار واري فارم ۾ پين اڳيان وڌائيندي چيو.
“تار؟” پڇندي ئي ڪنچن با جي هينئون ڦڙڪڻ لڳو. ڌڙڪن تيز ٿي ويئي. يڪ مشت ڪيترين ئي شنڪائون چپن جيا ڪرنديون هن محسوس ڪيون. پگهر سان شل ٿيل هٿ اگهندي هن پين ورتي. تار واري ڏسيو اتي دستخط ڪندي هوءَ سوچيندي رهي ته ڪنهن جي تار هوندي؟ ڪارتڪ جي؟ جيا جي؟ ڪا بري خبر چار هوندي؟ سنا سماچار ته ناهن. نه ته ڪاڳر نه اچي ها. پڪ سان ڪجھ اڻوڻندڙ ٿيو آهي. هن بيچئن ٿيندي سوچيو.
“ ڪهڙي ڳوٺ مان آئي آهي؟”
“ لنڊن مان”
“ لنڊن مان؟” ڪجھ اچرج مان ڪنچن با وري تار واري جا لفظ دهرايا.
“ ها، پرديس مان.”
“ ڪهڙي خبر آهي پائو، ذرا پڙهي ته ڏي.”
تار وارو واٽ نهاري نهاري ٿڪو هو. هن تڪڙو تڪڙو پڙهيو. “ لنڊن مان ڇهين تاريخ تي ڪيوون هتي پارت ۾ اچي رهيو آهي.” ۽ تار وارو سائيڪل کي پيدل هٽي روانو ٿي ويو.
ڪيوون جو نالو ڪن تي پوندي ئي ڪنچن با زمين سان لڳي ويئي. هڪ ڪڻ صفا خالي خالي گذري ويئي. آهستي آهستي هن جا چپ چُريا. وري هڪ وار هن ڪيوون جو نالو ورتو ۽ پاڻ ئي پاڻ ٻڏو. جڻ هوءَ پڪ ڪري رهي هئي. نالو سمجهڻ ڪان پوءِ ڪيس ڪجھ نه سُجهيو. هن جي پيرن هينان واري زمين، مٿيون آڪاش، ۽ آسپاس جو ماحول جڻ سڀ ڪجھ مُنجهي پيو هو. هوءَ اها ڳنڊ سلجهائڻ لاءِ ٻُند تي ويٺي هئي. ڪيس خبر نه پيئي ته ننڍو ٽيڪو ڪڏهن سندس چيلهه مان چاٻين جو ڇبو ڇوڙي ورتو ۽ ڪڏهن گهر کوليو. هڪ هٿ ۾ ٽيڪوءَ جي واٽر بيگ ۽ ٻئي هٿ ۾ اسڪول بيگ وٺيو ڪنچن با ويٺي رهي. هوءَ ڪنهن چوواٽي تي ويٺي هئي ۽ هرروز وارو رستو ڳولهي رهي هئي. ڪجھ دير بعد ڪيس ٽيڪوءَ اچي ڏونڌاڙيو.

“ ڏاڏي هل نہ.”

اوچتو هن چيو “ ڪيڏاهن؟”

“ ڏاڏي هل نہ، مونکي بک لڳي آهي.”

“ ها ها، هل توکي کير ناشتو ڏيان”

ان ڏينهن شام جو چندرڪانت آفيس کان آيو تيستائين ڪنچن با بي سُکي ٿي آنٽا ڦيرا ڪري رهي هئي. هڪ سميہ هن کي ٿيو اهو ڪيوون کو ٻيو هوندو. ڪٿي تار وارو پل ۾ ٻئي ڪنهن جي تار ڏيئي ويو هجي ائين بہ ٿي سگهي ٿو. پر مسلسل اندر مان انهن سيني ترڪ وِترڪن جو هڪڙو ئي جواب ملندو هو ' تون پلي هيڏاهن هوڏاهن گوشو پاسو ڪرين، تارڻ گهرين. پر هيءُ پڪ ئي ايوَ جو پٽ ڪيوون آهي. ڪنچن با کي ياد آيو، ايو تہ ڪمپالا ۾ رهي ٿي ۽ هيءَ تار تہ لندن ما آئي آهي. وري ٿيس، ممڪن آهي چندرڪانت واري مڪان مالڪ جيان ايو کي عيدي امين جي ڪارڻ آفريڪا ڇڏي ڀڄڻو پيو هجي. اگر ائين آهي تہ پوءِ هن کي هتي جو سرنامو ڪهڙيءَ ريت مليو؟

رات جو وشاڪا مانيءَ لاءِ ڪنچن با کي سڏيو تہ چيائين نيڪ ناهيان. ننهن ـ پُٽ ڪائي ورتو پوءِ هن چندرڪانت جي هٿ ۾ تار وارو ڪاڳر ڏنو. ڪليل تار ڏسي ڪن پل لاءِ چندرڪان جو چهرو وسامي ويو. ٿوري دير بعد سوَسٿ ٿيندي هن ڪنچن با سامهون نهاريو. ڪنچن با هن جي سامهون ئي نظر ڪپائي ويني هئي. چندرڪانت تار پاسي ۾ پيل ٽيبل تي رکي ۽ اڏي نہ وجي انهيءَ لاءِ مٿان پاڪيٽ رکيو. پوءِ اتي ٻينو.

“ امان، مان چاٽا تو تہ هيءَ تار ملڻ بعد تنهنجي من ۾ چا ٿيو هوندو؟ ڪهڙا سوال اٿيا هوندا، انهيءَ جو مونکي اندازو آهي. مونکي توسان ويهي آرام سان ڳالهائڻو هو پر مونکي خبر آهي تہ تون ايو يا ڪيوون بابت ڪا بہ ڳالهہ ٻڌڻ نٿي چاهي. ۽ مجي وٺو اگر مان ضد ٻڌي اها ڳالهہ ڪريان بہ ها تہ گهر ۾ گهپيءَ وڏي وجي ها. مان مناسب موقعي جي تلاش ۾هوس. اڄ جڏهن اهو وقت مليو آهي تہ، هل تہ هلي آرام سان ويهي ڳالهايون.”

چوندي چندرڪانت ڪنچن جا ڪلها پڪڙيا ۽ جتي پاڻ وينو هو اتي ڪنچن کي وهاريائين. ۽ پوءِ پت جي پاسي ۾ پيل ايئزي چير ڪينچي پاڻ ان تي وينو.

“ امان تو تہ منهنجو پتا مري ويو ان خبر سان گڏ ئي ايوَ سان رشتن کي ختم سمجهي ڇڏيو هو. پر آئون انهيءَ بابت الڳ سوچي رهيو هوس، پر ان وقت ان سلسلي ۾ توسان ڳالهائڻ جو ڪو مطلب نہ هو. اها ڳالهہ سچي آهي بابا بي شادي ڪئي هئي اهو هن جو قدم برابر نہ هو. پر پوئي تہ جواب ڏيڻ لاءِ هو ڪٿي حاضر هئو؟ ۽ بابا جي وجهہ سان

ايوَ ۽ ڪيوون سان ناانصافي ڪجي ، اهو مونکي نہ وڻيو. ايو تہ پاڻ خط لکيو هو. هن بابا جي اجا مطابق اسان لاءِ رقم بہ امانت سمجهي سنڀالي رکي هئي. هن تہ من ۾ ڪو ڏنگ ڪونہ رکيو هو، تہ پوءِ هن جي خط جو جواب نہ ڏيڻ جو ڪارڻ ڪونہ هو. بابا جي موت جي ڇهن مهنن بعد مون ايو کي تنهنجي طرفان خط لکيو هو. اگر تون انهيءَ کي ڀُل سمجهين تہ اها ڀُل مون ڪئي آهي. پر ان جي پويان هڪڙو ئي مقصد هو ـ تنهنجو ۽ ڪارتڪ ـ اروٽا جو ڀلو."

چندرڪانت رڪجيو. ڪنچن با چپ پڪوڙي ويني هئي. ڦاٽي پوڻ لاءِ تيار لاوي کي روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. ٿوريءَ دير جي لاءِ ڪمري ۾ بلڪل خاموشي ڇانيل رهي. ڪنچن با پاڻ تي ضابطو آڻيندي پڇيو:

" پوءِ؟"

" منهنجي خط جو هن ڏاڍو پيار ڀريو جواب ڏنو. هن بابا جي رکيل ڏيڍ لک روپين ۾ پنجاهہ هزار بيا وجهي بہ لک ڪري موڪليا. ۽ مٿان لکيائين تہ ضرورت پوي تہ بنا هٻڪ جي لکجو."

ڪنچن با لاءِ ڪرسيءَ تي ويهڻ مشڪل ٿي پيو. هن کي ڏاڍي منيان لڳي هئي. اڄ ڏينهن تائين هوءَ جنهن عزت ۽ خودداريءَ سان مٿو مٿاهون رکي جي هئي، چندرڪانت جڻ هن جي پيرن هيٺان واري زمين وارو آڌار کسڪائي ورتو هو. گوڏن ڪان هيٺ وارا پير صفا گپ جهڙا ٿي ويا هئا. مڙس بي شادي ڪري ڙال جو انتظار بيڪار ڪري ڇڏيو هو. پٽ ڪوڙ ڳالهائي پهاج جي مدد ورتي هئي. هتي ڪنچن جي ماءُ پٽي تي چوڪڙي ماري ڇڏي هئي. جيون جا پنجاهہ سال پاٽيءَ ۾ ويا .

چندرڪانت اڳيان چيو:

" انهن بي لکن مان مون هن مڪان لاءِ پنجاهہ هزار خرچ ڪيا ۽ ڏيڍ لک شيئر بازار ۾ روڪيو. هن ۾ ڪمائي سٺي آهي. پوشيہ ۾ ضرورت پئي تہ ...."

ڪنچن با اپي تي ويئي ۽ پنهنجي ڪمري طرف هلي ويئي. ٻنيي تي ٻيهي هن چيو:

" چندرڪانت تو ڀل ئي نہ پر گناهہ ڪيو آهي. تو منهنجي تڄ لڄائي آهي. مان مڃيندي هئس تہ ڀلي تنهنجي پيءَ بي شادي ڪئي. هڪ عورت طور منهنجي جيون جي اها خالي ڪنڊ مون قبول ڪئي هئي. مونکي هيو تہ مون وٽ عزت سان ويهڻ لاءِ پختو فرش آهي. مون ماءُ جو فرض نڀايو هو. منهنجا ٻار منهنجو مان وڌائيندا، پر اهو منهنجو ڀرهم هيو."

اها رات ڪنچن با ڪي ڪنهن انڌاري واديءَ طرف ڇڪي رهي هئي. مڙس ويو هو اها رات سڄي چنڊ ڦڙي، ۽ طوفاني هوا ۾ واءُ جي جهوٽن جي ڪري زور سان لڏندڙ نمن جي ٽارين جيان چپ چاپ مقابلو ڪندي رهي. اڄ وري اهڙي ئي رات هئي، پر هاڻي اڳوٽو مقابلو ڪرڻ واري طاقت نه رهي هئي. ان وقت ته پنهنجون ٽاريون - پن پاڻ سان گڏ هيا، انهن جو سهارو هو. اڄ هيو صرف ٿُڙ. پر ٿڙ ڪي به وقت جو لوڻ لڳڻ شروع ٿي ويو هو. ڪنچن با ڪي ٿيو، ڇا اها ئي زندگي آهي؟"

ان رات چندرڪانت به ڪٿي سمهي سگهيو هو! پاڻ ته سٺي مقصد سان اهو سڀ ڪيو هو. پر ان لاءِ به ٿورو غلط ته ڪيو ئي هو. ٿورو نه بلڪ گهڻ. اگر ماڻس عدالت ۾ وڃي ها ته ڪوٺي صحي ڪرڻ ۽ پيسا هڙپ ڪرڻ واري ڏوهه ۾ جيل جي سزا ٿئيس ها. سرڪاري نوڪري به وڃي ۽ بدنامي به ٿئي ها. هن ڪي ٿيو امڙ جا پير پڪڙي معافي گهري وٺان. هو ڪنچن با جي ڪمري ۾ ويو. هيٺ وڃاڻ تي آنند ۽ ٽيڪو گهريءَ ننڊ ۾ هئا. ڪنچن فولڊنگ پلنگ تي پٽ سامهون پاسو ورائي ستي پئي هئي. چندرڪانت ويجهو ويو ۽ جهڪي ستل ڪنچن با جي چهري ڪي ڏسڻ لڳو. اکيون بند هيون پر چهرو ٽڪيل هو. هڪ هٿ مٿي هينان هو ۽ ٻئي هٿ ۾ مالها هئي. مالها جا مڻيا گهمي رهيا هئا. چندرڪانت "امڙ" ائين چوڻ لاءِ چپ چوريا ته ڪنچن با اٿي ڪري پلنگ تي سنئين ٿي ويني. مٿي تان ساڙهيءَ جو ڇيڙو رکندي چيائين:

" ڇئه، ڇا چوٽو اٿئي؟"

" هتي نه ٻار جاڳي پوندا، ٻاهر ٻئنڪ ۾ هل."

ڪنچن جي پٺيان پٺيان چندرڪانت ٻئنڪ ۾ آيو. ڪنچن دروازي جو آڌار وٺي بيٺي هئي. هلڪيءَ روشنيءَ ۾ هن ڪي بيٺل ڏسي ائين نه لڳي رهيو هو ته هن جو ڪو هن گهر سان واسطو آهي. هوءَ اهڙو وڻ هئي جنهن جون پاڙون پنجي وييون هيون ۽ سنهڙيءَ اهڙيءَ ٿند جي ٽيڪي سان ٿُڙ تي بيٺي هئي. وڻ ڪي پڪو پروسو هو ته هي آڌار به بلڪل پل پر لاءِ ئي آهي.

چندرڪانت هڪدم ڪنچن با جا پير پڪڙي ورتا ۽ سڏڪا ڀري روئڻ لڳو. چندرڪانت جا لڙڪ ڪنچن با جا پير پسائيندا رهيا ۽ ڪنچن با جي آنسن سان چندرڪانت جو مٿو پچندو رهيو. ٿوري دير ڪان پوءِ پاڻ تي ضابطو آڻيندي ڪنچن با چندرڪانت ڪي ڪڙو ڪيو ۽ هندوري ۾ پاڻ سان گڏ وهاريو.

" امان تون مونکي معاف ته ڪندينءَ نه؟" رڪجندڙ سڏڪن وچان چندرڪانت پڇيو.

“ پٽ، مان ماءُ ٿي ڪري توکي معاف نہ ڪنديس تہ ٻيو ڪير ڪندو؟ تون صبر ڪر. مان ڪورٽ ڪچهري ڪونہ وينديس ۽ تنهنجي رستي ۾ آڏو ڪونہ ايندس. پر هاڻي هڪ ڳالهہ طيءِ آهي تہ مان هتي نہ رهي سگهنديس.”

“ تہ پوءِ تون ڪيڏانهن وينديءَ؟”

“ ڪٿي رهبو اهو ڪو ايڏو وڏو سوال ڪونهي. ڪيئن رهبو اهو مدو آهي.. مونکي لڳي ٿو تہ مان هڪڙو چڪر جساپر جو هڻي اچان.”

“ پر اتي سييئي پڇندا تہ؟”

ڪنچن با کِلي. “ تون گهٻرائي نہ. مان اها ڳالهہ ڪنهن کي بہ نہ چونديس.توکي خبر ناهي پٽ اهي گهاوَ تہ اهڙا آهن جو ٻين کي ڏيکارڻ وجو تہ پنهنجن ئي عيبن جي اوگهڙ ٿئي.”

“ تون ٻن ٽن ڏينهن ۾ هلي اچج. لنڊن مان ڪيوون اچٽو آهي. هن جي ممي گذريل سال گذاري ويئي آهي. مون هن کي هتي گهمائڻ لاءِ گهرايو آهي.”

ڪنچن با ڪجھ بہ ڪين ڪُڇيو. ٿوري دير ڪان پوءِ چيائين “ تون وچ سمهي رهہ. هاڻ مان بہ سمهان ٿي. سباڻي سويل نڪرڻو اٿم.”

اچانڪ آڪاس ۾ بجليءَ جو چمڪات ٿيو جنهن جو شعاع ماتاجيءَ جي مندر جي ٻنيي تائين اچي پهتو. ڪنچن با جاڳي ويئي. هن کي ٿيو لڳي ٿو ڪٿي نہ ڪٿي ڪنوڻ ڪري آهي.

آسمان ۾ بادلن ۽ بجليءَ جي درميان جنگ ڇڙيل هئي. بادلن جي گجگوڙ درميان بجليءَ جا سيلها آسمان ۾ ور وڪڙ وجهي رهيا هئا. ڪنچن با ويني ويني نهاري رهي هئي. اُپ ۾ بجلي تيز ليڪا پاءِ ڪجھ لکي رهي هئي، بادلن اچي انهيءَ کي ڊکي ٿي ڇڏيو. ڪجھ بہ پڙهڻ ۾ نہ پئي آيو.

ڪنچن با جساپر آئي. ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون. انهن ٽن ڏينهن ۾ تہ هوءَ انشنان جي بهاني ڳوٺ کان ڌار رهي. پر ڳوٺ الڳ ڪونہ رهيو هو. ڳوٺ ۾ تہ چوءِٻول مچي ويو هو. ڪنچن با کي ٿيو اچا تہ هڪ حرف بہ نہ اچاريو اٿم تنهن جي باوجود بہ ماڻهن ۾ سُس پُس چالو ٿي ويئي آهي ۽ ميٽينگون ٿيڻ لڳيون آهن. مجلسون ڪونجڻ لڳيون آهن. حالانڪ ويچاري جڳديش جو بہ کهڙو ڏوهہ؟ هن کي تہ مڌ چباڙڻ لاءِ ڪجھ مليو آهي. اهو بہ ڪسجي ويندس تہ؟ اهو ڊپ نہ هجيس تہ حيرت نہ آهي. پر ٿوري ڌيرج رکي ها. پر هن کي

ويساهه به ڪيئن اچي ها؟ هو ڪتي پيٽ جائو هو جو ..... اڙي پيٽ جاوا به ڪتي مونکي سمجهي سگهيا آهن؟ '

ڪنچن با جو من پرجي آيو. آڪاش وارا بادل به جڻ هن جي ڇاتيءَ تي چڙهي آيا هئا. ڇاتيءَ تي بار جو دٻاءُ وڌندو پئي ويو. ساهه گُهٽجڻ لڳو هو. ڪنچن با کي ٿيو اهو بار گهٽجندو نه ته؟ هوءَ هبڪي ويئي! ' نه مرڻ جو ڊپ ڪونه اٿم. پر ههڙيءَ ريت مرڻو ناهي. پاڻ ته ڇٽي ويندي پر پٺيان سڄو ڳوٺ لهرين چڙهندو. پاڙيسرين، رشتيدارن ۽ پنهنجن سميت سنتان به انهي ڪن ۾ ڦاسي پوندا. نه جيئري رهيس تيستائين ڪنهن کي آڏو ڪونه آيس ته مري چو اچجي؟ مونکي هتان هلي وڃڻ گهرجي. ڳوٺ وارا ڇا سوچيندا؟ اهو ٽن ڏينهن کان سوچي رهيا آهن اهو ئي. مون ڪتي ڪجهه چيو آهي. ماڻهو الڳ الڳ اندازا لڳائي رهيا آهن. مان هلي ويندس پوءِ ته سندن هنيان هلڪا ٿي ويندا. ويچارو جڳديش آرام سان جي سگهندو. منهنجي وڃڻ کان پوءِ هفتو به هفتا ماڻهو شڪ شبهو ڪندا رهندا اتي ڪو نئون موضوع ملي ويندن ۽ پلجي ويندا. ماڻهن کي ايڏو ياد به ڪتي رهندو آهي. '

هن پيري وچ جو ڪڙڪو وسندڙ مينهن ۾ ٿيو. آڪاس سان گڏوگڏ ڪنچن با جو بار ڳرڻ لڳو. هن اونهون ساهه ڪنيو. سرد ٿيل هٿن پيرن ۾ گرمي اچڻ لڳي. هن ساڙهيءَ جي پلوءَ سان پگهر اگهيو. گهڙيال ۾ چئين لڳي جا ٽڪورا لڳا.

ڪنچن با اٿي. ٿيلهيءَ مان ڪپڙا ۽ ٽوال ڪڍيو. مندر جي ڇاپري مان برسات جو پاڻي وهي رهيو هو. ساڙهي پائي سنان ڪيو. سنان ڪري ڪپڙا پائي ماتاجيءَ جي مڙهيءَ سامهو ويهي رهي. هلڪي روشنيءَ ۾ ماتاجيءَ جي مورتيءَ کي ڏسندي رهي. ڍيري ڍيري هن ڏٺو ته مورتي ڪنهن تيج پُنج ۾ تبديل ٿي رهي هئي. ڪن پل لاءِ سندس اکيون چرخ ٿي پورجي ويون. بند اکين ۾ گهري اندهه لهي آئي. هوريا هوريان تمام لهرون سانت ٿي رهيون هيون.آرتيءَ جي آخرين گهنڊ وڃڻ کان بعد واري سانت اندر ٻاهر ڦهلجي رهي هئي. هوءَ پنهنجي اندر جو آواز ٻڌندي رهي.

" ماءُ مان ته آئي هيس تنهنجي درشن لاءِ. تون منهنجي لاءِ پاڙن کي آڌار ڏيڻ واري پون آهين. منهنجي وَل سنجيوني بوٽي آهين. اج وري هڪ پيرو مونکي نئين سر سفرجي شروعات ڪرڻي آهي. منزل تي پهچي ويئي آهيان اهو منهنجو برهم هيو. مان ته تو وٽان جيئڻ جي شڪتي پنڻ آئي هئس. ڪو رستو نه سُجهي رهيو هو پرڪاش ونڻ آئي هئس. پر جڳديس سمجهي وينو ته مان هن جو حق کسي ونديس. جتي حق هيو اهو به ڇڏي ڏنم اتي من ۾ ٿيم هڪ وار جساپر وينديس. هتي جي مٽي ئي منهنجي وکريل ممتا کي ٽڪائي ....

رکڻ جي طاقت ڏيندي. هنن ٽن ڏينهن جي انشنان درميان مون گذريل پنجاهه ورهيہ وري هڪ ڀيرو جي ورتا. اهي يادون اڳي ڪڏهن منهنجي من کي نچوئي ڇڏينديون هيون، چوسي وٺنديون هيون. مان انهن سان اک نہ ملائي سگهندي هئس، پر هاڻي اهي يادون منهنجون هم سفر ٿي ويون آهن. منهنجو سڄو بار هلڪو ٿي ويو آهي. هڪ نرمل فرحت محسوس ڪري رهي آهيان. هاڻي منهنجي من ۾ ڪو بہ سنو يا برو ڀاو ڪونهي. ڪا وٿند اٿوٽند ڪونهي. هاڻي مان جيڪا بہ ڏِس وٺنديس اها منهنجي لاءِ صحيح هوندي. هرڪو ماڻهو پنهنجي متي، شڪتي ۽ نيتي مطابق ڪٿي ڪٿي پُل ڪندو آهي ڪٿي پَو سڌاريندو آهي. انسان آهي انهيءَ ڪري پل ڪندو آهي. نہ تہ ڀڳوان نہ ٿي وڃي ها!'

بتي باري ڪنچن با سامان ٻڌڻ شروع ڪيو. سامان بہ ڇا هو؟ بہ جوڙون ڪپڙا ۽ هڪ پتل جو پيالو. هن ڪمري جي ڪنڊ ۾ اونڌو پيل پيالو ورتو ۽ ٿيلهيءَ ۾ وجهي رهي هئي، پر هڪ پل لاءِ رڪجي ويئي. هٿ ۾ پڪڙيل خالي پيالي کي تڪيندي رهي. ڪجهہ دير بعد پيالو ٿيلهيءَ ۾ وجهي ڇڏيائين. پنج لڳي رهيا هئا. ٿيلهي ڪڇ ڪنچن با ايي ٿي. برسات بلڪل بند ڪونہ ٿي هئي. هلڪي بوند وسي رهي هئي.هن ڪمري جي لائيٽ بند ڪئي، در بند ڪيو. ڏاڪڻ لهي ستي ماتا جي استانڪ وٽ وڃي هٿ جوڙيا. هڪ نظر اردگرد گهمائي. باک جي جهيٽي سوجهري ۾ نم جو وڻ، اوتو، ماتاجيءَ جو ڪمرو، ستي ماتا جو استانڪ ۽ هوا ۾ ڦرڪندڙ مندر جي ڦڙڪي. ڪنچن با مندر جي پويان ويئي. هٿ سان ڦولهي ڪريڻ جو رتو گل پٽي اڪين تان گهمائي متي تان بہ گهمايو ۽ پوءِ بلائوز جي ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيو.

گيٽ بند ڪري هن وري هڪ ڀيرو شڪتي ماتا جي ڪمري تي نظر وڌي ۽ بس اسٽئنڊ طرف هلي نڪتي. ٺاڪر صاحب جي بند حويليءَ ۾ هلڪي هلچل محسوس ٿي رهي هئي. من ئي من ۾ پلاپائي ۽ هري پريا کي ياد ڪري اڳتي نظر ڊوڙائي. سامهون بازار، چونڪ، چبوترو، سڃا پيا هئا. ٺاڪر مندر ۾ منگلا آرتيءَ جون تياريون ٿي رهيون هونديون. هن سوچيو. جهامپلدي جي اوٽي تي ڪن پل لاءِ وهڻ جو من ٿيس پر هوءَ ترسي ڪونہ. بس ۾ اڃا دير هئي. خالي نظر سان سيم، رستا ۽ آڪاس کي ڏسندي هوءَ روڊ تي ويهي رهي.

ٿوري دير ڪان پوءِ ڪنهن واهن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. ڪا موٽر سائيڪل لڳي رهي هئي. ڪنچن با متي تان اوڍيل ٿورو وڌيڪ اوڍيو. هڪ ٽيمپو اچي بيٺو، ٽيمپو وارو ڪو نئون ڇوڪرو هيو. هن پڇيو:

“ ڪٿي وڃڻو آهي؟”
“ تون ڪيڏاهن ٿو وڃي؟”
“ ڪانپ مان مال وٺڻ.”
ڪانپ مان؟ وڏيڪ ويچارڻ بنا ”هلو“ چوندي ڪنچن با ٽيمپو ۾ ويهي رهي. خالي بس اسٽئنڊ، خالي رستاء ۽ خالي سيم ۾ ٽيمپو جو آواز گونجندو رهيو.